# سائين جي ايم سيد جون تحريرون

ڀاڱو 1



جي ايم سيد

جي ايم سيد اڪيڊمي
سن ضلعو ڄامشورو، سنڌ

# سائين جي. ايم. سيد
# جون تحريرون

[پاڱو پهريون]

- سنڌي ڪلچر
- سنڌ جا سورما
- جديد عالمي سياست
- مسلم سربراهه ڪانفرنس جو تجزيو
- پاڪستان هاڻ ٽٽڻ گهرجي

## جي. ايم. سيد




جي. ايم. سيد اڪيڊمي

سن ضلع ڄامشورو

2011ع

# فهرست

## شامل ڪتاب


- سنڌي ڪلچر.
- سنڌ جا سورما.
- جديد عالمي سياست.
- مسلم سربراھ ڪانفرنس جو تجزيو.
- پاڪستان هاڻ ٽٽڻ گهرجي.


## ڪتاب نمبر پهريون- سنڌي ڪلچر (٦ - ٥٥)


پيش لفظ [٧ - ١١]

٢- فصل پهريون: ڪلچر جي معنيٰ ۽ اُن جا ترڪيبي اجزا. [١٢ - ١٧]

٣- فصل ٻيو: ڪلچر ڪيئن نهي ٿو- اُن جي جوڙجڪ تي مختلف اثر [١٨ - ٢٧]

٤- فصل ٽيون: سنڌ جو ڪلچر ۽ اُن جا مکيہ جزا. [٢٨ - ٥٥]

٥- نتيجو. [٥٥]


## ڪتاب نمبر ٻيو- سنڌ جا سورما (٥٧ - ٨٩)


١- پيش لفظ. [٥٩]

٢- راجا ڏاهر بن راجا چچ. [٦٠ - ٦٨]

٣- دودو بن خفيف سومرو. [٦٩ - ٧٣]

٤- نواب دولہ دريا خان عرف نواب مبارڪ خان. [٧٤ - ٨٠]

٥- مخدوم بلاول بن جام حسن سمون. [٨١ - ٨٥]

٦- شاھ عنايت الله عليہ عرف شاھ شهيد صوفي جهوڪ. [٨٦ - ٩٣]


## ڪتاب نمبر ٽيون- جديد عالمي سياست(٩٥ - ١٥٤)


١- پيش لفظ [٩٧ - ١٠٧]

٢- فصل پهريون: اوائلي تشريح. [١٠٨ - ١١٠]

٣-فصل ٻيو: يورپ. [١١١ - ١٢١]

# سائين جي-ايم-سيد جون تحريرون
(ياڱو پهريون)

## ①

# سنڌي ڪلچر

- پيش لفظ.
- ڪلچر جي معنيٰ ۽ ان جا ترڪيبي اجزا.
- ڪلچر ڪيئن نهي ٿو ۽ ان جي جوڙجڪ تي مختلف اثر.
- سنڌ جو ڪلچر ۽ اُن جا مکيہ جزا.
- نتيجو.

[١٩٦٣ع]

# پيش لفظ

تاريخ ۸ آڪٽوبر ۱۹۵۸ع تي مارشل لا ڊيڪليئر ٿيڻ بعد حالتن جي ناسازگاريءَ ڪري ارادو ڪيو هوم ته طبيعت کي آرام ڏيڻ، علمي معلومات وڌائڻ، بگڙيل خانگي ڪاروبار کي درست ڪرڻ لاءِ ڳوٺ ۾ اچي رهان. يوناني حڪيم افلاطون (پليٽو) به اهڙين حالتن جي موجودگيءَ ۾ مشورو ڏنو هو ته:-

"جڏهن ملڪ ۾ جمهوريت جي جاءِ ڊڪٽيٽر شپ والاري ته ان حالت ۾ سمجهدار ماڻهوءَ کي گهر جي چو ديواريءَ ۾ بند ٿي لکڻ پڙهڻ جي ڪم ۾ مشغول ٿيڻ گهرجي. جيسين تائين ڪ ناموافق هوائون ملڪ تان گذري وڃن".

اڃا ڏينهن ڳوٺ اچڻ جو ارادو هوم، ليڪن چوٽي آهي ته "بندي جي من ۾ هڪڙي صاحب جي من ۾ ٻي" وانگر ۱۰ تاريخ اڌ رات جو گرفتار ڪري اچي جيل ۾ بند ڪيائون. مٿي ذڪر ڪيل خيال ۽ ارادا دل ۾ رهجي ويا.

وارنٽ ۾ ڄاڻايل هو ته "تنهنجو ٻاهر رهڻ پاڪستان جي داخلي خواه خارجي سلامتيءَ لاءِ نقصانڪار هو ان ڪري سيڪيورٽي ائڪٽ هيٺ توکي ڇهن مهينن لاءِ جيل ۾ موڪلجي ٿو".

جيل ۾ ۱۵ مهينا رهڻا پيا. ان ڪانپوءِ ڳوٺ سن ۾ مارچ ۱۹٦۸ع تائين نظر بند رهيس.

ان سموري عرصي ۾ تاريخي ڪتابن جو مطالعو ڪيم. جنهن بعد ڪيترن مسئلن تي غور ڪري ڪي احوال قلم بند ڪيم. ان عرصي ۾ ۲۴ ڪن ننڍا وڏا ڪتاب لکي سگهيس.

سنڌ جي ڪلچر تي غور ۽ فڪر ڪرڻ جو موقعو مليو. جنهن جي سلسلي ۾ حاصل ڪيل معلومات هن ننڍي پمفليٽ جي صورت ۾ ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو. هر قوم کي هزارن ورهن جي تجربي، تاريخي روايات، ملڪي ماحول وغيره ڪري ڪي بنيادي ورثا ميراث ۾ ملن ٿا جن جي حفاظت ۽ ترقي هو سندس مکيه فرض سمجهي ٿي. جن مان مکيه ورثا هيٺيان آهن:

(۱) وطن ۽ ان ۾ آزادانه زندگي بسر ڪرڻ جو حق.
(۲) قومي زبان
(۳) قومي ڪلچر
(۴) قومي اقتصادي مفاد.

وفاقي طور ملڻ جي رجحان ۽ سامراجي طاقتن جي انهن کي ملائڻ لاءِ ڪوشش جاري هئي.

ساڳيءَ طرح ٻولين جي جدا ۽ مخصوص صورت بہ مُنجڻ شروع ٿي هئي. مختلف زبانن جي ڇاڻدڙن جو باهمي رابطو، ترقي يافتہ ملڪن، قومي ۽ زبانن کان علمي، هنري ۽ سائنسي لفظن جي آڌار، حڪومت وقت جي سنڌي زبان سان معاندانہ پاليسي، ٻوليءَ جي بقا ۽ فروغ ۾ ڪئين مشڪلاتون پيدا ڪري ڇڏيون هيون. سنڌي ٻوليءَ تي نظر ٿي ڪيم تہ شاهہ لطيف جي زماني کان، جنهن کي صرف ٻہ سؤ ۽ ڪي ورهيہ گذريا آهن تہ ان جو رنگ گهڻو بدلجي چڪو آهي. ان ۾ اڳئي دروايدي، پارسي، عربي، منگول ۽ انگريزي زبان جا گهڻا لفظ داخل ٿي ويا هئا. هاڻ هنري ۽ سائنسي دور شروع ٿيڻ ڪري ڪيترا لفظ آڌارا ونئا هئا.

ٻئي طرف ملڪي ڪلچر تي نظر ٿي ڪيم، تہ ان لاءِ بہ حالتون اطمينان بخش نظر نئي آيون. ڪلچر ڇا آهي، ان بابت حقيقت اڳتي ڪتاب ۾ ڏني ويندي. انهن حالتن تي غور فڪر ڪرڻ بعد معلوم ٿيڻ لڳو تہ حالتون آسان نہ هيون. حڪومت ۽ نئين حالات سان گڏ، تاريخي ارتقائي رجحان اسان جي ڪڙي ڪمل قومي ديوار ۾ سوراخ وجهي، انقلاب آڻڻ جي پويان هئا.

هر شيءِ کي پنهنجو دور ۽ موسم ٿيندي آهي. ان وقت ان جي حفاظت يا پرورش ڪرڻ ڦل دائڪ ٿيندي آهي، پر موسم ڪانپوءِ ڪهنہ پودا ڪري، نوان ڄمندا آهن.

اڪين اڳيان ڏٺو اٿئون تہ بمبئيءَ کان سنڌ کي آزاد ڪرائي، اڃان ٺيڪ طرح هلائڻ مس شروع ڪيو هئوسون، تہ وري اسان کي پنجاب سان گڏي ان جي مڪاني آزاديءَ کي سلب ڪيو ويو آهي. زبان تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي، مڪاني ڪلچر تي ٻاهرين ڪلچرن جو اثر پئجي رهيو آهي، مڪاني ماڻهن جي اقتصادي حالت خراب ٿي رهي آهي. انهن نون پيدا ٿيل حقيقتن ۽ مسئلن جي روشنيءَ ۾ سموري سوال تي نئين سر غور ڪرڻو هو.

صرف گذشتہ تاريخ جي چند مثالن ۽ جذباتي اثرن هيٺ خوش فهميءَ ۾ مبتلا رهڻ مان ڪو فائدو حاصل ٿيڻ وارو نہ هو. انهن ڳالهين کي مدنظر رکي مون ڪي نتيجا ڪڍيا آهن، جي ڪتاب جي متن ۾ ٻڌائيندس . قوميت جو تخيل جدا جدا زمانن ۾ ۽ ماڻهن جي گروهن ۾ مختلف پي رهيو آهي. جنهن ۾ نسلي، شهري، سامراجي، مذهبي ۽ وطني قوميت جا تخيل مکيہ رهيا آهن.

هن وقت جنهن قوميت جو تخيل دنيا ۾ عام طور تسليم ڪيو وڃي ٿو، سو وطني قوميت جو آهي. هر ملڪ (وطن) ۾ آب هوا، جاگرافيڪل حالات، ماحول، تاريخي روايات، نسلي رجحانات جي بنياد تي ڪي خصوصيتون پيدا ٿين ٿيون. جن جي بنياد تي قومي جوڙ جڪ، ان جي گذر معاش جا ذريعا، قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان شڪل وٺن ٿا.

گذريل پنج هزار ورهين کان سنڌ جي جداگانہ جاگرافيائي ۽ تاريخي حيثيت تسليم ٿيل آهي. دنيا جي ٻين قديم مهذب ۽ متمدن ملڪن وانگر هن کي زماني جا لاها چاڙها ڏسڻا پيا آهن، هتي جا رهاڪو جڏهن غير ملڪي تسلط کان آزاد رهي، مڪاني

حڪومتن جي هٿ هيٺ رهيا آهن، تہ ان وقت سنڌن قومي شيرازو متحد ڪرڻ، معاشي ذريعن جي ترقي، قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان جي واڌاري لاءِ ڪوشش پئي ٿي آهي.

پر جڏهن سنڌ سياسي آزادي وڃائي، ڌارين تسلط هيٺ آئي آهي، تہ ان وقت سنڌس معاشي ذريعي کي ڌارين جي مفاد لاءِ ڪتب پئي آندو ويو آهي. زور، لالچ ۽ غلط تعليم جي ذريعي سنڌن قومي ڪردار، ڪلچر کي بگاڙڻ ۽ ڌارين زبان کي ملڪي زبان تي مسلط ڪرڻ جي ڪوشش پئي ٿي آهي.

اهو مسئلو بحث طلب آهي تہ ملڪ جي سياسي آزادي، زياده اهم آهي يا قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان جي آزادي، حفاظت ۽ ترقي وڌيڪ اهميت رکي ٿي.

هڪڙن ماهرن جو چوڻ آهي تہ ملڪ جي سياسي غلامي، قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان کي معزول ۽ معدوم ڪريو ڇڏي.

ٻين ماهرن جو رايو آهي تہ جي ماڻهو، پنهنجا قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان محفوظ ۽ سلامت رکڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا، سي گهڻو وقت سياسي غلامي ۾ نٿا رهي سگهن.

سياسي غلاميءَ جو ڏک عارضي آهي، قومي ڪردار، ڪلچر، ۽ زبان جي ڪمزوري ۽ پستي دائمي قسم جي آهي.

هن مضمون ۾ آئون ڪلچر ڇا کي چئجي؟ ان جا جوڙ جڪي عنصر ڪهڙا آهن؟ هر هڪ ملڪ جو ڪلچر ڪهڙي طرح نهي ٿو؟ ان جي نهڻ تي ڪهڙين ڳالهين جو اثر رهي ٿو؟ سنڌ جي جداگانہ ڪلچر جا مکيہ جزا ڪهڙا آهن؟ تي بحث ڪندس.

مون کي ملڪ جي مکيہ سياسي ليڊرن جا تازو ڪڍيل گفتا اجا تائين ڪنن ۾ گونجي رهيا آهن.

هڪ چيو تہ "ننڍو صوبو ننڍين دماغن جي ماڻهن سان پريل آهي".
(سردار پٽيل)

ٻئي چيو تہ "سنڌين جو ڪلچر گڏهن هڪلڻ ۽ اُنن ڪاهڻ وارو آهي".
(لياقت علي خان)

تنهن ڪري آئون هن وقت سياسي آزاديءَ جي حصول کان قومي ڪردار، ڪلچر ۽ زبان جي حفاظت ۽ سلامتيءَ کي زياده اهم سمجهي، ان تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

-غلام مرتضيٰ-
-١٩٦٣ع

# ڪلچر جا مکيہ جزا

۱- نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا.
۲- سماجي زندگيءَ جا طور طريقا.
۳- قومي ڪردار.
۴- فن لطيف ۽ ادب
بهتر ائين آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل ڪلچر جي مکيہ جزن جي تشريح ڪريان.

## نظرياتي ۽ مذهبي عقيدا

زماني قديم کان نظرين ۽ عقيدن موجب ماڻهن جو رجحان ٻن طرفن پئي رهيو آهي.

(۱) هڪ گروه جو رجحان ماڻهن کي مختلف مذهبن، فرقن، نظرين، قومن ۾ ورهائي جدا ڪري محدود دائري اندر سندن ترقي ۽ تڪميل لاءِ پئي رهيو آهي.

(۲) ٻي گروه جو رجحان، انسان ذات کي اتحاد جي ڏوريءَ ۾ پوئي هڪ ڪرڻ جي طرف پئي رهيو آهي ان کي انفراديت (Decenterlization) ۽ وحدانيت (Centrlization) جي نالي سان سڏي سگهجي ٿو. اهي ٻئي فطري طريقا آهن. جڏهين حيوان مان انسان ٿئي ٿو تہ روح جي انفراديت جي شروعات ٿئي ٿي. پر اڳتي هلي، هن کي احساس پيدا ٿئي ٿو تہ اهي قطرا باوجود جدا هستيءَ جي بحر ڪل جا جزا آهن. اتان آيا آهن ان ۾ سمائبا. مٿي ذڪر ڪيل رجحان ماڻهن کي هيٺين طرح عمل ڪرائين ٿا.

### پهريون گروه:

(الف) پهرين گروهہ سندن نظرين، عقيدن، مذهب، فرقن، قومن کي مڪمل ۽ مهذب ڄاڻي، معاشري کي سندن رنگ ۾ رڱڻ جي ڪوشش ٻي ڪئي آهي.

(ب) ان طرح خودي پيدا ڪري، پاڻ کي چونديل ۽ برتر ڄاڻي ٻين پنتي پهلن جي رهبري ۽ امانت جو حقدار پئي سمجهيو آهي.

(ت) جملي انسان ذات کي پنهنجي نقطي نگاهہ طرف ڇڪڻ ۾ نجات انساني پئي سمجهي اٿس.

### ٻيو گروه:

(الف) ٻي گروهہ کي وحدت الوجود جو پتو پئجي ويل هو. ان ڪري هن ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت پرکي هئي.

(ب) تنهنڪري هن ڪثرت مذاهب پويان وحدت پرکي انجو پرچار ڪيو ٿي.

(ت) جنهن ملن اتحاد انساني، امن ۽ ترقي بني آدم، حاصل ٿي سگهي ٿي.

ويل آهي، تہ ڪن جي زندگيءَ ۾ نفرت ۽ نفاق کي زياده اهميت ڏني وڃي ٿي.
ڪي بزدل ۽ بي همت ٿين ٿا، تہ ڪي سرويچ ۽ باهمت آهن. ڪن خود مطلبيءَ کي پيشو ڪري ورتو آهي، ڪي ان کي بداخلاقي ڄاڻن ٿا. ڪن ۾ حب الوطنيءَ جو زياده مادو ٿئي ٿو، ڪي قوم فروشيءَ تي هريو وڃن.
اهڙي طرح سان مختلف قومن ۾ ڪردار جون جدا جدا وصفون پيدا ٿين ٿيون. درويرو ائين نہ آهي تہ قوم جا جملي افراد مخصوص قومي ڪردار جا پوئلڳ يا قائل هجن. هر قوم ۾ ڪثرت هميشہ ڪريل ڪردار جي ٿئي ٿي، اعليٰ ڪردار ڪن ٿورن ماڻهن ۾ ٿئي ٿو. پر ان جي سڃاڻپ جي ڪسوٽي اها ٿئي ٿي تہ ملڪ جي شعر، ڏند ڪٿائن، ادب ۾ جن ڳالهين کي ساراهيو ويو آهي، اهي ئي ان قوم جو ڪردار ڪري شمار ۾ آڻبيون.

## فن لطيف ۽ ادب

هر قومي ڪلچر لاءِ فن لطيف ۽ ادب جي وجود ۽ واڌاري جي ضرورت آهي. ان لاءِ هر هڪ تي مختصر سمجهاڻي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس.
ٻنهي لاءِ انگريزيءَ ۾ جامع لفظ 'آرٽ' استعمال ڪيو ويو آهي، جو آرٽس ڪاليج يا يونيورسٽيءَ ۾ پڙهايو وڃي ٿو. ان جي عام طور اها معنيٰ ورتي وڃي ٿي تہ اها شئي يا ڳالھ جا دماغي يا جسماني ڪوشش سان پيدا ڪئي وڃي ٿي.

**دماغي آرٽ:** هن ۾ هيٺيان صيغا شمار ڪيا وڃن ٿا.
(۱) گرامر (۲) فلسفو (۳) فن تقرير (۴) حساب (۵) راڳ (۶) رقص (۷) ادب (۸) تاريخ وغيره.

**جسماني آرٽ:** هن ۾ هيٺيان صيغا شمار ڪيا وڃن ٿا.
(۱) فن تعمير (۲) دستڪاري (۳) مصوري (۴) فن لباس (۵) فن طعام (۶) فن آرائش (۷) رانديون وغيره.
جيڪڏهن انهيءَ جي جڙن جي تاريخ تي نظر ڪبي، تہ ان جي تعمير ۾ مختلف قبيلن، قومن، مذهبن ۽ ملڪن حصو پي ورتو آهي. ان ۾ ٻہ رجحان رهيا آهن، هڪڙي گروه مخصوص قومي آرٽ جي محدود دائري ۾ ترقي ۽ تعميل لاءِ پئي ڪوشش ڪئي آهي تہ ٻيو رجحان مختلف آرٽس کي گڏي عالمگير آرٽ بنائڻ طرف متوجہ پئي رهيو آهي.
مٿي آئون ٻڌائي آيو آهيان تہ هر هڪ قوم کي پنهنجو مخصوص ڪلچر ٿئي ٿو، جو اڳتي هلي عالمگير ڪلچر ۾ سمائجڻو آهي، جيئن تہ آرٽ ڪلچر جو هڪ جزو آهي، سو ساڳيو قانون آرٽ سان بہ لاڳو ٿيڻ وارو آهي. جيئن وسيع باغ ۾ مختلف رنگن جا گل ۽ وڻ چمن جي حسن جي زيبائش ڪن ٿا، اهڙيءَ طرح مختلف قومي آرٽ

عالمگير چمن جي زيبائش ڪن ٿا. اهڙي طرح مختلف قومي آرٽ عالمگير چمن جي زيبائش جو باعث ٿي سگهن ٿا. ان جي جداگانہ وجود ۽ ضرورت کان انڪار ڪري ان کي مٽائڻ ترقي جي راهہ ۾ رنڊڪ وجهڻ، ارتقائي قانون ۽ حقائق دهر جي خلاف آهي. جيڪا بہ طاقت پوءِ اها مذهبي هجي يا حڪومت اقليت جي يا اڪثريت واري قوم جي هجي. انهي فطري رجحان کي زور زبردستيءَ سان هڪ نموني تي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، سا ڪوشش صحيح شمار ڪري نٿي سگهجي. ڪرسچنٽي ۽ اسلام جي نالي ۾ مصوري، بت تراشي ۽ راڳ جي زوريءَ ختم ڪرڻ لاءِ جي ڪوشش ڪيون ويون، سي آخر ۾ ناڪامياب ٿيون. مورڳو هن وقت انهيءَ مذهبي ڪوشش کي بڙو سمجهيو پيو وڃي. هن وقت ان مذهبن جي اڪثر پوئلڳن ۾ انهن فنن کي زور ونائڻ جي ڪوشش جاري آهي. بدقسمتيءَ سان پاڪستان بنجڻ بعد ڪي تعصبي ۽ ڪٽر ماٹهو، هن دور جديد ۾ مذهب اسلام جهڙي امن پسند ۽ همہ گير مذهب جي نالي ساڳيا ڪڏا ڪم ڪرڻ گهرن ٿا، جن جي ڪري انهيءَ مذهب جي بدنامي ٿئي ٿي.

●

هوشيار، ڪي ڏڍ ۽ اهڙيءَ طرح ڪي قومون گهڻي تعداد واريون، ڪي ٿوري تعداد واريون، ڪي جنگجو ذهنيت جون، ته ڪي امن پسند، ڪي ترقي يافته، ڪي پنتي پيل آهن ۽ ملڪ به ڪي وڏا، ڪي ننڍا، ڪي ٿڌا، ڪي گرم، ڪي زرخيز ته ڪي بنجر ڪي کاڻين سان ڀرپور ته ڪي خالي ٿين ٿا. ساڳيو قانون نظرين ۽ عقيدن سان لاڳو ٿئي ٿو- مثلاً دنيا ۾ هن وقت ڪيترا اهڙا مکيه نظريا آهن، جي ماڻهن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جي عيوض، اڻ ڪٽ اختلاف پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻيا آهن. جن مان مکيه هينيان آهن.

(۱) نظريه دهريت (Maerialism) ۽ ان جو ضد نظريه روحانيت (Idealism)

(۲) نظريه جمهوريت (Democracy) ۽ ان جو ضد نظريه آمريت (Dictatership)

(۳) نظريه قوم پرستي (Nationalism) ۽ ان جو ضد نظريه سامراجيت (Imperialism)

(۴) نظريه اشتراڪيت (Nationalism) ۽ ان جو ضد نظريه سرمائيداري (Imperialism)

بهتر آهي ته انهن نظرين جي مختصر تشريح ڪريان.

## دهريت ۽ روحانيت

### دهريت:

هن نظرئي موجب مادي کي زندگي (روح) تي اهميت ڏني وڃي ٿي. ان ڪري مادي کي درجي اول جي حيثيت ڏئي روح (مائينڊ) کي ثانوي درجو ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ نقطه نگاهه موجب روح مادي جي مختلف عنصرن جي باهمي عمل جي پيداوار آهي. ان ڪري جڏهن به مادي جو باهمي عمل بند ٿئي ٿو، يا ان ۾ رڪاوٽ پوي ٿي، ته زندگي ختم ٿيو وڃي. هن نظرئي جي معتقدن جو شخصي روح جي جداگانه هستي ۽ تسلسل ۾ اعتقاد نه آهي. ان نظرئي جي مڃڻ بعد مذهبن جا جملي اعتقاد، جهڙوڪ حيات بعد الممات، تناسخ (جوڻ) جزا ۽ سزا، بهشت ۽ دوزخ، ڪائنات جو پلئن (منصوبو يا رٿا) ۽ مقصدن سان پيدا ٿيڻ، انهن جي پيدا ڪندڙ، هلائيندڙ طاقت (خدا) ۾ اعتماد رکڻ جا عقيدا سڀ ختم ٿيو وڃن.

جنهن ڪري هنن جو سارو زور هن دنيا جي زندگي بهتر بنائڻ ۽ هر ڳالهه جو فيصلو عقل ۽ تجربي جي بنياد تي ڪرڻ طرف رهي ٿو.

### روحانيت (Idealism)

هن نظرئي مطابق روح (مائينڊ) کي اصلي شيءِ ڪري ورتو وڃي ٿو. ان ۾ مادي کي ثانوي حيثيت ڏني وڃي ٿي. انهي جي مڃيندڙن مان ڪي مورڳو مادي جي جدا هستيءَ کان انڪار ڪري، ان کي صفت ۽ ڌوڪي سان تشبيه ڏين ٿا. انهن جي نقطي نگاهه کان روح ذات ۽ مادو صفات آهي. روح ابدي (آدي) ۽ ازلي (جڳادي) آهي ۽ مادو فاني ۽ تبديل ٿيندڙ آهي.

انهيءَ نظرئي جي بنياد تي جملي مذهب وجود ۾ آيا آهن. خدا، حيات بعد الممات،

آواڳون (تناسخ) جزا ۽ سزا، ڪرم جو ڦل، بهشت ۽ دوزخ ۽ مذهبن جا جملي عقيدا ٺاهيا ويا. ان نظرئي جي آخري نتيجي طور، هر هڪ ماڻهو سندس عملن لاءِ جوابدار هو. تنهن ڪري گهٽي ڀاڱي هر شخص آزاد هو. جيئن ته ڪي ماڻهو محنتي، لياقت وارا، ۽ مضبوط ٿين ٿا ۽ ڪي سست، ڪند فهم (ڏڏ) ۽ ڪمزور آهن، تنهنڪري ٻنهي گروهن جي ڪليل مقابلي ۾ ڪي ماڻهو ملڪيت، پيسي ۽ اقتدار جا مالڪ بڻجيو وڃن ۽ ڪي محڪوم، مفلس ۽ نادار ٿيو پون.

جنهن صورت ۾ هن نظرئي موجب بنيادي طرح کليل مقابلو روا آهي، ته ان جي آڌار تي پيدا ٿيل طبقاتي ۽ مستقل مفاد کي تسليم ڪري، مذهبي قانون اهڙي طرح بڻايا ويا آهن، جو شخصي ملڪيت، ذرائع پيداوار ۽ ورهاست کي هٿ لائڻ يا دست اندازي ڪرڻ جي منع آهي. نتيجي ۾ ڪي ڪروڙن رپين، هزارين ايڪڙن، ڪثير تعداد جاين، ڪارخانن ۽ ڪيترن زالن جا مالڪ بڻجيو وڃن، ته ڪي ٻي زر، ٻي اجهي، مزدور، ٻنا زال جي رهجيو وڃن. اهڙي نظام کي ٻه ختم ڪرڻ لاءِ مذهبي قانون مخالفت ڪن ٿا، بلڪ ڪي ته ان کي ڪرم جو ڦل يا قسمت جو نتيجو قرار ڏين ٿا. ازانسواءِ مذهب فوق العقل اختياريءَ تي مدار رکي، گهٽي حد تائين عقل ۽ تجربي مان حاصل ڪيل معلومات کي ثانوي حيثيت بخشي ٿو. انهن ٻنهي نظرين جي بنياد تي جماعتون ٺهن ٿيون، سي بين الاقوامي حيثيت رکڻ ڪري، مختلف قومن جي مستقل مفاد، جهڙوڪ وطن، ڪلچر، اقتصادي مفاد ۽ زبانن کي نقصان پهچائين ٿيون. اهي ذهني سامراج آهن، جي نظرين ۾ انسان ذات جو پلو ڏسي، سيني ماڻهن کي زوري يا تبليغ ذريعي سندن جماعتي نظام ۾ آڻڻ گهرن ٿا. جنهن مان فطري طرح مختلف ملڪن ۾ پيدا ٿيل قومن جي مختلف ورثن جهڙوڪ شخصي عقيدن سماجي زندگيءَ جي طور طريقن قومي ڪردار ۽ آرٽ (ادب ۽ فن لطيف) جي جدا وجودن کي ختم ڪري ڪن نظرياتي قالبن ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. تنهن ڪري سندن انتهائي حالت ۾ قومن ۽ ان جي ڪلچرن کي نظرين جي بنياد تي ٺهيل جماعتن مان نقصان پهچڻ جو انديشو رهي ٿو.

# جمهوريت ۽ آمريت (آپيشاهي)

## جمهوريت:

جمهوريت ان نظريي کي ڪونجي ٿو جنهن موجب قوم جي افراد جي مساوي حيثيت تسليم ڪجي ٿي. ملڪ جي هر عاقل بالغ ماڻهوءَ کي ملڪ جي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي معاملن لاءِ آزادانه راءِ سان عيوضي چونڊي سندن مرضيءَ مطابق حڪومت هلائڻ جو حق ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ ڪري هر فرد کي آزادانه تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ جو حق رهي ٿو.

البت پٺتي پيل ملڪن ۾ جتي ڪثرت تعداد ماڻهن جي، جو اڻ پڙهيل ۽ سياسي شعور نہ رکندڙ، غريب ۽ غير منظم آهي. اتي ابتدا ۾ هوشيار، پيسي وارا ۽ متاهين طبقي جا ماڻهو عوام کي برغلائي طاقت سندن قبضي ۾ رکن ٿا. ليڪن بنيادي طرح جمهوريت جي اصول مڃڻ ۽ بالغ راءِ دهيءَ جي حق ڪري آهستي آهستي ماڻهن ۾ سياسي شعور پيدا ٿيو وڃي ۽ ڪليل مقابلي ۾ نيٺ عوام سندن حق حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو وڃن.

قوم پرستي ۽جمهوريت لازم ملزوم ڳالهيون آهن. ان مطابق نہ صرف افراد جي حقن کي قبوليو وڃي ٿو پر هر قوم جي خود اراديءَ جو حق تسليم ڪيو وڃي ٿو.

## آمريت:

هن نظريي جو بنياد فسطائي نقط نگاهہ تي رکيو ويو آهي جنهن مطابق ماڻهن کي لائق ۽ اڻ لائق، مضبوط ۽ ڪمزور متبدل ۽ ڏڪاريل، سڌريل ۽ اڻ سڌريل، گروهن ۾ ورهائي، ڀڙين گروهہ کي حڪومت، بزرگي ۽ رهبريءَ جو اهل ڄاڻي اقتدار ۾ آندو وڃي ٿو. نتيجو اهو ٿو نڪري تہ مذهب، حڪومت، علم ۽ عقل ۾ چند ماڻهو پاڻ کي خود ساختہ علمبردار مقرر ڪري عام راءِ مطابق عوام کي سندن عيوضي چونڊيءَ ڪاروبار هلائڻ کان محروم ڪن ٿا. ان ڪري آزادانہ تقرير، تحرير ۽ جماعت سازي تي پابنديون وڌيون وڃن ٿيون. هر اختلاف راءِ کي ملڪ ۾ انتشار ڦهلائڻ جي آڙ ۾ برداشت نہ ڪيو وڃي ٿو. هنن جي نقط نگاهہ موجب صرف لائق ۽ مضبوط قومون هن زندگيءَ جي تنازع للبقا ۾ ڪامياب ٿين ٿيون، ٻيون سڀ فنا ٿيڻ واريون آهن.

تنهن ڪري لائق قومون يا لائق افراد حڪومت هلائڻ جا حقدار سمجهيا وڃن ٿا. انهن جي راءِ صحيح ۽ بي عيب ٿئي ٿي. انهن خيالن تي هلندي ڪي طاقتور، هوشيار ۽ جنگجو شخص يا گروهہ زور زبردستيءَ سان حڪومت تي قبضو ڪري ان کي مخصوص افراد، گروهہ يا طبقن جي مستقل مفاد لاءِ هلائين ٿا. ان مان عارضي طرح ڪجھہ انتظامي سختيءَ ڪري مخالفت دٻجيو وڃي ۽ ماڻهن ۾ هڪ قسم جو جمود پيدا ٿيو وڃي عوام ملڪي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏيو ڏين. ڊڪٽيٽر جو هر لفظ سَندَ ڪري ميٺو پوي ٿو. انهن جي چوڌرد خوشامندڙين ۽ جي حضورين جو هجوم گڏ ٿيو وڃي. آزاد خيال ۽ ايماندار ماڻهن کي نزديڪ اچڻ کان رڪاوٽ پئجيو وڃي. جنهن ڪري صاحب اقتدار، صحيح مشوره ۽ صلاح کان محروم ٿيو پون. ۽ انهن کان غلطيون سرزد ٿيڻ لڳن ٿيون. ڪامورن جي ٻيگهي مچيو وڃي. هر نڪتہ چينيءَ کي ناپسنديءَ جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو. ظاهري مخالفت دٻجيو وڃي، اندروني طرح ناراضگي وڌڻ لڳي ٿي. آئيني طريقن سان اختلاف ڪرڻ جي اجازت نہ هئڻ ڪري مخفي سازشون شروع ٿين ٿيون، جي ڳالهيون ملڪ کي خانہ جنگي ڏي ڌڪين ٿيون. هيءَ ڳالهہ صاف سمجهڻ گهرجي تہ اڪثر مذهب، ڪميونزم ۽ فاشزم ڊڪٽيٽر شپ ڏي ڇڪين ٿا.

# قوم پرستي ۽ سامراج

## قوم پرستي:

اڄ ڪلهه قوم پرستي دنيا ۾ مقبول عام نظريو آهي. هر قوم ان ۾اعتماد رکي سندس ترقيءَ لاءِ ڪوشان نظر اچي ٿي. قوم پرستي جا دنيا ۾ ڪيترائي تخيل مختلف زمانن ۾ مروج رهيا آهن. جهڙوڪ نسل، شهريت، سامراجيت ۽ مذهب جي بنياد تي قومن جا تخيل. ليڪن هن دور ۾ جنهن قوم پرستيءَ جو دنيا ۾ سڪو چالو آهي، تنهن جو بنياد وطن، زبان، ڪلچر، قومي ڪردار، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي اصولن تي بدل آهي. هن وقت دنيا ۾ اهڙين قومن مان اقوام متحده (United nations) نهيل آهي. جنهن ۾ هن وقت تائين ١٣٥ کن اهڙي قسم جون قومون ميمبر طور داخل ٿيل آهن. انهي جي ميمبرن جو تعداد روز بروز وڌي رهيو آهي.

قوم پرستيءَ جو آواز هن وقت نهايت طاقتور آهي. ان ذريعي ملڪن جي آزادي، ترقي ۽ تعمير لاءِ گهڻو ڪجهه ٿي رهيو آهي. ليڪن ان جي صحيح طور واداري جي راهه ۾هيٺيون رڪاوٽون پيل آهن، جي انهن کي دور ڪرڻ لاءِ اقوام متحده يا انسان ذات طرفان ڪو انتظام نه ڪيو ويو ته مستقبل ۾ دنيا جي امن کي خطرو آهي.

### (١) قوم پرستيءَ جو اڳرائيءَ وارو رجحان:

اهو ان قسم جو رويو آهي جو جرمني، اٽلي ۽ جپان هڪ وقت اختيار ڪيو هو ۽ اڄ ڪلهه اسرائيل، سائوٿ آفريڪا ۽ چين اختيار ڪري رهيا آهن.

### (٢) مذهبي قوم پرستي:

ان جو اظهار ڀارت، پاڪستان، انڊونيشيا ۽ اسرائيل ۾ ڪي جماعتون ڪري رهيون آهن. جنهن جي زور وٺڻ ڪري ننڍين قوميتن جي مفاد ۽ وجود کي هڪ طرف نقصان جو انديشو آهي ته ٻي طرف ڪٽرپڻي، تعصب ۽ نفرت جي پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي.

### (٣) سفيد رنگ جي قوم پرستي:

ان جو اظهار سفيد قوم جي چند گروهن طرفان ٿي رهيو آهي، جهڙوڪ سائوٿ افريڪا، روڊيشيا، پورچوگال ۽ ڪي امريڪا جا گروهه ان مان نسلي ۽ رنگ جي بنياد تي نفرت ۽ نفاق پيدا ٿي رهيو آهي.

### (٤) ڪثرت تعداد جي قوم پرستي:

ان جو اظهار چند ڪثرت تعداد قومن طرفان ٿي رهيو آهي، جهڙوڪ ڪئنادا ۾ انگريزن جو فرينچن مٿان، ڀارت ۾ يوپيءَ جو ٻين صوبن مٿان، پاڪستان ۾

تي اسان کي اسلام، مسلم قوم ۽ پاڪستان جي نالي ۾ غلام بنائيندڙن جي ڪلچر کان، سنڌي ڪلچر وڌيڪ صلاحيت وارو آهي. ان ڪري اسان موجوده تڪليفن مان باوجود مشڪلاتن جي نيٺ وڃي لنگهي پار پونداسون، ۽ اسان تي ظلم ڪندڙ، سندن نظرين ۽ بداعمالي ڪري ناڪامياب ٿيندا.

●

آهي.

٥- پاڪستان ۾ سرشتہ حڪومت اسلامي روايات ۽ احڪامن موجب هلائڻ ضروري آهي.

## اهل طريقت جي اسلامي تشريح:

١- اسلام دين فطرت هو، جنهن جو پيغام خدا صاحب طرفان هر ملڪ، قوم ۽ زماني ۾ انسان ذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ واسطي جدا جدا پيغمبرن، رشين، حڪيمن ۽ اهل الله پي پهچايو آهي. جن سڀني جي تعليم جو بنيادي مقصد ساڳيو هو. انهن جي پيغام ۾ باوجود ظاهري گونا گوني جي بنيادي وحدت سمايل هئي. اسلام انهيءَ حقيقت جي اظهار جو شارح هو. جنهن صورت ۾ جملي مذاهب دين فطرت جا جزا هئا، ان ڪري انهن جي منسوخ ٿيڻ جو عقيدو غلط هو. ليڪن جملي مذهبن جو شريعتي شعبو، جنهن جو واسطو سماجي دستورن ۽ قانون سان هو، سو حالتن جي تقاضا، معاشري جي تبديلي، وقتي ضرورت مطابق تبديل ۽ منسوخ ٿي سگهيو ٿي. اهو قانون جهڙيءَ طرح پهين مذهبن جي شريعتن سان لاڳو ٿيو ٿي اهڙي طرح دور قديم جي حالتن، معاشري ۽ وقتي ضرورتن جي بنياد تي، مروج ٿيل اسلام جا شريعتي قانون بہ جديد تقاضائن جي بنياد تي تبديل ۽ منسوخ ٿي سگهن ٿا.

٢- ملا جي تخيل واري دين اسلام مان نہ انسان ذات جي مشڪلات جي نجات حاصل ٿيڻ واري آهي، نہ ماڻهن جي فلاح ۽ بهبودي لاءِ منجهس مڪمل فلسفہ حيات موجود آهي. اهي عقيدا روح اسلام ۽ دين فطرت جي بنيادي متن جي خلاف آهن. دين فطرت جي صحيح معنيٰ قانوني ارتقا آهي، جنهن مطابق دنيا جي هرشيءِ، مادي يا ذهني (روحاني) سدائين ترقي پذير آهي، ڪمال جي حصول لاءِ زندگي سدائين تحريڪ ۾ رهڻي آهي، تنهن ڪري دين فطرت کي چند عقيدن، شرعي قانونن ۽ عبادتن ۾ محدود ڪرڻ جو تصور ئي غلط آهي. جهڙيءَ طرح پاڻي جي تازگي سندس روانيءَ ۾ آهي، رت جي صفائي ۽ پاڪيزگي ان جي دوري ۾ آهي، اهڙيءَ طرح دنيا جي هر شيءِ تبديل ۽ تحريڪ ذريعي قائم رهي ٿي. زندگي تحريڪ سان وابستہ آهي، تنهن ڪري ان سان تعلق رکندڙ قانون بہ تبديل ۽ تحريڪ وارا ٿيڻا آهن.

٣- قومن جي تشڪيل مذهبن جي بنياد تي ڪرڻ، غير فطري ڳالھ آهي. مذهبن جي تشڪيل عقيدن تي ٿئي ٿي، جي نظرين مان پيدا ٿين ٿا، جي ذهني پيداوار آهن. ماڻهو ذهن ۽ جسم جو مرڪب آهي، ان کي فطري قوتن جي اثر کان جدا ڪري ٿو سگهجي. قومن جي بناوٽ ۾ وطني حالات، جهڙوڪ آب هوا، ماحول، گذرمعاش جي ذريعن، باهمي رابطي ڪري پيدا ٿيل زبان، نسلي طبيعتن جي رجحان ڪري ٿيل قومي ڪردار ۾ هزارن ورهين جي معلومات تجربي، بودباش ۽ نفسياتي جذبات کي گهڻو اثر رهي ٿو. تنهن ڪري مسلمانن کي مذهب جي بنياد تي جدا قوم تسليم ڪري انهن کي انسان ذات جي هدايت ۽ ليڊري جي صنعتن سان منسوب ڪرڻ خوش فهمي ۽ خود فريبيءَ کانسواءِ ڪجھ نہ آهي.

هجي. يا هڪ تاريخي خطي زمين جي رهاڪن جي زمين، نوڪرين، ڪارخانن ۽ واپار تي قبضي حاصل ڪرڻ وارو هجي.

يا سياست. مذهب ۽ اقتصادي مسئلن بابت مستقبل مفاد جي فائدي ۾ هڪ طرفو پيدا ڪيل جواز وارو هجي. سنڌي ڪلچر ان جو مخالف آهي.

هن جي قومپرست تعليم جا ڪي مکيه جزا هيٺيان آهن.

جيها جي تيها، مون مارو مڃيا،
مون جيڏيون ملير ۾، تيون ن چوندن موڪ مها،
منهنجي آس اها، ڪڏهين ڪيرائيندي ڪوٽ کي!

اي ۽ نه مارن ريت، جو سيڻ مٽائين سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانه ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙين تي نه مٽيان!

وري هر قوم جي فطري حق آزاديءَ بابت ڳالهائيندي شاهه سائين فرمائي ٿو:

الله ائين مَ هوءِ، جيئن آئون مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾، راتيان ڏينهان روءِ،
ٻهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڇنم ڏينهڙا.

## اشتراڪيت ۽ سرمائيداري

ان لاءِ سنڌي ڪلچر وچولو رستو اختيار ڪرڻ گهري ٿو. يعني سرمائيداريءَ جي ختم ڪرڻ لاءِ. هو خوني انقلاب، جي عيوض سوشلزم جي ارتقائي طريقي کي پسند ڪري ٿو.

شاهوڪارن خلاف شاهه سائين ذڪر ڪندي فرمائي ٿو-

پنجن مان پندرنهن ڪري، ائين ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهه مان، موڌي شال مرن.

وري عوامي انقلاب جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو-

مَندَ تي منڊل منڊيا، تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنياڻيا، سَرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يارَ، وسڻ جا ويس ڪيا!

سنڌي ڪلچر جي شعبي عقيدي جا مکيه جزا هيٺيان آهن:

(۱)محبت (Love) پريم

(۲) عدم تشدد (Non Violance) اهنسا

(۳) رواداري (Co Exitance) هڪ ٻين سان برادرانه سلوڪ

(۴) لاڪوفيت (Non Alliance) غير جانبداري

(۵) حق خودرادي (Right of self detrmination) آزاد راءِ ۽ قومي آزادي

## (۱) محبت

سنڌي ڪلچر ۾ محبت کي وڏو مقام حاصل آهي، هو ان کي مٿي ذڪر ڪيل دنيا جي موجوده مشڪلاتن ،جهڙوڪ

۱- شڪ شبهن ۽ خوف خطرات

۲- نفرت ۽ نفاق

۳- تشدد ۽ تسلط

۴- غربت ۽ افلاس

جي دور ڪرڻ جي ڪنجي ٿو سمجهي. هر سنڌي درويش عشق جي ساراهه ڪندو رهيو آهي.

شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

محبت سندي مار، ڪو پروڙي ڪين ڪي!

مصري شاهه چوي ٿو ته :

عشق سارو اسلام مذهب محبت عين مبارڪ.

بيدل سائين آکي ٿو ته:

اُ ٿان جاءِ نهين ڪنهن دي آوڻ دي،
ري عشق بنا لئي پاوڻ دي.

محبت ماڻهن ۾ اتحاد آڻي ٿي. اتحاد امن جو پيش خيمو آهي. امن انسانذات جي ترقيءَ لاءِ مددگار ۽ معاون آهي. مذهب، ملڪ، قوم يا نظرين جي نالي ۾ نفرت پيدا ڪندڙن کي، سنڌي ڪلچر ڪفر برابر سمجهي ٿو.

## (۲) عدم تشدد (اهنسا )

سنڌي ڪلچر بنيادي طرح اهنسا جو حامي آهي، هو مخالفن کي محبت سان ۽

نصيحت ذريعي قائل ڪرڻ جو حامي آهي.

شاهه سائين فرمائي ٿو:-

"هو چونئي تون مَ چئو، واتان ورائي"

ٻي هنڌ چوي ٿو ته :

مون تي اکڙين، وڏا ٿورا لائيا،
ته پڻ پرين پسن، ڪنان جي ڪر سامهون!

ٽي هنڌ چوي ٿو ته:-

ڪُر جا ڪڏ ڪنئين، پوڻ خاطر پرينءَ جي،
تنهن ۾ پاڻ پئي ،غيبتي غار ٿيو.

هن جو جهاد نفس سان آهي، نه خلق خدا جي مارڻ سان- هو هنسا کي حيواني صف جاتي ڏکاري ٿو، هن کي پتو آهي ته هنسا ذريعي حاصل ڪيل ڪاميابي عارضي ۽ اکين جي ڏوَ برابر آهي.

تنهن ڪري هر مقصد جي حصول لاءِ صحيح تعليم، تاليف قلوب، خدمت خلق ۽ هر ڪنهن سان ڀلائي ڪرڻ جا طريقا استعمال ڪرڻ جي فائدي ۾ آهي. زور زبردستي ذريعي عارضي ڪاميابي حاصل ڪرڻ جي خلاف آهي، هن کي تاريخي مطالعي مان معلوم آهي، ته سڪندر ۽ دارا سندن بادشاهين سميت ختم ٿي ويا.
پيغمبرن ۽ درويشن جي تعليم ۽ نالا صدين گذرڻ بعد به زنده آهن.

## (٣) رواداري

جنهن کي اڄ ڪلهه انگريزي ۾ (Live and let live) " پاڻ بہ ۽ ٻين جو وجود بہ برداشت ڪر." سڏجي ٿو. اسانجي ماڻهن کي ولر ڪيو وتن، (Gregarious animal) سمجهي ان مطابق هلڻ جي تلقين ڪئي آهي. شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

ولر ڪيو وتن، پرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهوئان ميٺ گهڻو!

اها صفت حليمائي اختيار ڪرڻ سان حاصل ٿي سگهي ٿي، اڄ ڪلهه ڪي حڪمران طبقي جا فيلسوف ۽ اڳوان فسطائي نظرين هيٺ باز- شير بنجڻ، شمشير سنان ڪڻ

جي تلقين ڪري، ماڻهن کي حيواني صفتن اختيار ڪرڻ جي تعليم ڏيڻ گهرن ٿا. ڇاڪاڻ تہ سندن قوميءَ طبقاتي مفاد جي اهاتقاضا آهي. اسان وٽ انهن لاءِ صرف هي جواب آهي تہ:

متو آهين مڇُ، ٿلهو ٿيو تو ٿونا هٿين
تو جا پانئين اَڇ، تنهن پاڻيءَ پَنا ڏينهڙا!

اسان جي اکين اڳيان، اهڙي تعليم وارن، هٽلر، ميسوليني، توجي وغيره جي ختم ٿيڻ جا مثال گذري چڪا آهن. غير برداشت ڪرڻ وارن جو حشر بہ اهڙو ٿيڻو آهي. اسان کي شاهہ سائين فرمائي ويو آهي تہ:

صبر جنين سير، تير نہ ڳسي تن جو!

## (٤) لاڪوفيت (غير جانبداري)

غير جانبداري لفظ جي معنيٰ سمجهڻ ۾ پوري خبرداري اختيار ڪرڻي آهي. اسان هيٺين حالتن ۾ غير جانبدار رهڻ جا طرفدار نہ آهيون:

ٻي طرف ناحق جو،

| | |
|---|---|
| هڪ طرف حق جو طرف هجي، | ٻي طرف ڏاڍ ۽ ظلم هجي، |
| هڪ طرف امنسا ۽ انصاف هجي، | ٻي طرف گمراهي، |
| هڪ طرف هدايت هجي، | ٻي طرف غلامي، |
| هڪ طرف آزادي هجي، | ٻي طرف نفرت، |
| هڪ طرف محبت هجي، | |

اهڙيءَ حالت ۾ اسان کي علي الا علان ڀهرين گروهہ جي طرفداري وني، حق ۽ انصاف جو پلڙو ڀاري ڪرڻو آهي. پر اسان کي غير جانبداري صرف هيٺين حالتن ۾ اختيار ڪرڻي آهي.

(الف) جڏهن ٻہ طاقتون سندن سامراجي ۽ طبقاتي اقتدار جي حصول لاءِ لڙنديون ڏسون.

(ب) جڏهن مختلف مذهبن جا علمبردار، مذهبن جي بنيادي وحدت ۽ دين فطرت جي قوانين کان اڻ واقفيت ڪري، سندن صداقت جي دعويٰ ڪري، انسان ذات ۾ نفاق پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بنجن.

(ت) جڏهن سندن نظرين جي صداقت ۽ ٻين جي راہن جي غلطيءَ تي اسرار ڪندي، جنگ، جدال ۽ بدامنيءَ جو باعث بنجن .

(ث) جڏهن ڪي افراد، قومون ۽ قوتون يا گروہ، سندن سائنسي ترقي، پيسي جي فرواني، تعداد جي ڪثرت ، موتمار هٿيارن جي آڌار تي پنهنجي پيل، غريب، تعداد ۾ ٿورن ۽ بي هٿيار افراد، قومن يا گروہ جي حقن کي ماري ، سامراجيت قائم رکڻ لاءِ

گروهه ٺاهي ڪم ڪن. ته اهڙي حالت ۾ اسان ڪي ڪنهن لالچ يا ڊپ کان مٿي ٿي ، اهڙي گروهه بنديءَ کان پاسيرو رهڻو آهي. اسان جي درويشن به ان لاءِ تعليم ڏني آهي.

شاهه سائين فرمائي ٿو:

صوفي لا ڪوفي، ڪونه پائنيس ڪير،
منجهان ٿي منجهه وڙهي، پڌر نه آهس پير،
جنين سانس وير، هيءُ تنين جو واهرو !

## (٥) حق خو داردي:

دنيا ۾ اڄ ڪله هر قوم جو حق خودارادي، اصولي طرح قبول ڪيل آهي. اقوام متحده طرفان گهڻيون ئي ڪوششون ٿي رهيون آهن. پر اڃان طاقتور ملڪ ۽ قومون ڪيترن ملڪن تي ناجائز قبضو رکيو ويٺيون آهن. جهڙوڪ پورچو گال، سائوٿ آفريڪا، اسرائيل مکيه ملڪ آهن. ليڪن ڪيترا ٻيا ملڪ سندن ايراضي اندر اقليت وارين قومن کي خوداراديءَ جي حق ڏيڻ کان نٽائين ٿا. ڀارت جمهوريت جو ناٽو وٺي به ڪشميرين جي حق خودرادي کان انڪار ڪريو ويٺو آهي.پاڪستان حڪومت ڪشميرين جي حق خو دارادي وٺي ڏيڻ لاءِ هر ڪا ڪوشش ڪري رهي آهي ، ليڪن سنڌ، بلوچستان ۽ پختون ڳالهائيندڙ ايراضيءَ جي قوميتن کي زوريءَ وڏي صوبي جي ماتحت غلام رکيو ويٺي آهي. عراقي ڪُردن کي آٽونامي ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن. روڊيشيا جي سفيد اقليت سياه‌فارم اڪثريت کي حق ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي ، وغيره مثال اڪين اڳيان آهن.

قومن جي خود اراديءَ کي هڪ طرف ڇڏي، انسانن جي بنيادي حقن جي آزاديءَ جو اصول، باوجود بين الاقوامي طور اقوام متحده جي چارٽر ۾ داخل هڻڻ جي. اڪثر ملڪن ۾ بنيادي حقن جي، آزادي ڪانه آهي. سياسي معاملن کي ڇڏي ڪلچرل ۽ ادبي ڳالهين، تقرير، تحرير ۽ جماعت سازيءَ تي ڪيترن ئي ملڪن ۾ بندش آهي . هن ملڪ ۾ هر آزاد راءِ جي اسلام جي مُلا واري تعبير جي نالي ۾ نڪته چيني ڪئي وڃي ٿي. سنڌي ڪلچر انجي خلاف آهي. دنيا هن وقت هيٺين چئن مشڪلاتن ۾ ڦاٿي پيئي آهي.

(۱) باهمي شڪ ۽ شبها.
(۲) خوف ۽ خطرا .
(۳) نفرت ۽ نفاق.
(۴) غربت ۽ افلاس.

## (۱) شڪ ۽ شبها:

ان مرض ۾ نه صرف افراد ڦاٿل آهن، پر قومون به انهيءَ آزار کان آزاد نه ٿي سگهيون آهن. هر ڪنهن کي ٻين جي نيتن ۾شڪ پوي ٿو. ان جو مکيه ڪارڻ، خود مطلبي ۽ خودفريبي آهي. هر ڪو انسان ذات جي مجموعي مفاد کي قطع نظر ڪري،

ڪري سگهي ٿو.

## ٢ - خوف ۽ خطرا:

جيڪڏهن چٽائي ڏسبو ته حقيقت ۾ خوف ۽ خطرا شڪن ۽ شبهن مان پيدا ٿين ٿا. جڏهن ڪي افراد، قومون يا گروه انسان ذات جي بنياد وحدت کي وساري، جزوي اختلافن يا مفاد کي مجموعي مفاد تي ترجيح ڏيڻ لڳن ٿا، ته شڪ پيدا ٿي، خوف جو ڪارڻ بڻجن ٿا اڄ ڪلهه چؤ طرف خوف جي هوا پکڙيل آهي. جيتري قدر مون غور ڪيو آهي، خوف جي پيدا ٿيڻ جا هيٺيان ڪارڻ ٿين ٿا:

١- خوف مطلبيءَ ڪري هڪ ٻئي جي نيتن ۾ شڪ آڻڻ.
٢- باهمي رابطي ۽ تعلقات جي گهٽتائي.
٣- احساس ڪمتري يا برتري.
٤-قومي، مذهبي، اقتصادي ۽ نسلي تعصبن جو وجود.

پاڪستان ۾ حڪمران طبقو مستقل مفاد پيدا ڪري ويو آهي، سو به انهيءَ مرض ۾ گرفتار ٿي چڪو آهي. جنهن ڪري کيس پاڪستان ۾ اندر ۽ ٻاهر چوطرف دشمن ئي دشمن نظر اچي رهيا آهن، جن کان محفوظ رهڻ لاءِ هن کي هيٺين تدبيرن اختيار ڪرڻ جي ضرورت پئي آهي.

١- جمهوريت کي ختم ڪري ڪنٽرولڊ (ضابطي يا رهبريءَ هيٺ واري جمهوريت) ڊيموڪريسيءَ کي مروج ڪيو آهي.
٢- انساني بنيادي حقن تي ضابطو رکيو ويو آهي.
٣- ڪارا قانون پاس ڪري، ماڻهن جي آزاديءَ کي گهٽايو ويو آهي.
٤- بجيٽ تي خرچ کي وڌايو ويو آهي.

اها حالت دنيا جي اڪثر ملڪن جي آهي. امريڪا ۽ سندس ساٿين کي ڪميونسٽ ملڪن مان خطرو محسوس ٿئي ٿو. ڪميونسٽن کي سرمائيدار ۽ سامراج تي ڀروسو نه آهي. ڀارت کي پاڪستان مان خطرو محسوس ٿئي ٿو. پاڪستان کي هندستان جي نيت صاف نه ڏسي، خوف رهي ٿو.

مطلب ته چؤ طرف اونده انڌوڪار ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ان وقت سنڌي ڪلچر مان ڪجهه روشنيءَ جو ترورو ڏسڻ ۾ اچي ٿو:

اسم چشم موري ني، ايسا اسرار ديکها تها
ڪ بيچ ابردي آفتاب ڪا انوار ديکها تها
(سچل)

خوف کي ٽارڻ لاءِ هن ڪلچر جا ڏسيل مکيه علاج هيٺيان آهن:

١- اهنسا جي اصول ۾ ويساه رکي، پيدا ٿيل شڪن ۽ خوفن کي باهمي گفتگو ۽ ڏي وٺ جي بنياد تي ٽاري سگهجي ٿو. اقوام متحده به اهو اصول قبول ڪيو آهي.

ڪٿي بهشت ڇو نہ هجي. اهڙي سخت ڳالھ ٻڌڻ بعد، جڏهن ان جا سبب پڇيا مانس تہ هيٺيان جواب ڏنائين:

١- سنڌس خدا جو تصور ربالعالمين هو ۽ مذهب جي دعويدارن جو خدا لاءِ تصور سنڌن گروھ وارن مسلمانن جو خدا هو. اهڙي خدا کي مڃڻ لاءِ هو ڪهڙي طرح تيار ٿي سگهي ٿو.

٢- هن جي تصور وارو رسول رحمت العالمين هو ۽ انهيءَ طبقي جي ماڻهن جو تصور، رسول فسطائي خيال رکندڙ مسلمانن جي مخصوص گروھ جو ليڊر هو.

٣- هن جي نقطہ نگاھ وارو اسلام اتحاد، امن ۽ ترقي انساني وارو مذهب هو. هن طبقي جو اسلامي تصور ملڪ ۾ نفرت ۽ نفاق ڦهلائي، سنڌس مستقل مفاد خاطر سنڌين صوبن ۽ قوميتن جا حق غصب ڪرڻ وارو هو.

منهنجي نظر ۾ اهڙا انتها پسنديءَ جا رايا پيدا ٿيڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون ڪارڻ بنجن ٿيون:

١- مذهب جي غلط تعبير.

٢- ڪن ماڻهن جو سنڌن نظرين ۽ گروهن جي مڪمل ۽ برتر هئڻ جو اعتقاد.

٣- حڪومت ۾ دست رسي ۽ آباديءَ جي ڪثرت جو گهمنڊ.

٤- پيسي، تعليم، نوڪرين ۽ ڪارخانن تي تسلط جو ڪارڻ. دنيا ۾ ٻہ طاقتون هڪ ٻئي وقت اثرانداز آهن. هڪ محبت جي ۽ ٻي نفرت جي.

محبت کي، ڪشش (Integration) ملڪوتي قوت. قانون ارتقا (Law Of Integration) جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

نفرت (Power Of disintegration) نفاقي طاقت، شيطاني قوت (Satanic power) سڏجي ٿو.

حضرت عيسيٰ عليہ السلام ٻہ هزار ورهيہ اڳ دنيا کي محبت جو پيغام ڏنو. اڪثر مغربي ملڪن جا رهاڪو ان جا پوئلڳ هئڻ جي باوجود نفاق جي ڪري گذريل ٻن مهاڀاري لڙاين جا ڪارڻ بنيا.

هندو مذهب جي مکيہ اصولن ۾ هر ساھ واري شيءِ کي مارڻ يا ڏکوئڻ پاپ آهي. پر انهيءَ اهنسائي ڌرم جا رکپال اڄ ڪلھ جن سنگهي ۽ مهاسڀائي بنجي پيا آهن، جن وٽ جانورن جي رکشا نيڪ آهي پر آزاد خيال هندو يا غير هندوءَ کي قتل ڪرڻ ثواب آهي. ايتري قدر جو مهاتما گانڌيءَ کي قتل ڪرڻ بہ ڪان نہ رهيا.

اسلام دنيا ۾ اتحاد ۽ امن جو پيغام کڻي آيو جنهن جو پيغامبر رحمت العالمين هو جنهن کي جڏهن طائف ۾ اسلام جي تبليغ ڪندي، پٿر هڻي رت ڪڍيو ويو هو ۽ جڏهن سنڌس ساٿين انهن بي ادبن لاءِ بددعا گهرڻ جي تقاضا ڪئي تہ پاڻ فرمايائون تہ اسان دنيا ۾ ڏعا ڪرڻ لاءِ آيا آهيون نہ پٽڻ لاءِ. منهنجو درگاهالاهيءَ ۾ وري بہ عرض ٿيندو تہ هنن کي راھ هدايت نصيب ٿئي. اڄ ڪلھ انهيءَ مذهب جا ڪيترا پوئلڳ نفرت ڦهلائڻ، تشدد جي ڪاروايون ڪرڻ، برتري ۽ بزرگيءَ جي بنياد تي پاڻ کي بهتر چائڻ، هر ان ماڻهوءَ کي جو سنڌن مستقل مفاد جي خلاف هجي نقصان پهچائڻ کي ثواب ٿا سمجهن.

الدين رحه، حضرت سرمد شهيد، بلاشاهه، شاهه باهو، خواجه غلام فريد، حضرت غوث بهاوالحق سڀ وحدت الوجود جا حامي هئا. انهن کي سنڌ جي بزرگن جي درگاهن جي ميلن تي دعوت ڏئي گهرائڻ گهرجي ۽ انهن جي صوفيانه مجلس ۾ شريڪ ٿجي.

هنن مان جيڪڏهن ڪن جو رويو نفرت آميز ۽ متحڪمانه آهي ته پرواهه نه آهي پنهنجي خوداري قائم رکي، اسان:

" هو چون، تون م چئو ، واتان ورائي "

جي اُصول تي هلندي، وري گڏيل ڪلچر ۽ قوم بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا.

## سماجي دستور ۽ قاعدا:

اُهي حالتن، وقتي تقاضا، معاشري جي ضرورتن پٽاندڙ نهن ٿا. اهي اسان کي پنهنجي چونڊيل نمائندن ذريعي نهرائڻا پوندا. هر هڪ ڳالهه صاف ذهن ۾ وهارڻ گهرجي ته جتي به ۽ جو به ماڻهو انهن ڳالهين ۾ مذهب کي ٽپائي آڻي ته ان کان پاسو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اهو صرف ڌوڪو آهي. دنيا جي موجوده عالمگير مذهبن جا دستور ۽ قاعدا اڄ ڪلهه جي معاشري ۾ سندن اهميت ۽ ضرورت وڃائي ويٺا آهن. تنهن ڪري جيڪو اها ڳالهه ڪري ان سان رابطو نه رکڻ گهرجي.

## قومي ڪردار:

اها حقيقت آهي ته سنڌ جا رهاڪو گذريل هزارن ورهن جي تجربي ۽ روايات سبب قومي ڪردار قائم ڪري چڪا آهن جنهن کي هو قيمتي ورثو سمجهن ٿا، ان تي قائم رهڻ کي هو زندگيءَ جو مکيه فرض ڪري سمجهن ٿا. اها ڳالهه به ظاهر آهي ته جيئن اڪثريت ماڻهن جي علم کان بي بهره ، بزدل، خود مطلب، ابن الوقت ۽ قوم فروش ٿيئي ٿي، تنهن ڪري سموري قوم جي ڪردار کي انهن جي معيارَ تي شمار ڪرڻ غلطي ٿيندي. شبر ۽ باز ٿورا ٿيندا آهن ۽ انهن جو درجو ۽ ڏاڪو لومڙين ۽ ڪانگن تي هميشه قائم رهندو اچي.

جيتريقدر مون غور ڪري ڏٺو آهي سنڌي ڪلچر جا مکيه ڪردار هيٺيان آهن:

(١) حُب الوطني ۽ قوم پرستي.
(٢) پراپڪاري ۽ ايثار.
(٣) اهنسا.
(٤) رواداري ۽ بي تعصبي.
(٥) روايات جي حمايت ۽ غيرت.
(٦) آزاديءَ جي تمنا.
(٧) ڏاڍ جو مقابلو.

اهي ڳالهيون ڪهڙي طرح سنڌي ڪردار جو جُزو بنيل آهي، تنهن جو مثالن سان ذڪر ڪندس.

### حُب الوطني ۽ قوم پرستي:

حُب الوطني سنڌي ڪردار جو مکيه جزو آهي . جنهن ڪري ئي شاهه عبداللطيف ۽ ٻين سنڌي شاعرن مارئيءَ جي بيان ۾ ان جو نهايت عمده پيرائي ۾ ذڪر ڪيو آهي. سنڌ جا هندو جي ولايتن ۾ وڃي، پيسا ڪمائيندا هئا سي سنڌ ۾ آڻي ، ان جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ ڪتب آڻيندا هئا. هن وقت به ڪيترا هندو جي لڏي ٻين ملڪن ۾ وڃي ويٺا آهن، سي وطن جي سڪ ۾ روئي رهيا آهن . دودي سومري جو سنڌ جي آزادي ، ناموس ۽ روايات لاءِ ڪٽنبن سميت قربان ٿي وڃڻ ، دولهه درياخان جي ٻٽن سوڍي شهادت، شاهه بلاول جو گهاڻي ۾ پيڙجڻ ، وغيره ڳالهيون ثابت ڪن ٿيون ته حُب الوطني ۽ قوم پرستيءَ جو جذبو گهڻي وقت کان سنڌين جي ڪردار ۾ سمائجي ويو آهي. ڪجهه وقت اڳي بمبئي صوبي کان جدائيءَ جي تحريڪ لاءِ ڪوششون به انهيءَ ڳالهه کي تقويت پهچائين ٿيون.

هن وقت جيڪڏهن ڪثرت تعداد ۾ عام خاص طبقي جي ماڻهن ۾ قومي شعور جي گهٽتائي آهي ته ان لاءِ جوابداري نوجوان گروه تي آهي ته هو ٻين نظرياتي ڦندن کان آجو ٿي، عام خلص ۾ حُب الوطني ۽ قومپرستيءَ جو جذبو پيدا ڪري نه سگهيا آهن، ڪي شاعر ۽ اديب ان ڏس ۾ چڱو ڪم ڪري رهياآهن.

هيءَ ڳالهه صاف ذهن نشين ڪرڻ گهرجي، ته مذهبي تعصب ۽ حب الوطني يا قوم پرستي ٻئي هڪ ٻئي جو ضد آهن، ٻه گدرا هڪ مُٺ ۾ اچي نه سگهندا نه وري ٻه تلوارون هڪ مياڻ ۾ نهي سگهنديون .

### پراپڪاري ۽ ايثار:

سنڌي ڪردار جو قرباني ۽ ٻين جي نفعي جو خيال رکڻ به هڪ مُکيه گُڻ آهي.

مومل جو راڻي لاءِ راتيون وهائي، ڏينهن ڪرڻ ۽ آخر ۾ پاڻ قربان ڪرڻ، سهڻيءَ جو ميهار لاءِ اونداهين راتين ۾ درياه ۾ تري وڃڻ ۽ آخر انهيءَ راهه ۾ ٻُڏي مرڻ، مارئيءَ جو مارن لاءِ عمرڪوٽ جي بنگلن، محلن ، ست رچين طعامن، پٽ پٽيهرن جي پرواهه نه ڪرڻ، سسئيءَ جو پنهون لاءِ جهنگ جبل جهاڳڻ انهيءَ صفت جا جزا آهن.

ڪمانترازيءَ ۾ پاڻ کي مسڪين بنائي چڙڻ ، سامن لاءِ سر ڏيڻ ، سون تي سيڻ مٽڻ، اهي سڀ ڳالهيون ان جي گڏجي شهادت ڏين ٿيون .

ان حقيقت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي، ته ملڪ ۾ خود مطلب، بخيل، قوم فروش يا بي همت به گهڻا آهن. بلڪ ڪٿي چئجي ته انهن جي ڪثرت آهي ته صحيح ٿيندو. پر شاعرن، اديبن جو قربانيءَ جي صفت کي ساراهڻ ۽ تاريخ جا ڪيترا مثال ان ڳالهه جي دلالت ٿا ڪن ته اها صفت سنڌين ۾ عدم موجود نه آهي، صرف ان کي وڌائڻ

جي ضرورت آهي. زمين زرخيز آهي، صرف آبياريءَ جي ضرورت اٿس. اسان ڪي مٿاهين طبقي جي خود مطلبي، عوام جي غير اتفاقيءَ کان مايوس ٿيڻ نه گهرجي. ان ڏس ۾ صحيح تعليم، تربيت ۽ مثالن قائم ڪرڻ سان گهڻو ڪجهه ٿي سگهي ٿو.

## اهنسا - عدم تشدد :

سنڌي عام طور ڪم آزار، جهيڙي کي حتي الامڪان ٽارڻ جا عادي پيا رهيا آهن، ايتريقدر جو سنڌين مخالفن اهو نتيجو پيو ڪڍيو آهي، ته هو بزدل ۽ بي همت آهن. پر بنيادي طرح سيني سنڌين لاءِ اهو گمان ساڻن نا انصافي ٿيندي. اهو مدار رکي ٿو نقطي نگاهه تي، ته سنڌن اهڙي طبيعت کي شرافت ۽ امن پسندي چئجي يا بزدلي ۽ بي همتي.

ڪيترا ماڻهو واقعي بزدل ۽ بي همت به آهن، پر انهن جي آڌار تي ساري قوم بزدل سمجهڻ بي انصافي ٿيندي. تشدد جا حامي سنڌن جوانمردي ۽ عارضي ڪاميابين تي ڪٿي ڪيترو به فخر ڪن، پر ديرپا ۽ آخري ڪاميابي عدم تشدد ۾ ڇپيل آهي.

شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

صبر جنين سير، تير نه ڪسي تن جوا

پر اسان جي عالمن، اديبن ۽ ڪارڪنن کي ، اهنسا ۽ بزدليءَ ۾ تفاوت معلوم ڪرڻ ضروري آهي .

اهنسا ان کي چئجي، جو سرندي ٽري وڃجي، خواهمخواهجهيڙو نه ڪجي، اختلاف جو فيصلو باهمي سمجهوتي سان ڪرڻ کي ترجيح ڏجي.ناحق جو مقابلو اهنسائي طريقن سان ڪجي، ڏاڍي اڳيان سچ چوڻ جي جرئت رکجي.

بزدلي اها ڳالهه آهي جو ڏاڍي کي ناحق تي ڏسي ان جي خوشامد ۽ تابعداري ڪجي، شخصي يا گروهي نفع لاءِ مجموعي نفعي کي قربان ڪجي، سچ چوڻ کان ڇرڪجي، ملڪ، قوم جي ناموس آزاديءَ ۽ ترقيءَ جي راهه ۾ رڪاوٽون ڏسي خوف کان مقابلي ڪرڻ کان پاسو ڪجي. اهنسا ڪمزوريءَ جو نشان نه آهي بلڪ اعليٰ همت جو مظاهرو آهي. زندگيءَ ۾ آزادي، امن ۽ ترقيءَ لاءِ جدوجهد لازمي آهي، پر طريقي ڪار جو تفاوت آهي. هڪڙا تشدد کي طريقي ڪار بڻائين ٿا، ٻيا عدم تشدد (اهنسا ) کي . پهريون بدامنيءَ جو باعث بڻجي ٿو، ٻيو آخر ڪار امن آڻي ٿو.

## رواداري ۽ بي تعصبي:

رواداري ۽ بي تعصبي سنڌين جو مکيه اصول رهيو آهي.شاهه صاحب هندو راجائن ۽ سورهين جهڙوڪ سورٺ، راءِ ڏياچ، مومل ۽ راڻو، عمر ۽ مارئي، ليلا چنيسر، سسئي پنهون، وغيره جا قصا بيان ڪري، بي تعصبي جو پورو ثبوت ڏنو آهي.

ادارا کولڻ جي ضرورت آهي.

### ٣ - ڊراما:

ڪو وقت هو جو اسڪولن ۾ ڊراما ٿيندا هئا. شهرن ۾ ٿيٽر هوندا هئا. ڳوٺن ۾ ڀڳت، مسخرا انهيءَ فن کي زنده رکيو آيا. پر هاڻ سنڌ مان تفريحن اهو فن ختم ٿي چڪو آهي. سوسائٽيءَ جي اخلاقي درستي، تفريح، روح جي راحت ۽ ترتيب لاءِ ان فن جي نئين سر زنده ڪرڻ جي ضرورت آهي. سئنيمائون ان راهه ۾ ڪجھ ڪمي پوري ڪري رهيون آهن. ته ڪجھ ان فن کي ڌڪ هنيو اٿن. پر جيڪي ڪجھ ٿيو آهي، يا ٿئي پيو ان کي خاص مقصدن ۽ مرادن لاءِ سڌارڻ گهرجي. ان کانسواءِ اهي سڀ واندڪائيءَ جي وندر کان مٿي ڪو اعليٰ قومي مقصد حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏئي نه ٿا سگهن . نوجوان مردن ۽ زالن کي ان ۾ دلچسپي وٺڻ گهرجي، پر ان کي عياشي ۽ تفريح طبعي جي مقصد لاءِ ڪتب آڻڻ ڪري، قومي اخلاق سڌرڻ بدران بگڙندا. ان ڪري فلمن ۽ ٿيٽرن لاءِ اهل علم، صاحب اخلاق، سماج سڌارڪن کي هٿ ۾ ڪٽڻ گهرجي، نه ڪ اوباش ۽ آواره پيشه وارن ماڻهن کي.

### ۴ - رقص:

مولا مار وجهي ڪٽر مذهبي ماڻهن ۽ فحش ڪلاس رقاصن تي، جن ان نهايت اعليٰ فن جي عزت گهٽائي، مهٽي هاب ڪري ڇڏيو آهي. اڳي وقت ۾ عيدن جي موقعن تي سماع، قلندر جي درگاهه تي ڌمال، صوفي ۽ ڀڳتن جو ڇيريون پائي نچڻ، ڏونڪا ، جهمريون وغيره سڀ رقص جاقسم هئا. پر آهستي آهستي تي اهي سڀ ختم ٿيندا وڃن ٿا.

هندوستان جو ڪلڪتي، مانيپوري رقص، مغرب جا ڪيترا جدا رقصن جا طريقا ۽ مڪاني پراڻا لوڪ ڊانس (ڳوناٽا ناچ) سڌاري، وڌائي، گهڻو ڪجھ ڪري سگهجي ٿو. ان لاءِ به راڳ ۽ ساز سان گڏ ان جي تربيت تعليم ۽ ترقيءَ لاءِ اسڪول ۽ ادارا کولڻ گهرجن.

رقص وجد جي حالت آهي، جنهن ۾ جانور، پکي، ماڻهو موج ۾ اچي، خوشيءَ جي انتهائي درجي کي پهچن ٿا. اهل تصوف ۽ فيلسوفن ان کي آرٽ ۾ وڏو درجو ڏنو آهي. هنن جو چوڻ آهي ته زندگي خود هڪ وڏو رقص آهي. جنهن کي جيترو خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪبو اوترو سبحاني ٿيندي.

### ۵ - سٺو لباس-

خدا حَسين آهي، هو حُسن کي پسند ڪري ٿو. جانور ۽ ماڻهوءَ ۾ اهو تفاوت آهي ته هڪ اگهاڙو آهي، ٻيو لباس وارو. هر ملڪ ۽ قوم ۾ لباس جا قسم آب هوا، قديم روايات وغيره ڪري نرالا ٿين ٿا . جيئن معاشرو ترقي ڪندو وڃي ٿو ته لباس ۾ تبديلي ۽ ترقي لازمي آهي. سنڌ جو پرت، رليون ناهڻ ، غاليچا، اجرڪن، چر، ڪيسن

ناهڻ، لونگي، گربين، وغيره جو ڪم پنهنجو مٽ پاڻ آهن. سنڌ جي مردانه لباس ۾ سٿڻ، گوڏ، چولو، پهراڻ، قميص، انگوچو، پٽڪا، ٽوپيون، ٽوپ ۽ جتيون پنهنجي خصوصيت رکن ٿا.

اهڙيءَ طرح انهن جي لباس ۾ شلوارون چوڙين واريون، اُن ڪانسواءِ پتلونون، پَڙا، گهاگهرا، گگها چولا، گج، ڪنجريون ۽ مختلف زيور خاص خصوصيت رکن ٿا. وقت آيو آهي ته اسان انهن کي ترقي ونائي، جديد تقاضائن ۽ دستورن جي مقابلي ۾ پيش ڪريون. زنانن اسڪولن ۾ انهن جي تعليم ۽ تربيت ضروري آهي.

## ٦ - طعام:

سٺو، صحت بخش ، زود هضم ۽ عمدو طعام تهذيب جو مکيه جزو آهي. سنڌ جي عام ماڻهن جو کاڌو چانور، کير، مکڻ، ڏڌ، جور، باجهري ۽ ڪڻڪ جي ماني، مڇي، گوشت وغيره آهن. ميرن جي دور حڪومت ۾ خاندانن ۾ مغليائي، بلوچي ۽ سنڌي قسم جا طعام زيب دسترخوان هوندا هئا. هن وقت انگريزي طرز جو طعام پيو مروج ٿيندو وڃي پر اسان جا ماڻهو طعام جي نقطهٔ نگاهه کان گهٽو ٿي پوئتي پيل آهن ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسڪولن ۾ ڇوڪرين کي يا جدا طعام جي اسڪولن ۾ بورچين کي تعليم تربيت ڏئي، مغربي مشرقي قسم جي طعامن کي سکي، روزمره جي زندگيءَ جو حصو بنايو وڃي. ان ڏس ۾ باوجود خانگي ڪوشش جي حڪومت يا جماعت طرفان ڪابه خاطر خواهه ڪوشش ڪانه ڪئي ويئي آهي.

## ٧ - هنر:

سنڌ جا قديم دستڪاريءَ جا هنر چڱا ترقي يافته هئا، پر هاڻ آهستي آهستي ٿي انهن جي همت افزائي نه هئڻ ڪري گهٽبا وڃن. ڪاشيءَ جو ڪم، جنديءَ جون شيون، چمڙي جي دٻن ۾ ۽ ٻين شين تي نقاشيءَ جو هنر، دٻڪيون، وچٿا، چلمون، فراسيون، موڙا وغيره خاص طرح مشهور آهن. جن مان ڪي گهٽبا وڃن. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته نه رڳو اڳوڻن هنرن کي زنده ڪري، ترقي ونائي وڃي، پر نون دستڪاري ۽ مڪاني هنرن کي مروج ڪيو وڃي .

ان لاءِ ڪجهه سرڪار جي طرفان ڪوشش ٿي رهي آهي. ليڪن سماجي ڪارڪنن جو توجهه ان طرف هئڻ گهرجي. جيئن اسان جي ڳوناڻن ماڻهن جي گذر معاش جو واڌارو هڪ طرف ٿئي ۽ سنڌ جا هنر ٻئي طرف درست ٿين. پر تاريخ جي مطالعي مان ڪيئي اهڙا مثال مليا هئم، جن مان معلوم ٿيو ٿي ته جڏهن ڪن قومن ۽ ملڪن تي ٻاهرين حملي آورن جو سياسي تسلط قائم ٿيو هو. جن مڪاني قومن کي تباهه ڪرڻ ۾ ڪابه ڪوتاهي نه ڪئي هئي ته بعضي حالتن ۾ اهي ملڪ ۽ قومون انهن مشڪلاتن مان نڪري پار پيون هيون. بشرطيڪ انهن قومن پنهنجا ٻيا قومي ورثا زبان، ڪلچر، قومي ڪردار سلامت، رکيا هئا. اهڙين قومن جي وري زنده ٿيڻ جا مثال تاريخ مان ملي سگهيا ٿي. تنهن ڪري اسان جون حالتون هريرو نا اميديءَ جهڙيون نه هيون.

اُهو تاريخي واقعو آهي ته رومي سامراجين يونانين تي حملہ آور ٿي انهن جو

# سائين جي-ايم-سيد جون تحريرون
(ياڳو ڀڃريون)

②

# سنڌ جا سُورما

- پيش لفظ
- راجا ڏاهر بن راجا چچ.
- حاڪمِ سنڌ دودو بن خفيف سومرو.
- نواب دولھ دريا خان.
- مخدوم شاھ بلاول سمون عليه الرحمة.
- شاھ شهيد شاھ عنايت الله عليه الرحمة.
- نتيجو.

[١٩٦٧ع]

# پيش لفظ

جڏهن سادين ستن سالن جي قيد ۽ نظربنديءَ بعد مون کي پاڪستان سرڪار ٻاهر گهمڻ ڦرڻ جي اجازت ڏني تہ گهڻي غور ۽ فڪر بعد ملڪي سياست کان مون هيٺين سببن ڪري ڪناره ڪشي ڪري طريقت (ڪلچر) جي راهہ ۾ خدمت ڪرڻ جو ارادو ڪيو.

(۱) ملڪي حالات سياسي طرح اهڙي ڪڙيءَ تي بيٺل هئا جو انهن جي قائم رهندي سياست ذريعي ملڪ ۽ قوم جو ڀلو ڪري سگهڻ کان مجبور هئاسون.

(۲) گذشتہ چاليهن سالن جي سياسي زندگيءَ ۾ تجربي بعد معلوم ٿيو هو تہ:

(الف) عوام ۾قومي شعور پيدا ٿي نہ سگهيو هو. خواص ۾ خود مطلبي، قوم فروشي، نفاق، بزدلي ۽ فرض ناشناسيءَ جهڙيون عادتون گهر ڪري ويل هيون. سنڌ جي سياسي خودارادي ۽ اقتصادي ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽون پئجي ويون هيون. جي ظاهري طرح نہ آئيني طور، نہ غير آئيني طور دور ڪري سگهبيون ٿي. ڇاڪاڻ تہ اسان اقليت ۾ هئاسون. نہ اتحاد. نہ قومي شعور ۽ نہ همت هئيسون. ان ڪري سياسي خلفشارن کان ڪنارا ڪش ٿي عوام ۾ اصلاح نفس، قومي شعور، اخلاقي درستي، حب الوطني، ايثار ۽ پراپڪاريءَ جي پيدا ڪرڻ لاءِ بزم صوفيائي سنڌ جو بنياد وجهي ڪانفرنسون ڪوٺائي مذڪور بالا مقصدن لاءِ پرچار ڪرڻ شروع ڪيو سون.

ان جي پروگرام ۾ هڪ جزو اهو بہ هو تہ سنڌ جي گذريل قومي سورمن جي زندگيءَ جي قربانين جو احوال لکي نوجوانن کي سندن شاندار ماضيءَ جي ڪارنامن کان واقفيت لاءِ پيش ڪيو وڃي. ان ڪم جي سرانجاميءَ جو ڪم مختلف اصحاب تي رکيل هو. پر بزم صوفيائي سنڌ جي تعليم کي ملڪي امن امان لاءِ خطرناڪ سمجهي حڪومت طرفان مون تي ۷ جولاءِ ۱۹۶۷ع کان دوباره نظر بنديءَ جو حڪم جاري ڪيو ويو. ان ڪري هڪ جاءِ تي ويهڻ سبب مون کي وقت ملي ويو تہ ٻين ڪتابن سان گڏ هي ننڍڙو پمفليٽ سنڌ جي آزادي، آزاد خيالي، عزت ۽ ناموس لاءِ قربان ٿيندڙ پنجن شهيدن جي حياتيءَ تي لکي ناظرين جي خدمت ۾ پيش ڪريان.

"گر قبول افتد زهي عزو شرف"

غلامرتضيٰ

۲۲-۹-۱۹۶۷ع

# راجا ڏاهر بن راجا چَچ
## (برهمڻ گهراڻو سنڌ)

سورهيہ مرڻ سوڀ ڪي، تہ دل جا وهم وسار،
هڻ پالا، وڙهہ پاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
متان تيغ ترار، مار تہ متارو ٿئين.
(شاهہ)

سرزمين سنڌ دنيا جي قديم مهذب ۽ متمدن ملڪن مان هڪ آهي، ان دنيا جي عام دستور موجب گهڻا لاها چاڙها ڏٺا آهن. ان جي قديم عظمت جا نشان، آمري، ڪوٽ ڏيجي ۽ موهن جي دڙي جي يادگارن ۾اڄا تائين موجود آهن. ان تي ڪجهہ وقت ملڪي حاڪمن جي حڪومت پئي رهي آهي تہ ڪو وقت ڌارين جي قبضي هيٺ اچي ان کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا آهن. ان جي تاريخ جي پوريءَ طرح ڪوجنا نہ ٿي سگهي آهي پر نزديڪ سنڌي تسلط جو دور راءِ سهاسي ۽ چچ گهراڻي حڪومتن جو هو.

چچ گهراڻي کي برهمڻ حڪومت بہ سڏين ٿا. ان گهراڻي جو آخري حاڪم راجا ڏاهر چچ جو ننڍو فرزند هو. راجا چچ ٥٢ هہ مطابق ٦٧٢ع تي وفات ڪئي. ان بعد راجا چندر، سنڌ جو والي ٿيو. جنهن اٺ سال حڪومت هلائي. ٦٠هہ مطابق ٦٨٠ع تي وفات ڪئي. ان کان پوءِ راجا ڏاهر سنڌ جي حڪومت جي گاديءَ تي ويٺو، جنهن نهايت دانشمندي، همت ۽ خوش اسلوبيءَ سان ٣٢ سال حڪومت ڪئي. جنهن کان عرب بنو اميہ سامراج جي سپهہ سالار حجاج بن يوسف ثقفي جي نياڻي محمد بنُ قاسم حڪومت وٺي سنڌ تي ڌاريون تسلط قائم ڪيو.

راجاڏاهر حڪومت جي واڳ وٺندي هڪ سال اندر چؤطرف حڪومت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ قدم کنيا. سندس گاديءَ جو شهر الور هو. اتان هن پهرين ايرندي سنڌ ڏي برهمڻ آباد ۾ اچي سندس ڀاءُ ڏاهر سين کي مڪاني حڪومت سپردڪري پوءِ مڪران طرف روانو ٿيو، جتي مڪاني حاڪم سان لاڳاپا قائم ڪري موٽي الور آيو. اهڙيءَ طرح هن سندس پيءُ راجا چچ جي ڏينهن واري ساري سلطنت تي ملتان سوڌو تسلط قائم ڪري ورتو. سندس دؤر حڪومت ۾ سنڌ اندر مضبوط حڪومت قائم ٿي ۽ امن امان رهيو.

ان وقت عرب ۾ بني اُميہ گهراڻي جي حڪومت هئي، جن جي هڪ حاڪم يزيد بن معاويہ رسول صلعم جي ڏهٽي امام حسين عليہ السلام کي شهيد ڪرائي، ان جو

لاش گهوڙن کان چٿرائي، سنڌس سر مبارڪ نيزي تي چاڙهي مهينن تائين ملڪن ۾ گهمارايو هو. امام حسين عليه جي فرزند ۽ خاندان جي عورتن کي قيد ڪرائي دمشق گهرايو هو. انهيءَ گهراڻي عبدالله بن زبير کي حرم ڪعبه ۾ قتل ڪرايو هو. ازانسواءِ ڪيئي ظلم ڪيا هئا.

راجا ڏاهر جي ڏينهن ۾ انهيءَ گهراڻي جو حاڪم عبدالملڪ بن مروان عرب جو بادشاه هو. ان جو سپه سالار حجاج بن يوسف ثقفي وڏو ظالم، قاتل ۽ بي رحم هو جنهن اهل بيت رسول تي اڪيچار ظلم ڪيا هئا ۽ بيشمار مسلمانن جو سنڌس هٿان خون وهيو هو. انهن ڳالهين کان تاريخ دان بخوبي واقف آهن.

امام حسين عليه السلام جي شهادت کان پوءِ جي مڪاني رد عمل پيدا ٿيا تن کي سختيءَ سان دٻائڻ بعد جڏهن بني اميه گهراڻي جو تسلط ساري عرب تي ويهي ويو ته هنن سندن سامراج کي وڌائڻ لاءِ چؤطرف حملا ڪرائڻ شروع ڪري ڇڏيا.

عربستان جو گهڻو حصو ريگستاني آهي، اتي جا رهاڪو سواءِ ٻن مڪه شهرن مڪي ۽ مديني جي بدويانه زندگي گذاريندا هئا. ان ۾ رهندڙ قبيلا اڪثر پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئا. ان ڪري جنگجويانه ذهنيت سندن سرشت ۾ سمايل هئي. اتي جا رهاڪو گهڻو ڪري قديم قبيلائي مذهبن جا پوئلڳ هئا جن جي خدائيءَ جا بت ڪعبي ۾ رکيل هئا. پر ڪي منجهانئن ڪرستان ۽ يهودي هئا. ضرورت زندگيءَ لاءِ هو شام ۽ عراق سان قافلن ذريعي واپار ڪندا هئا.

رسول مقبول صلعم جي پيدا ٿيڻ کان اڳ به هنن مان روم ۽ ايران جي شهنشاهن طرفان جنگي لشڪر لاءِ ڀرتي ٿيندي هئي. هتي جي رهاڪن جو زياده تر گذران مال چارڻ تي هوندو هو. سندن زندگي اڪثر ڪري تنگ گذرندي هئي. رسول مقبول جي پيدا ٿيڻ تي هنن کي نئين مذهب جي نالي ۾ متحد ڪري هڪ مرڪزي حڪومت هيٺ منظم ڪيو ويو، جنهن ڪري هنن جي طاقت ۽ حوصلو وڌي ويو.

## حضرت رسول ڪريم جن جي رسالت جا به مقصد هئا:

هڪ ماڻهن جي ذهني تربيت، نفسياتي اصلاح ۽ اخلاقي درستيءَ جو هو.

ٻيو امن امان رکڻ، ملڪي نظام ۽ ماڻهن جي گذراني مسئلن جي حل ڪرڻ جو هو.

پيغمبر خدا جي موجودگيءَ ۾ ٻئي ڪم خوش اسلوبيءَ سان سرانجام ٿيندا رهيا. ان جي انتقال کانپوءِ سندن پوئلڳ ٻن راين ۾ ورهائجي ويا.

هڪڙن جو رايو هو ته مٿين ذڪر ڪيل ٻهرئين مقصد کي جو مذهب جو بنيادي متو هو ترجيح ڏني وڃي.

ٻين جي راءِ هئي ته عرب جا ماڻهو اڃا سندن بدويانه عادتون، قبيلائي اختلاف، پراڻا اعتقاد ۽ رسم ورواج پوريءَ طرح بدلائي نئين مذهب جي عقيدن ۽ دستور سان مانوس نه ٿي سگهيا هئا. تاريخ ۾ پهريون دفعو انهن ۾ اتحاد ۽ مرڪزيت قائم ٿي هئي. جنهن جي قائم ڪرڻ ۾ طاقت جي استعمال کي گهڻو دخل هو ان ڪري سڀ کان زياده

ڪيا تن کان مسلمان تہ هڪ طرف ليڪن شيطان بہ هوند شرمائجي وڃي.

ان لاءِ هڪ مثال ڪافي ٿيندو تہ هڪ دفعي جمعي نماز تي ڪوفي جي جامع مسجد ۾هزارها ماڻهو نمازپڙهڻ لاءِ آيل هئا جن ۾ حافظ قرآن، درويش، اهل بيت سڀ حاضر هئا. اتي خطبو ڏيندي حجاج بن يوسف ظاهر ڪيو تہ اڄ آءٌ فصل پڪل ڏسي لڻڻ چاهيان ٿو.ان کان پوءِ مسجد ۾قتل عام جو حڪم ڏنائين. جن ۾هزارها مسلمان قتل ڪيا ويا.

سندس انتقال وقت هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهن کي خراب حالت ۾ جيل ۾ڏنو ويو.

وڌيڪ ستم ظريفي اها هئي تہ بنان سبب ٻين ملڪن تي حملا ڪري ڦر لٽ مان مال هٿ ڪرڻ، آزاد ماڻهن کي غلام ۽ ٻانهيون بنائي انهن کي وڪرو ڪرڻ کي اسلام جو ڪارنامو ظاهر ڪيو ويو.

انهيءَ بادشاه جي ڏينهن ۾عربن جون جدا جدا فوجون ٽن طرف ملڪن جي فتح ڪرڻ لاءِ موڪليون ويون. هڪ فوج موسيٰ اشعري جي هٿ هيٺ مغرب طرف موڪلي وئي، جنهن اسپين تائين فتحون ڪيون. اتر طرف قتيبہ بن مسلم جي هٿ هيٺ فوجون موڪليون ويئون جن سمرقند ۽ بخارا تائين فتح ڪئي. اوڀرطرف حجاج بن يوسف پنهنجي نياڻي محمد بن قاسم جي هٿ هيٺ سنڌ فتح ڪرڻ لاءِ فوج موڪلي. ان کان اڳ بہ سنڌ تي فتح ڪرڻ لاءِ چوڏهن ناڪام حملا ڪيا ويا هئا.

جڏهن محمد بن قاسم جي فوج سنڌ فتح ڪرڻ آئي تہ راجا ڏاهر جي فوج نهايت جوانمرديءَ سان سنڌ جي حفاظت، ناموس ۽ عزت لاءِ جنگ لڙي پر جنگ ۾ راجا ڏاهر قتل ٿي ويو ۽ ملڪ تي عربن جو قبضو ٿي ويو. ان ۾ عربن کي ڪروڙها روپين جي ملڪيت هٿ آئي ۽ ڪئين هزار سنڌي مردن ۽عورتن کي غلام بنائي عرب ۾وڃي وڪرو ڪيائون.

هاڻ سوال اٿندو تہعربن جي ان فتح کي جائز ۽اسلامي فتح شمار ڪجي يا عرب بادشاهن جي سامراجي جذبي هيٺ غاصبانہ ۽ غير اسلامي ملڪ گيريءَ جي هوس سمجهيو وڃي. ان مسئلي کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ اسان مسلمانن جي ٻن جدا راين کي پيش ڪريون.

هڪ گروه جو چوڻ آهي تہ اسلام ماڻهن جي وچ ۾ مذهبن، نسلن، قومن ۽ رنگن جي نالي ۾ ڪڙي ڪيل ديوارن کي ڊاهي انسان ذات ۾ اتحاد، امن، فلاح ۽ بهبود پکيڙڻ لاءِ آيو هو. اهو دين فطرت هو جنهنجي ابتداءِ آفرينش کان سڀني پيغمبرن پيغام ڏنو هو. اهو نئون دين ڪونہ هو بلڪ ان مطابق سڀني مختلف مذهبن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت ٻمايل هئي. اهڙي تعليم جو فروغ صحيح سمجهاڻي، اخلاقي درستي ۽ نفسياتي اصلاح ذريعي تاليف قلوب، رواداري ۽ باهمي گفتگوءَ وسيلي ٿيڻ وارو هو. تشدد، نفرت، نفاق، خود طلبي ان جي راه ۾ رڪاوٽون هيون. دين جي معاملي ۾ زبردستي ناجائز هئي. پيغمبر خدا رحمت العالمين ٿي آيل هو. هو غلامن کي آزاد ڪرائڻ، ڦر لٽ بند ڪرائي، انصاف جو دور قائم ڪرڻ ۽ دنيا ۾ امن لاءِ آيل هو نہ انهن ڪمن کي مروج ڪرڻ لاءِ جي پوءِ ڪن ماڻهن اسلام جي نالي ۾

۴- هي عياش ۽ظالم هو.

اچو ته ان مان هر هڪ بهتان بابت تفتيش ڪري بحث ڪريون.

اهو هر هڪ گروهه جو پيشو رهيو آهي ته مفتوح ڌر کي بدنام ڪري سندن ناجائز ۽ بري فعل لاءِ جواز پيدا ڪن. تاريخ ۾ ڪيئي اهڙا مثال موجود آهن. تاريخ تي اڪثر قبضو فاتحن جي نمڪ خوارن جو رهيو آهي.

(۱) يونانين کي رومن بدنام ڪيو.

(۲) اڳين مذهب وارن کي عيسائين ۽ برهمڻ بدنام ڪيو.

(۳) چنگيز خان، تيمور لنگ، محمود غزنوي، اورنگزيب جهڙن ظالم حاڪمن کي سندن مداحن تاريخ ۾ ساراهي وڏا لقب ڏنا.

(۴) انگريزن هندستانين جي غلط تاريخ لکي انهن کي بدنام ڪيو ۽ پاڻ کي جاهلن ۽ پنتي پيلن جي سڌاري جو مشنري ٺهرايو. تنهنڪري اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي جيڪڏهن چئجي ته عرب تاريخ نويس راجا ڏاهر کي بدنام ڪرڻ لاءِاهي سڀ بهتان مٿس مڙهي محمد بن قاسم جي سياهه ڪارنامن کي ڍڪڻ لاءِ جواز پيدا ڪيو هجي.

(۱) هندو برهمڻ ڀيڻ ته ڇڏيو پر سؤٽ سان شادي ڪرڻ به ناجائز ٿا ڄاڻن. تنهنڪري ڀيڻ سان شاديءَ جو بهتان سراسر غلط معلوم ٿئي ٿو. ان لاءِ دليل اهو ڏنو وڃي ٿو ته هڪ نندي راجا کي سڱ نه ڏئي پاڻ وٽ ڀيڻ کي وهاري ڇڏيائين. اها ڳالهه هر ڪنهن کي معلوم آهي ته هندن ۾ ذات پات جا فرق هئا. ان ڪري جيڪڏهن هن ڪنهن ڪمذات يا گهٽ درجي جي ماڻهوءَ کي سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو هجي ته ان لاءِ ائين چئجي ته هن ڀيڻ سان شادي ڪرڻ خاطرائين ڪيو هو سراسر بدديانتي ۽ ڪوڙ آهي.

(۲) ٻي ڳالهه جا هن جي برخلاف هلائي وڃي ٿي سا اها آهي ته سيلون جي راجا کان عرب جي بادشاهه ڏي ڪي سوکڙيون ۽ تحفا وڃي رهيا هئا جيڪي هن ڦرائي، ماڻهن کي قيد ڪرايو هو. ان ڪري عيوضي وٺڻ لاءِ هي حملو ڪيو ويو. ان ڳالهه لاءِ به ڪو ثبوت نه آهي ته راجا ڏاهر اهو ڪم ڪرايو هو. انهن ڏينهن ۾ سامونڊي ڌاڙا زني عام هوندي هئي. ڪن دريائي ڌاڙيلن ائين ڪيو هجي ته ان ۾ شڪ نه ٿو ٿي سگهي. راجا ڏاهر جهڙي وڏي حاڪم کي اهڙي ڌاڙا زنيءَ مان ڪهڙو فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو. اهو حملي لاءِ بهانو بنائڻ سراسر ڏوکو ۽ بهتان آهي. تاريخ جي ڄاڻن کي پتو آهي ته عربن طرفان سنڌ جي فتح ڪرڻ لاءِ ان کان اڳ ۾ چوڏهن حملا ڪيا ويا هئا. انهن لاءِ ڪين ڪهڙو جواز هو. چا سمرقند، بخارا، موراڪو، اسپين طرفن جا حملا عيوضي وٺڻ لاءِ هئا؟ تاريخ جي صحيح حقيقتن کي لڪائي نٿو سگهجي. اها ڳالهه صاف ظاهر آهي ته عرب حڪمرانن طرفان ٻين سامراجي طاقتن وانگر ملڪن فتح ڪرڻ جي حوس ڪري اهي حملا ٿيا. جنهن ۾ ٻين سامراجي وانگر هنن به ڪڏا ڪم ڪيا جيڪڏهن رومن، منگولن، انگريزن، فرينچن جي سامراج کي غلط ۽ ظالمانه تسلط سڏيون ته ڪهڙي طرح ساڳيو ڪم عربن هٿان سرزد ٿيندي ان کي جائز ڄاڻون، نه صرف ايترو پر ان کي اسلام جو ڪارنامو شمار ڪريون. ڇا ان مان اسلام جي عزت وڌي ٿي يا

سيڪڙو حسين عليہ السلام جو يادگار مس ملهائيندا هوندا.

هن وقت جڏهن اسان تاريخ جي نهايت مُشڪل دور مان لنگهي رهيا آهيون. اسان جي سياسي آزادي ختم ڪئي وئي آهي جا اقتصادي حالت تي اثر انداز ٿيڻ کان رهي نہ سگهي آهي. اسان جي ڪلچر ۽ زبان تي وار ٿي رهيا آهن ان وقت اهڙي قسم جي سپوتن ۽ سورهين جا قصا ۽ ڪهاڻيون عوام تائين پهچائڻ ۽ سندن ياد تازي ڪرڻ، قومي غيرت، همت ۽ جذبہ آزاديءَ کي زنده ڪرڻ جي برابر آهي.

دودو سومرو ۽ ان جو قبيلو راجا ڏاهر کان پوءِ ٻيو سنڌي سورهيہ شهيد آهي، جنهن جي ڪارنامن تي سنڌين کي ناز ڪرڻ جو پورو حق آهي.

هن واقعي کان پوءِ بہ سومرن جي حڪومت ڪجھ وقت لاءِ رهي، پر ايترين قربانين سندن طاقت ڪمزور ڪري ڇڏي هئي. جنهن ڪري ٿوري وقت کان پوءِ انهيءَ قبيلي جي همبر نالي حاڪم کي سمن قتل ڪري حڪومت تي قبضو ڪيو. سما بہ سنڌ جا رهاڪو ۽ راجپوت نسل مان هئا.

●

# نواب (دولهہ) دريا خان عرف نواب مبارڪ خان

سومرن جي حڪومت ڪمزور ٿيڻ بعد انهن جي آخري حاڪم همير کي سمن قتل ڪري ان جي جاءِ تي سندن سردار اُنڙ پٽ ڀنيہ کي جام جو لقب ڏئي سنڌ جي گهٽي ڀاڳي تي حاڪم مقرر ڪيو. جيئن تہ سنڌ جي ڀنهي بهترين گهراڻن جي مستند تاريخ اجا تائين لکي ڪانہ ويئي آهي. ان ڪري انهن جي حڪومت جو مفصل احوال ميسر ٿي نہ سگهيو آهي. پر چچنامہ ۽ تاريخ تحفة الڪرام وغيره جي مختلف روايتن جي بنا تي ١٣٦٠ع کان پوءِ ان گهراڻي جي شروعات شمار ڪري سگهجي ٿي. جيڪا ١٥٢٠ع تائين هلي اٽڪل ١٦٠ورهيہ ڪن حڪومت ڪيائون. ان عرصي ۾ سنڌ جي ڪند ڪڙڇ ۾ انهيءَ قبيلي جي سردارن جو تسلط هو جي ننڍين رياستن وانگر اندروني طور آزاد هئا ليڪن سيئي سلامي وڏي حاڪم جام جي ڀريندا هئا.

اهو دور بہ سنڌ لاءِ امن امان، ترقي ۽ تمدن جو باعث رهيو آهي- انهن جي دور حڪومت ۾ ڪيئي وڏا ڳوٺ ٻڌا، علم پڪڙيو، هنر زور ورتو، قومي روايتون ۽دستور بہ قائم رهيا. سنڌ جي غيرت، روايت، حب الوطني ۽ آزاديءَ جي حفاظت لاءِ سومرن پاڻ ملهايو تہ سمن وري تهذيب ۽ تمدن کي زور وٺائڻ لاءِڪوشش ڪئي.

هن قبيلي ۾ بہ ڪيترا ئي نامور حاڪم پيدا ٿيا جن مان جام تماچيءَ جو نالو خاص مشهور آهي. جنهنجي ڪينجهر جي مهانيءَ، نوريءَ سان رومانس جي قصي کي شاهہ لطيف نهايت عمدي پيرايي ۾ بيان ڪري انهيءَ دور جي عمده تصوير ڪڍي آهي.

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ امن امان، آبادي ۽ هنر جي زور وٺڻ ڪري آسودگي اچي ويئي هئي. مدرسا بہ ڪليل هئا. هي حاڪم عالمن، شاعرن، ۽ راڳ جي مجلس ۽ شڪار لاءِ اڪثر ڪينجهر جي ڍنڍ تي تفريح لاءِ ويندو هو. جتي پُرلطف مجلسون ٿينديون هيون. عمديون ٻيڙيون ان جا رنگا رنگي سڙهہ ۽ ساز سامان مجلس جي رونق کي وڌائيندڙ هئا. ڪينجهر جو نظارو نهايت عمدو هو. شاهہ صاحب ان لاءِ فرمائي ٿو تہ:-

هيٺ جر، مٿي مجر، ڪنڌيءَ ڪونر ٽڙن،
ور ٿي واهوندن، ڪينجهر خستوري ٿئي.
(شاهہ)

اهڙيءَ طرح گهمندي هن جي نوريءَ نالي عورت تي نظر پئجي ويئي. هوءَ هتين

جا عالم ۽ ماڻهو ان تحريڪ جي طرف ڇڪجي ويا ۽ ان جي حلقہ اثر ۾ اچڻ لاءِ آماده ٿيا. سيد صاحب جڏهن ٺٽي ۾ ڄام نظام الدين عرف ڄام ننڊي وٽ آيو ۽ سندس تحريڪ جي مقاصد کان واقف ڪري کيس پنهنجي حلقہ اثر هيٺ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو تڏان وقت نواب دريا خان صحيح راءِ قائم ڪري ڄام صاحب کي هن جي حلقہ اثر ۾ اچڻ کان روڪي ميزبانيءَ جا فرائض ادا ڪري جلد بنان مطلب حاصل ڪرڻ جي کيس اجازت ڏيئي روانو ڪري ڇڏيو. ان مان نواب دريا خان جي قوم پرست خيالن ۽ سياسي تدبر جي پختگي معلوم ٿئي ٿي.جيتوڻيڪ ڄام صاحب جي دربار سان تعلق رکندڙ قاضي قاضن ۽ ٻيا هن جا معتقد بڻجي ويا.

هتي هيءَ ڳالهہ ڪرڻ ضروري آهي تہ نواب دريا خان کي ڄام صاحب طرفان ڳاهن جي پر ۾ موجود ٽلٽيءَ جي نزديڪ جاگير مليل هئي، جتي سندس فرزند رهندا هئا ۽ پاڻ بہ اڪثر اوڏاهين ويندڙ هو.

اتي جو مخدوم بلاول عليہ الرحمة سما خاندان مان هو، باغبان ۾ رهندو هو. نواب صاحب ان جو عقيدتمند ۽ صحبتي هو. تنهنڪري مخدوم صاحب جا سڀ خليفا خاص ڪري سيد حيدرعليہ الرحمة سن وارو نواب صاحب جا دوست ۽ واقفڪار هئا. خوش قسمتيءَ سان مخدوم صاحب ۽ سندس حلقہ اثر جا درويش بہ نواب صاحب جا هم خيال هئا. اهو پتو مشڪل آهي تہ اهڙا خيال نواب صاحب جي اثر ڪري ٿين درويشن تي پيا هئا يا انهن جي صحبت نواب صاحب کي انهيءَ خيال جو بڻايو هو.

سيد محمد ميران شاهہ ڄام صاحب کان رخصت ياب ٿي ٻيڙين جي قافلي ذريعي درياهہ رستي سنڌ ۾ سندس تبليغ ڪندو سکر طرف افغانستان ڏي وڃڻ لاءِ روانو ٿيو. مخدوم بلاول عليہ، سيد عبدالرزاق لڪياري ۽ نواب صاحب اُن تحريڪ کي ملڪي ساليت ۽ قوم پرستي جي اصولن خلاف سمجهي مشورو ڪري سيد حيدر عليہ سن واري هٿان سيد ميران محمد شاهہ جي ٻيڙين جي قافلي کي ٻوڙائي ڇڏيو. جنهنڪري سيد صاحب سندس تحريڪ لاءِ حالتون ناسازگار ڏسي سنڌ ۾ وڌيڪ تبليغ بند ڪري سڌو خشڪيءَ رستي افغانستان هليو ويو. ان جو وڌيڪ احوال مخدوم صاحب جي زندگيءَ ۾ ڏنو ويندو.

سنڌ جي بدقسمتيءَ سان ڄام نظام الدين صاحب ۹۱۴ھ مطابق ۱۵۰۸ع تي وفات ڪئي. سندس وفات مهل ڄام صاحب نواب صاحب کي سندس پٽ جي پارت ڪئي.

اُن کان پوءِ ڄام فيروز ۽ ڄام صلاح الدين ڄام سنجر جي پوٽي جي وچ ۾ گاديءَ تان تڪرار ٿي پيو. جنهن ۾نواب دريا خان جي مدد سان ڄام فيروز ڪامياب ٿيو. جنهن تي ڄام صلاح الدين گجرات طرف سندس ناني سلطان مظفر وٽ رهڻ لڳو.

ڄام فيروز نوجوان هو، گهڻو وقت راڳ روپ ٻڌڻ، ڇوڪرين جي ناچ ڏسڻ، مسخرن جي صحبت ۽ ٻين اهڙي قسم جي عياشيءَ جي ڪمن ۾ گذاريندو هو.

حڪومت جو ڪاروبار سمورو نواب دريا خان جي هٿان وڃي پيو . پيدائش جي زياده ٿيڻ ڪري شاهي خاندان جا فرد ۽ دربار سان لاڳاپي وارا ماڻهو فضول خرچ ۽ ڇڙواڳ ٿي ويا هئا. جن جي ڪارگذارين تي نواب صاحب کي سختي ڪرڻي پئي. اُن

تي ڄام صاحب ۽ نواب صاحب جي وچ ۾ شڪرنجي تي پئي. تنهنڪري وزارت مان استيفعا ڏيئي اچي سندس جاگير ڳاهن ۾ رهڻ لڳو. ان کان پوءِ ڄام فيروز جي رنگ رلين تي نظر ڪرڻ وارو ڪو ڪو نه بچيو. ڄام فيروز ان تي اکتفا نه ڪئي پر نواب دريا خان جي طاقت ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪيترا ارغون ۽ ٻين ٻاهرين ماڻهن کي نوڪريءَ ۾ رکيو. ڄام فيروز هڪ خاص محلو انهن جي رهڻ لاءِ مقرر ڪيو جو مغل واڙو سڏجڻ ۾ ايندو هو.

انهن حالتن کي ڏسي انهن مغلن مان مير قاسم ڪيڪ شاه بيگ ارغون کي لکي موڪليو ته ڄام جي حڪومت ڪمزور ٿي وئي آهي. ڄام صاحب پنهنجي عياشين ۾ مشغول آهي. نواب دريا خان هن کان جدا ٿي ويو آهي، ميدان خالي اٿئي، موقعي مان فائدو وٺڻ گهرجي.ان تي شاه بيگ ارغون وري سنڌ تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. پهرين سکر پوءِ سيوهڻ فتح ڪيا. آخر ۾ ٺٽي تي ڪاهي ويو. تڏهن ڄام جي اک کلي هن نواب درياخان کي گهرائي ورتو. حالتون خراب ٿي چڪيون هيون. باوجود ان جي نواب صاحب آخر دم تائين سنڌ جي آزادي، ناموس ۽ عزت خاطر لڙندو رهيو ۽ شهيد ٿيو. لڙائي هلندي ڄام فيروز ڀڄي وڃي پير پٺي طرف لڪو جتان آخر شاه بيگ کي رحم جي درخداست ڪري معافي وٺي صلح جا شرط قبولي ارغونن جي تابع ٿي هڪ محدود ٽڪري تي رهڻ لاءِ رضامند ٿيو.

نواب صاحب سنڌ جي آزادي خاطر سر ڏيندڙ، سورمن، مدبرن ۽ صحيح رايا رکندڙ محب وطنن ۾ مکيه هو. تنهنڪري ان کي سنڌ لاءِ شهيد ٿيندڙن ۾ نمبر نمبر شمار ڪريون ٿا.

ان جي مزار سندس مربي ڄام نظام الدين جي الهندي طرف مڪلي ٽڪريءَ تي آهي.

سنڌ جومشهور مؤرخ سيد پير حسام الدين راشدي مڪلي نامي ۾ سندس لاءِ هيٺين خيالن جو اظهار ڪري ٿو: "نواب دريا خان ابتدا ۾لاوارث ڇوڪرو هو. بادشاه منجهس ڪارڪردگيءَ جا جوهر ڏسي پاڻ وٽ آڻي اعليٰ تربيت ۽ تعليم ڏيئي معمولي ملازم جي درجي تان مٿي چاڙهي ڪيس وزير اعظم جي درجي تي آندو..سنڌ جي فوجن جي سپه سالاري به سندس سپرد ڪئي. مبارڪ خان، خان اعظم جا خاص خطاب ڏيئي سندس مرتبو بلند ڪري آخر پنهنجي فرزنديءَ جي لقب سان سرفراز ڪري عروج ۽ اقبال جي آخر منزل تي پهچايو.

مردم شناس سلطان جي منتخب ڪيل ماڻهو، سندس ڪارڪردگيءَ سبب بادشاه جي زندگيءَ ۾ نمڪ حلالي ۽ جفاڪشي ڪندي سموري سلطنت جو ڳاٽ اوچو رکيو. بلڪ سندس وفاتيءَ کان بعد به اهو اڪيلو امير هو جنهن سنڌ جي آزاديءَ لاءِ مسلسل جدوجهد جاري رکي، پنهنجي جيئري مغلن کي ٺٽي ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو. اول ۾ دره بولان خان وٽ پهچي کين شرمناڪ شڪست ڏيئي پٺتي هٽايو. آخر ۾ ٺٽي جي ڇانئڻ وٽ لڙندي وڙهندي تير ۽ تلوارون هڻندي ۽ کائيندي پنهنجو سرصدقو ڪري ڇڏيو.

ان کان پوءِ "خرابي سنڌ" جو باب کلي پيو. جنهن نه صرف ٺٽي بلڪ ساري سنڌ

لاءِ غيرن جي غلاميءَ جو رستو هموار ۽ صاف ڪري ڇڏيو. اهو واقعو ٩٢٦ھ مطابق ١٤٢٠ع تي سرزد ٿيو".

ان ڪان پوءِ سنڌ ١١٣١ھ مطابق ١٧١٩ع تائين غيرن جي غلاميءَ هيٺ رهي. جنهن کي ميان نور محمد صاحب ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ متي ڪنهڻ لاءِ فرصت ملي. پر سندس ڏينهن ۾ نادر شاهه جي ڪاهه وري سنڌي حڪومت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو.

حق تہ اهو آهي تہ ههڙي بهادر، سرويچ،مدبر، شهيد سنڌ جون سال بسال ورسيون ملهائي يادگار قائم ڪريون پر جنهن صورت ۾سنڌ وري غيرن جي غلاميءَ هيٺ وڃي چڪي آهي ۽ هر غلامي قومي غيرت، حميت، جذبہ آزادي، ڪمزور ڪري ڇڏي ٿي. تنهنڪري نوجوانن جي ايمان تازي ڪرڻ لاءِ سندس حياتيءَ جو احوال لکي پيش ڪريان ٿو.

بنا ڪردند خوش رسمي، بخون و خاڪ غلطيدن،
خدا رحمت ڪند اين، عاشقان پاڪ طينت را.

معنيٰ: "خدا رحمت ڪري انهن پاڪ صفت عاشقن تي جن پنهنجا رت هاري سندن بهادري ۽ قربانيءَ جا مثال قائم ڪري ڇڏيا آهن.

وري پير حسام الدين شاهه مڪلي نامہ ۾ لکي ٿو:

"نواب دريا خان سنڌ کي هر لحاظ سان مضبوط ۽ محڪم ڪيو. ان جي فوجي، سياسي، سماجي ۽ اقتصادي صورتحال کي اهڙيءَ ڪڙيءَ تي بيهاريو جو مورخن جو متفقہ قول آهي تہ اهڙو زمانو سنڌ نہ پهرين ڏٺو نہ پوءِ. انهيءَ ۾ تعميري، رفاهي صلاحيتن سان گڏ منجهس آزادي ۽ وطن پرستي جو جيڪو رنگ هو اهو سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيس هميشہ زنده ۽ پاينده رکندو. سر جا سانگا لاهي وطن کي ڌارين جي قبضي کان آزاد رکڻ لاءِ هن جيڪا جدوجهد ڪئي اُها سنڌ وطن جي تاريخ ۾ مثالي آهي.

سندس سمورو خاندان انهيءَ رنگ ۾ رتل هو. سندس سڀئي عزيز دوست آزاديءَ جا جري جوان ۽ بهادر هئا. علاوَ الدين منجهان عالم نڪتو. محمود خان ۽ موٺڻ خان سپاهي مرد هئا. پڇاڙيءَ سوڌو ارغونن سان خوب وڙهيا. سارنگ خان چوٿون نمبر فرزند هوس جو بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو".

(مڪلي نامہ- پير حسام الدين راشدي)

●

# سائين جي-ايم-سيد جون تحريرون
(ياڳو ڀاڱو پهريون)

③

# جديد عالمي سياست

- پيش لفظ
- پئن اسلامزم، نئشنلزم، ڪميونزم، فاشزم، جمهوريت.
- اوائلي تشريح.
- جرمني-هٽلر، جنرل گوئرنگ، ڊاڪٽر گوبلس
  ڊاڪٽر شافٽ.
- اٽلي- مسوليني.
- انگلنڊ- سر ونسٽن چرچل،
  سوويٽ يونين جوزف اسٽالن.
- فرانس- ڊاڊلئر.
- اسپين- جنرل فرئنڪو.
- چين- چيانگ ڪائي شيڪ، مائوزي تنگ.
- جنگ جو احوال.
- نتيجا- جرمني لاءِ، جپان لاءِ، دنيا لاءِ.

[۱۹۷۴ع]

# پيش لفظ

قديم زماني کان دنيا جو اهو دستور رهيو آهي تہ مختلف ملڪن جي رهاڪن جا ، رسم رواج ۽ ڪلچر، مذهبي عقيدن ۽ ملڪي مسئلن وغيره جي دائرن ۾ هڪ ٻين تي اثر پيئي پيا آهن. اهي اثر ، ٻهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ هيٺين سببن ڪري پاڻ وڌيڪ تيز ۽ گهڻا پوڻ لڳا ، ۽ تقريبا ساري دنيا انهيءَ عمل جي دائري ۾ اچي ويئي:

(١) ريل گاڏين، هوائي جهازن ، تارن ، ريڊين ، اخبارن ۽ ڪتابن مفاصلن کي گهٽائي ڇڏيو، ۽ جداجدا ملڪن جي رسم رواج ، مذهبي عقيدن . ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي نظرين جي باهمي ڏي وٺ لاءِ ترت وسيلن جو ڪم ڏنو .

(٢) مغربي ملڪ، جديد علم ۽ سائنسي معلومات ، هنري ترقي ۽ جديد هٿيارن جي زور تي، گهڻن ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪن تي قابض ٿي، اتي پنهنجا سامراج قائم ڪري چڪا هئا، ۽ انهن ملڪن کي پنهنجن استحصالي مفادن لاءِ ڪتب آڻي رهيا هئا. ان سلسلي ۾ پنهنجن محڪوم ملڪن ۽ سماجن کي جديد علمن ۽ ڪاريگرين سان روشناس ڪري رهيا هئا ۽ انهن کي پنهنجي پنهنجي ڪلچر جي رنگ ۾ رڱي رهيا هئا ۽ موٽ ۾ پاڻ بہ انهن جي ڪلچري وجود کان متاثر ٿي رهيا هئا.

مغربي دنيا جي هنن سامراجن جو، اڳتي هلي، استحصالي موقعن ۽ "حقن" جي ڳالهين تان پاڻ ۾ تصادم ٿيو،جنهن نيٺ دنيا کي ٻهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ آڙائي ڇڏيو. هن خونخوار لڙائي ۾ هڪ طرف جرمني، هئبسرگ ۽ ترڪ شهنشاهتن حصو ورتو ، تہ ٻئي طرف انگلنڊ، فرانس ۽ روس مکيہ ملڪن طور شامل ٿيا ، جن سان آخر ۾ آمريڪا بہ اچي شريڪ ٿيو ٻهرين ڌر کي محوري ملڪ (Axis Countries) ۽ ٻي ڌر کي اتحادي ملڪ (Allied Countries) جي نالي سان سڏيو ويو.

ايشيا ۽ آفريڪا ۾ اتحادين جي ماتحت گهڻا ملڪ هئا، تنهنڪري انهن ملڪن جي ماڻهن کي بہ جنگ ۾ گهليو ويو ۽ اتي جي پيسي ۽ خام مال کي بہ جنگي مقصدن لاءِ ڪتب آندو ويو . جنگ جي وقت اتحادين طرفان پنهنجن محڪوم ملڪن سان گهڻا وعدا ڪيا ويا، انهن تي ظاهر ڪيو ويو تہ اها جنگ ڪمزور قومن جي آزاديءَ لاءِ لڙي پئي ويئي. انهن وعدن ۽ اعلانن جي آڌار تي ماتحت ملڪن بہ جنگ ۾ پنهنجن حاڪم ملڪن جي مدد ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو.

هيءَ جنگ ١٩١٤ع ۾ شروع ٿي ۽ ١٩١٨ع تائين هلي. هندوستان جنهن صورت ۾ انگريزن جي ماتحت هو ، ان ڪري ان کي بہ هن جنگ ۾ گهليو ويو . هتي جو پيسو جنگ تي خرچ ڪيو ويو . هتي جا سپاهي يورپ ۾ جنگ لاءِ موڪليا ويا، جن يورپين سپاهين سان گڏجي لڙائيءَ ۾ حصو ورتو، ۽ اتي جي عادتن، رسمن ۽ رواجن ، ان

ان پهرين مهاڀاري لڙائي مان هيٺيان نتيجا نڪتا:

(١) دنيا جون ڪي وڏيون شهنشاهتون، مثلا جرمني ، روس ۽ ترڪيءَ واريون ، ختم ٿي ويون.

(٢) دنيا ۾ ، مذهبي جنگين ڪانسواءِ ، هي پهريون پيرو هو، جو حڪومتن طرفان جنگ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪن اصولن جي بنياد تي ماڻهن کي اپيل ڪرڻ جو رواج پيو.

(٣)روس ۾ هڪ نئين حڪومت نظرياتي بنيادن تي سوويت يونين جي نالي سان وجود ۾ آئي، جنهن پنهنجي طاقت کي اشتراڪي نظريي جي بنياد تي وڏن پروگرامن جي تڪميل لاءِ مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو .

(۴) جنگ پوري ٿيڻ تي هيٺيان پنج مکيه عهدناما ٿيا، جن جي ڪري شڪست کاڌل ملڪ نقصان هيٺ آيا، ۽ انهن ۾ ناراضگي پيدا ٿي پيئي، جا اڳتي هلي ٻي عالمگير جنگ جو باعث بڻي:

١. ورسيلز جو عهدنامو.
٢. سينٽ جرمين جو عهدنامو.
٣ . نيولي جو عهدنامو.
۴ . سيورس جو عهدنامو.
۵. ٽرينان جو عهدنامو.

اهي عهدناما ڪهڙا هئا ، انهن جو ذڪر طوالت جو باعث سمجهي ، هتي نٿو ڏيان. (انهن جو تفصيلي احوال منهنجي ڪتاب ”پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني“ مان ملي سگهندو) پر انهن بابت هتي ايترو بڌائڻ مناسب ٿيندو ته اهو انهن عهدنامن جو ئي نتيجو هو، جو فقط ٢٢ سالن جي قليل عرصي کان پوءِ دنيا کي ٻي موتمار عالمگير جنگ جي مصيبت کي منهن ڏيڻو پيو، جنهن جي اثرن کان اڄ تائين دنيا جون قومون پوري طرح آجيون ٿي نه سگهيون آهن.

پهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ هيٺين پنجن نظرين جو اثر دنيا تي پيو :

١ . پئن - اسلامزم
٢ . نئشلزم ،
٣ . ڪميونزم
۴ . فاشزم ۽
۵ . جمهوريت (ڊيموڪريسي).

مٿي ذڪر ڪيل نظرين جي تشريح هيٺ ڏجي ٿي :

## ١ . پئن - اسلامزم

پئن اسلامزم خلافت جو بدليل نالو آهي. مذهب کي سياست سان گڏي هلائڻ لاءِ مسلمانن خلافت جو ادارو قائم ڪيو هو، جو ڪجهه وقت کان پوءِ پنهنجي افاديت وڃائي ويٺو. ان ڪري پهريان ٽي خليفا شهيد ٿيا. امام حسين عليه سلام، رسول اڪرم

جو ڏهنو شهيد ٿيو . ڪجهه عرصو انهيءَ اداري تي بني اميه گهراڻي جو تسلط رهيو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ انهي گهراڻي کي زوريءَ ٻاهر ڪڍي ، ان تي بني عباس قبيلي قبضو ڪيو ، جن بني اميه خاندان جي قبرن جا نشان به مٽائي ڇڏيا. ڪجهه وقت تائين اهو ادارو بني عباس خاندان جي ماتحت هليو. جن کي اندروني سازش جي اشاري تي منگولن اچي ختم ڪيو . ان ڪانپوءِ ڪجهه وقت لاءِ اهو ادارو بني فاطمين جي هٿ ۾ رهيو . جتان تبديل ٿيندي ، آخر ترڪن جي حوالي ٿيو.

ان سموري عرصي ۾ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڪيترن مسلمان قبيلن جون الڳ الڳ حڪومتون قائم ٿي ويون هيون، جن جو ان خلافت جي اداري سان ڪو خاص تعلق ڪونه هو ، ترڪستان ۾ ترڪن جي مغل شاخ سلطان تيمور جي هٿ هيٺ شهنشاهي قائم ٿي. هندوستان ۾ ٻابر شاهه مغل سامراج جو پايو وڌو. قسطنطنيه ۾ ترڪ شهنشاهي قائم ٿي، جنهن خلافت جي اداري کي پنهنجي هٿ هيٺ آندو. پر اهي سڀ شهنشاهتون آزاد ۽ خودمختيار هيون. ڪاب انهن مان ڪنهن جي ماتحت نه هئي .

بهرحال، جيستائين ترڪ طاقتور هئا، خلافت کي هلائيندا رهيا ، انهن جي ڪمزور ٿيڻ بعد ، انگريزن، ڪن مصلحتن جي خيال ڪان ، سيد جمال الدين افغانيءَ معرفت، سڀني مسلمان حڪومتن کي متحد ڪرڻ جي دعويٰ جي بنياد تي پئن اسلامزم تحريڪ هلائي .

ان مان هڪڙو سندن مقصد هيءُ هو ته روس ، فرانس ۽ جرمنيءَ جي طاقتن کي مشرق طرف وڌڻ کي روڪڻ لاءِ ترڪ سلطنت کي مضبوط ڪيو وڃي . ليڪن پهرين مهاڀاري لڙائيءَ وقت، چاڪاڻ ته انگريز پنهنجين مصلحتن ڪري فرانس ۽ روس سان شامل هئا. جي وري ترڪ سلطنت جا مخالف پئي رهيا هئا ، انهيءَ ڪري ترڪن وڃي جرمنيءَ جي طرف جنگ ۾ شرڪت ڪئي.

ان تي انگريزن وري پنهنجي پاليسي بدلائي، ترڪيءَ جي ماتحت ملڪن، عراق، شام، عرب، مصر وغيره کي ، عرب قومپرستي ( نئشلزم ) جي بنياد تي ، ترڪن جي خلاف اڀارڻ جي ڪوشش ڪئي. هوڏانهن پئن اسلامزم جي تحريڪ ڪانپوءِ ترڪن جي هڪ گروهه ، جنهن جي اڳواڻي جنرل انور پاشا ٿي ڪئي، کي يقين ويٺل هو ته جنهن وقت خليفي شيخ السلام ۽ ٻين عالمن جي جهاد جي فتوا تي مسلمانن کي 'اتحادين' خلاف لڙڻ لاءِ سڏ ڪيو . ته هو سمورا ترڪن جو طرف وٺي بيهندا . پر ان ۾ ان گروهه کي سخت مايوسي ٿي . عملي طور اها ڳالهه غلط ثابت ٿي . اقتدار جي ميدان ۾ سياستدانن طرفان مذهب جي بيجا استعمال سبب مذهب جو سياسي معاملن ۾ اثر گهٽ ٿي ويو هو. ۽ ٻيو ته عرب ملڪ، ڪجهه آزاديءَ جي خيال ڪان ۽ ڪجهه انگريزن جي پيسي ڪري ، ترڪن جا مخالف بنجي پيا هئا .

هندوستان جي مولانامحمودالحسن ديوبنديءَ، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولاناشوڪت علي ۽ محمدعلي ، مولاناظفرعلي خان ۽ ٻين ، جيڪي پئن اسلامزم جا حامي هئا، گهڻو ڪجهه شور مچايو ، پر انگريزن هنن کي نظربند ڪري ، پنجاب ۽ يوپيءَ جي عليگڙهه جي مڪتب فڪر جي ماڻهن معرفت لشڪر ڪٺو ڪرائي ، ترڪن خلاف، عراق، شام ۽ حجاز ڏانهن موڪليو، ۽ آخر ترڪن کي جنگ ۾ شڪست ڏياري .

آهي ماڻهو، جي اڄ پنهنجن گروهي مفادن لاءِ هن وقت پاڪستان ۾ اسلامي ملڪن جي اتحاد جو راڳ آلاپين ٿا، تن جي وڏن، انهن انگريزن جي اشاري تي ۽ انهن جا اوزار بنجي ، مڪي معظم، بغداد ۽ شام تي گوليون هلائي ، ترڪ خليفي جي لشڪر کي مارڻ کان گريز نه ڪيو هو.

آخر ڪار جڏهن ترڪيءَ کي شڪست آئي، ۽ سندن ملڪ ورهائجي ويو، تڏهن باقي رهيل ترڪن خلافت جي اداري کي ختم ڪري ، مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ جي هٿ هيٺ ، ترڪ نئشنلزم جي آڌار تي ، پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي. پئن اسلامزم جو نظريو ائين سندس حامي انور پاشا سان گڏ ترڪستان جي هڪ ننڍڙيءَ تي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ دفن ٿي ويو.

هاڻي، ڪي ماڻهو تاريخ جي فيصلي خلاف وري ان ڪم کان ويل پئن اسلامزم کي قبر مان ڪوڙي جيارڻ گهرن ٿا. پر ان مان اڄ فائدي جي عيوض نقصان جو ئي انديشو ٿي سگهي ٿو. ”آزمائي کي وري آزمائڻ“ مان جو ڪجهه پلئه پئجي سگهي ٿو، سو ظاهر آهي.

## ٢. نئشنلزم

هن نظرئي جو بنياد هن ڳالهه تي آهي ته ” هر قوم کي، حق خوداراديءَ جي اصول تي، پنهنجي سياسي مستقبل بابت فيصلي ڪرڻ جو حق آهي، ۽ انهيءَ طريقي مطابق هر قوم پنهنجي آزاد ۽ جداگانه حڪومت بنائڻ جو اختيار رکي ٿي.“

هن وقت قوميت جا دنيا ۾ تسليم ڪيل بنياد هيٺيان شمار ڪيا وڃن ٿا:

(١) جاگرافيائي حدن جو وطن،
(٢) زبان،
(٣) ڪلچر،
(۴) قومي ڪردار، ۽
(۵) سياسي ۽ اقتصادي مفاد.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ڪانپوءِ، شڪست کاڌل شهنشاهتن جي وسيع ايراضين کي ، انهن اصولن جي بنياد تي ٽوڙي ، نيون قومي حڪومتون بنايون ويون هيون. ’ليگ آف نيشنلزم‘ ۾ انهن ئي بنيادن تي برپا ڪيل قومي حڪومتن کي نمائندگي ڏني وئي هئي. جهڙوڪ: يوگوسلوويا، زيڪوسلوويڪيا، هنگري، البانيا، گريس(يونان)، بلگيريا، رومانيا، پولينڊ، لٽويا، لٿانيا، آئرلينڊ، وغيره، جداجدا قومن جي صورت اختيار ڪئي. انهن ملڪن کي جدا قومي حڪومتن ڏيارڻ ۾ اتحادين جو گهڻي قدر هٿ هو.
ليڪن انهن ساڳين اتحادي بادشاهتن سندن پنهنجي اقتدار هيٺ رهندڙ ايشيا ۽ آفريڪا کنڊ جي قومن کي ، مختلف بهانن جي آڌار تي، آزادي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. جنهن تي انهن کنڊن جي رهاڪو قومن ۾ آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد شروع ٿي وئي. انهن قومن جي جدوجهد جو مختصر احوال مون پنهنجي ڪتاب

"پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" ۾ ڏنو آهي. هتي زير بحث موضوع سان ان جي سڌي واسطي نه هئڻ سبب ۽ طوالت کان بچڻ جي خيال کان فقط هر هڪ ملڪ ۽ ان جي مکيه ليڊر جي نالي کي پيش ڪرڻ ڪافي ٿو سمجهان، جن پنهنجي پنهنجي ملڪ جي آزاديءَ لاءِ نمايان ڪردار ادا ڪيو هو :

(١) موراڪو ۾ غازي عبدالڪريم جي اڳواڻيءَ هيٺ هلچل هلي.

(٢) لبيا ۾ شيخ ادريس سنوسيءَ آزاديءَ جو جهنڊو کنيو.

(٣) الجيريا ۾ قومپرستن ۽ جميعت العلماءِ آزاديءَ لاءِ ڪوشش ورتي.

(٤) مصر ۾ سعد زغلول پاشا جي هٿ هيٺ قومپرست تحريڪ زور ورتو.

(٥) ترڪيءَ ۾ مصطفيٰ ڪمال خلافت کي ختم ڪري، انگريزن ۽ يونانين جي خلاف وڙهي، پنهنجي ملڪ لاءِ آزادي حاصل ڪئي.

(٦) شام(سريا) ۾ دروس قبيلي بغاوت ڪئي، جنهن ڪري فرينچ سامراج ان کي آزادي ڏني.

(٧) فلسطين ۾ ٢٠ نومبر ١٩١٧ع تي لارڊ بالفور اعلان ڪري، ان کي يهودين جو وطن قرار ڏيئي، اتي يهودين جو قبضو قائم ڪرايو.

(٨) اردن(جاردان) کي انگريزن فلسطين کان علحده ڪري ، امير عبدالله کي ٢٦ مئي ١٩٢٣ع تي بادشاهه بڻايو.

(٩) عراق: ١٠جنوري ١٩١٩ع تي، انگريزن هندوستاني لشڪر سان، جن ۾ پنجابي مسلمان به هئا، بغداد تي قبضو ڪيو ، ان ڪانپوءِ اتي عربن جي بغاوت ڪرڻ تي، هنن ٢٣ جون ١٩٢٠ع تي امير فيصل بن شريف حسين کي عراق جو بادشاهه بڻايو.

(١٠) ايران: ٢١ فيبروري ١٩٢١ع تي مازندران جي رهاڪو قزاق ايرانين جي برگيڊ جي آفيسر، رضا خان، ملٽري ڪوپ ذريعي، تهران تي قبضو ڪيو، ١٣ ڊسمبر ١٩٢٢ع تي پاڻ کي ايران جو بادشاهه بڻايو.

(١١) افغانستان: پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ڪانپوءِ امير امان الله خان افغانستان جو بادشاهه ٿيو، جنهن کي، انگريزن جي اشاري تي، ملاشور بازار(سرهندي بزرگ) بغاوت ڪري، ڪڍائي، بچه سقه کي طاقت ۾ آندو. ان کان نادر شاهه حڪومت اچي ورتي.

(١٢) چين: سن يت سن ٢١ جنوري ١٩٢٤ع تي قومپرستن جي پيڪنگ ۾ ڪانفرنس سڏائي، ڪومنٽانگ نالي پارٽي ٺاهي. ١٢ مارچ ١٩٢٥ع تي هن وفات ڪئي. ان ڪانپوءِ انهيءَ پارٽيءَ جو نرم ۽ گرم ڌر وارن جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيو. نرم ڌر جو ليڊر چيانگ ڪائي شيڪ ۽ گرم ڌر جو ليڊر مائوزي تنگ ٿيو.

هوڏانهن يورپ ۾ جڏهن جرمنيءَ ۽ اٽليءَ وارن ڏٺو ته سندن مخالف اتحادين، کين شڪست ڏيئي، سندن هٿ هيٺ بيٺڪي ملڪن کي آزادي ڏياري ڇڏي، پر پنهنجن پنهنجن بيٺڪي ملڪن کي اهو ئي پنهنجي هٿ هيٺ غلام رکيو آيا، ته انهن به وري ساڳين اڳواڻن پنهنجن پنهنجن سامراجين کي پيهر قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي،

۽ انهن کي ائين هٿ پير هڻندي ڏسي، جپان وري ايشيا ۾ ساڳئي قسم جو پنهنجو اثر وڌائڻ شروع ڪيو.

## ٣. ڪميونزم

هن نظرئي مطابق ملڪ جي ترقيءَ ۽ تعمير جو سمورو مدار اقتصادي جوڙجڪ تي رهي ٿو. ان نظرئي هيٺ، پيداوار جي جملي ذريعن، ان جي ورهاست جي ذريعن ۽ مَٽاسٽا جي ذريعن مثلا پيسي وغيره تي حڪومت جو قبضو رهڻو آهي، تہ جيئن انهن کي عام ماڻهن جي فائدي لاءِ استعمال ۾ آڻي سگهجي . هن نظرئي مطابق ، قومي مفاد کي شخصي ۽ طبقاتي مفاد تي ترجيح ڏني وڃي ٿي. هر ڳالهہ کي تاريخي ارتقا جي ڪسوٽيءَ تي پرکيو وڃي ٿو.

انهيءَ نظرئي جو بنياد مٽيريلزم (ماده پرستي) جي فلسفي تي ٻڌل آهي.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ وڏي پيماني تي انهيءَ نظرئي جو تجربو روس (سوويت يونين) ۾ ٿيڻ لڳو . ابتدا ۾ انهن کي سرمائيدار ۽ سامراجي طاقتن جي مخالفت ڪري مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو. ليڪن جلدئي هنن پاڻ سنڀالي ورتو ، ۽ پلئننگ (رٿا) مطابق ترقي ڪرڻ لڳا.

هنن جي سياسي پاليسي سامراجين ۽ سرمائيدارن جي خلاف هئي، ان ڪري ڪمزور ۽ غلام قومن کي انهن کان سهارو ملڻ لڳو.

هنن جو سياسي نظام هڪ پارٽيءَ جي حڪمرانيءَ وارو هئڻ ڪري، وٽن جماعتي ضابطي کي وڏي اهميت ڏني ٿي ويئي. وٽن جماعت جي مفاد تي فرد جي مفاد کي قربان ٿيڻو هو. يڪطرفي ۽ هڪ رنگي حالت کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ کين گهڻين مالي مشڪلاتن ۽ خون خرابي مان گذرڻو پيو، ۽ جلدئي ترقيءَ لاءِ کين تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون. ليڪن آهستي آهستي تي، سندن عوام جي جلد ترقي ڏسي ، اهو عقيدو دنيا ۾ زوردار واءَ وانگر چوڌاري پکڙجڻ لڳو .

## ٤. فاشزم (فسطائيت)

هن نظرئي جو ، واچ جرمنيءَ ۾ هٽلر جي نازي پارٽيءَ ۽ اٽليءَ ۾ مسولينيءَ جي فسطائي پارٽيءَ جي پيدا ٿيڻ بعد چوطرف پکڙيو.

انهن هيگل ۽ نطشي جي سياسي فلسفن مان سبق ورتي، انهيءَ نظرئي جو بنياد وڌو هو .

دنيا ۾ قديم وقت کان مختلف صورتن ۾ انهي نظرئي جا پوئلڳ پئي رهيا هئا. پر جهڙي طرح ڪميونزم پنهنجي آخري شڪل ڪارل مارڪس جي تعليم ۽ لينن جي عملي ڪار گذاريءَ ذريعي ورتي، تنهن وانگر هن فسطائي نظرئي بہ پنهنجي آخري صورت عملي طرح هٽلر ۽ مسولينيءَ جي هٿان ۽ انهن جي دور ۾ ورتي.

انهيءَ نظرئي جا بنيادي اصول هيٺيان آهن:

(ا) بقاي اصلح ("سروائيول آف دي فٽيسٽ") جي قانون مطابق، هر ڪمزور ۽ ناصالح جانور ۽ ماڻهو مضبوط ، صالح ۽ صحتمند جانور ۽ ماڻهوءَ جي مقابلي ۾ ناڪامياب ٿي، ختم ٿيو وڃي. اهو قانون قومن سان بہ لاڳو آهي . مضبوط ۽ لائق قومون ترقي ڪري ، ملڪن جون مالڪ بنجن ٿيون. ڪمزور ۽ نالائق قومون ، هيٺ ڪِري ، فنا ٿيو وڃن يا غلام بنجيو پون.

(٢) انهيءَ اصول کي مدنظر رکي، هٽلر آريا قوم کي صحتمند ۽ صالح ڄاڻائي، دنيا جي رهبريءَ ۽ حڪومت جي لائق ٿي سمجهيو.

(٣) حڪومت جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ صالح ۽ لائق گروهہ کي اهل سمجهيو ٿو ويو. جمهوريت جي اصول کي فقط نا اهل ماڻهن جي برتري قبول ڪرڻ جي برابر سمجهي، رد ڪيو ٿي ويو.

(۴) انهيءَ اصول مطابق اهي صالح قومون ٻين نااهل قومن مٿان حڪومت هلائڻ جون حقدار هيون .

(۵) انهيءَ نظرئي وارين حڪومتن سموري قومي وسائل کي مرڪزي طرح منظم ڪري، انهن کي مخصوص طبقي جي مفاد لاءِ ڪتب ٿي آندو. شخصي ملڪيت قائم رکيائون ٿي.

ٻين مغربي قومن، جن جمهوريت جي اصول کي مڃيو ٿي، تن بہ ساڳي طرح طبقاتي مفاد جي حمايت ، پنهنجي سامراج قائم رکڻ سان، حڪومت جي پاليسي طور مقرر ڪئي هئي . تفاوت ٻنهي گروهن ۾ صرف هيءُ هو تہ جمهوريت جي نالي وٺندڙ ماڻهن سامراج جو قيام پٺتي پيل قومن جي سڌاري، تربيت ۽ حفاظت جي نالي ۾ عارضي طور رکڻ ٿي گهريو، پر فسطائي گروهہ پٺتي پيل قومن کي هميشہ لاءِ نااهل سمجهي ، انهن کي دائمي طور غلام رکڻ جو ارادو ٿي رکيو.

جمهوريت هلائڻ جا طريقا پهرئين گروهہ بہ اهڙا رکيا هئا، جو طاقت هميشهہ مخصوص طبقي جي هٿ ۾ رهڻ واري هئي، ليڪن ٻئي گروهہ مرڳو اختلاف راءِ کي بيڪار سمجهي ، پنهنجي مخصوص اقليتي طبقي جي اقتدار کي محفوظ رکڻ لاءِ هڪ پارٽي راڄ قائم ڪرڻ ٿي گهريو. هيءُ ٻيو گروهہ جارحانہ نئشنلزم جو حامي هو.

(٦) هنن پنهنجي برتري ۽ مخالفن جي ابتري، خون يعني نسل جي بنياد تي قائم ٿي رکي، ۽ پاڻ کان گهٽ نسل ڏانهن نفرت سندن سياسي پاليسيءَ جو مکيہ اصول هو.

(٧) انهيءَ نظرئي کي عمل ۾ آڻڻ ۽ پنهنجي حڪومت ۽ برتري ڪمزور قومن تي مسلط ڪرڻ لاءِ، هنن تشدد جو استعمال لازمي ٿي سمجهيو.

(٨) پر وارن ملڪن ۾ ننڍين قومن تي قبضو ڪرڻ سندن پروگرام جو مکيہ جُزو هو.

هيءُ نظريو هندستان جي سياسي صورتحال ۾ گهڻين بدعتن جي پيدا ٿيڻ جو باعث بنيو. برصغير جي مسلمانن جون هيٺيون چار جماعتون يا سياسي تحريڪون انهيءَ نظرئي جون مرهون منت سڌي سگهجن ٿيون:

١. ڊاڪٽر شيخ محمد اقبال جي اسلامي تشريح ۽ مسلم ليگ جي پاليسي،

جي مذهبي تقديس ثانوي حيثيت ولي ٿي ويئي، مسلم ليگ وري پاڪستان کي پاڪ بنائي، اسلام جي مقدس ملڪن جي حثيت، کي گهٽايو ٿي.

## ۲. خاڪسار تحريڪ (علامہ مشرقي جي):

هن تحريڪ جو بنياد هيٺين مکيہ ڳالهين تي هو:

(۱) هو بقلي اصلح جي اصول مطابق، جاندار شين کي ٻن گروهن، هڪ صالح ۽ ٻيو غير صالح ، ۾ ورهائڻ جا قائل هئا.

(۲) جهاد (تشدد) کي هنن مذهب جو بنيادي اصول ٿي سمجهيو.

(۳) جمهوريت کي غلط سمجهي ، هنن، ڪن اصولن جي بنياد تي هڪ ليڊر جي ماتحت ملٽري ڊسيپلن وسيلي، ماڻهن کي غلبہ اسلام واسطي منظم ڪرڻ گهريو ٿي.

اقبالي مسلم ليگ ۽ مشرقي خاڪسار تحريڪ جي وچ ۾ بنيادي اصول ساڳيا ئي فسطائي هئا، ليڪن منجهن تفاوت هيٺئين قسم جا هئا:

(۱) ڊاڪٽر اقبال جي نظر ۾ ختني ٿيل ، مسلماني نالي رکيل، مسلماني مذهب جا فرد سڏائيندڙ سڀ ماڻهو جداگانہ مسلم قوم هئا، جي لائق ۽ صالح هئڻ ڪري دنيا جي رهبري ڪرڻ جا حقدار هئا . هن، شاعريءَ جي جذبي هيٺ اچي ، پنهنجي ئي بيان ڪيل اعتقاد ۽ عمل جي يڪسانيءَ جي اصول کي وساري ٿي ڇڏيو.

(۲) علامہ مشرقي پيغام اسلام کي ڪنهن حلقي ، قبيلي ۽ قوم سان وابستہ ڪرڻ روح اسلا م جي خلاف سمجهي، هر صحيح الاعتقاد ، صالح عمل ، خادم خلق ، حسن اخلاق رکندڙ ماڻهوءَ کي مسلمان ٿي سمجهيو ۽ تنهنڪري سندس جماعت ظا هري طرح غير مسلمانن لاءِ بہ کُليل هئي. ليڪن جڏهن غلبي اسلام لاءِ سندس خيال ۽ ارادي تي نظر ٿي ڪئي ويئي، تہ عملي طرح نتيجو فقط سندس پنهنجي خيال کي مڃيندڙ گروهہ جي برتري وڃي ٿي بيٺي.

(۳) علامہ اقبال جي پوئلڳ ليگين ظاهري طرح جمهوري طريقي تي سياسي جماعت بنائي، ڪم ٿي ڪيو ، ليڪن عملي دنيا ۾ هنن بہ هڪ جماعت ، هڪ ليڊر ، هڪ جهنڊي ۽ هڪ نصب العين جي حاڪميت جا نعرا هڻي ، جمهوري اصولن جي مخالفت پئي ڪئي.

(۴) علامہ مشرقيءَ صاف طور تي جمهوري راءِ جي عيوض هڪ ۽ فقط هڪ ليڊر جي حڪم جي تعميل جو پرچار ٿي ڪيو. انهن جا طريقہ ڪار علحده هئا، ليڪن سندس خيال ، ارادا ۽ مقصد ساڳيا هئا. علامہ اقبال جي نظرئي موجب مسلمانن جي قوم مڪمل ٿي چڪي هئي، جنهن جو وقتي طور مثالي ليڊر جناح صاحب هو ۽ علامہ مشرقيءَ، انهن کي پنهنجي ليڊريءَ هيٺ، مڪمل ڪرڻ گهريو ٿي.

## ۳. علامہ مودوديءَ جي جماعت اسلامي:

مودودي صاحب جي اسلامي تشريح جا مکيہ جزا هيٺيان هئا:

(۱) مذهب اسلام آخري دين ۽ مڪمل قانون حيات هو.

(ث) ان ۾ هڪ زبان ۽ هڪ ڪلچر جو نعرو هنيو وڃي ٿو.
(ج) ان ۾ اسلام جي علمبرداريءَ ۽ ان جي قانونن جي تعميل جي دعويداري ڪئي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ اسلام جي سندن پنهنجي مخصوص تشريح آهي، يعني مغربي دنيا جي فلسفي ۽ فڪر جي تتبع ۽ مطابقت واري تشريح ، جنهن ڪي هو جديد ۽ معقول اسلام سڏڻ جي دعويٰ ڪن ٿا .
(د) ان ۾ سوشلزم جي علمبرداريءَ ۽ اُن جي قانونن ڪي تعميل جي دعويداري ڪئي وڃي ٿي. جيتوڻيڪ سوشلزم جي بہ سندن پنهنجي مخصوص تشريح آهي، جنهن ڪي هو اسلامي سوشلزم سڏين ٿا. ان ۾ مخصوص ۽ محدود پيداوار ، تقسيم ۽ مٽا سٽا جي ذريعن ڪي قوميائڻ جو عمل هو پنهنجو پاڻ وٽ ، يعني خود استحصالي ۽ حڪمران طبقي جي پنهنجي ضابطي ۽ پنهنجي هٿن ۾ ، محفوظ رکڻ گهرن ٿا. (ان جا پارٽي عهديدار ۽ اسيمبلين جا ميمبر ۽ حڪوتي اقتدار تي قابض ۽ اختيار جا صاحب، سنڌ ۾ توڙي سنڌ کان ٻاهر، گهڻي ۾ گهڻي ۹۵ في سيڪڙو زميندار ۽ شاهوڪار طبقي جا هئا)

## ۰ ۵ جمهوريت

هن نظرئي جا حامي قديم زماني کان هلندا پئي آيا آهن. ليڪن چون ٿا تہ ان جي پوري تشريح ۽ عملي طرح وجود ۾ اچڻ يونانين جي دور حڪومت ۾ ٿيو. مغربي ملڪن ان جي پوئلڳيءَ ۾ پنهنجي ملڪن اندر انهيءَ دستور کي حتي الامڪان رائج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هن جا بہ ڪيئي قسم بيان ڪيا ويا آهن. پر جيڪڏهن اُن جا مُکيہ اصول بيان ڪبا، تہ هيٺيان ٿيندا:

(ا) نسل، رنگ ، مذهب، جنس، صحت ۽ لياقت جي فرق کان سواءِ سڀني ماڻهن کي بنيادي انساني حق حاصل رهڻ،جهڙوڪ:
(الف) قانوني اڳيان سڀني جي هڪجهڙائي.
(ب) تقرير ۽ تحرير جي آزادي .
(ج) جماعت سازيءَ ، جلسن ۽ مظاهرن جي آزادي.
(د) گهمڻ ڦرڻ سگهڻ، ملڪيت رکڻ يا نيڪال ڪرڻ جي آزادي.
(هہ) نوڪري، واپار ۽ ڌنڌي وغيره اختيار ڪرڻ جي آزادي ، ۽ روزگار جي حاصل ڪرڻ جي سهوليت .
(و) مذهبي خيالن کان اعتقاد ۽ عبادت جي آزادي .
(ز) شخصي ملڪيت جي حفاظت جا حق .
(ح) زوريءَ ڪم ڪرائڻ يا غلام رکڻ جي منع.
(ط) ڪلچر، رسم الخط ۽ زبان جو تحفظ.
(ي) ووٽ جو حق، وغيره.
(ڪ) حڪومت جو ڪاروبار آزاد ووٽ ذريعي چونڊيل نمائندن جي معرفت هلائڻ ، ۽ اُنهن نمائندن جو ووٽرن وٽ جوابدار رهڻ .

(ل) حڪومت جو غير مذهبي هجڻ، يعني مذهبن جي سلسلي ۾ ان جو غير جانبدار هجڻ.

(م) هڪ ڪان وڌيڪ سياسي پارٽين جي وجود کي برداشت ڪرڻ ۽ ان جي افاديت کي تسليم ڪرڻ.

جمهوري حڪومتن جي عملي ڪارڪردگيءَ ۾ به ڪيئي نقص ۽ خاميون هيون، پر اسان وٽ ، جديد دور ۾ ، جنهن طرز ۽ صورت جو جمهوري دستور مقبول ۽ مروج رهيو آهي، اهو برطانيه ۾ رائج دستور ۽ اتان جي انگريز قوم کان اسان کي مليل دستور آهي، جنهن قوم جي هن ملڪ تي ڪافي وڏو عرصو حڪمراني ۽ بالادستي رهي آهي .

هيءُ مختصر احوال آهي اسان جي ملڪ تي بن مهاڀاري لڙاين جي وچ واري دور جي فڪري ۽ سياسي اثرن جو . هيٺ آءُ خاص طرح ٻي لڙائيءَ جي دور جي مکيه ليڊرن ۽ انهن جي مختصر ڪارگذارين جو ذڪر انهيءَ لاءِ ڪريان ٿو ته اسان جي محب وطن ۽ خدمتگذار طبيعت رکندڙ نوجوان ڪارڪنن کي ماضي قريب جي حالات جي خبر پوي، ۽ هو پنهنجن خيالن ۽ عملن کي ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ملڪ ۽ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ رٿي ۽ هلائي سگهن.

-غلام مرتضيٰ

سن
٣١- مارچ ١٩٧٤ع

ڪاڌل ملڪن ۾ بي آرامي ۽ بيچيني پيدا ٿي پيئي ، ۽ انهن پنهنجي حالت درست ڪرڻ، وجايل طاقت وري هٿ ڪرڻ ۽ سامراجي ٿيل ظلمن جي علاج لاءِ نئين سر منظم ٿي ، ڪوششون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون. ان ڪانسواءِ ايشيا ۽ آفريڪا کنڊن ۾ بـ اتحادين جي تسلط هيٺ آيل ملڪن ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد بـ تيز ٿي چڪي هئي.

انهيءَ وقت ڌاري يورپ ۽ ايشيا ۾ ڪن مکيہ ليڊرن جي اڳواڻيءَ هيٺ نيون تحريڪون شروع ٿيون هيون، جن ماڻهن کي خاص نظرين، مقصدن ۽ پروگرامن مطابق منظم ڪري، طاقت ۾ آڻڻ گهريو ٿي.

اهو سوال جدا آهي تہ قومن جي بيداري ۽ انهن جي طاقتور بنجڻ جو مکيہ ڪارڻ ليڊر ٿين ٿا ، يا جڏهن ڪن خاص حالتن هيٺ ڪي قومون بيدار ٿي ، پنهنجن حقن جي حفاظت لاءِ تيار ٿين ٿيون، انهن جي رهبريءَ لاءِ ، حالتن جي تقاضا ڪري ، ڪي قابل ماڻهو پيدا ٿي، اچيو سندن اڳواڻيءَ جون واڳون وٺن. بهرحال اها حقيقت آهي تہ جڏهن باهہ لڳڻ لاءِ مواد ڪَٺو ٿئي ٿو ، تہ ڪو نہ ڪو اچيو اُن کي تيلي لڳائڻ جو ڪم سرانجام ڪري .

هيءُ سمورو دور ( ١٩١٨ع- ١٩٣٩ع ) دنيا جي مکيہ ليڊرن، انهن جي تحريڪن ۽ انهن جي ردعمل ۽ عام تصادم ڪري ٻي مهاڀاري لڙائيءَ لڳڻ جي سببن ۽ واقعن سان پربو پيو آهي. تنهنڪري بين الاقوامي حالتن کي پوري طرح سمجهڻ لاءِ دنيا جي مکيہ ملڪن ، انهن ۾ پيدا ٿيل تحريڪن ۽ انهن جي مکيہ اڳواڻن جو سمجهڻ ضروري ٿيو پوي. ان ڪري يورپ ۽ ايشيا جي چند ملڪن جي مکيہ اڳواڻن ،سندن خيالن ۽ ڪارنامن جو مختصر احوال هيٺ ڏيان ٿو.

# فصل ٻيون

# يورپ

### ١ . جرمني

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ يورپ جي گهڻن ملڪن جي مالي حالت خراب ٿي ويئي هئي. ڪيترن ملڪن اندر، پارٽيبازيءَ ڪري، اندروني انتظام خراب ٿي چڪو هو . جمهوري سرشتي حڪومت ۽ سرمائيداري نظام کي ناڪام سمجهي ، ردعمل طور انهن جي خلاف هرهنڌ ڪوششون شروع ٿي ويون هيون . نتيجي طور اُتان جي ڪن مُکيه ماڻهن ۽ فڪري دنيا جي سربراهن، انهن خرابين کي دور ڪرڻ لاءِ ، آمرانه يا آپيشاهي (Totalitarian) طريقي حڪومت رائج ڪرڻ ۾ حل ٿي ڄاتو ، ۽ ڪن وري روس ۾ قائم ٿيل ڪميونسٽ نظام موجب سوشل انقلاب آڻي، پنهنجي پنهنجي ملڪ جي عوام جي حالت کي بهتر بنائڻ ضروري ٿي سمجهيو.

جرمنيءَ، لڙائيءَ ۾ شڪست کائڻ ڪري، گهڻو نقصان سَٺو هو. ويتر جو ان تي جنگي تاوان رکيا ويا، سندس اندروني آزاديءَ تي پابنديون وڌيون ويون ۽ ڪي ان جي ملڪي اراضيءَ جا ٽڪرا فرانس جي حوالي ڪيا ويا هئا. تن جرمن جهڙي غيرتمند قوم ۾ شديد ردعمل پيدا ڪري ڇڏيو هو.

نتيجي طور، اُن وقت جرمنيءَ ۾ اڪثر ماڻهو، سوشلزم جي نظرئي ۾ پنهنجي نجات ڄاڻي، ملڪ کي انهيءَ پٽاندر هلائڻ جا طرفدار بڻبا ويا. ڪن خاص ماڻهن وري جرمن نئشنلزم (قومپرستيءَ) جي آڌار تي، سڄي جرمن قوم کي متحد ۽ منظم ڪرڻ گهريو ٿي. جرمن قوم جي راءِ انهن ٻن رجحانن جي وچ ۾ ورهايل هئي . اُن جا غريب ماڻهو گذريل موتمار جنگ ۽ ان کانپوءِ جي پيدا ٿيل حالتن کان متاثر ٿي، ڪميونزم طرف مائل ٿيڻ لڳا هئا. سرنديءَ وارن کي ڪميونزم مان خطرو هو ، تن ملڪ کي طبقاتي تصادم ۾ ڦلسائڻ جي عيوض ماڻهن کي جرمن قوم جي نالي ۾ منظم ڪري، ملڪ کي طاقتور بنائڻ گهريو ٿي.

عين انهيءَ موقعي تي جرمن قوم ۾ هڪ اهڙو ماڻهو پيدا ٿيو، جنهن ملڪ جي ٻنهي گروهن کي گڏي، هڪ جاءِ تي آڻڻ جي تحريڪ هلائي ،۽ نيشنل سوشلزم (قومي سماج واد ) جي بنياد تي هڪ پارٽي ٺاهي ، ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. جا، اڳتي هلي، " نازي پارٽي " نالي سان سڏجڻ لڳي . ان ماڻهوءَ جو نالو " هٽلر " هو. انهيءَ تحريڪ کي "نازي ازم"، يا اٽليءَ ۾ مسوليني نالي اهڙي ئي هڪ اڳواڻ طرفان اٿاريل قومي بحاليءَ جي تحريڪ جي نالي پٺيان " فاشزم " يا فسطائيت جو نالو ڏنو ويو. هٽلر هڪ ڪتاب " مين ڪئمف " نالي لکيو ، جنهن ۾ هن پنهنجي قومي سماج واد

تحريڪ جا مقصد ۽ پروگرام پيش ڪيا.

هٽلر جي ان هلچل جا نتيجا ڪهڙا نڪتا ، انهن جي بيان ڪرڻ کان اڳ هٽلر جي شخصي زندگيءَ بابت ڪجھ احوال ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان.

## هٽلر ۽ سندس زندگيءَ جو احوال

هن شخص جو اصلي نالو آدولف ۽ پٽ آليوسَ جو هو. سندس سرنيم يا گهراڻي جو نالو هٽلر هو. سندس پيءُ آليوسَ آسٽريا جي ڳوٺ 'برانو' ۾ رهندڙ هو. ۽ موچڪو ڏنڊو ڪندو هو. هن ٽي شاديون ڪيون هيون . سندس ٽي زال جو نالو 'ڪلراپوزيل' هو، جنهن مان ڪيس ٣٠ اپريل ١٨٨٩ع تي آدولف هٽلر پيدا ٿيو. آدولف ٢١ سالن جي عمر تائين انهيءَ ڳوٺ ۾ رهندو آيو. تعليم بہ اتي ئي ورتائين . ان کانپوءِ هو جرمنيءَ جي ميونچ شهر ۾ رازڪو ڪم ڪرڻ لڳو . روز جي ڪم کان واندي ٿيڻ کانپوءِ هيءُ ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو ۽ ملڪي سياست جي ڪمن ۾ دلچسپي وٺندو هو. ٿوري وقت کانپوءِ هيءُ جرمن فوج جي نوڪريءَ ۾ گهڙيو.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هن جرمنيءَ طرفان جنگ ۾ پوري سرجوشيءَ سان بهرو ورتو .ليڪن باوجود بهترين لشڪر، عمدن هٿيارن ۽ پورين تيارين جي ، جرمني ۽ ان جي ساٿي ملڪن ۽ ترڪيءَ جي حڪومتن کي جنگ ۾ شڪست ملي. ان ڪري هر محب وطن جرمن کي ارملن ۽ پشيماني پيدا ٿي. ويتر ورسيلز جي عهدنامي هنن جي حالت ابتر بنائي ڇڏي. جنگ ۾ شڪست کائڻ جي سببن معلوم ڪرڻ ۽ وڃايل طاقت ۽ وقار کي وري هٿ ڪرڻ لاءِ سڄي ملڪ ۾ جرمن قوم جا وطن دوست غور ۽ فڪر ڪرڻ لڳا.

هٽلر بہ نوڪري ڇڏي ڏني، ۽ انهيءَ مسئلي تي سوچ ويچار ڪندي ڪندي، هي ڪن خاص نتيجن تي پهتو. هن کي جرمن قوم جي ابتريءَ ۽ شڪست جا ٻہ مکيہ ڪارڻ ڏسڻ ۾ آيا:

(١) هن پهرين تہ جمهوري سرشتي حڪومت کي ان لاءِ جوابدار ٺهرايو، جنهن، هن جي راءِ جي مطابق، پارٽيبازيءَ جي اختلافن ڪري، سڄو قومي شيرازو بگاڙي ۽ ڪمزور ڪري ڇڏيو هو.

(٢) ٻيو ڪارڻ جرمن قوم جي ابتريءَ ۽ ڪمزوريءَ جو هن جي نظر ۾ هيءُ آيو تہ جرمنن جي دل ۽ دماغ تان پنهنجي جرمن قوميت جي عصبيت جو اثر گهٽجي ويو هو ۽ ان لاءِ هن يهودين کي مُکيہ ڏوهي ۽ جوابدار ٿي سمجهيو.

هُن جي خيال موجب يهوديت هڪ خاص نظرئي جي حامل هئي، جنهن نسل، جاگرافيائي حدن جي وطن ۽ ان جي ڪلچر ، زبان ۽ اقتصادي مفاد جي بنيادن تي هزارن ورهين جي تاريخي ارتقا جي ذريعي بنيل قومن جي وجود کي ختم ڪري، قومن جو وجود ڪن خيالي نظرين، جذبن ۽ مذهبي عقيدن تي بنياد تي قائم ڪيو هو. ۽ ائين جديد نئشنلزم (قوميت) جي شيرازي ۽ عصبيت کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. هن جو خيال هو تہ جرمن قوم ۾ قومي عصبيت گهٽ ٿي ويئي هئي، سا بہ ان يهوديت

جي اثر ڪري ۽ ان جي سازشي ڪوشش سبب ، ۽ ان ئي ڪين ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. آسپاس وارين ڪيترين قومن کي گهٽڻ ٿي ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن تي تسلط هو. ليڪن جرمن قوم جڏهن بہ پنهنجي ترقيءَ ۽ اقتدار لاءِ ڪوشش ٿي ڪئي، تہ ان جي راهہ ۾ رڪاوٽون وڌيون ٿي ويون، ۽ انهن رڪاوٽن کي مذهب ، جمهوريت ۽ ڪميونزم جي نظرين جي نالن ۾ انهن جي مدد سان مضبوط ڪيو تي ويو ، جن ٿنهي نظرين کي هن يهوديت جي پيداوار ٿي سمجهيو.

جوش ۽ مصيبت جي حالت ۾ دماغي توازن نيڪ ٿئو رهي. هٽلر کي بہ ان وقت ڏسڻ ۾ آيو تہ اهي سڀ ڳالهيون سيميٽڪ (سامي) تخيل جو نتيجو هيون. جمهوريت ۾ هن کي مادي ۽ ذهني قوت تي تعداد جي تفوق ۽ آڪرائيءَ جو راز لڪل نظر آيو. ڪميونزم ۾ بہ ساڳي اها ڳالهہ ۽ پڻ قومپرستيءَ جي دشمني نظر آيس. دنيا جي مکيہ مذهبن، ڪرسچئنٽي ۽ اسلام، کي هن يهوديت جي پيدائش ٿي ڄاتو. انهن سڀني جي فروغ ۾ هن کي قوميت جو موت ٿي نظر آيو. جهڙي طرح ڊاڪٽر اقبال کي وطنيت ۾ (جا ساڳئي وقت قوميت بہ آهي) مذهبن جو موت ٿي نظر آيو، اهڙيءَ طرح هٽلر وري مذهبن کي قوميت جو (جا ساڳئي وقت وطنيت بہ آهي) دشمن ٿي ڄاتو .

حقيقت ۾ مذهب ( دين ) توڙي قوميت، جڏهن مطلق حق ۽ فوقيت جا نعرا هڻي سامهون اچن ٿا، تڏهن اهي بہ ئي سامراج جا هٿيار بنجي ڪم ڪن ٿا . مذهب جو مطلق حق ذهني سامراج هو ۽ وطن يا قوم جو غير محدود ۽ غير مشروط تفوق مادي سامراج هو.

نظرياتي بنيادن تي بين الاقوامي خيالن جي پرچار ۾ يهودين کي اڳرو ڏسي، هٽلر انهن جو مخالف ٿي بيٺو هو. اهڙيءَ طرح هن جمهوري نظام کي بہ جرمن قوم ۾ انتشار ۽ ڪمزوري پيدا ڪرڻ لاءِ جوابدار ٿي سمجهيو.

اٿين تہ قديم يونان جي زماني کان وٺي جمهوريت ۽ آمريت جي نظرين تي سياسي مفڪر رايا ظاهر ڪندا پئي آيا آهن، ليڪن هر قوم ۾ آمرانہ يا جمهوري حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ وقتي ماحول ۽ مڪاني حالتون جوابدار ٿين ٿيون .

جرمنيءَ ۾ جمهوريت جي خلاف هٽلر جي نازي تحريڪ جي زور وٺڻ لاءِ هيٺيان ڪارڻ شمار ڪري سگهجن ٿا:

(١) جرمن قوم مان اجا قبيلائي عصبيت گهٽ ڪانہ ٿي هئي.

(٢) گهڻي وقت کان جرمن قوم کي، اڳرائيءَ واري قومپرستيءَ ( قومي تفوق يا غلبي ) جي تعليم ۽ تربيت ذريعي جنگجو بنايو ويو هو.

(٣) پهرين مهاڀاري لڙائي ۾ شڪست کائڻ ۽ ناجائز صلح جي شرطن ڪري، جرمن قوم ۾ غيرت ۽ انتقام وارو ردعمل پيدا ٿيو هو.

جنگ کان پوءِ مٿين ڳالهين کان متاثر ٿي، هٽلر، نوڪري ڇڏي، قوم جي وڃايل طاقت هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو. هن نئشنل سوشلسٽ ( قومي سماج واد ) پارٽي ناهي، هڪ اخبار ذريعي ان جا مقصد ۽ پروگرام پکيڙڻ شروع ڪيا. ان ۾ هن جمهوري سرشتي حڪومت کي ملڪ لاءِ نقصانڪار هئڻ جو پرچار ڪيو ۽ جنگي عهدنامن کي رد ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊا شروع ڪئي.

ابتدا ۾ هو سوشلزم ذريعي ملڪ ۾ اقتصادي انقلاب آڻڻ طرف زياده مائل هو ۽

قوم جي ڪثرت تعداد ماڻهن کي، جوش ۽ نفرت جي لهر ۾ لوڙهي، فڪر ۽ سمجهه کان موڙي، جرمن قوم جي عظمت لاءِ نسلي بنياد تي منظم ڪري ورتو. هن پنهنجن ماڻهن کي قومي وقار حاصل ڪرڻ لاءِ جوش ڏياريو ۽ انهن جي غيرت کي للڪاريو. ۽ جرمنيءَ جي سموربن بي غيرتين ۽ ڪمزورين لاءِ يهودين کي جوابدار ٺهرائي ، انهن لاءِ جرمن قوم جي دلين ۾ نفرت جا آڙاهه ٻاري ڇڏيا. اهي ئي هن جا نسخا جرمن قوم ۾ عارضي اتحاد ۽ جوش پيدا ڪرڻ لاءِ نهايت ڪارآمد ثابت ٿيا. هن جي سامهون جرمن قوم ۽ ملڪ جو مفاد، جيئن هن ان کي سمجهيو ٿي، سڀ کان بالا هو. انهيءَ راهه ۾ هي مذهب ۽ ڪميونزم جي نظرين کي رڪاوٽ ٿي سمجهيو. هن جي نظر ۾ هيءَ ڳالهه به آئي ته ان وقت دنيا ۾ يهودي قوم ئي هئي، جا ٻين ملڪن ۾ رهي به مذهب جي بنياد تي پنهنجو جداگانه قومي وجود قائم رکيو آئي.

هن جي عملي سياست جي تجربي هن کي ذهن نشين ڪرايو هو ته بين الاقوامي مفاد جو وجود عملي دنيا ۾ عدم پيدا هو. " هاٿيءَ جا ڏند کائڻ جا هڪڙا ۽ ڏيکارڻ جا ٻيا" - ان وانگر جن ماڻهن اهڙيون ڳالهيون ڪيون ٿي، تن جو عمل ان جي مخالف هو. عملي دنيا ۾ هرڪا قوم ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي ترقيءَ ۽ اقتدار لاءِ ڪوشان هو.

هن ڏٺو ٿي ته جرمني ، جديدعلم ، هنر، جنگي طاقت ۽ تعداد ۾ زياده هئڻ ۾ جي باوجود، ڪن نظرين جي پرچار ڪري، ڪمزور ٿي ويئي هئي ڪمزور بنائي ويئي هئي . جيڪڏهن ننڍين قومن جي آزاديءَ جو اصول حق ۽ انصاف وارو هو، ته پوءِ انگليند ، فرانس، هالينڊ، پورچوگال وغيره ملڪن جي ماتحت ملڪن کي ڇو نه ٿي آزادي ڏني ويئي !

هن بين الاقوامي جماعت جي وجود ۽ ننڍن ملڪن جي آزاديءَ جي اهڙيءَ گفتگوءَ کي صرف جرمن قوم کي طاقت کان ٻاهر ۽ ڪمزور رکڻ لاءِ هڪ ڌوڪو ٿي سمجهيو. تنهنڪري هن پنهنجي مخالف سامراجي طاقتن کي صاف ۽ ظاهر ظهور چئي ڏنو ته اوهان چئو هڪ ڳالهه ٿا ۽ ڪريو ٻي ڳالهه ٿا. اسين، جا ڳالهه ڪرڻ گهرون ٿا، ان کي لڪائڻ مناسب نٿا ڄاڻون.

هٽلر پنهنجي مخالفن جي عقلي چالبازين جي ڦندي کان قوم کي بچائڻ ۽ ان کي خيال ۽ عمل جي دنيا ۾ چست ۽ چوبند رکڻ لاءِ ، خوف ۽ نفرت جا ذريعا ڪارآمد سمجهيا.

ان سموري ڪم ۾ جرمن قوم جا بهترين دماغ ساڻس شريڪ ڪار هئا. جن ۾ به سندس مکيه ساٿي ٽي ماڻهو هئا. جنرل گوئرنگ، ڊاڪٽر گوبلس ۽ ڊاڪٽر شاخت. جنهن صورت ۾ ٿوري عرصي اندر جرمنيءَ کي طاقتور بنائي، سڄي دنيا کي ترٿلي ۾ وجهي ڇڏڻ جو جوابدار انهن کي به بنايو وڃي ٿو. ان ڪري انهن ٽن جو مختصر احوال به هيٺ ڏجي ٿو.

## جنرل گوئرنگ

هيءُ جرمنيءَ جي بئويريا صوبي جي ڳوٺ روز نهيم ۾ ۱۲جنوري ۱۸۹۳ع تي ڄائو هو. هن جو پيءُ ڏکڻ الهندي آفريڪا جي جرمن ڪالونيءَ ۾ گورنر جنرل هو. اهڙيءَ

طرح وڏي ٻينل خاندان جي فرد هئڻ سبب، هيءُ بهترين تعليم حاصل ڪري،٢١ سالن جي عمر ۾، جرمن فوج جي هوائي جهازن واري شعبي ۾ نوڪريءَ ۾ گهڙيو. اتي هو ١٩١٥ع ڌاري اسڪوادرن ليڊر ٿيو. پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ جي وقت هن مخالفن جا ٽيويهه (٢٣) هوائي جهاز ڪيرايا هئا، جنهن ڪري هن کي وڏو تمغو انعام مليو هو.

جنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ اتحادين جيڪي شرط جرمنن تي مڙهيا هئا، انهن ۾ هڪ اهو هو ته گوئرنگ جي هوائي جهازن جي اسڪوادرن کي زوريءَ تباهه ڪرايو ويو هو. ان جو هن کي سخت صدمو هو. انهن ڏينهن کان هن فيصلو ڪيو هو ته ان بيعزتيءَ ۽ ظلم جو هڪ ڏينهن هو ضرور انتقام وٺندو.

ان کان پوءِ جرمنيءَ ۾ حالتون رهڻ جي لائق نه ڏسي، هن سئيڊن ۾ وڃي، هوائي جهازن جي ڪمپنيءَ ۾ نوڪري ڪئي. اتي هڪ سٺي خاندان گهر جي عورت بئرونيس ڪرينفاڪ سان شادي ڪيائين. سچو وقت ان سان وفادار رهندو آيو. ان جي انتقال بعد ٻي شادي ڪيائين. جڏهن جرمنيءَ ۾ قومي هلچل زور ورتو، ته هيءُ موٽي ملڪ آيو ۽ هٽلر جو دست راست ٿي، ڪم ڪرڻ لڳو. ۽ نيٺ سندس جنگي صلاحڪار بنجي ويو. عمدين ڊريسن پهرڻ، سٺي کاڌي کائڻ، نمائشي زندگي گذارڻ سان خاص دلچسپي هيس.هن جرمنيءَ جي هوائي ٻيڙي کي خاص طرح زور وٺايو. جنگي فن ۾ خاص مهارت هيس.سندس حملا اهڙا رٿائتا ۽ موثر هوندا هئا، جو ٿوري وقت اندر وڏيون طاقتور فوجون، جرمن حملي جو تاب جهلي نه سگهنديون هيون.

هزارها هوائي جهازن، ٽئنڪن، هٿياربند گاڏين، موٽر سائيڪل دستن ۽ جديد هٿيارن سان دشمن تي اچانڪ ۽ ڀرپور حملو ڪندو هو. آسٽريليا، زيڪوسلويڪيا، بيلجم،هالنڊ، پولنڊ ۽ فرانس تي انهيءَ طوفاني ڀرپور حملن واري طريقي سان ٿي هن ٿوري عرصي ۾ تسلط ڄمائي ورتو. انگريزن کي ڊنڪرڪ واريءَ شڪست ڏيڻ جو به هن جي سر تي سهرو هو.

جيڪڏهن هٽلر بهترين جرمن ليڊر ثابت ٿيو ته گوئرنگ بهترين جرمن فوجي سپهه سالار هو. گوئرنگ پنهنجي معجزي جهڙين جنگي ڪاميابين سان، جرمن فوج تي ٻنهه جادو ڪري ڇڏيو، ۽ هو انڌا ڌنڌ سندس پٺيان هلندا هئا. گوئرنگ جي جرمن لشڪر ۽ هٿيارن جو ساريءَ دنيا تي ڌاڪو ويٺل هو.

## ڊاڪٽر گوبلس

هيءُ جرمنيءَ جي رائينليند علائقي ۾ ١٨٩٧ع ۾ ڄائو هو. هن هيڊلبرگ يونيورسٽيءَ مان علم ۽ فلسفي ۾ ڊاڪٽريءَ جي ڊگري حاصل ڪئي. هو هڪ اسڪول ماستر جو پٽ هو. هن ڪيترا ڪتاب لکيا هئا ۽ وڏو اديب هو.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جرمنيءَ کي شڪست اچڻ تي جن جرمن محب وطنن کي صدمو پهتو، انهن مان هيءُ به هڪ هو . ان ڪري ١٩٣٢ع ڌاري ميونچ ۾ جڏهن نازي پارٽي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو، ته هيءُ ان ۾ شامل ٿيو ته هڪدم پارٽي جي مکيه

تقرير ڪندڙن ۾ شمار ٿيڻ لڳو.

سحربياني‌ءَ ۾ هٽلر کان پوءِ ٻيو نمبر هيءُ هو. صحافت ۾ خاص لياقت هيس. ان ڪري اڳتي هلي ڪيس برلن ۾ ’ انگرف‘ نالي اخبار ذريعي پارٽي‌ءَ جي تنظيم ۽ پروپئنگنڊا جو ڪم سپرد ڪيو ويو. جنهن ۾ هن نهايت هوشياري‌ءَ ۽ اورچائي‌ءَ سان سان ڪم ڪيو.

پارٽي‌ءَ جي طاقت ۾ اچڻ تي پارٽي‌ءَ ۽ سرڪار جي پروپيگنڊا ۽ نشر و اشاعت جي شعبي جي چارج هن جي حوالي ڪئي ويئي. ان ۾ هن پاڻ کي نهايت ڪامياب ثابت ڪيو. هن جو چوڻ هو تہ پروپيگنڊا جو مُکيہ مقصد عوام جي دلين کي هٿ ڪرڻ هو. ۽ انهي‌ءَ مقصد جي حصول لاءِ صحيح يا غلط طريقن جي خيال ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪانهئي.

هو چوندو هو تہ ”عوام جا حافظا تمام ڪمزور آهن ۽ هو هرويرو ڳالھ جي تہ ۾ وڃڻ جا عادي بہ نہ آهن. جيڪڏهن صفا بي‌بنياد ڳالھ بہ ڏھ ڀيرا ڏهرائبي، سندن اڳيان پيش ڪبي، تہ ان کي هو مڃڻ لڳندا.“

هن جي عملي پاليسي‌ءَ لاءِ اختيار ڪيل نقطن مان هڪ اهو بہ هو تہ جرمن قوم جي ترقي‌ءَ لاءِ ڪتاب ۽ تلوار (پروپيگنڊا ۽ ملٽري طاقت) ضروري ڳالهيون هيون. اهو ساڳيو نظريو مُلا واري اسلام جو بہ مکيہ نقطو پئي رهيو آهي. هن مُلن کان اهو سبق سکيو هو. يا موجوده وقت جا مُلا هن جي ڪاپي ٿا ڪن، تنهن جو پتو پوڻ مشڪل آهي. مُلو بہ قرآن ۽ تلوار کي اسلام پکيڙڻ لاءِ ضروري شيون سمجهي ٿو. جهاد جو نظريو بہ انهي‌ءَ نقطي نگاھ جو جُزو آهي. ان ڪري بعضي ماڻهو انهي‌ءَ راءِ جا آهن تہ تعصبي مذهب جو اهو نقطي نگاھ ۽ فاشزم ساڳي ڳالھ هئا.

هُن جو چوڻ هو تہ آمرانہ حڪومت جو مُکيہ اصول اُهو هئڻ گهرجي تہ سڄي‌ءَ پريس تي حڪومت جو ضابطو هئڻ گهرجي. ان ڪري هن اهو طريقو اختيار ڪيو هو تہ اخبارن ۾ جيڪي بہ لکڻ ۾ اچي، سو حڪومت جي اجازت ۽ اشاري سان ئي لکجي.

هن سندس پروپيگنڊا جا مُکيہ مقصد هيٺيان مقرر ڪيا هئا.

١- جمهوريت کي جرمن مفاد لاءِ نقصانڪار ثابت ڪرڻ.

٢- جرمن قوم ۾ يهودين لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ.

٣- جرمن قوم جي عظمت، صلاحيت ۽ برتري بيان ڪرڻ.

۴- خوف ۽ نفرت جي بنياد تي جرمن قوم ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ.

اها پروپيگنڊا هن اهڙي نموني ڪئي، جو ساري‌ءَ قوم تي جادو ٿي ويو، ۽ هو نازي اڳواڻ جي هر ڳالھ کي صحيح ۽ فائديمند سمجهي، اکيون پوريو سندس پٺيان هلڻ لڳا، ۽ هلندا رهيا.اڄ بہ اڪثر حڪومتون ڊاڪٽر گوبلس جي سيڪاريل انهن طريقن مان فائدو وٺي رهيون آهن.

## ڊاڪٽر شاخت

هيءُ جرمني‌ءَ جي صوبي سليوگ جي تنگلف شهر ۾ جنوري‌ءَ ١٨٧٧ع ۾ ڄائو هو.

هو.

سندس انهيءَ قدم کان خوفزده ٿي، انگلينڊ، فرانس، ۽ اٽليءَ گڏجي ١١ اپريل ١٩٣٢ع تي جرمنيءَ خلاف محاذ قائم ڪيو. ازانسواءِ ليگ آف نيشنس کان، جرمنيءَ جي عهدنامي جي شرطن ٽوڙڻ تي، اتحادين ننڌا جا ٺهراءَ پاس ڪرايا. پر هٽلر تي انهن ڳالهين جو ڪوبہ اثر نہ پيو. هيءُ ڏينهان ڏينهن ويو جرمنيءَ کي طاقتور بنائيندو. مُرڳو ليگ آف نيشنس جي ننهن ٺهرائن پاس ڪرڻ ڪري خود ليگ آف نيشنس جو پنهنجو وقار گهٽبو ويو.

سال ١٩٣٦ع جي ١۴ نومبر تي، هٽلر وري بہ ورسيلز جي عهدنامي جي پڃڪڙي ڪري، جرمنيءَ جي حدن کي بين‌الاقوامي حدون تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ان کان پوءِ ٢۵ نومبر تي جپان سان ائنٽي ڪامنٽرن (ڪميونسٽ ملڪن خلاف) پئڪٽ ڪيو.

انهيءَ وقت ڏاري اتحادي قومون گڏريل مهاپاري لڙائيءَ جي ٿڪاوٽ، خودغرضين ۽ سندن تسلط هيٺ آيل ملڪن ۾ آزاديءَ جي تحريڪن جي زور وٺڻ ڪري ايتريقدر مرعوب ٿي ويون هيون، جو ليگ آف نيشنس مان جرمنيءَ خلاف ملامت جي ٺهراءُ پاس ڪرائڻ جي باوجود، هو وڌيڪ ڪو قدم کڻي نہ سگهيون، ڇاڪاڻ تہ هٽلر جي سڃيءَ ان آڪرائيءَ ڪري هنن پنهنجن بيروني مفادن کي ترت نقصان جو انديشو نہ ٿي ڇاتو. بلڪ ڪن حالتن ۾ پاڻ انهن ٺهرائن جي خلاف طاقت ورزيءَ جا هو پاڻ مددگار ٿي رهيا. جهڙي طرح اٽليءَ جي حالت ۾ ڪيائون. ان جو قصو هيئن آهي تہ اٽليءَ جي آيل ڏڪٽيٽر مسوليني‌ءَ حبش جي ملڪ تي زوريءَ قبضو ڪري ورتو هو. ان تي اتحادين، دنيا جي عام راءِ کان متاثر ٿي، ان ڪُلي ڏاڍائيءَ خلاف ليگ آف نيشنس کان اٽليءَ جي ننڌا جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. پر ان جي باوجود هنن جي مُکيہ ميمبر، انگلنڊ، ٢- جنوري ١٩٣٧ تي اٽليءَ سان باهمي مفاد جي بنياد تي سمجهوتو ڪري ڇڏيو؛ جنهن جي ان سڌيءَ طرح معنيٰ اهائي نڪتي تہ اٽليءَ جو حبش تي قبضو تسليم ٿي ڪيائون.

جرمنيءَ ۾ هٽلر جي زور وٺڻ کان پوءِ، جيڪي عهدنامن خلاف پڃڪڙيون ٿيڻ لڳيون هيون، ان تي ناراض ٿيڻ جي عيوض انگريزن هٽلر کي راضي رکڻ ۽ ٺڏي ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي.١٩٣۵ ع ۾ انگريزن جرمنيءَ سان بحري عهدنامو ڪيو.

١٧- نومبر ١٩٣٧ع تي لارڊ هئليفاڪس کي هٽلر سان سمجهوتي ڪرڻ لاءِ جرمنيءَ موڪليو ويو، جنهن واپس اچڻ کانپوءِ هن جي تعريف ڪئي.هئي پاسي، فرانس، هٽلر جي اهڙين ڪاروائين کان خوفزده ٿي، ۽ انگريزن جي ڦلهڙي پاليسي ڏسي، پنهنجي وزير خارجہ ڊيلبس کي پولنڊ، رومانيا، يوگوسلويا ۽ زيڪوسلويڪيايا ڏانهن جرمن خلاف محاذ قائم ڪرڻ واسطي ڳالهين لاءِ موڪليو، جن وٽان سندس حوصلي افزائي ڪانہ ٿي.

اهڙين حالتن کي ڏسي، هٽلر بيڌپو ٿي پيو، ۽ ورسيلز عهدنامي جي شرطن ۽ ليگ آف نيشنس جي ٺهرائن خلاف آسٽريا تي مارچ ١٩٣٨ع ۾ زوريءَ قبضو ڪري، ان کي هن جرمنيءَ سان ملائي ڇڏيو.

ليڪن اُن تي بہ اتحادين مان ڪنهن ملڪ کي طاقت نہ ٿي، جو ڪجھ قدم

ڪئي.

جڏهن هٽلر ڏٺو تہ انهن ڳالهين تي جيتوڻيڪ ظاهري طرح انگليند ۽ فرانس ڪَچيا ڪونہ ٿــي پر اندروني طرح مخالفت لاءِ تياريون ڪري رهيا هئا. تڏهن هن ٩- مئي ١٩٣٨تي اٽليءَ جي ڊڪٽيٽر مسولنيءَ سان گڏ عهدنامو ڪري، ٻنهي فسطائي ملڪن جي دوستيءَ کي مضبوط ڪيو. ان تي انگريزن جا اٽليءَ سان ڪيل سمجهوتا بيڪار بنجي ويا. نيٺ انگليند ۽ فرانس پاڻ ۾ اتحاد کي مضبوط ڪرڻ جا رستا اختيار ڪيا. جولاءِ ١٩٣٨ع ۾ انگليند جي بادشاهہ جارج ڇهين ۽ رانيءَ ايلزبيٿ کي فرانس ۾ ٻنهي ملڪن جي دوستيءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو.

ڪجهہ وقت اڳي هٽلر پنهنجي تقرير ۾ زيڪوسلويڪيا جي جرمن اقليت جي حقن جي حفاظت جو اعلان ڪيو هو. جنهن تي زيڪوسلويڪيا جي وزيراعظم، موز، جواب ڏنو هو تہ هو پنهنجي ملڪ ۾ ٻاهرين دست اندازي برداشت نہ ڪندو. آسٽريا تي جرمنيءَ جي قبضي ٿيڻ بعد حالتون گهٽيون بدلجي چڪيون هيون، ۽ زيڪوسلويڪيا ٽن طرفن کان جرمنيءَ جي گهيري هيٺ اچي چڪو هو. بهرحال، فرانس ۽ رشيا زيڪوسلويڪيا جي مدد جو اعلان ڪيو، پر حالتون اهڙيون نازڪ صورت اختيار ڪري چُڪيون هيون، جو زيڪوسلويڪيا کي لاچار جرمنيءَ سان نالو جون ڳالهيون ڪرڻيون پيون. پر انهن مان جڏهن جرمنيءَ جي پنهنجي مرضيءَ موجب نتيجو ڪونہ نڪتو، تڏهن هٽلر جنگ جي ڌمڪي ڏنئي، ظاهر ڪيو تہ هو جرمن اقليتن واري زيڪوسلويڪيا جي حصي کي جرمنيءَ سان ڳنڍي ڇڏيندو.

اُن تي انگريزن، بجاءِ ان جي تہ زيڪوسلويڪيا جو ڪو بچاءُ ڪن، سڌي طرح ٻنهي جي وچ ۾ سمجهوتي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ان جو بہ هٽلر تي ڪو اثر نہ ٿيو. آخر ٢٩- سيپٽمبر ١٩٣٨ع تي ميونچ ۾ هڪ ڪانفرنس گڏ ٿي، جنهن ۾ جرمنيءَ طرفان هٽلر ۽ ربنتراف، اٽليءَ طرفان مسوليني ۽ ڪيانو، فرانس طرفان ڊادليئر، ۽ انگليند طرفان چيمبرلين عيوضي گڏ ٿيا. ان ميٽنگ ۾ زيڪوسلويڪيا جو ڪوبہ عيوضي ڪونہ هو. ميٽنگ ۾ سڀني شامل ملڪن گڏجي، زيڪوسلويڪيا جي رضامنديءَ کان سواءِ، ان جي ورهائڻ واري عهدنامي تي صحيحون ڪيون، ۽ پهرين آڪٽوبر ١٩٣٨ع تي يعني ٻئي ڏينهن، زيڪوسلويڪيا کي سندس ملڪ جا جرمن اقليتن وارا حصا جرمنيءَ جي حوالي ڪرڻ جو مشورو ڏنائون. ڪمزور زيڪوسلويڪيا مجبور ٿي، اهو فيصلو قبول ڪيو. انهيءَ طرح هٽلر جيڪي گهريو ٿي، سو بنان جنگ جي کيس ملي ويو. اُن کان پوءِ هٽلر جو وچ يورپ جي ملڪن تي ڌاڪو ويهجي ويو، ۽ اتحادين جي ڪمزور ۽ ڦلهڙي پاليسي سڄي دنيا تي ظاهر ٿي ويئي.

ٻئي سال جي مارچ مهيني ۾، هٽلر بنان سبب جي اڳتي وڌي، سڄي زيڪوسلويڪيا تي قبضو ڪري ورتو ۽ پولنڊ جي ميمل ابراضيءَ کي بہ پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو.آخر ۾ جرمنيءَ جي وڌندڙ حرص ملڪ گيريءَ کان خوفزده ٿي، انگليند ۽ فرانس پولنڊ کي آئنده ڪنهن اهڙي صورتحال ۾ مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيو.انهيءَ ڳالهہ کي منهن ڏيڻ لاءِ جرمنيءَ، اٽليءَ، جپان ۽ اسپين جي چئن فسطائي نظريي ۾ اعتقاد رکندڙ حڪومتن پاڻ ۾ متحده محاذ قائم ڪيو. جلدئي جرمنيءَ ۽ اٽليءَ هڪ

قدم اڳتي وڌائي، پاڻ ۾ ملٽري پئڪٽ ڪيو.ساڳئي سال ۾ ٢٣- آگسٽ ١٩٣٩ع تي، جرمنيءَ ۽ رشيا جي حڪومتن، پاڻ ۾ جنگ نه ڪرڻ جو عهدنامو ڪيو.

انهن ڳالهين کان متاثر ٿي آمريڪا جي پريزيڊنٽ، مسٽر روزويلٽ، پولنڊ ۽ جرمنيءَ جي وچ ۾صلح ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جرمني پنهنجين تقاضائن کي گهٽائڻ لاءِ تيار نه ٿي. ان ڪري ڪوبه سمجهوتو ٿي نه سگهيو.

جنهن کان پوءِ جرمنيءَ، پولنڊ جي ورهاڱي لاءِ پنهنجي ١٦ نقطن واري تجويز، ٣١ آگسٽ ١٩٣٩ع تي، ظاهر ڪئي، ۽ ٻئي ڏينهن يعني پهرين سيپٽمبر ١٩٣٩ع تي وڏي ان تي حملو ڪري ڏنو، ۽ ائين زوران زوريءَ ان جو ڊانزنگ وارو سامونڊي بندر پنهنجي قبضي ۾ آڻي ڇڏيو.

٣- سيپٽمبر ١٩٣٩ع تي، انگليند ۽ فرانس، مجبور ٿي، جرمنيءَ سان جنگ جو اعلان ڪيو، ۽ ائين، ٻاويهن سالن جي اندي منڊي صلح کان پوءِ، يورپ ۾ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي شروعات ٿي.

●

انهن کي حڪومت جي ضابطي هيٺ رهڻو پوي ٿو. انهيءَ حڪومت جو جوڙجڪ جاگرافيائي طور مقرر ڪيل ٽڪن مان چونڊجي آيل عيوضن جي بدران ڌنڌن جي بنياد تي چونڊيل عيوضين جي هٿ ۾ رهي ٿو. پر اهڙي چونڊ لاءِ اميدوار فقط (فاشسٽ) پارٽي نامزد ڪندي آهي. ان لاءِ، توڙي ملڪ ۾ ٻئي ڪنهن مقصد لاءِ ٻي ڪنهن پارٽي جو وجود تسليم نه ڪيو ويندو آهي. ووٽرن کي فاشسٽ پارٽيءَ جي نامزد ميمبرن کي چونڊڻ لاءِ صرف هائو يا نه ڪرڻي پوندي آهي.

مسوليني پاڻ هڪ ئي وقت پنهنجي فاشسٽ پارٽيءَ جو ليڊر، رياست جو وزيراعظم، ۽ ان جي قومي ڪائونسل جو صدر هو.

هن طاقت ۾ اچڻ ۾ ڪان پوءِ کليو ان ڳالهه جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو ته يورپ جي ٻين ملڪن کي ڪالونيون ( بيٺڪون، يعني غلام ملڪ ) هجن. ته اٽليءَ کي ڇو نه هئڻ گهرجن! ان لاءِ دليل ڏنائين ته ته اٽليءَ جي آبادي سوا چار( ۴-۱/۴) ڪروڙ هئي، جا هرسال ڏيڍ لک ماڻهن جي اضافي سان وڌي رهي هئي. ماڻهن جو گذر ڪيتيءَ تي هو. ملڪ ۾ ڪارخانا تمام ٿورا هئا ۽ جتي هئا انهن کي ڪچي سامان جي ڪمي هئي. ملڪ ۾ ربڙ، ٽين، نڪل، ڪپهه، ڪوئلي، تيل، لوهه، ۽ ٽامي جي ڪوتاهي هئي . جيڪڏهن اٽليءَ کي زنده رکڻو ۽ طاقتور بنائڻو هو ، ته ان جي ماتحت ايراضي کي وڌائڻ ضروري هو.

هن ڏٺو ته ايشيا ۽ آمريڪا جا اڪثر ملڪ يورپ جي ٻين سامراجي طاقتن جي هٿ هيٺ هئا. پر حبش جو هڪ اهڙو ملڪ هو، جو سڌو ڪنهن حڪومت جي تسلط هيٺ نه هو، ان ۾ ڪچو مال به گهڻو هو. ان جي حڪومت به ڪمزور هئي . ان ڪري، هن فوراً ان ملڪ کي پنهنجي تسلط هيٺ آڻڻ جو ارادو ظاهر ڪيو.

ان خيال ڪانپوءِ ۳- آڪٽوبر ۱۹۳۵ع تي ، هن حبش تي بنان سبب جي حملو ڪيو. جيئن ته اهو ملڪ سوڊان جي پير ۾ هو، جو ان وقت انگريزن جي ماتحت هو، ۽ انگريزن جي ايشيا وارين ڪالونين جي قبضي هيٺ آيل ملڪن جي رستي تي پڻ هو، ان ڪري انگريزن ان مان سندن پنهنجي مفاد کي خطرو محسوس ڪيو. ۽ ليگ آف نيشنس ڪان اٽليءَ خلاف نهراءُ پاس ڪرايو، جنهن اٽليءَ کي ناحق حملي آور طاقت قرار ڏنو، ۽ ۱۸ نومبر تي، ٻئي نهراءَ ذريعي ، ان تي پابنديون عائد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

پر مسوليني انهن نهرائن جي پرواهه نه ڪندي، ۵ مئي ۱۹۳۶ع تي حبش جي گاديءَ اديس ابابا تي قبضو ڪري، ساري ملڪ کي پنهنجي تسلط هيٺ آڻي ڇڏيو، ۽ ان جو ۹ مئي ۱۹۳۶ع تي هن کليل اعلان ڪيو.

ان ڪانپوءِ ليگ آف نيشنس کي اتحادين جو اوزار ۽ هڪ بيڪار جماعت سڏيندي، ڊسمبر ۱۹۳۷ع تي مسوليني‌ءَ ان مان پنهنجي ملڪ جي نڪري اچڻ جو اعلان ڪيو. ان وقت يورپ جي سامراجي طاقتن جو اخلاق ۽ اخلاقي همت ايتري ڪِريل هئي، جو ليگ آف نيشنس جي مکيه ميمبر ۽ جمهوريت جي علمبرداري جي دعوا ڪندڙ انگريزي حڪومت، باوجود ان جي، جو ليگ آف نيشنس اٽليءَ جي حبش تي حملي خلاف نهراءُ پاس ڪيا هئا . ۱۶ نومبر ۱۹۳۷ع تي اٽليءَ سان سمجهوتو ڪري، حبش تي ان قبضي کي قبول ڪيو، ۽ ترت ئي پوءِ فرانس به اها صورتحال قبول ڪئي .

جڏهن مسوليني ڏٺو تہ باوجود ان جي ، جو حبش تي سندس حملي جي مخالفت ڪئي ويئي،آخر ۾ وري بہ ان تي سندس قبضي کي يورپ جي ٻن مکيہ طاقتن قبول ڪيو هو. ۽ ساڳئي ريت هوڏانهن آسٽريا ۽ زيڪوسلوويڪيا تي انهن ٻئي طاقتن جي اکين اڳيان هٽلر قبضو ڪري ويو هو. تڏهن هن جا حوصلا ويتر وڌي ويا. ۽ ڀنان ڪنهن سبب، جي، ٧-اپريل ١٩٣٩ع تي، هن وڏي البانيا تي قبضو ڪري ورتو.

ان ڪانپوءِ، مئي ١٩٣٩ع ۾ ، هن جرمنيءَ سان جنگي عهدنامو ڪيو. جڏهن ان سان سيپٽمبر ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي، تہ جرمني ۽ اٽلي ، يعني هٽلر ۽ مسوليني، ٻئي هڪٻئي سان گڏ هئا. ۽ انهيءَ ٻي لڙائيءَ ۾ ٻنهي جي طاقت جو زوال آيو.

●

# فصل چوٿون

## ٣. انگلنڊ

يورپ جي مکيه ملڪن مان انگلنڊ هڪ رهيو آهي. جنهن دور جو هتي ذڪر ٿي رهيو آهي، ان دور ۾ هي ملڪ دنيا جي وڏي ۾ وڏي سامراجي طاقت هو. ان لاءِ مشهور هو ته ان جي شهنشاهيءَ تان سج ڪونه ٿي لٿو. باوجود ايڏيءَ طاقت ۽ ايتريءَ وسيع سلطنت جي هن ئي ملڪ ۾ پارليماني طرز تي حڪومت هلندڙ هئي، جا گهڻي وقت کان اتي هلندي ٿي آئي ۽ اڃا تائين هلندي اچي ٿي . هن ئي ملڪ ۾ جمهوري قدر رائج هئا، گهڻي قدر اڄ به آهن. هتي ئي دنيا جي مشهور انقلابين ڪارل مارڪس، لينن ۽ سن يت سين جهڙن کي جاءِ پناهه ملي هئي. هيءُ ئي ملڪ هو ، جنهن، پنهنجي نفعي جو خيال ڪان ئي سهي، پر ٻين جي بچاءَ لاءِ هٿيار کنيا ٿي، ۽ جو ، ڪم از ڪم نظرياتي طور ، جمهوريت ۽ انساني حقن جو قائل ۽ پاڻ وٽ پنهنجي حڪومت ۾ زور زبردستيءَ کان پري هو.

پهرين ءَمهاڀاري جنگ ۾ ، هيءُ ملڪ زور ڪري ان لاءِ داخل ٿيو، جو يورپ جي حڪومتن جي طاقت جو توازن ٽٽي وڃڻ جو امڪان هو. ان لڙائيءَ ۾ هن جا اڍائي لک سپاهي مئا ۽ ١٥ لک سپاهي زخمي ٿيا هئا. ان لڙائيءَ تي سندس خرچ ٨ ارب پائونڊ ٿيو هو.

جنگ انگلنڊ ۽ سندس اتحادين کٽي، پر اُن کانپوءِ انگريزن کي ڪيترين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. سندس ماتحت ملڪن مان آئرلينڊ، انڊيا، مصر ۽ ٻين ملڪن ۾ سندس تسلط کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ تحريڪون شروع ٿيون هيون. خود سندن پنهنجي ملڪ ۾ اسٽرائيڪيون ٿيون، پر هي سيني ڳالهين کي نهايت دانشمندي سان منهن ڏيندا آيا.

انگريزن جي ڪاميابي جو مکيه راز صدين کان اهو رهيو آهي ته هنن يورپي طاقتن جي وچ ۾ توازن قائم ڪري پنهنجي طاقت کي فيصلي ڪن حالت ۾ رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي هئي. پهرين لڙائيءَ ۾ به ان لاءِ گهڙيا، جو ڏٺائون ته يورپي ملڪن جي طاقت جو توازن ٻيءَ صورت ۾ قائم رهي نٿي سگهيو.

ان ڪانپوءِ جڏهن جرمني ۽ اٽليءَ جي طاقتن، زور ورتو، ١٩٣٦ع ڌاري اڳرائي اختيار ڪري ان توازن کي ٽوڙڻ شروع ڪيو، تڏهن هنن جنگ جي خطرن کي ٽارڻ لاءِ ابتدا ۾ ٿوري وقت لاءِ ان ڳالهه کي برداشت ڪيو، جو سمجهيائون ٿي ته ائين هو ڪجهه وقت حالتون قبضي ۾ رکي سگهندا. ان لاءِ هنن جرمني سان بحري معاهدو ڪيو، ۽ اٽليءَ سان به آخر تائين سمجهوتي بازي کان ڪم وٺندا رهيا.

هيڏانهن هندوستان کي پڻ ، ١٩٣٥ع وارن سڌارن ڏيڻ سان، ڪجهه ٺڏو ڪرڻ گهريائون . آگسٽ ١٩٣٦ع تي ، پنهنجي هيٺ محڪوم ملڪ مصر سان سمجهوتو ڪري، ان جي ناراضگي گهٽايائون.

پر جڏهن هنن ڏٺو ته جرمني ۽ اٽلي وارا پنهنجي زور زبردستيءَ جي روش کان نٿا مڙن، ته هو فرانس سان تعلقات گهاٽا ڪري، اندروني طور ايندڙ اٿئر تصادم لاءِ تيار ٿيڻ لڳا.

انگريز هڪ عجيب عادتن ۽ روايتن واري قوم آهي. دنيا جي ٻين گهڻن ملڪن مان بادشاهه نڪري ويا آهن، پر هتي بادشاهي سرشتي کي، دستوري طرح ۽ نالي ماتر ٿي سهي، پر ڏاڍي پر وقار نموني ۾ هلايو وڃي ٿو. پنهنجي شاهي فرمانروا جي عزت ۾ گهٽتائي ڪانه ٿا ڪن، پر اختياري ڪا خاص ڪا نه ٿا ڏينس .

٢٠جنوري ١٩٣٦ع تي جارج پنجين، هنن جي شهنشاهه، وفات ڪئي. ان جي جاءِ تي سندس وڏو فرزند ايڊورڊ الين جي خطاب سان تخت تي ويٺو. هو هڪ آمريڪي عورت، مسز سمپسن، جي محبت ۾ ڦاسي پيو. ان سان شادي ڪرڻ گهريائين. جيئن ته اها عورت طلاق ورتل هئي، ان ڪري انگلنڊ جي قدامت پسند ماڻهن ڪيس اها دل گهري شادي ڪرڻ کان منع ڪئي. ان تي هي پنهنجي ننڍي ڀاءُ جارج ڇهين جي فائدي ۾ تخت تان دستبردار ٿي ويو، ۽ ڊيوڪ آف ونڊسر جي خطاب سان ملڪ کان ٻاهر رهي، ان عورت سان شادي ڪيائين. ان مان پتو پئجي سگهي ٿو ته باوجود ترقي يافته ملڪ هئڻ جي، هنن ۾ اڃا تائين قدامت پسنديءَ کي پنهنجي سماجي، معاشي، ۽ سياسي ڪاروبار ۾ ڪيترو زوردار اثر آهي .

١٩٣٥ع کان وٺي انگلنڊ جي حڪومت ڪنزرويٽو پارٽي جي ليڊر مسٽر بالڊون جي هٿ هيٺ هلندڙ هئي، جا ١٩٣٧ع ۾ مسٽر چيمبر لين جي هٿ هيٺ آئي. جنگ شروع ٿيڻ کان پوءِ ١٩٤٠ع ۾ ملڪ جو وزيراعظم مسٽر ونسٽن چرچل ٿيو. سموري جنگي عرصي ۾ اهوئي سندن وزيراعظم رهيو. هو تقرير ، تحرير ۽ تدبر ۾ بي مثل لياقتن جو مالڪ هو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ انگريزي قوم جي هن جنهن دانشمندي سان اڳوائي ڪئي، سا سندن تاريخ جي عظيم يادگار آهي. هيءُ وڏي قوم جو وڏو اڳواڻ هو، ان ڪري سندس زندگي جو مختصر احوال ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو.

## سر ونسٽن چرچل

هيءُ ڊيوڪ آف مارلبرو جي ستينءَ پشت ۾ لارڊ ونڊولف جو پٽ هو ۽ ٣٠نومبر ١٨٧٤ع تي بلينهام محلات ۾ ڄائو هو. هن جي ماءُ امريڪن هئي. هن هئرو جي پبلڪ اسڪول ۾ تعليم ورتي وٺي.

پنهنجي اسڪول جي ڏينهن ۾ هو ڪو خاص هوشيار شاگرد ڪونه هو. ملٽري ايڪڊمي سئنڊهرسٽ جي داخلا جي امتحان ۾ ٻه دفعا ناپاس ٿيڻ بعد مس مس ٽئين دفعي داخلا ملي هيس. اُتان پڙهي نڪرڻ تي، هن فوج ۾ نوڪري ڪئي.

پهريائين هو هندوستان ۾ ليفٽيننٽ مقرر ٿي آيو. حيدرآباد دکن ۾ نوڪري ڪيائين. پوءِ ڪجهه عرصو هن سرحدي علائقن جي مالا ڪنڊ ايجنسي چانوٽيءَ ۾ نوڪري ڪئي. اتان هو انگلنڊ جي ڪن اخبارن ۾ نامه نگار ٿي به ڪم ڪندو هو. صوبي سرحد ۾ تيواهه جي سرحدي جنگ ۾ هن حصو ورتو هو.

هندوستان ۾ نوڪري ڪرڻ بعد، هيءُ آفريڪا ۾ لارڊ ڪچنر سان، نيل درياجي سوڊان ۾، مهدي سوڊانيءَ جي حملن وقت، شريڪ ڪار رهيو. ان کان پوءِ هيءُ موٽي وطن ويو، جتي ڪجهه وقت رهي، ١٨٩٩ع ڌاري، هي آفريڪا ۾ بوئرس جنگ وقت "مارننگ پوسٽ" اخبار جو نامه نگار ٿي ويو. اتي لڙائي هلندي، هي قيد ٿي پيو، پر قيد مان همت ڪري، وڏين مشڪلاتن بعد، سلامت وطن پهتو.

١٩٠١ع ۾ هي ٢٧ سالن جي عمر ۾ برٽش پارليامينٽ جو ميمبر چونڊيو . هي ١٩٠١ع کان ١٩٠٦ع تائين پارليامينٽ ۾ ڪنزرويٽو پارٽيءَ جو ميمبر ٿي رهيو. ان کانپوءِ 'فري ٽريڊ' جي سوال تان هيءُ اها پارٽي ڇڏي، لبرل پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو.

١٩٠٨ع ۾ هن کي ٽريڊ بورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو، ۽ ١٩١٠ع ۾ کيس هوم سيڪريٽري ڪري رکيو ويو. ان کانپوءِ ١٩١١ع ۾ کيس فرسٽ لارڊ آف ائڊمرلٽي مقرر ڪيو ويو، جنهن عهدي تي ١٩١٥ع تائين کيس قائم رکيو ويو. ١٩٤٠ع جي پهرين مهاڀاري لڙائيءَ وقت، هن لبرل پارٽيءَ جي جنگي وزارت ۾ ڪم ڪيو.

انهيءَ لڙائيءَ ۾ هن ساموندي ٻيڙي جي اڳواڻي ڪري، دره دانيال ۾ ترڪن تي حملو ڪري، اهو قلعو ولڻ چاهيو، جنهن ۾ مصطفيٰ ڪمال هن کي شڪست ڏني. ان تي هن کي وزارت تان استعفيٰ ڏيڻي پيئي . وري مسٽر لارڊ جارج، انگلنڊ جي لبرل وزيراعظم، کيس ١٩١٧ع ۾ ٻيو ڀيرو جنگي رسد جو وزير ڪري رکيو. ان کانپوءِ هو ڪيترن عهدن تي فائز رهندو آيو. ١٩٢٤ع ۾ هو ٻيهر ڪنزرويٽو پارٽيءَ ۾ داخل ٿيو، ۽ ان جي حڪومت ۾ چانسلر آف ايڪسچيڪر مقرر ڪيو ويو.

هن هندوستان جي آزاديءَ جي سوال تان مسٽر بالڊون جي انڊيا بل جي سخت مخالفت ڪئي.

هيءُ جرمني ۾ هٽلر جي وڌندڙ طاقت خلاف وقت بوقت پارليامينٽ ۾ انگريزن کي آگاهه ڪندو رهيو. پر ان وقت هن کي ڪنهن به نه ٻڌو. مسٽرچيمبرلين حتي الامڪان ڪوشش ڪئي ته جنگ ٽري وڃي ۽ هٽلر راضي ٿئي، پر ان ۾ ناڪامياب ٿيو. نيٺ سيپٽمبر ١٩٣٩ع ۾ جڏهن انگريزن کي، مجبور ٿي، جرمنيءَ خلاف جنگ جو اعلان ڪرڻو پيو، تڏهن چرچل کي ملڪ جي گڏيل جنگي وزارت ۾ کنيو ويو. ١٠ مئي ١٩٤٠ع تي چيمبرلين جي استعفيٰ ڏيڻ تي هو انگليڊ جي وزيراعظم جي عهدي تي فائز ٿيو.

سڄي ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي عرصي ۾، حڪومت جي واڳ هن جي هٿ ۾ رهي. اهو هن جي همت، سحربياني ۽ لاڳيتي اڻٿڪ محنت ۽ ڪوششن جو نتيجو هو، جو سخت مشڪلاتن جي وقت به انگريزن هيٺي کا نه ٻولي ۽ هو جوانمراديءَ سان لڙندا رهيا. آخر جنگ، آمريڪا جي شموليت سبب، اتحادين جي فائدي ۾ فيصل ٿي.

ونسٽن چرچل، جنهن کي پوءِ سندس ٻي مثل جنگي خدمتن جي صلي ۾ لارڊ جو خطاب مليو، هڪ بهترين لکندڙ ۽ تقرير ڪندڙ هو. هن ڪيترائي ڪتاب به لکيا آهن.

واندڪائيءَ جي وقت هو جاپان جون سرون وجهي، عمارت سازي ڪندو هو. تصويرون بہ ڪڍندو هو. جنگ کانپوءِ جلدئي انگريزن جون نيون چونڊون ٿيون، جنهن ۾ ليبر پارٽي ڪامياب ٿي ۽ هن جي جاءِ تي مسٽر ڪليمٽ ائٽلي وزيراعظم مقرر ٿيو.

ان کانپوءِ، هڪ ڀيرو وري ڪنزرويٽو پارٽيءَ جي چونڊن ۾ ڪاميابيءَ بعد، هي انگلنڊ جو وزيراعظم مقرر ٿيو . هن ١٩٦٤ع ۾ نوي (٩٠ ) ورهين جي عمر ۾ وفات ڪئي.

# فصل پنجون

۴ - سوويت يونين (روس) :

يورپ جو چوٿون مکيه ملڪ سوويت يونين آهي.

۲۱ جنوري، ۱۹۲۴ع تي سوويت يونين جي باني ۽ ڪميونزم کي عملي صورت ڏيارڻ واري اعليٰ ليڊر لينن وفات ڪئي.

ڪميونزم، معاشري جي نئين طور تعمير ڪرڻ لاءِ ، اقتصادي بنيادن تي بيٺل هڪ نظريو آهي، جنهن جي پوئلڳن کي اهو يقين ويٺل آهي تہ هن وقت بني نوع انسان جي جملي معاشرن جي مشڪلاتن ۽ مصيبتن جي نجات انهيءَ جي پوئلڳيءَ مان ئي ٿيڻ واري آهي.

ڪميونزم جي پوئلڳن جي دعويٰ ۽ عالمگير مذهبن ، هندو قوم، ٻڌ ڌرم، مسيحت ۽ اسلام جي پيروئن جي دعويٰ آخر ۾ ساڳي وجي بيهي ٿي. منجهن تفاوت هيءُ آهي تہ مذهب جا مڃيندار روحانيت کي ترجيح ڏيئي ، فوق العقل طاقت جي ڏنل هدايتن کي رهبر راهہ بنائي، نجات انساني حاصل ڪرڻ گهرون ٿا، ۽ ڪميونزم جي نظرئي ۾ ويساهہ رکندڙ، هر ڳالهہ جو بنياد مادي حقيقتن تي رکي، عقل جي ذريعي، معاملي فهمي ڪرڻ گهرن ٿا. ٻنهي جو رجحان فردن کي جماعت جي تابع بنائڻ طرف رهي ٿو. ٻنهي ۾ ، شخصي طور آزاد راءِ جي مقابلي ۾، نظرئي جي بنيادي اصولن ۽ ان جي مکيہ رهبرن جي راين کي سند ڪري ورتو وڃي ٿو . مسلمان عالم، قال الله ۽ قال رسول جي سند ڏيئي شخصي اجتهاد تي رڪاوٽون وجهن ٿا، ڪميونسٽ ڪارل مارڪس ۽ لينن جي راءِ کي سند ڪري ڪتب آڻين ٿا.

لينن کانپوءِ سوويت يونين ۾ ٻہ گروهہ ٿيا، هڪ ٽراٽسڪيءَ جو ۽ ٻيو گروهہ اسٽالن جو هو.

پهريون گروهہ ڪميونزم کي هڪ ئي وقت سڄي دنيا ۾ رائج ڪرڻ جو حامي هو.

ٻئي گروهہ پهريائين ان جو رشيا ۾ تجربو ڪرڻ ممڪن ۽ فائديمند ٿي سمجهيو.

ٽن سالن جي لفظي ڏي وٺ ۽ فڪري تصادم کان پوءِ، ڊسمبر ۱۹۲۷ع ۾ اسٽالن سڄي حڪومتي نظام تي مڪمل قبضو ڪري ورتو، ۽ ٽراٽسڪي ملڪ ڇڏي، آمريڪا ۾ وڃي رهيو.

۱۹۳۴ع ۾ ، اسٽالن سوويت يونين کي ليگ آف نيشنس جو ميمبر ڪيو. ۱۹۳۵ع ۾ هن فرانس سان عهدنامو ڪيو. هن تعمير ۽ ترقي جي پنجسالہ پروگرامن ذريعي سوويت يونين کي اقتصادي طور ۽ صنعتي ميدان ۾ هڪ طاقتور ۽ شاندار ملڪ بنائڻ جي

# فصل ڇهون

## ٥ - فرانس

يورپ جو پنجون مکيه ملڪ فرانس آهي. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ فرانس جا تيرنهن لک پنجلسي هزار (١٣٨٥٠٠٠) سپاهي مئا ۽ ٣٠ لک ماڻهو ڦٽيا هئا. چار لک ڇائيتاليه هزار (٤٤٦٠٠٠) ماڻهو قيدي بنيا هئا يا گم ٿيا هئا.

پر لڙائي اتحادين جي فائدي ۾ فيصل ٿيڻ بعد انهن گڏجي شڪست کاڌل ملڪن بابت جيڪي فيصلا ڪيا ۽ عهدناما ناهيا هئا، انهن مان گهڻي ۾ گهڻو نفعو فرانس کي پهتو. ان کي جنگي تاوان مليو. جرمنيءَ جي ملڪ جو ڪجھ حصو ڪيس ڏياريو ويو. ليگ آف نيشنس ۾ ان جي خاص حيثيت رهي. ان ڪري جلدئي ٿيل نقصان جي پورائي ڪري هيءُ ملڪ وري طاقت وٺي ويو.

هٽلر جي هٿ هيٺ طاقتور ٿيڻ بعد، جرمنيءَ فرانس، کان ان جي قبضي وارو اهو پنهنجي ملڪ جو حصو ته ڇڏايو، پر ان سان اهڙو رويو اختيار ڪيائون جنهن سان فرانس جي حڪومت وري انهن کان خطرو محسوس ڪرڻ لڳي. ان ڪري جنوري ١٩٣٥ع ڌاري فرانس جي حڪومت اٽليءَ جي حڪومت سان آفريڪا بابت سمجهوتو ڪيو، ۽ مئي ١٩٣٥ع ۾ سوويت يونين سان عهدنامو ڪيو، ۽ اهڙيءَ طرح هو پاڻ کي جرمني جي خلاف مضبوط ڪرڻ لڳا.

فرانس کي سڀ کان پهرين جديد صنعتي دور جي انقلابي حڪومت قائم ڪندڙ ۽ جمهوري اصولن جو علمبردار تسليم ڪيو ٿي ويو. بهرحال ان جي، ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان ٿورو اڳ، حالت هيءَ هئي ته پارٽين جي ڪثرت ۽ انهن جي پيچ نهڻ ڪري، اتي ڪابه مضبوط وزارت نهي ٿي سگهي، ان جون وقت بوقت وزارتون بدلبيون ٿي رهيون. اهڙين حالتن هيٺ، ان وقت جي حڪومت جي ڪمزور پاليسيءَ کان متاثر ٿي، ملڪ جي عام رائ، جنوري ١٩٣٦ع ۾، مسٽر لاول جي وزارت ڪيرائي، ليان بلوم جي وزارت طاقت ۾ آندي، جنهن ۾ ترقي پسند گروهه جي ڪثرت هئي. پر پوءِ به فرانس جي حڪومت ۾ پائداري ڪانه آئي، ۽ اپريل ١٩٣٨ع ۾ ڊاڊليئر وزارت جي نئين حڪومت نهي، جا به ڪا ٿورو ئي وقت قائم رهي سگهي. آخر ۾ جڏهن پولنڊ جي سوال تان انگلنڊ ۽ فرانس سيپٽمبر ١٩٣٩ع ۾ جرمنيءَ سان جنگ جو اعلان ڪيو، ته پڻهر ڊاڊليئر کي وزيراعظم ڪري رکيو ويو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جو گهڻو وقت هيءُ ئي وزيراعظم ٿي رهيو ۽ فرانس جي تاريخ جي ان اهم دور ۾ هن مکيه پارٽ اداڪيو. ان ڪري ان دور جي يورپ جي مکيه ماڻهن مان ڊاڊليئر جي حياتيءَ جو مختصر احوال پيش ڪرڻ به ضروري ٿو نظر اچي.

## دادليئر

ايڊئور دادليئر فرانس جي شهر ڪارپنٽراس ۾ ٨ جون ١٨٨٤ع تي ڄائو هو. هن جو پيءُ ڳوٺ جو نانوائي هو. هو اسڪالرشپ وٺي پڙهيو، گريجويٽ ٿيو، ۽ ماستري ڪرڻ لڳو.

١٩١٤ع جي پهرئين مهاڀاري لڙائيءَ وقت، فرانس ۾ زوريءَ ڀرتيءَ جي دستور مطابق، هن کي فوج ۾ داخل ٿيڻو پيو. جنگ پوري ٿيڻ تي ، موٽي ڳوٺ اچڻ کان پوءِ، هن سياست ۾ دلچسپي ورتي ۽ ريڊيڪل سوشلسٽ پارٽيءَ جو ڪارڪن ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ڪجھ وقت کان پوءِ هي ڪارپنٽراس شهر جو ميئر چونڊيو ويو.

١٩١٩ع ۾ ٣٥ سالن جي عمر ۾ هيءُ پهريون ڀيرو چيمبر آف ڊيپوٽيز جو ميمبر چونڊيو. ان کانپوءِ، ١٩٢٤ع کان وٺي، هو ڪيترين وزارتن ۾ شامل ٿيو، ۽ لاڳيتو مختلف عهدن تي ڪم ڪندو آيو.

آخر ۾، ١٩٣٩ع جي سيپٽمبر ۾، هيءُ فرانس جو وزيراعظم ٿيو، ۽ جنگ جو سمورو وقت ان عهدي تي پاپولر فرنٽ طرفان فائز رهندو آيو. ملٽري ڳالهين ۾ خاص دلچسپي هيس ۽ ان علم تي هن ڪيترائي اهم ۽ مستند ڪتاب لکيا.

●

# فصل ستون

## ٦ -اسپين

١٩٣٦ع ۾ اسپين جي حڪومت ۾ اقتدار هٿ ڪرڻ تان ٻن نظرياتي گروهن جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿي پيا. انهن مان هڪ جمهوري سوشلسٽ راين جي پارٽي هئي ۽ ٻي فسطائي خيالن جي پارٽي هئي. ٿيندي ٿيندي، انهن جي پاڻ ۾ سوال وار (خانہ جنگي) شروع ٿي. عام ماڻهو ۽ انهن جا طرفدار هڪ طرف هئا.، مذهبي مهندار، زميندار ۽ ڪامورا ٻئي طرف هئا. حالتون ايتريون خراب ٿي ويون، جو انهن پارٽين کي ٻاهرين طاقتن به مدد ڏيڻ شروع ڪئي. جمهوري پارٽيءَ کي سوويت يونين ۽ انگلنڊ طرفان ٿوري مدد ملي، پر فسطائين کي جرمني ۽ اٽليءَ طرفان نہ رڳو رضاڪار بلڪ هٿيار ۽ هوائي جهاز بہ مدد ۾ موڪليا ويا. نتيجو اهو نڪتو تہ آخر گهڻي خون خرابي کان پوءِ حڪومت جي واڳ ملٽري جي جنرل فرئنڪو جي هٿ ۾ آئي، ۽ سارو ملڪ فسطائي حڪومت جي قبضي ۾ اچي ويو.

اسپين يورپ جي سڀني ملڪن کان پٺتي پيل هو. ان ۾ زمين تي قبضو وڏن زميندارن ۽ مذهبي مهندارن جو هو. تعليم تمام گهٽ هئي. ان ۾ ۴۵ سيڪڙو ماڻهو اڻ پڙهيل هئا، جو سيڪڙو يورپي ملڪن جي مقابلي ۾ نهايت گهڻو هو. منجهس ٻي زمين هاري گهڻا هئا. سندن حڪمران طبقو ظالم، غير جوابدار، مغرور ، جاهل، هوا جي رخ تي ڦرندڙ گهرندڙ، بي اصولو ۽ اڻ لائق هو. سندس حال هو بهو سنڌي وڏيرن جهڙو هو.

ان وقت اسپين جو بادشاه ، "الفانسو تيرهون" هو، جنهن جي اختيار ۽ اقتدار جو سڄو مدار زميندارن، پادرين ۽ لشڪر تي هوندو هو. ملڪ جي زمين ۵۰ سيڪڙو کان بہ مٿي صرف هڪ سيڪڙي ماڻهن جي هٿ ۾ هئي، جيتوڻيڪ ملڪ جو ۷۳ سيڪڙو ماڻهو زراعت تي گذر ڪندڙ هئا. ۴۰ سيڪڙو ماڻهو اهڙا هئا، جن کي ايڪڙ زمين بہ ڪونہ هئي. باقي ماڻهن کي بہ تمام ٿوري زمين هئي. رڳو هڪ 'ڊيوڪ آف البا' جي هٿ ۾ سموري بيلجم جي ملڪ جي ايراضيءَ جيتري زمين هئي. زميندار اڪثر ڪري زمين جي پيدائش ملن عيش عشرت ۽ سير شڪار تي خرچ ڪندا هئا. انهن مان گهڻا زمين تي رهڻ جي عيوض سڄو وقت وڏن شهرن ۾ گذاريندا هئا.

اسپين جو لشڪر تي تمام گهڻو خرچ هو. سندن لشڪر ۾ ۷۰۰ جنرل ۽ ۲۱هزار آفيسر هئا. هر ڇهن سولجرن پٺيان هڪڙو آفيسر هون!

ملڪ ۾ ۴۰ هزار پادري هئا، جن سڀني کي پگهار حڪومت کان ملندا هئا. جي سياست ۾ زميندارن ۽ ڪامورن سان گڏجي حصو وٺندا هئا. مذهبي ادارن جي هٿ ۾ زمين کان علاوه ڪاٺيون، هنري ڪارخانا، سامونڊي جهاز، ٽرامون، اليڪٽرسٽي، بسون

وغيره هونديون هيون.

اهي پادري، مذهبي ڳالهين کان سواءِ، ملڪ جي زمينداري ۽ ٻين پيشن ۾ دلچسپي وٺندا هئا. ملڪ جو سمورو تعليمي سرشتو سندن قبضي ۾ هو. مذهب کي انهن ملڪي سياست جو رانديڪو بڻائي ڇڏيو هو.

اسپين ۾ ۱۹۳۱ع جي چونڊن بعد بادشاهي ختم ٿي، ۽ ريپبليڪن پارٽيءَ جي هٿ ۾ حڪومت آئي. اها پارٽي وچين طبقي جي ماڻهن تي، جن ۾ ننڍا ڪامورا، پروفيسر، اديب وغيره هئا، مشتمل هئي. انهيءَ پارٽي جي ليڊرشپ مئنوئل ازانا نالي جمهوريت پسند اڳواڻ جي هٿ ۾ هئي، جو ريپبليڪن پارٽيءَ جي حڪومت جو وزيراعظم ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. انهيءَ پارٽي ملڪ جو آئين ناهيو، جنهن ۾ هنن مذهبي ماڻهن جي حڪومت مان دست اندازي ڪڍي ڇڏي، سياست ۽ مذهب کي جدا ڪيو، حڪومت کي رعيتي راڄ بڻايو، تعليم زوري ۽ مفت ڪئي، زالن کي ووٽ جو حق ڏنو، خاندانن جا لقب رد ڪيا، ڪارخانن جي مزدورن کي وڏيڪ حق ڏياريا.

پر هيءُ آئين پوري طرح عمل ۾ اچي ڪين سگهيو. هن پارٽيءَ جي ڪارڪنن نظرياتي ڳالهين تي وڌيڪ ۽ عملي ڳالهين ڏي گهٽ ڌيان ڏنو. کين خبر هئي ته سندن دشمن زميندار، پادري ۽ ملٽري وارا نهايت خطرناڪ هئا. پر سواءِ قانون ناهڻ جي انهن جي طاقت گهٽائڻ لاءِ عملي طرح ڪوبه قدم ڪونه کنيائون.

انهيءَ آئين پاس ٿيڻ تي جنرل سنجورجا نالي هڪڙي فسطائي خيالن جي فوجي جنرل حڪومت خلاف بغاوت ڪئي، پر هو اُيري ڪونه سگهيو ۽ ناڪام ٿيو. ريپبلڪن پارٽيءَ پوءِ ديولين جي ملڪ کي قومي ملڪيت بڻائڻ جو نهراءُ پاس ڪيو. پر ملڪيت جو قبضو اهوئي ديولين جي حوالي رهيو ۽ عملي طرح اهو انهن کان ڇڏائي نه سگهيا. ملٽريءَ جي طاقت گهٽائڻ لاءِ هنن ڏهاڪو هزار آفيسرن کي بـ پوري پگهار جي پينشن ڏيئي فوج مان بيدخل ڪري ڇڏيو. پر ريپبلڪن پارٽيءَ جي اها وزارت گهڻو وقت قائم رهي نه سگهي . اڍائي سالن کان پوءِ هنن جي وزارت ڪري پيئي، ۽ ان جي جاءِ تي ساڄي ڌر جي قبضي واري گڏيل وزارت (" پاپيولر فرنٽ " جي نالي ۾ ) طاقت ۾ آئي. هن وزارت، اڳين وزارت جي ڪمن کي رد ڪرڻ شروع ڪيو .

ان تي آڪٽوبر ۱۹۳۴ع ۾، سوشلسٽ گروهه ان جي مخالفت ڪئي، جنهن کي طاقت ۾ آيل حڪومت زبردستيءَ سان دٻائي ڇڏيو. اُن جي نتيجي ۾ ۱۹۳۵ع ڌاري ۳۰ هزار کن ريپبليڪن ۽ سوشلسٽ جيلن ۾ وڌا ويا. ساڄي ڌر ۱۹۳۶ع جي اول تائين طاقت ۾ رهي.

فيبروري ۱۹۳۶ع جي نين چونڊن ۾ وري ريپبليڪن پارٽي ٿوري اڪثريت سان ڪامياب ٿي، جنهن جو وزيراعظم ساڳيو مئنوئل ازانا ٿيو . ان وري بـ ۱۹۳۱ع واري تجويز ڪيل پروگرامن کي عمل ۾ آڻڻ گهريو ٿي، جنهن تي ساڄي ڌر جي زميندارن، شاهوڪارن، ڪامورن ۽ فوج حڪومت خلاف کليل بغاوت ڪئي.

انهن جنرل فرئنڪو کي، جو اسپين جي ٻيٽڪي ڪنيري ٻيٽن جو گورنر هو، جرمن هوائي جهاز ۾ گهرائي، مورن (موراڪو جي رهاڪو مسلمانن ) جي لشڪر جي مدد سان، اسپين ۾ پهچايو. ان بعد ملڪ ۾ خانه جنگي شروع ٿي ويئي. ان جنگ کي

قومپرستيءَ جي رنگ ۾ رڱجي ويو. ان ڪانپوءِ هيءُ " تنگ مينگوئي" خفيه پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ، جنهن نيٺ وڃي " ڪومنتانگ پارٽيءَ " جي شڪل اختيار ڪئي .

جڏهن ١٩١١ع ۾ سن يت سيت جي ڪوشش سان منچو گهراڻي جي شهنشاهي ختم ٿي ۽ چين ۾ رعيتي راڄ قائم ٿيو، ته هن جپان کان واپس چين ۾ اچي نوڪري ڪئي. هي ١٩١١ع کان ١٩١٦ع تائين مڪاني بغاوتن ۽ خانه جنگي کي ختم ڪرڻ لاءِ لڙندو رهيو.

١٩١٧ع ۾ هيءُ، نوڪري ڇڏي، واپار ڪرڻ لڳو. وري ١٩٢١ع ڌاري موٽي وڃي لشڪر ۾ نوڪري ڪرڻ ۽ ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳو. ١٩٢٣ع ۾ سن يت سين هن کي ماسڪو ڏي ملٽري ٽريننگ لاءِ موڪليو . اتي ٽراٽسڪي هن کي چيو " انقلابيءَ لاءِ صبر ۽ سخت محنت لازمي ڳالهيون آهن " آئندي سڄي زندگي هيءُ ان مقولي تي عمل ڪندو رهيو. ملڪ ۾ واپس اچڻ بعد هن کي نئين ملٽري اڪيڊمي جو پرنسپال ڪري رکيو ويو.

هن کي سن يت سين جي وفاتيءَ بعد ١٩٢٥ع ۾ ڪومنتانگ پارٽيءَ جي اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو، ۽ سگهوئي لشڪر جو ڪمانڊر انچيف ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

سن يت سين ملڪ جي مضبوطيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ پنهنجي پروگرام کي ٽن درجن ۾ ورهايو هو. ان مان پهريون درجو اهو هو ته ساري ملڪ تي لشڪر جي ذريعي پورو قبضو ڪيو وڃي. ان جو ٻيو درجو ماڻهن ۾ سياسي شعور پيدا ڪري، جمهوري ڳالهين جي تربيت ڏيڻ جو هو، ۽ ٽيون درجو ملڪ ۾ آئيني ۽ اقتصادي ترقي آڻڻ جو هو.

پهرئين ڪم واسطي هن روسي آفيسر گهرائي، انهن جي مدد ۽ تربيت سان ملٽري ( قوت ) کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. بدقسمتيءَ سان سندس حياتي پوري ٿيڻ ڪري، اهو ۽ ٻيا سندس ڪم اڌ ۾ رهجي ويا.

سندس وفات ڪانپوءِ، هن جي پارٽي ٻن رجحانن جي ڪارڪنن ۾ ورهائجي ويئي. هڪڙن قومپرستيءَ کي ترجيح ڏيئي، ملڪ کي صحتمند ۽ مضبوط ڪرڻ طرف رخ رکيو، ۽ ٻين عوام جي اقتصادي ترقيءَ کي وڌيڪ اهميت ڏني ٿي . چيانگ ڪائي شيڪ ساڄيءَ ڌر جي اڳواڻي هٿ ۾ ڪئي، قومپرستيءَ طرف لاڙو ڏيکاريو . کاٻيءَ ڌر جي اڳواڻيءَ جي واڳ مائوزي تنگ جي هٿ ۾ آئي. کاٻي ڌر وارن جو مرڪز هئنڪو ۾ هو.

جپانين ١٩٣١ع کان چين تي حملا ڪري، پهرين ان ملڪ جو حصو منچوريا والاريو، ۽ ١٩٣٢ع ۾ ان جي مکيه شهر شانگهائيءَ ۾ لشڪر آڻي، اتي اثر ڄمايو. منچوريا ۾ هنن " آزاد حڪومت " جي نالي سان پنهنجي اثر هيٺ مڪاني حڪومت برپا ڪئي. ١٩٣٦ع ۾ هنن ڪوئنگ تونگ صوبي تي قبضو ڪيو. هن مرحلي تي چيانگ ڪائي شيڪ جپانين سان وڙهڻ جي عيوض، کاٻي ڌر جي قومي ڪارڪنن تي سختي ۽ ظلم ڪرڻ شروع ڪيا. پنهنجو گهڻو وقت ان ڪم ۾ صرف ڪندو رهيو.

سندس ان پاليسيءَ کان مجبور ٿي، ڪميونسٽن ڏکيو سفر ڪري، ملڪ جي ڏورانهين اترئين حصي ۾ وڃي پناهه ورتي.

چيانگ ڪائي شيڪ جي، ان پاليسيءَ ۾ ، آمريڪا ۽ مغربي سامراجي طاقتن به مدد پئي ڪئي. هوڏانهن جپان به هن جو نالو نئي ورتو. هن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ پيڪنگ کان ڦيرائي نانڪنگ ۾ ڪيو . ان ۾ به سندس مقصد رڳو هي هو ته اتر پرپناهه وني وڃي وينل ڪاهي ڏر وارن پنهنجن هم وطني مخالفن کي آسانيءَ سان اتان ويجهو دبائي ۽ ختم ڪري سگهي.

هن جي سرڪار " نيشنلسٽ حڪومت " جي نالي سان سڏجڻ ۾ آئي. هن سن يت سين جي پروگرام جي پهرئين درجي جي تڪميل لاءِ پهريائين جنگ ذريعي چين کي متحد ڪرڻ گهريو ٿي.

ان لاءِ هن کي پيسي جي درڪار هئي، جو هن، ملڪ جي شاهوڪار طبقي ۽ سامراجي طاقتن کان ڪميونسٽن جي خلاف ڪم ڪرڻ جي انجام تي، ورتو ٿي.

۱۹۲۷ع کان ۱۹۳۷ع جا ڏهه سال هي انهيءَ پاليسيءَ مطابق ڪم ڪندو رهيو. هن مئڊم مي لنگ سونگ سان شادي ڪئي، جا مئڊم سن يت سين جي ڀيڻ هئي. ان سان شادي ڪرڻ خاطر هي ڪرستان ٿيو.

ڊسمبر ۱۹۳۹ع ۾ چيانگ ڪائي شيڪ کي هڪ نوجوان جنرل چونگ هوسي ايانگ، برغمال ڪري، زوريءَ پاڻ سان ولي ويو، جو ڪاهيءَ ڏر جو ڪارڪن هو. ان کيس نقصان پهچائڻ جي عيوض ڪانئس ڪميونسٽن جي بدران جپان خلاف جنگ ڪرڻ جو واعدو ولي، هن کي ڇڏي ڏنو.

ان کان پوءِ هن پنهنجي پاليسي بدلائي، جپان خلاف لڙائي ڪرڻ شروع ڪئي. ان منزل تي، ان ۾ ٻاهرين سامراجي طاقتن ۽ مڪاني شاهوڪار طبقي جو به هن سان ساٿ هو، ڇاڪاڻ ته نهايت اڳرائيءَ واري پاليسي اختيارڪرڻ ڪري، سندن مفاد کي به نقصان پهچي رهيو هو. ۱۹۳۷ع جي آخر ۾جپانين نانڪنگ تي قبضو ڪيو. سگهو ئي هنچائو ورتائون. جنوري - ۱۹۳۸ع ۾ هن تيانگ تائوءَ تي قبضو ڪيو. ۲۱- آڪٽوبر تي ڪئنٽن ورتائون. ۲۵- آڪٽوبر ۱۹۳۸ع تي هئنڪو تي قبضو ڪيائون.

ان کان پوءِ هن چين جي گادي بدلائي، ملڪ جي ڏورانهين شهر چنگ ڪنگ ۾ آندي، جتي هو سمورو ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جو وقت رهندو آيو. جنگ ختم ٿيڻ تي، جڏهن جپانين کي شڪست آئي، ۽ ساري ملڪ تي هن کي قبضو مليو، ته هن وري ڪميونسٽن خلاف سختي ڪرڻ شروع ڪئي. پر ان وقت تائين ڪميونسٽ ملڪ ۾ گهڻو اثر پيدا ڪري ويا هئا، ۽ سندن جنگي طاقت به وڌي ويئي هئي. ان ڪري انهيءَ تصادم جي باوجود امريڪا جي اڪيچار پيسي ۽ هٿيارن جي مدد جي، چيانگ ڪائي شيڪ جي حڪومت گهڻو وقت هلي نه سگهي، ۽ سارو ملڪ مائوزي تنگ جي ڪميونسٽ گروهه جي هٿ ۾ اچي ويو، ۽ هن وڃي چين کان ٻاهر فارموسا جي چيني ٻيٽ ۾ پنهنجي قومي حڪومت قائم ڪئي. جتي اڄ تائين، سندس مري وڃڻ کان پوءِ به، امريڪن جي مدد سان هن جي پارٽي راڄ ڪري رهي آهي.

هن جي حڪومت ۾ نهايت اعليٰ تعليم يافته، قابل ۽ محنتي قومي ڪارڪن هئا. پر سندن هٿ صفا نه هئا. شاهوڪار طبقو هن ۽ سندس عملدارن کي خريد ڪري، انهن

ب. سندن پنهنجن مفادن جي خيال کان، چينين کي پيسي ۽ هٿيارن جي هر طرح جي مدد پئي ڪئي. تڏهن هن ان موقعي مان فائدو وٺي پنهنجي ماڻهن کي تربيت ڏيارڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، ۽ وس آهر پنهنجي هم خيال فوجي دستن کي هٿيارن گڏ ڪرڻ جو وجهه ڏياريو.

مهاڀاري لڙائيءَ جي ختم ٿيڻ بعد جڏهن جپاني ملڪ مان نڪري ويا، ته چيانگ ڪائي شيڪ جي قوم پرست گروهه ۽ هن جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي وچ ۾ تصادم ٿيو. ان ۾ گهڻين قربانين ۽ ڪشالن بعد نيٺ هن جي پارٽيءَ کي ڪاميابي نصيب ٿي ۽ ساري چين تي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو قبضو ٿي ويو.

●

# فصل نائون

## جنگ جو احوال

ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان اڳ يورپ ۽ ايشيا جي خاص حالتن ۽ سياسي ليڊرن جي مختصر ذڪر ڪرڻ بعد، هاڻ آءٌ ان جنگ جو مختصر ۽ مُکيه احوال پيش ڪندس.

جرمنيءَ جي حڪومت اٽليءَ ۽ جپان جي فسطائي حڪومتن سان ڪميونزم خلاف عهدنامو ڪيو هو، پر عالمي حالتن اهڙو چڪر ڪاڏو، جو سوويت يونين جي ڪميونسٽ حُڪومت ۽ جرمنيءَ جي فسطائي حڪومت پنهنجي پنهنجي عارضي مفاد خاطر، پنهنجن پنهنجن بنيادي اصولن ۽ انهن جي بنيادن تي کيل الڳ الڳ بين القوامي عهدنامن کي پٺيءَ پويان اڇلائي، ٢٨سيپٽمبر ١٩٣٩ع ڌاري، پولنڊ کي پاڻ ۾ ورهائي ڪنيو.

ٻئي پاسي انگريزن ۽ فرينچن اڳي ئي پنهنجن پنهنجن مفادن خاطر پنهنجين پاليسين ۾ جيڪي ڦيريون گهيريون ڪيون هيون، تن کان به پڙهندڙ واقف آهن. انهن جو ڪجهه ذڪر مٿي تي چڪو آهي.

پر لڙائيءَ جي هلندي ته هرڪو طاقتور ملڪ، ليڪا لنگهي، پر وارن ڪمزور ملڪن تي قبضي ڪرڻ لاءِ سنبري ٻيهي رهيو هو.

شخصن وانگر قومون به خودمطلبي، تنگ نظرئي، غصي ۽ طاقت آزمائيءَ جي اوڳڻن جو شڪار ٿي، اهڙا ڪم ڪرڻ لڳن ٿيون، جي انصاف، فراخدلي، پخته خيالي ۽ شرافت جي معيارن تي ٺيڪ نٿا لڳن. جهڙي طرح ڪثرت تعداد ماڻهن جو، اخلاق جي روحاني معيارن مطابق، اجا ناپختو ئي آهي. ساڳي حالت قومن جي به آهي. قومن جي حالت ۾، سندن خود غرضانه عملن جو مُکيه ڪارڻ اهو پئي رهيو آهي ته جمهوري توڙي غير جمهوري ٻنهي قسمن جي حڪومتن تي " عام راءِ " جو گهٽو اثر رهي ٿو. جا هر ملڪ ۾ ناپختي ٿئي ٿي يا رکي وڃي ٿي. بهرحال انهن ٻنهي قسم جي حڪومتن جي پاليسيءَ جو ٻئرومينٽر، مختلف سببن ڪري، لهندو چڙهندو رهندو آهي ۽ اهو ڪڏهن به يڪسان نٿو رهي.

فِسطائي ۽ ڪميونسٽ حڪومتن جي واڳ جيتوڻيڪ چند طاقتمند ۽ حوصله‌مند ماڻهن جي هٿن ۾ رهي ٿي ۽ ان ڪري اهي حڪومتون اندروني ڦيرگهير ۽ لوڏي لمي کان محفوظ رهن ٿيون. پر اهي فسلفا سياست عملي جي جنهن نظرئي جا قائل آهن، تنهن موجب ، وڏن مقصدن جي حصول لاءِ طريقي ڪار جي پرواهه نه هئڻ ڪري، ڪنهن غير متوقع قدم کڻڻ کي عيب نٿا سمجهن. لڳ ڀڳ اهائي حالت جمهوري حڪومتن جي به آهي، جيتوڻيڪ هو پنهنجي مستقل اخلاقي قدرن ۽ اصولن جو ڍنڍورو

آمريڪا ۾ ۵نومبر ۱۹۴۰ع تي مسٽر روزويلٽ آمريڪا جو ٽيون ڀيرو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو. هو انگلنڊ ۽ فرانس جو پختو سڄي ۽ دوست هو. جرمنيءَ خلاف جنگ ۾ هنن جي مدد ڪرڻ کي هن پنهنجي ملڪ جي فائدي لاءِ لازمي تي سمجهيو.

آمريڪا جي خارجه پاليسي اڪثر آمريڪا کنڊ جي معاملن تائين محدود ٿيئي رهندي آئي هئي. ليڪن روزويلٽ ان کي نئون رخ ڏني ۱۹۴۱ع ۾ پنهنجي ملڪي ڪانگريس کان ليس (اوڌر ۽ استعمال) جو بل پاس ڪرائي اتحادين کي پيسي ۽ سامان جي مدد ڏيڻ شروع ڪئي. ساڳئي سال جي ۱۴ آگسٽ تي پريزيڊنٽ روزويلٽ ۽ انگلنڊ جي وزيراعظم سرونسٽن چرچل پاڻ ۾ گڏجي، هڪ گڏيل بيان ڪڍيو، جنهن ۾ جنگ جا فلاحي مقصد ظاهر ڪيائون، جن کي پوءِ " اٽلانٽڪ چارٽر " جي نالي سان سڏيو ويو.

انهيءَ چارٽر جا مکيه جزا هيٺيان هئا:

۱- اتحادين کي ڪنهن به نئين ملڪ تي قبضي ۽ اڳرائي ڪرڻ جو خيال ڪونه هو.

۲- ڪنهن به ملڪ جي حدن ۾ ڦير گهير ڪرڻ لاءِ اتي جي رهاڪن جي رضامندي ضروري هئي.

۳- پنهنجي حڪومت پاڻ ٺاهڻ لاءِ هر ڪنهن ملڪ جي ماڻهن جي حق خوداراديءَ کي تسليم ڪيو وڃي ٿو.

۴- جن قومن جي آزادي سلب ڪئي وئي هئي، تن کي خودارادي ۽ خودمختياري جي بنياد تي آزادي ڏيارڻ سندس جنگي مقصدن مان هڪ هو.

۵- سڀني ملڪن جا اقتصادي ميدان ۽ واپار ۾ هڪجهڙا حق تسليم ڪندي، ڪچي مال جي حصول لاءِ سڀني لاءِ ضرورت مطابق سهولتيون مهياڪيون وينديون.

۶- بين الاقوامي دوستانا تعلقات وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويندي .

۷- مزدورن جي روز وڌائڻ ۽ سندن روزگار جي ضمانت مهيا ڪرڻ جو انتظام ڪيو ويندو.

۸- ماڻهن کي خوف ۽ غربت جي آزارن کان آزادي ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪئي ويندي.

۹-سمنڊن جي مسافريءَ جي آزادي قائم ڪئي ويندي.

۱۰- تشدد جي پاليسيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ اڳرائي ڪندڙ قومن کي بي هٿيار بنايو ويندو.

يورپي قومن جا اڪثر اعلان صرف خود سائن واسطي رکندڙ يورپي بلشندن لاءِ هوندا هئا. جيئن ڀيرين مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ اتحادين، آزادي رڳو يورپ جي ننڍين قومن کي ڏياري هئي، ۽ خود سندن غلام مشرقي قومن کي ان جو مستحق نه سمجهيو هو. انهيءَ ڪري هن نئين اعلان کانپوءِ جڏهن هندوستان جي رهاڪن گهر ڪئي ته ڪين چارٽر جي فقري ۳ مطابق پنهنجي حڪومت ٺاهڻ جو موقعو ڏنو وڃي، ته برطانيه جي وزيراعظم ، مسٽر ونسٽن چرچل، صاف چئي ڏنو ته " اعلان جو واسطو هندستان يلهين برطانوي بيلڪن سان ڪونه هو. هو برٽش شهنشاهيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ وزيراعظم

ڪونہ بنيو هو."

ان مان گهڻن ماڻهن کي پتو پئجي ويو تہ ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن بابت اتحادين جي رويي ۾ ڪا بہ تبديلي ڪانہ آيل هئي.

٦- آگسٽ ١٩٤٠ع تي اٽليءَ وارن برٽش سومالي لئنڊ تي حملو ڪري، ١٩ آگسٽ ڏاري ساري ملڪ تي قبضو ڪري ورتو.

١٥- سيپٽمبر ١٩٤٠ع تي اٽليءَ جي لشڪر پنهنجي مقبوضہ ملڪ لبيا مان مصر تي حملو ڪيو. ڪافي عرصو جنگ هلندي رهي. ڪڏهن محوري طاقتن ملڪ تي والاريو ۽ ڪڏهن اتحادين تي اُن تي قبضو ڪيو. جرمن فوج جو ڪمانڊر، جنرل روميل، انهيءَ محاذ جي چارج ۾ هو.

مشرق بعيد بابت اڳي لکي چڪو آهيان تہ جپان ١٩٣٧ع کان وٺي، باقاعدي جنگ اعلان ڪرڻ کان سواءِ، چين تي حملہ آور ٿي، اُن جي ايراضين تي، قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. ٢٨- جولاءِ ١٩٣٧ع تي پيڪنگ تي قبضو ڪيائون. ٢٩- جولاءِ تي ٽينشن کي والاريائون. اتر چين ۾ مدافعت کان سواءِ ويا ملڪ والاريندا. ٨ نومبر ١٩٣٧ع تي شانگهائي ورتائون، ۽ ٢٠ نومبر تي سوچو شهر تي قبضو ڪيائون.

٦- آڪٽوبر ١٩٣٧ع تي ليگ آف نيشن ٺهراءُ پاس ڪري جپان کي اُن جارحيت تي ننديو. ان جي پرواه نہ ڪري، جپان ويو چين والاريندو. ١٣ ڊسمبر ١٩٣٧ع تي نانڪنگ والاريائون. ٢٤ ڊسمبر تي هنچائو ورتائون. ٢٨ مارچ ١٩٣٨ع تي جپانين نانڪنگ ۾ پنهنجي طرفدار حڪومت کڙي ڪئي. ٢١ آڪٽوبر ١٩٣٨ع تي ڪئنٽن تي قبضو ڪيائون. ٢٥- آڪٽوبر ١٩٣٨ع تي هئنڪو ورتائون. ائين ١٩٣٩ع جو سارو سال چين سان جنگ ڪندا آيا. چين جي قومي حڪومت مجبور ٿي، دور دراز پنڌ تي وڃي، چنگ ڪنگ، جي شهر ۾ پنهنجي گادي قائم ڪئي.

٧- ڊسمبر ١٩٤١ع تي، جپان، پئسفڪ وڏي سمنڊ ۾ آمريڪا جي بحري بندر پرل هاربر، هوائي بيٽن، فلپائن ۽ هانگ ڪانگ تي اوچتو هوائي حملا ڪيا. انهن حملن ۾ آمريڪا جا ٥ جنگي جهاز، ٽي ڪروزر، ۽ ١٧٧ هوائي جهاز تباهہ ٿيا، ۽ ۴ هزار ماڻهو مئا يا ڦٽيا.

ان کان پوءِ ٻئي ڏينهن ٨ ڊسمبر ١٩٤١ع تي آمريڪا جپان سان جنگ جو اعلان ڪيو. سگهوئي ٢٠ ڊسمبر ١٩٤١ع تي انگريزن بہ جپانين سان جنگ جو اعلان ڪيو.

ان ڪري ١١ ڊسمبر تي جرمنيءَ ۽ اٽليءَ بہ آمريڪا سان جنگ جو اعلان ڪيو. ٢٥ ڊسمبر تي انگريزي لشڪر هانگ ڪانگ ۾ جپانين آڏو جي پيش پيو ۽ ان تي جپانين جو قبضو ٿيو. جپاني اهڙيءَ تيزيءَ سان ملڪن تي قبضو ڪندا ويا، جو ٢- جنوري ١٩٤١ع تي فلپائن بيٽن جي گادي منيلا بہ هٿ ڪري ويا. ٧ مارچ ١٩٤٢ع تي انگريزن رنگون خالي ڪيو ۽ جپانين برما کي والارڻ شروع ڪيو، ۽ ائين تڪڙا تڪڙا هو هندستان کي ويجهو پوندا آيا، تان جو ڪلڪتي تي هوائي بمباري ڪيائون.

ان وقت ڌاري هر محاذ تي جنگ خطرناڪ صورت اختيار ڪري ويئي هئي. اُن وقت فرانس، انگليند، آمريڪا ۽ روس هڪ طرف هئا، تہ جرمني، اٽلي، جپان ۽ سندس ماتحت ملڪ ٻئي طرف هئا. سندن ڌر کي گڏي "محوري ڌر" سڏيو ٿي ويو.

آمريڪا کي گهڻو سامان، پيسو ۽ لشڪر هو. سندس فوجون تازه دم هيون. آهستي آهستي جنگ جو رخ بدلجڻ لڳو. جرمنيءَ روس تي حملو ڪري، پاڻ کي وڏيءَ مشڪلات ۾ ڦاسائي ڇڏيو هو. ان کان سواءِ اتر آفريڪا ۾ به پنهنجون فوجون موڪليون هئائين. سندس ساٿين مان اٽليءَ جا سولجر ڪمزور هئا. ڇهه سال لاڳيتي جنگ ڪرڻ ڪانپوءِ، خود جرمن سپاهي به ٿڪجي پيا هئا.

جنوري ۱۹۴۴ع تي طهران ۾ پريزيڊنٽ روز ويلٽ، سر ونسٽن چرچل ۽ مارشل اسٽالن گڏ ٿي، جنگ کي ڪاميابيءَ سان منهن ڏيڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪئي.

روس وٽ لشڪر جام هو. ڪين اتحادين طرفان سامان جنگ ۽ ٻي مدد ملي رهي هئي. هنن جا حوصلا بلند هئا، ۽ هو دشمن سان سخت مقابلو ڪري رهيا هئا.

ٻڳهي محاذ هئڻ ڪري به، جرمني ۽ اُن جا ساٿي سڀني محاذ تي هڪ وقت حملي لاءِ پورو انتظام ڪري نه ٿي سگهيا. ان جو فائدو وٺي، اتحادين اٽلي، يونان، فرانس ۽ اتر آفريڪا ۾ ٻهر زوردار حملا شروع ڪيا. ٻنهي طرفن کان تازه دم فوجن جو جرمن ۽ اٽليءَ جون ٿڪل فوجون مقابلو ڪري نه سگهيون. لاچار هنن محاذ کي هٽائي، طاقت کي سميٽڻ شروع ڪيو. نيٺ سيپٽمبر ۱۹۴۴ع ۾، انگريزي لشڪر، يورپ ۾ داخل ٿي، بيلجم جو ملڪ جرمن تسلط کان آزاد ڪرايو.

جنگ هاڻ اهڙو ڦيرو کائڻ شروع ڪيو، جو اتر آفريڪا ۾ محوري فوجن کي شڪستون پهچڻ لڳيون. اٽلي ڪمزور ٿي پيئي، جنهنڪري اها ڌڪ جهلي نه سگهي، ۽ اتحادي لشڪر ان تي ۲۸- اپريل ۱۹۴۵ع تي قبضو ڪري مسولينيءَ کي گرفتار ڪري، ڦاسي ڏيئي ڇڏي.

هوڏانهن سوويت يونين وارن پنهنجي ملڪ اندر سڀني محاذ تي وڌڻ شروع ڪيو، ۽ آهستي آهستي، پهرين مئي ۱۹۴۵ع تي، اتحادين ۽ روس وارن جرمنيءَ جي گاديءَ برلن تي قبضو ڪري ورتو، ۽ هٽلر اُن حملي ۾ مارجي ويو.

۷- مئي ۱۹۴۵ع تي جرمنيءَ ۾ نئين عارضي حڪومت ٺهي، جا اتحادين جي پيش پيئي. هاڻ اتحادي، يورپ کان واندا ٿي، جپان سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيا. فرانس، آمريڪا ۽ انگلينڊ جي گڏيل ڪوشش ڪري، آهستي آهستي، جپان کي به شڪستون اچڻ شروع ٿيون، ۽ اتحادي هنن کان کٽيل ملڪ واپس وٺڻ لڳا. پر جپاني اڃا ڪجهه عرصو وڌيڪ جنگ چالو رکيو آيا.

ان وچ ۾ آمريڪا، جيڪا هڪ نئون هٿيار، ائٽم بم تيار ڪري ويٺي هئي، تنهن جپاني طاقت کي ختم ڪرڻ لاءِ اُنهن جي مُکيه شهر هيروشيما تي ۶- آگسٽ ۱۹۴۵ع تي ائٽم بم اڇلايو، جنهن ڪري اهو شهر سڄو تباه ٿي ويو. اُن هڪ ئي بم پنجاه هزار ماڻهو ماري ڇڏيا. اُنهيءَ حالت کي ڏسي، جپان ۱۰- آگسٽ ۱۹۴۵ع تي پيش پيئي، اتحادين جا جملي شرط قبول ڪيا.

۲۸ آگسٽ تي آمريڪي لشڪر وڌي، جپان والاريو. اهڙيءَ طرح هيءَ ٻي مهاڀاري لڙائي به، اڳينءَ پهرينءَ مهاڀاري لڙائيءَ وانگر، اتحادين جي فائدي ۾ پوري ٿي.

جنگ جي تباه ڪن نقصانن کان دنيا آگاه ٿي چڪي هئي. آئيندي جنگين کي

ٽارڻ لاءِ ليگ آف نيشنس جي عيوضي ٥٠ ملڪن جي نمائندن، ٢٥ اپريل ١٩٤٥ع کان ٢٦ جون ١٩٢٥ع تي، آمريڪا جي سئن فرانسسڪو شهر ۾ گڏ ٿـي، صلاح مصلحت ڪرڻ بعد، اقوام متحده جي جماعت (U.N.O) نـاهي، جنهن جا هينيان چار ادارا نـاهيائون.

١- جنرل اسيمبلي،

٢- سڪيورٽـي ڪائونسل (سلامتي ڪائونسل)،

٣- ايڪانامڪ ۽ سوشل ڪائونسل، ۽

٤- بين الاقوامي انصاف لاءِ ڪورٽ.

يو اين او جي انتظام هلائڻ لاءِ خاص سيڪريٽريٽ نـاهـي ويئي، ۽ ان جو ڪاروبار سيڪريٽري جنرل جي حوالي ڪيو ويو.

١٧ جولاءِ کان ٢ آگسٽ ١٩٤٧ع تائين رومانيا جي شهر پوٽسيڊم ۾ ٽرومن، اسٽالن ۽ اٽلي گڏ ٿيا ۽ شڪست کاڌل ملڪن کي صلح لاءِ هيٺيان شرط آڇيائون.

## جرمنيءَ لاءِ

١- هنن کان هٿيار کسيا ويندا، ۽ سندن لشڪر ختم ڪيو ويندو.

٢- نازي (نيشنل سوشلسٽ) ادارن کي ختم ڪيو ويندو.

٣- جنگ جي ڏوهاري مکيه شخصن تي ڪيس هلائي، انهن کي سزائون ڏنيون وينديون.

٤- جرمنيءَ ۾ جمهوري طرز تي حڪومت قائم ڪئي ويندي، ۽ اُن ۾ جمهوري بنيادن تي پارٽين نـاهڻ جي اجازت ڏني ويندي.

٥- ملٽري ضروريات کي نظر ۾ رکي، جرمنيءَ ۾ تقرير، تحرير، پريس ۽ مذهب جي آزادي ڏياري ويندي.

٦- جرمنيءَ کي جنگي سامان، جهڙوڪ هٿيار، بـارود، مشنري وغيره، بـنائڻ جي منع هوندي.

٧- جرمنيءَ جي سيني سياسي ادارن کي ڊيسنٽرلائيز، يعني مرڪزي ضابطي ۽ انتظام کان الڳ ڪيو ويندو.

٨- جرمنيءَ کي فقط زراعت ۾ رواجي ڪارخانن هلائڻ جي اجازت هوندي.

٩- جرمنيءَ جي آمدنيءَ، روانگيءَ ۽ سائنسي ايجادن تي اتحادين جو ضابطو هوندو.

وڌيڪ اهو بـه فيصلو ٿيو تـه جرمنيءَ کان جنگ جو ڏنڊ سندس پڄنديءَ آهر ورتو ويندو.

## جپان لاءِ

١- جپان آمريڪا جي قبضي ۾ رهندو- جيتوڻيڪ سندن اندروني حڪومت جو ڪاروبـار سندن شهنشاهه، سول ۽ پوليس آفيسرن جي هٿ ۾ رهندو.

٢- سندن ملٽري ادارا ۽ هاءِ ڪمانڊ ختم ڪيا ويندا.

٣- جپان جا فتح ڪيل سڀ ملڪ اتحادين جي مرضيءَ مطابق موٽايا ويندا.
٤- ڪوريا جو ملڪ آمريڪا ۽ روس جي وچ ۾ اڌو اڌ ورهايو ويندو.
٥- آئوٽر منگوليا کي روس جو حصو ڪري شمار ڪيو ويندو.
٦- اندروني منگوليا، فارموسا ۽ هينان چين جي ماتحت ڏنا ويندا.
٧- هانگ ڪانگ موٽي انگريزن جي حوالي ٿيندو.

اهڙيءَ طرح هن صديءَ جي ٻي مهاڀاري لڙائي ختم ٿي، جنهن جهڙو اڪيچار انساني ڏيان، شهرن، ڪارخانن ۽ فصلن وغيره جي تباهي، ٻي انتها پيسي جو نقصان، انسانن جي وچ ۾ باهمي نفرت جي اظهار ۽ عمل جو ٻيو مثال ملڻ مشڪل ٿيندو.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ چار وڏيون شهنشاهيون ختم ٿيون هيون. روس ۾ زار جي شهنشاهي، ترڪيءَ جي مسلمانن جي شهنشاهي، آسٽريا ۽ هنگريءَ جي هئبسرگ شهنشاهي ۽ جرمنيءَ جي قيصر شهنشاهي؛ ۽ انهن جي شهنشاهين جي تقريباً سيني محڪوم ننڍين قومن کي آزادي ملي هئي.

ٻيءَ مهاڀاري جنگ جي نتيجي ۾ دنيا جي بـاقي رهيل اڪثر وڏن سامراجي حڪومتن جي طاقت گهٽجي ويئي. آخر ۾ صرف ٻه وڏا بـلاڪ وجي رهيا؛ هڪ مغربي حڪومتن جو بـلاڪ آمريڪا جي ليڊر شپ هيٺ، جو جمهوري ۽ سرمائيداري گروهه جي نالي سان سڏجڻ ۾ آيو؛ ۽ ٻيو مشرقي يورپ جي ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ بـلاڪ جي نالي سان مشهور ٿيو.

اڳينءَ لڙائيءَ کان هن لڙائيءَ ۾ جدا دستور ۽ طريقا اختيار ڪيا ويا، جي هيٺينءَ طرح جا هئا:

١- هميشه وانگر اڳينءَ جنگ ۾ مختلف ملڪن جا لشڪر لڙي، هڪبين تي فتح حاصل ڪندا هئا. عام پبلڪ کي جاني واٽي نقصان ڪونه پهچايو ويندو هو. پر هن لڙائيءَ ۾ نئون دستور اهو پيو ته جنگي سپاهين ۽ شهري ماڻهن کي نقصان پهچائڻ ۾ تفاوت نٿي رکيو ويو، جن ۾ پوڙها، عورتون ۽ ٻار عام صلح پسند شهري اچي ٿي ويا. ڇو ته هينئر قومون لڙن ٿيون، تنهنڪري انهن جي همت ۽ حوصلي (Morale) ڪمزور ڪرڻ لاءِ، انهن تي بـه هلان ڪرڻي هئي ۽ انهن کي سزا ڏيڻي هئي.

٢- اڳي، جنگ پوري ٿيڻ تي، جنگي قيدين کي ڇڏيو ويندو هو، ۽ ملٽري عملدارن جي عزت برقرار رکي ويندي هئي. هن ڀيري هارايل قومن جي جنگي سربراهن تي ڪيس هلائي، ڪين ڦاسين ڏيڻ جو رواج وڌو ويو. اڳي جنگ، ڪنهن خير صلاحي مقابلي وانگر، قاعدن ۽ قانونن مطابق وڙهي ويندي هئي؛ پر هاڻ اها انتقامي جذبي سان ۽ سيهٽي ليڪا لتاڙي لڙي ٿي ويئي.

٣- هن ڀيري، جنگ جي وقت، لڙائيءَ سان گڏ هڪبين جي خلاف پروپيگنڊا جي جنگ بـه چالو رکي ويئي. جنهن ۾ مخالفن کي بـدنام ڪرڻ لاءِ ڪوڙ سچ، ڏوهه ثواب، گلا ۽ ساراهه جي اخلاقي معيارن جو ڪو بـه لحاظ نـه رکيو ويو، ۽ هر ڌر رڳو پاڻ کي حق بجانب چوائڻ ۽ اعليٰ اصولن جي هڪ هٽيءَ جي دعويداريءَ ۾ ڪا ڪثر نـه ڇڏي.

اتحادين پاڻ ۾ گڏجي ائٽلانٽڪ چارٽر جي نالي ۾ جنگ جا مقصد بيان ڪيا، جن

۾ هنن ننڍن ملڪن جي حق خود ارادي، جمهوريت، مفتوح ملڪن کي وري آزاد ڪرائڻ، ملڪن جي وچ ۾ اقتصادي انصاف، عوام کي خوف ۽ غربت جي تڪليفن کان نجات ڏيارڻ، ۽ عدم تشدد ذريعي باهمي معاملن کي فيصل ڪرڻ وغيره جا نعرا هنيا.

ٻئي طرف محوري طاقتن طرفان پنهنجي فائدي ۾ پروپيگنڊا هيٺين بنيادن تي ڪئي ٿي ويئي:

ڇي: اتحادي وڏا سامراجي ملڪ هئا، جي جمهوريت جي نالي ۾ پنهنجي پيل ملڪن مٿان سندن تسلط قائم رکڻ جا حامي هئا، ۽ انهيءَ لاءِ ئي هنن جرمنيءَ، اٽليءَ ۽ جپان جهڙن صلاحيت وارن ملڪن (قومن) کي طاقت ۽ برتريءَ کان محروم رکڻ ٿي گهريو.

ڇي: اُن سرمائيداري سامراج جا مکيه ليڊر انگلينڊ ۽ آمريڪا هئا، جن جي سموري ذهني اڳواڻيءَ لاءِ يهودي جوابدار هئا، جيڪي سامي نسل جا هئا ۽ اُهي هنن آريا قوم جي بنيادي فوقيت کي، پنهنجي ذهن ۽ پيسي جي برتريءَ جي آڌار تي، ختم ڪرڻ ٿي گهريو.

ڇي: قومن جو نسل، وطن، ڪلچر، زبان ۽ اقتصادي مفاد جي بنيادن تي ٺهڻ فطري ۽ تاريخي حقيقت هئي. تنهنڪري انهن بنيادن تي ٺهيل قومون صالح ۽ سالم هيون. اُن جي برخلاف يهوديت مذهب، جي نالي ۾ انهن فطري، نسلي ۽ تاريخي بنيادن تي ٺهيل قومن کي ڪمزور ڪري، سرمائيداري سامراج جي اثر هيٺ آڻڻ جي طرفدار هئي. انهيءَ ڪري دنيا جي سمورين خراب ۽ مسئلن پويان، يهودين جو ذهن ۽ سندن مذهبيت جا نظريا ڪارفرما هئا، جو ته هو ذهني ۽ مذهبي فوقيتن جا حامي هئا، جيڪي فوقيتون ملڪي قوميتن ۽ وطني آزادين جون دشمن هيون.

ڇي: انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ سرمائيداريءَ ۽ جمهوريت جي نالي ۾ پيسي وارن جو راڄ يهودي دماغ جي ايجاد هو. ساڳيءَ طرح ڪميونزم به، جيڪو پڻ نئشنلزم جو دشمن هو، اهو به اُنهن ساڳين يهودين جي هڪ چال ۽ حرڪت هئي. هر بين الاقوامي تحريڪ، پوءِ اها ڪميونزم جي نالي ۾ هجي يا مذهب جي نالي ۾ هجي، اُها ذهني سامراجيت هئي، اُنهيءَ طرح سان هوشيار ۽ چالاڪ ماڻهو سالم ۽ صحت مند ماڻهن ۽ قومن کي پنهنجي اَڪل جي ڄار ۾ ڦاسائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ۽ چاڪاڻ ته ڪميونزم ۽ مذهبيت ٻئي يهودين جي ايجاد هئا، جي ٻئي نظريا نئشنلزم جا دشمن هئا، تنهنڪري يهودين کي ختم ڪرڻ ۾ ئي قوم پرستيءَ جي نجات هئي.

ڇي: انگلينڊ، آمريڪا ۽ رشيا ٽنهي جي سياست ۽ اقتصادي متن پويان هڪ ئي ساڳيو يهودين جو دماغ ڪار فرما هو.

هنن جو چوڻ هو ته عوام جي حالت درست ڪرڻ لاءِ سوشلزم ضروري هو، پر اُن لاءِ شخصي ملڪيت کي ختم ڪرڻ بدران ملڪيتن تي قومي حڪومت جو ضابطو رکڻ ڪافي هو.

مطلب ته اِئين ٻيءَ مهاڀاريءَ جنگ جي زماني ۾، وڏيون طاقتور حڪومتون هڪ طرف، اتحادي بڻجي، جمهوريت ۽ ننڍين قومن جي آزاديءَ جا نعرا هڻي رهيون هيون، ته ٻي طرف محوري طاقتون بين الاقوامي سرمائيداريءَ ۽ اُن جي ذهني ۽ مذهبي برتريءَ جي خلاف، دنيا مان سامراجي قومن جي بيخ ڪني ڪرڻ ۽ صحيح نئشنل

تي، آزاديءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ بيداري پيدا ٿي؛ اُن لاءِ منجهن جدوجهد جو جذبو جاڳيو ۽ هلچل شروع ٿي؛ ۽ ٻيو تہ قومن ۾، ليگ آف نيشنس ناهي، اُنهيءَ ذريعي هڪٻئي جي وچ ۾ باهمي گفتگوءَ ذريعي فيصلن ڪرڻ جا اصول قبوليا ويا.

ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ مغربي قومن جي دماغ مان فرعونيت جهڪي ٿي، جن ٿوري ٿوري دباءَ تي، چپ چاپ، گهڻن ايشيائي ۽ آفريڪا جي ملڪن کي آزاد ڪيو، ۽ ٻيو تہ ليگ آف نيشنس جي جاءِ تي وڏيڪ ڪمائتي ۽ اثر واري متحده قومن جي جماعت ٺهي، ۽ قومن جي باهمي اختلافن جا فيصلا وڏيڪ آسان ۽ پائدار صورتن ۾ فيصل ٿيڻ لڳا.

پر امن عالم جو قيام بهرحال اڃا پري پيو ڏسجي.

سرد جنگيون هر طرف هلي رهيون آهن.

سامراج ۽ ڪميونزم جي وچ ۾ سرد جنگ، سامراجي ملڪن جا باهمي ننڍا اختلاف، ۽ ڪميونسٽ ملڪن ۾ رشيا ۽ چين جا نظرياتي اختلاف، هندستان ۽ پاڪستان، عرب ۽ يهودين جون مخالفتون، ۽ دنيا ۾ اهڙا ٻين ملڪن جي وچ ۾ فرق ۽ جهيڙا، مغربي سامراج جي زير اثر ملڪن ۾ سرمائيداريءَ ۽ سماج واد جي وچ ۾ ٽڪر ۽ اُن جي نتيجي ۾ برسر اقتدار سامراجي همنوا حڪومتن هٿان عوام جا عام ڪوس، جيئن انڊونيشيا، چليءَ ۽ ٻين هنڌن تي ٿيو، ۽ خاص طرح آفريڪا ۾ نسلي تشدد ۽ ظلم جون دل ڏاريندڙ ڪارروايون اڃا هلنديون اچن ٿيون.

انهن سڀني خلاف انسانيت حرڪتن ۽ انسان دشمن عمل جو مکيہ ڪارڻ انسانن جي دماغي ناپختگي آهي. قومي خود مطلبي، تشدد ذريعي مقصدن کي حاصل ڪرڻ، ۽ نفرت جو وجود انهيءَ دماغي ناپختگيءَ جي پيداوار آهن. انسانُ اڃا عمل ۽ رد عمل جي چڪر ۾ ڦاٿو پيو آهي. انسان کي محبت، رواداري، باهمي ڏي وٺ ۽ سڀ جي فائدي لاءِ پنهنجي فائدي جي قربانيءَ جي تعليم ۽ تربيت مان گهڻو ڪجھ پرائڻو آهي.

۲۰ مارچ، ۱۹۷۴

●

# سائين جي-ايم-سيد جون تحريرون
(ياڳو ڀھريون)

④

# مسلم سربراھ ڪانفرنس جو تجزيو

- پيش لفظ.
- مقاصد ۽ مرادون.
- مسلم ملڪن جو اتحاد ۽ ترقي.
- مسلم حڪومتن جو بلاڪ ٺاهڻ.
- مسلم ملڪن جي حفاظت.
- اسلامي اصولن جي تبليغ ۽ فروغ.

[١٩٧٥ع]

# پيش لفظ

ٻہ سال اڳي جڏهن رياض ۾ مسلمانن ملڪن جي ڪانفرنس سڏائي ويئي هئي، تڏهن گهڻن مسلمانن توڙي ٻين مائهن، عام طرح اُن طرف توجهہ نہ ڏنو هو. ڪيترن ئي ان کي آمريڪي اشاري تي غيرجانبدار ملڪن جي بلاڪ جي وقعت گهٽائڻ ۽ عرب ملڪن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ لاءِ سڏايل ڪانفرنس سمجهي، ان کي اهميت نہ ڏني هئي.

تازو ٢٢- ٢٣-فيبروري ١٩٧۴ع تي پاڪستان ۾جا ٻي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، ۽ ان ۾ ٣٨ مسلمانن ملڪن جي سربراهن حصو ورتو تہ ان کي ڪافي شهرت نصيب ٿي. ان ڪانفرنس بابت دنيا جي مختلف ملڪن ۾ عام طرح ۽ پاڪستان ۾ خاص طرح جدا جدا قسم جا رايا ظاهر ڪيا ويا، جن مان ڪي هينيان هئا:

(١) ڪن ان کي پاڪستاني حڪومت جي، تازي ٻنگلہ ديش قائم ٿيڻ ۽ ڀارت سان جنگ ۾ شڪست ملڻ ڪري جا وقعت گهٽجي ويئي هئي، ان کي درست ڪرڻ لاءِ ڀٽي صاحب جي چالبازي شمار ڪيو ٿي.

(٢) عرب ملڪ سنڌن اتحاد جي بعد ٻہ اسرائيل جهڙي ننڍي ملڪ کان سنڌن وڃايل ملڪ جا حصا موٽائي نہ سگهيا هئا. ان ڪري جڏهين هنن مسلمان ملڪن جي ڪانفرنس کي سنڌن همدرديءَ ۾ آوازکڙي ڪرڻ جي مقصد سان گڏ ٿيندي ڏٺو تہ ان ۾ شموليت ڪرڻ کان هو انڪار ڪري نہ سگهيا خاص طرح انهيءَ ڪري ٻہ، جو سنڌن همدرد ۽ محسن، شاهہ فيصل جي ان ۾ دلچسپي هئي.

(٣) مهاجر پنجابي مستقل مفادن، سنڌن پاڪستان تي سامراج قائم رکڻ خلاف هن وقت جي سند، بلوچستان پختونستان ۾ آزاديءَ لاءِ قومي تحريڪون پيدا ٿي پيون هيون، تن کان مائهن جي توجهہ هٽائڻ لاءِ ان کي ذريعو ڄاتي، شهرت ڏني هئي.

(۴) اسرائيل جي دشمنيءَ سبب عرب ملڪ، آمريڪا کي ان جو ڪارڻ سمجهي، سوويت يونين طرف رخ ڪري رهيا هئا. ان لاڙي ۾ رنڊڪ پيدا ڪرڻ لاءِ آمريڪي حڪومت سنڌن ايجنٽ ڀٽي معرفت هيءَ ڪانفرنس ڪوٺائي، عربن کي سوويت يونين ۽ ترقي پسند طاقتن جي همدرديءَ کان محروم ڪرڻ لاءِ، هيءَ چال چلي هئي. ان جي ڪري غيرجانبدار ملڪن جي بلاڪ جي اهميت گهٽجڻ جو ٻہ امڪان هو، جنهن کي آمريڪي حڪومت سٺي نظر سان نٿي ڏٺو.

(٥) ڀارتي حڪومت جي، جنگ ۾ ڪاميابيءَ ڪري، جا همت وڌي ويئي هئي، ان جي گهٽائڻ لاءِ هيءَ ڪانفرنس ڪوٺائي، ڪين ذهن نشين ڪرڻو هو تہ جيڪڏهن ڀارت غير جانبدار بلاڪ جو مکيہ رکن هو، تہ پاڪستان ٻہ مسلم بلاڪ جي رکن هئڻ ڪري

**ڪن رهبرن سياست ۽ مذهب کي ڳنڍي، مذهب کي حڪام وقت جي ماتحت هلائڻ شروع ڪيو.**

ان جو نتيجو اهو نڪتو ته مسلمانن هڪ ٻين جا رت هاريا ۽ باهمي تباهيءَ ۽ نفاق جو ڪارڻ بڻيا. هاڻ ان ڪم يعني مذهب ۽ سياست کي ڳنڍي هلائڻ جي سرانجامي ڀٽي صاحب، ڪرنل قذافيءَ ۽ مرحوم شاهه فيصل جي ذريعي ڪرائڻ تاريخ سان عجيب مذاق هئي. مذهب اسلام جي عقيدن ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ جو ڪم غير سياسي عالمن، صاحب اخلاق بزرگن ۽ روحانيت جي مالڪ اولياءَ الله جي ذريعي ٿي سگهي ٿو. موجوده ڪانفرنس ۾ گڏ ڪرايل مسلم حاڪمن ذريعي ان ڪم جي سرانجامي ڪرائڻ جي اميد رکڻ اهڙي آهي جهڙي ٻهرڻ ڪان ٻير گهرڻ مذهب ۽ سياست جي ڳنڍي هلائڻ جو تجربو تاريخ جي ورقن ۾ غلط ۽ بيڪار ثابت ٿيڻ بعد وري اُن کي هنن صاحبن جي وسيلي نئين سر آزمائڻ اهڙو ٿيندو جهڙو:

## "آزمائي کي آزمائڻ ڏوڙ منهن ۾ پائڻ"

جنهن صورت ۾ هن قسم جي ڪانفرنس کي مُسلم حڪومتن طرفان ڪوٺايو ويو آهي، ان جي ردعمل ۾ هيٺين نتيجن نڪرڻ جو امڪان آهي:

(١) غير مسلم ملڪن کي آگاهه ڪيو ويندو ته هو ان تحريڪ جي جواب ۽ مقابلي ۾ پنهنجو نظام مذهب جي بنياد تي قائم ڪن.

عيسائي مُلڪن جي ڀيٽ ۾ مسلم ملڪ غير ترقي يافته آهن، سي هن مقابلي ميدان ۾ بہ پٺتي پيل هئڻ ڪري، شڪست کائيندا. ممڪن آهي ته اِن حالت ۾ مُرڳو ترقي پسند، آزاد خيال ملڪن جي همدردي بہ، هو مذهب جي نالي ۾ پاڻ کي منظم ڪرڻ جي صورت ۾ وڃائي ويهندا.

(٢) مسلم ملڪن ۾ باهمي سياسي ۽ اقتصادي رقابتون پيدا ٿي، اتحاد جي عيوض نفاق جو باعث بڻبيون . جهڙو حال هتي پاڪستان ۾ ٿيو آهي ته مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي فائدي خاطر ان کي هلائڻ ڪري، سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان مُرڳو پاڪستان جا جاني دشمن ٿي پيا آهن.

(٣) سياست ۽ مذهب کي ڳنڍي، مذهبي نالي ۾، عوام جي ناجائز استحصال ڪرڻ ڪري نوجوان طبقو، ردعمل ۾ اچي، مورڳو اسلام جي خلاف ٿي پوندو.

(٤) رسول مقبول صلعم جي لاڏاڻي کان پوءِ مذهب جي نالي ۾ سياسي اقتدار واسطي، جا مسلمانن ۾ خانہ جنگي پيدا ٿي، جنهن ۾ هنن هڪ ٻين جا خون وهايا ويا هئا. هاڻ وري ساڳي طرح مذهب جي نالي ۾ مسلمانن کي سياسي مسئلن ۾ ٽڪرائي آڻڻ ڪري، قوي امڪان آهي منجهن اتحاد جي عيوض نفاق پيدا ٿئي. ان لاءِ هيٺيان دليل آهن:

١- جيئن هتي پاڪستان ۾، مسلم قومي يڪجهتيءَ جي نالي ۾، مهاجر پنجابي مستقل مفاد سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن جي قومي وجودن کان انڪار ڪري، اُتي زمين، نوڪرين، ڪارخانن ، بئنڪن، واپار تي پنهنجو قبضو ڄمائي، استحصال ڪري رهيا

آهن. اهڙي ساڳي حالت ٻين مسلم ملڪن ۾ پيدا ٿيڻ جو قوي امڪان آهي. مسلم ملڪن ۾ قبيلائي ۽ ڪن مستقل مفادن جو حڪومتن تي قبضو آهي. اتي اڳي ئي اقتصادي خوشحاليءَ لاءِ هلچلون هلندڙ آهن، جن کي زوريءَ دٻايو پئي ويو آهي. ان مان اهو امڪان آهي ته سڀ مسلمان ملڪن جا غريب رهاڪو تنگ ٿي، اسلام کي ان جو ڪارڻ سمجهي، وڃي ڪميونسٽ ملڪن ۽ نظرين جي مدد وٺن ۽ دهريا ٿي وڃن.

٢- ان تحريڪ جي پويان آمريڪي سامراج جو هٿ آهي، جي ساڳئي وقت يهودين جا حامي آهن. اها عربن ۽ عام ساده مسلمانن کي اهو پتو نه پئجي سگهيو آهي ته هن تحريڪ جي اڳواڻن ۾ ڪيترائي آمريڪي ايجنٽ آهن. جڏهن پتو پوندو ته هو ان ڦندي مان هڪدم ٻاهر نڪري ويندا. ڀٽي صاحب کي انهيءَ خدمت جي صلي ۾، انعام طور، پارت جهڙي طاقتور ۽ وڏي ملڪ جي ناراضگيءَ جي باوجود، آمريڪا هٿيار ڏنا آهن. ان مان پتو پئجي سگهي ٿو ته آخر هن صاحب ڪهڙو ڪار نمايان ڪيو هو، جنهن جي عيوض اهو قدم کنيو ويو آهي.

٣- هتي پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سامراجين، سنڌين، بلوچن ۽ پختونن تي ظلم ڪيا آهن ۽ انهن جو استحصال ڪيو آهي. ان جي ردعمل ۾ مٿي ذڪر ڪيل قومن ۾ انهيءَ سامراج کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جا لهر پيدا ٿي آهي ۽ ان کان ٻي سمجهه عوام جو توجهه هٽائڻ، ان سان ٻاهرين مسلمان ملڪن جي حڪمران طبقي جي ڪا همدردي پيدا ٿئي ان جي امڪان کي هٽائڻ لاءِ ممڪن آهي ته هن تحريڪ کي ڪتب آندو وڃي. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌي يا ٻيا مظلوم ۽ محڪوم ڪهڙي طرح ٿيلهي ۾ لڪل بلا کي برداشت ڪري سگهندا.

٤- اها ڳالهه به سمجهه کان ٻاهر آهي ته مسلمانن جي جداجدا فرقن جهڙوڪ:- سني، شيعا، وهابي، قادياني وغيره کي اُهي حڪومتون، ڪهڙيءَ طرح سندن سڏايل ڪانفرنس ذريعي متحدڪري سگهنديون. جڏهن ته انهن حڪومتن جا رهاڪو به جدا جدا فرقن سان تعلق رکن ٿا. پاڪستان جي حڪومت، جا مسلمانن ملڪن جي اتحاد جو آواز اٿاري رهي آهي ، ان جي تازي ڪارنامي يعني قاديانين کي قانون پاس ڪري اسلام کان خارج ڪرڻ واري قدم، ٻين اقليت وارن فرقن ۾ شڪ ۽ خوف پيدا ڪري ڇڏيو ٿا، سي ٻئي ڏينهن وري ڪنهن ٻئي فرقي کي خارج ڪن ته ڪهڙو شڪ آهي.

ان ڪري اهاڳالهه صاف ظاهر پئي ڏسڻ ۾ اچي ته انهن ڪانفرنسن ذريعي مسلمانن جي عقيدن ۽ عملن ۾ سمجهوتو يا اتحاد پيدا ٿيڻ ناممڪن آهي. جا ڳالهه تيرهن سو ورهين کان حل نه ٿي سگهي آهي ، تنهن کي ڀٽو صاحب يا ان جا هم خيال سياستدان يا خريد ڪيل عالم ڪهڙيءَ طرح حل ڪرائي سگهندا.

## سياسي معاملن ۾ اتحاد

سياست ملڪ هن زماني ۾ مختلف صورتون اختيار ڪري ويئي آهي، جنهن ۾ جمهوريت، ڊڪٽيٽرشپ، سامراج، سيڪيولزم ۽ مذهبي حڪومت ان جا مکيه طريقا آهن.

ڏوڪي ڏيڻ لاءِ ورتو وڃي ٿو.ليڪن ملڪ ۾ جدا قوميتن جي ڳالهه ڪرڻ جي اجازت نه آهي. ميٽنگن ڪرڻ تي ۱۴۴قلم لڳائي بندش وڌي وڃي ٿي يا گوندا موڪلي.مخالف راءِ رکندڙن جي ميٽنگن کي ڦٽايو وڃي ٿو.مخالفن کي مارائڻ، جيلن ۾ بنا ڪيس هلائڻ جي موڪلڻ، اتي قيدين سان نازيبا حرڪتون ڪرائڻ حتاڪ ڪن کي پيشاب پياريو ويو، ڪن کي ڏنب ڏياريا ويا.ڪن مخالفن سان جيل ۾ عادتي ڏوهارين هٿان بدفعلي ڪرائي ويئي. ججن کي هيسائي صحيح فتويٰ ڏيڻ تي بندش وجهائي ويئي آهي.جي ڪن ججن آزاد راءِ مطابق فيصلا ڏنا ته انهن کي يا نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو آهي يا جيلن ۾ موڪليو ويو آهي.هتي جمهوريت جي ڏلبي هيٺ اهڙا ڪم ڪياويا آهن،جي بدترين ڊڪٽيٽرن جي دور ۾ به سرزد نه ٿيا هئا.

(۵)ملڪ کي مضبوط ۽ مستحڪم بنائڻ لاءِاها ڳالهه ضروري هئي ته پروارن ملڪن سان سٺا تعلقات قائم ڪري، ملڪ جي پيدائش جو وڏو حصو ملڪ جي ترقي ۽ تعمير تي صرف ڪيو وڃي ها.پر جنهن صورت ۾ اهي ڳالهيون مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي خلاف هيون،انڪري هنن پاڪستان جا پروارن ملڪن سان تعلقات ٺيڪ ڪرڻ جي عيوض انهن سان مخاصمت پيدا ڪري،ملڪ کي سامراجي جنگي عهدنامن ۾ ڦاسائي،ملڪ جي پيداوار جو گهڻو حصو لشڪر تي خرچ ڪري .ان کي مهاجر پنجابي سامراج مضبوط ڪرڻ لاءِ پٺي ڪتب آندو آهي.اهڙي پاليسي اختيار ڪرڻ ڪري هينيان نتيجا نڪرن ٿا.

(الف) پنجابي ماڻهن جي گذر معاش جو انتظام ٿئي ٿو.

(ب) روس ، افغانستان ۽ ڀارت سان تعلقات خراب ٿين ٿا.

(ت)وڏايل لشڪر کي ننڍين قومن جهڙوڪ سنڌي، بلوچي ۽ پختونن کي غلام رکڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.

پاڪستان کي جن خاص ڏوڪن جي بنياد تي هلايو وڃي ٿو،سي هينيان به آهن—

(۱) نظريو پاڪستان.

(۱۱) اسلامي نظام حڪومت

انهن ٻن ڳالهين جي تشريح هيٺ ڏجي ٿي

## نظريو پاڪستان

ان نقطي مطابق، هندستان جي مسلمانن کي مذهب جي بنياد تي ٻين مذهبن جي پوئلڳن کان علحده قوم قرار ڏيئي، سندن رهائش لاءِ جدا وطن جي گهر ڪري، برصغير هند جي ورهاست ڪرائي ويئي ۽ پاڪستان نالي سان جدا ملڪ قائم ڪرايو ويو ان جي برپا ڪرائڻ لاءِ هينين راين تي عام راءِ تيار ڪرائي ويئي.

الف. هندستان جا رهاڪو مسلمان مذهبي عقيدن، روايات، رسم رواجن موجب

هند جي هندن کان علحده قوم هئا. تنهنڪري انهن کي جدا ملڪ ۾ آزاد مملڪت ڏياري، پنهنجي، زاويي نگاهه موجب زندگيءَ کي بسر ڪرڻ جا موقعا ميسر ڪرڻا هئا.

ب- پاڪستان جي قيام بعد ان جا رهاڪو مسلمان مذهبي عقيدن مطابق اسلامي آئين تيار ڪري، ان ۾ اسلامي نظام حڪومت ۽ اسلامي انصاف قائم ڪري، ان کي دنيا جي مثالي حڪومت بنائڻ وارا هئا.

ت- جنهن صورت ۾ پاڪستان هندستان جي جملي مسلمانن لاءِ جدا وطن بنجڻو هو، ان ڪري ان ۾ هندستان جي هر حصي کان مسلمانن کي آئي وسائڻو هو.

ث- جيئن ته اها حڪومت مسلمان اڪثريت وارن حصن ۾ قائم ڪرائڻي هئي، جتي مختلف زبانن، ڪلچرن، تاريخي روايتن، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جون قومون اڳئي رهندڙ هيون، انهن کي رضامند ڪرڻ لاءِ کين آزاد ۽ خودمختيار رياستن قائم ڪرڻ جو دلاسو ڏنو ويو.

ج- جيئن ته برصغير هند ۾ هزارين ورهين کان مختلف مذهبن جا پوئلڳ، جهڙوڪ جين، ٻڌ، سک، ڪرستان ۽ مسلمان وغيره گڏ رهندڙ هئا. انهن کي هڪ ٻين جي نرديڪ آڻڻ ۽ هڪ قوم بنائڻ لاءِ ڪيترن درويشن، مصلحن عمرين صرف ڪيون هيون ۽ محبت جي بنياد تي منجهن اتحاد آڻڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ان ڪري ان کي ٽوڙڻ لاءِ هنن نفرت جي آڌار تي، نفاق پيدا ڪري، سياست هلائي. دنيا جي آزمايل ۽ تسليم ٿيل قومي نظرئي مطابق، جديد قوم بنجڻ لاءِ وطن، زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفادن جو يڪسان هئڻ ضروري هو، ان نقطي نگاهه کان قوم لاءِ مذهبن ۽ نظرين جو يڪسان هئڻ ضروري نه ٿي ليکيو ويو. برخلاف ان جي، ملڪ جي ورهاست ۽ نئين ملڪ جو قيام خالص نفرت جي بنياد تي ڪرايل هو. اهو نظريو ته **«هندستان جا مسلمان علحده قوم هئا»** مهاجر پنجابي مستقل مفاد طرفان ايجاد ڪيل هو، جنهن مان سندن مُراد نئين ملڪ ۾ سندن سامراج قائم ڪرڻ هو.

اهو نظريو غلط، ڌوڪو ڏيندڙ ۽ تاريخي حقيقتن جي آڌار تي ردي ثابت ٿيل هو.

جيڪڏهن مسلمانن کي مذهب جي بنياد تي هڪ قوم تسيلم ڪجي، ته پوءِ ساري دنيا جا مسلمان هڪ قوم شمار ڪبا، صرف هندستان جي رهاڪو مسلمانن کي ڪهڙي حساب سان علحده قوم شمار ڪري سگهبو.

ان نظريي جي حامين جو چوڻ هو ته عقيدي ۽ عمل جي يڪسانگي ڪري مسلم قوم علحده بنيل هئي. جيڪڏهن چٽائي ڏسبو ته ان موجب به مسلمان هڪ قوم سڏجڻ جا حقدار ٿي نه ٿي سگهيا، ڇاڪاڻ ته خود مسلمان سڏجڻ وارا به ٣٥٠ فرقن کان به وڌيڪ فرقن ۾ ورهايل هئا. ازانسواءِ عمل جي نقطي نگاهه کان به اهي مختلف قسمن ۾ ورهايل هئا.

جيئن ته منجهن ڪي زاني، شرابي، استحصالي، ظالم چور، بدمعاش، ڌوڪيباز هئا، ته ڪي وري پرهيز گار، انصاف پسند، اشراف، پراپڪاري، وطن دوست شخص هئا ان ڪري جيڪڏهن صحيح مسلمان ٿيڻ لاءِ عقيدي ۽ عمل جو يڪسان هئڻ ضروري هو، ته پوءِ مٿي ذڪر ڪيل اعتقاد ۽ عمل ۾ اختلاف رکندڙ ماڻهن کي هڪ قوم شمار ڪرڻ

ڪهڙيءَ طرح جائز ٿي سگهيو ٿي!

انهي نظرئي جي ايجاد ڪندڙن کي خبر هئي ته دنيا ۾ هن وقت ڪنهن ٻه ملڪ جا مسلمان ان نظرئي کي مڃيندڙ نه هئا. ان ۾ اعتماد رکڻ ڪري، مختلف قومن وارن مسلم ملڪن جي خودمختياريءَ جو خطري ۾ پئجي وڃڻ لازمي هو. انهيءَ ڪري انهن مان ڪوبه ملڪ ان کي مڃڻ لاءِ تيار نه ٿيندو. ڇاڪاڻ ته هر هڪ قوم لاءِ علحده ملڪ ۽ حڪومت جو هئڻ لازمي هو. موجوده آزاد ملڪن مان ڪنهن کي ڪُٺيءَ ڪنيو آهي، جو وڏي آدمشماريءَ وارن مسلم ملڪن سان گڏجي هڪ حڪومت ناهي، پنهنجي خودمختياري هڪ طرف وڃائين، ۽ گهڻي پيدائش وارا ملڪ پنهنجي پيدائش ٻئي ڪُل مسلم ملڪ جي ماڻهن جي واڌاري لاءِ خرچ ڪن، يا ٻاهريان مسلمان پاڻ وٽ رهائي، ڪين اجازت ڏين ته پيسا ڪمائي ٻاهر کڻي وڃي خرچ ڪن ۽ انهي ملڪ کي غريب بنائين!

انڪري انهيءَ ڏوڪي ۾ ڦاسائڻ لاءِ مهاجر پنجابي مستقل مفاد اول ۾ صرف هندوستان جي مسلمانن کي منتخب ڪيو. جيتوڻيڪ ڪين اها خبر هئي ته برصغير هند ۾مسلم اڪثريت وارن رياستن جا رهاڪو وطن، زبان، ڪلچر، روايات، سياسي، اقتصادي مفاد ڪان هزارن ورهين ڪان علحده ۽ آزاد قومون ٿي رهندا آيا هئا. بهرحال انهن کي به جيڪڏهن پاڪستان جي نعراءَ ۾ آزاد ۽ خودمختيار رياستن بنائڻ جو دلاسو نه ڏنو وڃي ها ته هو ان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ تيار ٿي ڪونه ٿين ها.

جيئن ته مذهب جي نالي واري قوم جي نظرئي کي دنيا جون اڪثر قومون ۽ ملڪ، تجربي ۽ آزمودي بعد، ٺوڪاري چڪا هئا، ان ڪري ان کي دلچسپ بنائڻ لاءِ اسلامي نظام حڪومت، هندوستان جي هندن جي تسلط مان آزادي ۽ نون آزاد ملڪن ۾ پنهنجي نقطي نگاهه موجب آزاد حڪومتي قائم ڪرڻ جو ڏوڪو ڏنو ويو. پر اصل ۾ انهيءَ ساري دلبي مان مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو مقصد ان نئين ملڪ ۾ سندن سامراج قائم ڪرڻ هو. هاڻ مس مس پاڪستان جي اصل رهاڪن جي گهڻي حصي کي معلوم ٿيڻ لڳو آهي ته اهو نظريو ڏوڪي وارو، دنياوي حقيقتن جي خلاف، تاريخي تجربي تي غلط ثابت ٿيل، سنڌ، بلوچستان، ۽ پختونن جي قومي وجودن ۽ مفاد جي خلاف هو.

تنهنڪري سندن سمجهدار قوم پرست ماڻهن انهيءَ پاڪستان سامراج جي ڪوڙڪيءَ مان نڪرڻ جي جدوجهد شروع ڪئي آهي. انهن کي ڏوڪي ڏيڻ ۽ دنيا جي مسلمان ملڪن جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ، مسلم ملڪن جي اتحاد جي نالي ۾، هي نئون ناٽڪ رچايو ويو آهي . اهو مسلمانن جي هڪ قوم وارو تجربو پاڪستان ۾ ناڪامياب ثابت ٿيڻ بعد ڪهڙيءَ طرح ساريءَ دنيا جي مسلمانن لاءِ مفيد ٿي سگهندو، سا ڳالهه صاف ظاهرپيئي آهي. پر هيٺ ذڪر ڪيل سببن ڪري اهو ڏوڪو هتي جو حڪمران طبقو وري نئين سر آزمائڻ گهري ٿو:-

(١) هنن کي پتو آهي ته دنيا جا زياده تر مسلم اڪثريت وارا ملڪ هر ڳالهه ۾ پنتي پيل هئڻ ڪري جذباتي مذهب جي نالي ۾ ابتدا ۾ پاڪستان جي ننڍن قومن وانگر، ڏوڪو کائي، سندن يعني مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي لاءِ ڪم اچي سگهندا.

ڇاڪاڻ ته صرف پاڪستان جي رهاڪن جي استحصال مان هنن جو پيٽ نٿو ڀرجي، سو هو، مذهب جي نالي ۾، ٻين ملڪن ۾ وڃي انهن جو استحصال ڪرڻ گهرن ٿا.

(٢) عرب ملڪن جي وچ ۾ آمريڪي سامراج يهودين کي آباد ڪري، اسرائيلي حڪومت مٿن مسلط ڪئي آهي. اُن مان اڪثر عرب ملڪن کي خطرو محسوس ٿئي ٿو، ۽ هو ان مان تنگ آهن. هو پريشان آهن ته ڪهڙيءَ طرح اُن مصيبت مان آزاد ٿين. سي جڏهن اسلام جي نالي ۾ پاڪستان طرفان ڪين مدد ڪرڻ لاءِ مسلم ملڪن جي اتحاد جي ڳالهه ٻڌن ٿا ته ڏوڪو کابو وڃن جيتوڻيڪ کين خبر آهي ته هن ملڪ جا اڪثر حاڪم آمريڪي سامراج جا ايجنٽ ( دلال ) آهن سائن جنگي عهدنامن ۾ شريڪ ٿي، اُن جي پيسي تي پلجي رهيا آهن.

(٣) پاڪستان جي قيام بعد اُن جي مستقبل مفاد جي فضول خرچي، گهڻي لشڪر رکڻ ۽ نَن جنگين ڪرڻ ڪري، هي ملڪ آمريڪي جنگي عهدنامن ۾ شامل ٿي، پيسن وٺڻ ۽ ترقي يافته ملڪن کان قرض کڻڻ ۽ مدد وٺڻ جي باوجود، ڏيوالي جي ڪناري تي اچي بيٺو آهي، ايتريقدر جو قرض جون قسطون به وقت تي ڏيئي نٿا سگهن. انڪري هن ڪانفرنس ذريعي عرب ملڪن کان اسلامي اتحاد جي نالي ۾ مدد ۽ قرض وٺڻ لاءِ بهانو بڻايو ويو آهي.

(٤) غيرجانبدار ملڪن ۾ شامل ٿيڻ ڪري پارت جي عزت وڌيل آهي . سامراجي عهدنامن ۾ شامل ٿيڻ ڪري پاڪستان جي حڪومت ان جماعت ۾ شامل ٿي نٿي سگهي. غيرجانبدار ملڪن جي اتحاد کان آمريڪي سامراج کي خطرو محسوس ٿي پيو آهي. انڪري سندس ايجنٽ پاڪستاني حڪومت ذريعي انهيءَ جماعت جي اتحاد کي ٽوڙڻ لاءِ هي رنگ رچايو ويو آهي.

(٥) پاڪستان ۾ مسلمانن جي جدا قوم وارو نظريو ڪجهه وقت لاءِ ماڻهن کي ڏوڪي ۾ رکي سگهيو، پر هاڻ تاريخي تجربي جي بنياد تي پرزا ٿيڻ کي اچي ويجهو ٿيو آهي.تنهنڪري ان کي ڪجهه حياتي وٺي ڏيڻ لاءِ اسلامي اتحاد جو نالو اُڇاريو وڃي ٿو.

ليڪن جيتريقدر مون غور ڪيو آهي ته اهو ڏوڪو به اڳتي هلي هيٺين پنجن مشڪلاتن جي ٽڪر ۾ اچي پرزا پرزا ٿي ويندو:

(١) جيئن ته مسلمان ملڪن جي اڪثريت عربي ڳالهائڻ وارن ملڪن تي مشتمل آهي، تنهنڪري اُنهيءَ جماعت جو صدر به ضرور عرب کي ڪيو ويندو. عرب ملڪ باوجود، پنهنجي پيل هٺڻ جي، عربن جي قديم سامراج ۽ خلافت جي يادگيريءَ طور، ان اتحاد کي سندس قومي سر بلنديءَ ۽ سامراج لاءِ ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪندا. انڪري اڳتي هلي اُن جو افغانستان، ترڪيءَ، ايران، سنڌ، ملائشيا ۽ انڊونيشيا جي مسلمان ملڪن جي مفاد سان ٽڪر ٿيڻ جو انديشو آهي. جنهن مان وري اڳي وانگر عرب ۽ عجم مسلمانن جي اختلاف ٿيڻ جو امڪان آهي. ايرانين ۽ سنڌين حجاج بن يوسف ۽ محمد بن قاسم هٿان مٿن ٿيل ظلم ۽ استحصال کي اڃا نه وساريو آهي.

(٢)پاڪستان عرب ملڪن کان پيسا وٺندو، پر آمريڪي عهدنامن کان به پاڻ ڇڏائي نه سگهندو.جنهن صورت ۾ آمريڪا اسرائيل کي مدد ڏيڻ کان باز نه

# اسلامي نظام حڪومت

مسلمان ملڪن کي مذهب جي نالي ۾ متحد ڪرڻ سان انهن ۾ نظام اسلامي قائم ڪرڻ جي گفتگو بہ لازم ملزوم ٿي پوندي - جهڙيءَ طرح هتي نظريہ اسلام(مسلم قوم) جي نالي هيٺ مسلمانن کي متحد ڪري پاڪستان قائم ڪرڻ بعد ان ۾ نظام اسلامي رائج ڪرڻ جي گفتگو ٿيندي رهي آهي. ان ڪري ممڪن آهي تہ مسلمان ملڪن ۾ بہ اهڙي نظام جي گفتگوءَ ڪري ماڻهن کي منجهايو وڃي.جي ڪڏهن ان ڳالهہ تي غور سان نظر ڪري ڏسندا تہ پتو پوندو تہ "نظام اسلامي"جو مطلب نہ پاڪستان بڻائڻ وارن ليڊرن جناح صاحب ۽ لياقت علي خان کي معلوم هو.نہ مهاجر مستقل-مفاد جي ايجنٽ مولوين کي آهي.جن اسلام جي نالي ۾ پاڪستان جي قديم قومن جو استحصال ڪيو ٿي.اوهان کي جيڪڏهن ان بابت زياده معلومات حاصل ڪرڻ جو شوق هجي تہ پنجاب ۾ مسلم ليگي سياستدانن ۽ ملن مولوين طرفان، جي مسلمانن ۾ فرقيوار فسادڪراياويا هئا ۽ انهن ايتري قدر زور ورتو هو.جو حڪومت کي انهيءَ خطي زمين سان مارشللا لاڳو ڪرڻو پيو هو، ۽ ائين حالتن کي قبضي ۾ آڻڻ بعد ڪين هڪ ڪميشن مقرر ڪرڻي پئي هئي.جنهن تي هاءِ ڪورٽ جا ٻہ مکيہ جج جسٽس محمد منير ۽ جسٽس رستم ڪياني مقر ڪيا ويا هئا ان ڪميشن جي رپورٽ مان اوهان کي "نظام اسلامي "جي حقيقت جو پتو پئجي سگهندو . هنن ججن جو رايو هو تہ "اسلامي آئين ۽ اسلامي نظام حڪومت ڇا هو.ان بابت پاڪستان جي عالمن سامهون ڪو مقصد ۽ سمجهہ جهڙو تصور ئي موجود ڪونہ هو.» سندن چوڻ هو تہ"هر ڪنهن ڌر اسلامجو نالو ڪتب آندو ٿي.ليڪن اسلام ڇا هو ان جي واضع مطلب جو پتو ڪونهون "موجوده حڪومت جي مدارالمهام وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي بہ اڳين حڪمرانن جي نقش قدم تي هلي,اسلام جي نالي کي ڪتب پئي آندو آهي.حالانڪ اسلام مان سندن مطلب ڪهڙو هو ان جو نہ هن کي پتو هو نہ اڳين کي هو.

ڀٽي صاحب جو اسلامي اصولن سان واسطو نہ رهيو آهي ۽ نہ هي اسلامي اخلاق سان مانوس آهي .بلڪ ڪٿي چئجي تہ سندس زندگي اسلامي اخلاق جو ضد آهي تہ صحيح ٿيندو.

ان مسئلي تي وڌيڪ بحث ڪرڻ تان اڳ بهتر ٿيندو تہ اسلام جي معنيٰ ڇا آهي.ان جي ڪجهہ تشريح ڪئي وڃي.

(١) ملن جو چوڻ آهي تہ دنيا جي مذهبن کان دين اسلام علحده، مڪمل ۽ آخري مذهب آهي . انسانذات جي نجات ان مان حاصل ٿيڻ واري آهي .

(٢)ملن جي چوڻ مطابق ان مذهب کي ساري دنيا تي زوريءَ مسلط ڪرڻ لاءِ جهاد، اسلام جي بنيادي اصولن مان هڪ آهي.

(٣) ملن جي چوڻ موجب معاشري جي مفاد ۽ رهبريءَ لاءِ اسلام ۾ مڪمل ڪود آهي جو روزِ قيامت تائين جملي انسان ذات جي رهبريءَ ۽ مڪمل هدايت لاءِ ڪافي آهي ،ان ۾ ڦيرگهير ٿيڻي ڪانہ آهي.

۴- ملن جي چوڻ موجب اسلام کي مڃڻ وارا علحده قوم هئا.جن کي سندن نقطي

نگاهہ موجب زندگي بسر ڪرڻ لاءِ شريعت اسلامي مطابق آئين ۽ قانون نـاهي، پاڪستان کي دنيا جي مثالي حڪومت ڪري هلائڻو هو.

٥- انهن مقصدن جي حل لاءِ خلافت اسلاميءَ جو قيام ضروري هو.

بهتر ٿيندو تہ آءٌ پهرين مٿي ذڪر ڪيل مُلن طرفان پيش ڪيل پنجن اصولن جي تشريح ڪريان.

منهنجي مختلف تصانيف خاص ڪري «جيئن ڏٺـو آءُ مـون» ۾ ان مسئلي تي تفصيل سان بحث ڪيل آهي، پر جنهن صورت ۾ منهن جا سڀ ڪتاب، هر هڪ ماڻهو ممڪن آهي تہ پڙهي نہ سگهي، ۽ انهن ڪتابن مان ڪيترا ڪتاب مختلف مضمونن تي لکيل هئا، انڪري مجبوراً انهن بيان ڪيل ڳالهين کي هتي ڏهرائڻ ضروري ٿو سمجهان.

مٿي ذڪر ڪيل مُلن جي اسلام جي پهرينءَ تشريح جي اهل تصوف ۽ صاحب نظر شخصن صحيح نٿي سمجهيو ۽ دين اسلام کي جُدا، مڪمل ۽ آخري مذهب نٿـي مڃيو.

مُلا جي ان دعويٰ کي هنن قران شريف جي واضح هدايتن، صو فياءِ ڪرام جي تشريحن ۽ رسول مقبول جي رحمت العالمين واريءَ مشن جي خلاف ٿي ڄاتو.

## قران شريف جي واضح هدايتن خلاف ڪيئن هئي؟

قران شريف ۾ چاتايل آهي تہ خدا عزو جل طرفان هرهڪ ملڪ، زماني ۽ قوم وٽ خدا طرفان پيغامبر موڪليا ويا هئا، جن ماڻهن کي راهہ هدايت ڏسي هئي، جن جي پيغام جو بنيادي مقصد ساڳيو هو. اهي سڀ حق تي هئا، انهن جي تعليم ۾ فرق ڪرڻ صحيح نہ هو.

دين اسلام دين فطرت (قانون ارتقا) هو. اهو ابتدا کان ولي آخر تائين سڀني پيغمبرن جو دين هو. اهو وهندڙ درياءَ وانگر روز بروز نئون پيغام آڻي، انسانذات جي رهبري ڪرڻ وارو هو. ان جا بنيادي متا ١- اتحادي انساني،٢- امن عالم . ٣- ترقي بني آدم هئا. سي سدائين قائم هئا ۽ رهڻا هئا. لڪين امن جا فروعي قانون شريعت معاشري جي تبديليءَ سبب بدلجي سگهيا ٿي.

دين اسلام جو صحيح پوئلڳ اهو هو، جو خدا جي ذات ۽ وجود ۾ اعتقاد رکي ۽ انسانذات جي روشن مستقبل (آخرت) لاءِ ڪوشان رهي ۽ عمل صالح ڪري، جنهن جي ٻين لفظن ۾ اها معنيٰ نڪرندي تہ هو عقيدي ۽ عمل ۾ يڪسان هجي. انهن اصولن موجب هلڻ وارو ماڻهو مسلمان هو. پوءِ ظاهري طور هو ڪٿي ڪنهن ٻئي مذهب جو پوئلڳ هجي. ۽ جيڪو ماڻهو قول ۽ فعل ۾مٿي ذڪر ڪيل اصولن موجب پورو نہ هو، نہ اخلاق درست هوس، نہ اتحاد انسانيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ هو، بلڪ نفاق ۽ نفرت جو مجسمو هو، اهو باوجود ظاهري طور مسلماني گروهہ ۾ شموليت جي بہ، صحيح مسلمان سڏجڻ جو حقدار نہ هو. ان ڪري ئي ملا سندن نقطي نگاهہ موجب ٺهي نہ ايندڙ ماڻهوءَ لاءِ ڪفر جي فتويٰ ڏين ٿا،سي ظاهري طور مسلمانن جي ذمري ۾ داخل هئا. انهيءَ حساب سان هن وقت مسلمان سڏائيندڙ قوم مان ڪيترا ماڻهو ان دائري مان خارج ٿـي ويندا، ۽ ساڳئي حساب سان ٻين ڪيترن مذهبن جا صالح ماڻهو مسلمان شمار ڪري

سگهيا. اهڙيءَ طرح مُلن جي طرفان مذهبن جي موجوده ورهاست ئي غلط هئي.
۴- ماڻهن کي، مختلف زمانن ۾، وقت بہ وقت، نئين معلومات پئي حاصل ٿيي آهي، ۽ آئينده بہ ٿيڻ واري آهي. هدايت جا دروازا بند ٿيل نہ سمجهڻ گهرجن.

رسول مقبول صلعم جو چوڻ هو تہ سندس سچا پوئلڳ بني اسرائيل جي پيغمبرن جي درجي ۽ حيثيت وارا ٿيندا. جنهن جي معنيٰ اها نڪرندي تہ جهڙيءَ طرح پيغمبرن کي الهام ٿيي نيون ڳالهيون ذهن نشين ٿيون ٿيي، اهڙيءَ طرح آئنده بہ ماڻهن کي نيون ڳالهيون معلوم ٿيڻ واريون هيون، ۽ اهو سلسلو بند ٿيڻ وارو ڪونہ هو.

هدايت جي رستي تان ڪن کي خارج سمجهڻ، جهڙيءَ طرح هن وقت مُلن ۽ مهاجر پنجابي مستقل مفاد قاديانين کي خارج ڪري ڇڏيو آهي، غلط هو. منهنجي نظر ۾ پِٽي صاحب ۽ ان جي ايجنٽ مُلن ۽ آقائن مهاجر پنجابين کان قادياني زياده مسلمان هئا. هو پيغمبر خدا جا انهن کان وڌيڪ مخلص پوئلڳ هئا.

۵- مذهبن جي مستقل مفاد جو قديم وقتن کان دستور پئي رهيو آهي تہ پاڻ کي سچ تي ۽ ٻين کي ناحق تي سمجهندا رهن. اِن سلسلي ۾ خدا سائين قران شريف ۾ پيغمبر کي فرمائي ٿو تہ "يهودي نصارن کي ناحق ۽ پاڻ کي حق تي سمجهندا هئا. اهڙيءَ طرح سان يهودين کي سمجهندا هئا. ساڳيءَ طرح ٻين مذهب وارن جي دعويٰ هوندي هئي." اُن تي خدا سائين فرمائي ٿو:

"ماڻهن کي ابتداء تہ حق ۽ ناحق جو فيصلو هو پاڻ ڪري نہ سگهندا . خدا سائين اُن جو فيصلو ڪندو تہ ڪير حق ۽ ڪير ناحق تي هو."

مذهب اسلام جي خود، مختلف ملڪن ۾ تاريخ جي ڪسوٽيءَ، مڪاني حالتن، ماحول ۽ ٻين مذهبن جي اثر ۽ معلومات بعد، جُدا قسمن جي پئي تشريح ٿيي آهي. جهڙيءَ طرح سج جي روشني جدا رنگن وارن شيشن مان جُدا ڏسڻ ۾ اچي ٿيي، اهڙيءَ طرح اسلامي تعليم بہ عرب ۾ هڪڙي صورت اختيار ڪئي، ايران ۾ ٻئي رنگ ۾ ظاهر ٿيي، يورپ ۾ ان جي تشريح نئين قسم جي ڪئي ويئي، سنڌ ۾ ان جي چوٽين معنيٰ ۽ مطلب ڪڍيو ويو. بهتر آهي تہ آءُ اسلام جي مختلف ملڪن ۾ جدا رنگن بابت ڪجھ ذڪر هيٺ ڪريان.

## عرب ۾ اسلام جي صورت

هر ملڪ ۾ عام ماڻهن تي سندن قديم روايات، سوشل رسمن، قديم مذهبي عقيدن، شخصي طبيعتن، آبهوا، نسلي رُجحانات جو اثر پوي ٿو. عرب ملڪ، جنهن ۾ هن وقت سعودي عرب جي حڪومت آهي، زياده صحرائي خشڪ زمين تي مشتمل آهي. اُن جا رهاڪو، سواءِ ڪن چند شهرن جي خانہ بدوش، بدويانہ زندگي گذاريندڙ، مال تي گذران ڪندڙ، قبيلن ۾ ورهايل ۽ ٿوريءَ گهٽيءَ ڳالھ تي جوش ۾ اچي جنگ جدل ۾ حصو وٺندڙ ۽ وهم پرست پئي رهيا آهن.

جيتوڻيڪ انهن تي ٻاهرين مختلف مذهبن ۽ رسم رواجن جهڙوڪ اتش پرست

بنائڻ جو پايو وڌو.شراب خوري,زنا,جوا,بد رسمن, بداخلاقين وغيره کان ڪين آجو ڪيو.سارو عرب هڪ سياسي نظام هيٺ تي ويو.ڪين بت پرستيءَ کان ٻاهر ڪڍي,توحيد سان مانوس ڪيو ويو.ان سموري ڪم لاءِگهٽيءَ حد تائين وعظ ۽ نصيحت کي ڪم آندو ويو.نتيجو اهو نڪتو تہ ساري عرب متحد ٿي,هڪ مذهب ۽ حُڪومت هيٺ رهڻ شروع ڪيو. اهڙيءَ طرح سان عرب غربت مان نڪري سَگهيا ٿيا,۽ پروارن ملڪن تي عرب سامراج قائم ٿيو-

ليڪن هن ڳالھ کان انڪار ڪري نٿو سگهجي تہ انهن پروان ملڪن جا ماڻهو, جن تي هنن قبضا ڪيا هئا. وڏيڪ مُهذب, قديم تهذيب ۽ شهنشاهيءَ جا مالڪ هئا.اُنهن وٽ علمي ذخيرو عربن کان زياده هو,۽ اتي ٻين عالمگير مذهبن جا مرڪز قائم ٿيل هئا-

عربن پيغمبر خدا جي برڪت, نئين حاصل ڪيل اتحاد ۽ ٻين ملڪن جي فتوحات مان حاصل ڪيل مال سان پاڻ کي آسودو ڪري,پنهنجي حُڪومت جو دائرو وڌايو. ليڪن هنن کان هيٺون غلطيون سرزد ٿيون:

(۱)پنهنجي جنگي لياقت ۽ اتحاد ڪري فتح ڪيل ملڪن جي ماڻهن کي عجمي سڏي,عربي قوميت برقرار رکڻ لاءِ,هنن پنهنجي ٻولي ,رسم رواج , دستورن ۽ راين کي اسلام جي نالي سان زوريءَ ٻين مٿان مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي, انهيءَ پاليسيءَ کي اهڙيءَ شدت سان مُروج ڪيائون,جو قديم تهذيبن جي آثارن کي مٽائڻ لاءِ عرب زبان کي اسلامي زبان تصور ڪيائون ۽ انهن ماڻهن کي مجبور ڪري, سندن قديم مذهب بدلارائي,عربي نقطي نگاه واري مذهب ۾ رڱڻ جي ڪوشش ڪيائون, مڪاني زبانن, رسم الخط کي بدلارايو ويو ۽ نالا بدلاراياويا- هتاڪ ماڻهن تي اهو اثر وڌو ويو تہ عربي نسل وارا بر تر هئا ۽ ٻيا گهٽ هئا. جنهن ڪري ڪيترن ابن الوقت ماڻهن, حاڪمن وٽ سُرخرو ٿيڻ واسطي پنهجون اصل ذاتيون بدلائي,عرب نسل سڏائڻ شروع ڪيو. عرب فاتحن فتح ڪيل مُلڪن مان ڦُر ڪيل مال کي غنيمت جو نالو ڏيئي, اتي جي مردن ۽ زالن کي غلام بنائي, اچي پنهنجي ملڪ ۾ وڪيو يا ڪم آندو. اهڙيءَ طرح آندل زالن کي نڪاح ڪانسواءِ ڪتب آڻڻ هُنن جائز ڄاتو .

(۲) انهن فتح ڪيل مُلڪن جي قديم مذهبن کي هُنن زوريءَ ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي,حالانڪ قران ۾ صاف ظاهر ڪيل هو تہ هر ملڪ,قوم ۽ زماني ۾ خدا طرفان پيغامبر موڪليل هئا,جي بنيادي طرح سڀ حق تي هئا.انهن پيغمبرن ۽ سندن ڪتابن تي ايمان آڻڻ مسلمان بنجڻ لاءِ ايمان جو جزو هو.پر فتح جي نشي ۾ قرآن جي ان صريح حڪم کان منهن موڙي,ظاهر ڪيو تہ پيغمبر محمد صلعم جي ورود بعد اڳوڻا سڀ مذهب منسوخ ٿي ويا هئا انهن جون ڪيتريون ڳالهيون عمل ڪرڻ جي لائق نہ رهيون هيون, وغيره.نتيجو اهو نڪتو تہ دين اسلام ,جو ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت ڏيڪارڻ جو پيغام کَٽي آيو هو,جنهن مطابق هر پيغمبر جي تعليم مان "خذما صفا ودع ملڪدر" جي نقطي نگاه موجب چڱيون ڳالهيون چونڊي هٿ ڪرڻيون هيون,سا مٿن رهجي وئي. عربن جو اسلام هڪ قسم جو عربي سامراج بنجي پيو.

(۲) عربن جي فتح ڪيل ملڪن ۾ قديم تهذيبون هيون, انهن جا ڪلچر هئا,علم هئا, سندن ترقي يافتہ زبانون هيون, وٽن وڏا ذخيرا ڪتابن جا هئا. هنن وٽ فن

جهاد اڪبر سڏيو وڃي.

"الله اڪبر"جي معنيٰ ۽ مقصد خدا جي جلال جو هر طرف مظهر ڏسڻو هو. نہ تہ اهو نالو ونئي اُن نالي سان جانورن کي ڪهي ڪائجي يا سياسي ۽ مذهبي مخالفن کي الله اڪبر جو نعرو هڻي قتل ڪجي تشدد جي استعمال عوض اسلام عدم تشدد جي هدايت ڪئي تي. تشدد جهنگل جو قانون هو.اسلام امن ۽ سلامتيءَ جو دين هو .تشدد کي عرب سامراجين دين جو جزو اُن ڪري بنايو هو ,جو سياست ۽ مذهب کي گڏي هلائڻ ۾ سندن سامراجي مفادپورا ٿي ٿيا.

اسلام کي دنيا لاءِرحمت عوض عرب حاڪمن جي هٿئي طور استعمال ڪرڻ جو نتيجو اهو وڃي نڪتو تہ آهستي آهستي تي،مفتوح ملڪن ۾رد عمل پيدا ٿيو۽ هو عربي سامراج جا مخالف ٿي پيا ۽ خود عربن ۾ اقتدار لاءِڇڪتاڻ شروع ٿي ويئي . بنو اميہ سامراج کي بنو عباس ختم ڪيو. ليڪن عباسين جون بہ ساڳيءَطرح مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ ڪري اهڙيون حالتون پيدا ٿي پيون جو اسلام ٻن مکيہ گروهن ۾ ورهائجي ويو- هڪ سني ۽ ٻيو شيعہ گروه.ايرانين ۾ عربن خلاف ايتري قدر مخالفت پيدا ٿي پيئي جو ايرانين جي قومي شاعر فرد وسيءَ کي چوڻو پيو تہ:

زشيرو شترو خوردن سوسمار
عرب را بجائي رسيد ست ڪار
ڪہ تخت کيان را ڪند آرزو
تفو بر تو اي آسمان تفو!

البت عباسين جي دور حڪومت۾ هندي ۽ يوناني علمن جي ڪتابن جا عربي زبان ۾ ترجما ٿيا. مذهب کي فلسفيائي نقطي نگاهسان ڏسڻ شروع ڪيو ويو.عجمين جي نقطي نگاه سمجهڻ جي ڪوشش تي ليڪن مذهب۽ سياست جي گڏي هلائڻ ڪري اسلام کي آزادانہ سمجهڻ لاءِ وري بہ ميدان هموار ڪونہ ٿيو.

## (٢) ايران ۾ اسلام جي تشريح

ايرانين کي قديم وقت کان پنهنجي تهذيب هئي. هتي جي وڏي شهنشاهيت هئي، جنهن جا ڪو وقت سنڌ،ترڪستان،عراق،شام،مصر،ايشيا مائنر بہ ماتحت هئا.

عربستان جا رهاڪو هنن جي لشڪر ۾ پرتي ٿي ڪم ڪندا هئا.هنن کي پنهنجا پيغمبر ۽ مذهب هئا،جن ۾ زردشت مکيہ هو. ان دنيا کي دوئيءَ جي فلسفي کان واقف ڪيو جنهن مان هر هڪ شيءِ جا ٻہ طرف ڏسڻ ۾ آيا- ايتري قدر. جو خدا بہ ٻن گروهن ۾ ورهايا ويا- اهرمزد ۽ اهرمن.نجوم جو علم هنن وٽ ترقيءَتي هو.هو سورج ۽ ستارن جي پوڄا ڪندا هئا. آتش کي سورج جي جزي سمجهڻ سبب، اُن جو وٽن احترام ٿيڻ لڳو. نور ۽ ظلمت جي نالن هيٺ روحانيت کي سمجهڻ جي وٽن ڪوشش

ٿي.

هنن تي جڏهن عرب جي اسلام واري تعبير مڙهي ويئي.ته آهستي ڪري هنن سني مذهب کي ترڪ ڪري، شيعا مذهب اختيار ڪيو.ڇاڪاڻ ته شيعن جو مدار المهام حضرت علي عليه السلام روحانيت جو علمبردار ڪري تسليم ڪيو ويو ٿي ۽ هو بين الاقواميت جو قائل هو، بني امين ۽ بني عباسين وانگر هن عربي قوميت جي برتري نٿي چاهي.

اول ۾ عربي زبان جو هنن تي تسلط قائم رهيو، ليڪن ٿوري وقت کان پوءِ هنن پنهنجي ڪلچر ۽ زبان کي زور ورتائي ،عربي سامراج جي اثر کان پاڻ کي آزاد ڪيو.هنن جي زبان ۽ ڪلچر ايتري قدر ترقي ڪئي، جڏهن مٿن منگولن سندن راڄ قائم ڪيو، ته اهي به سندن رنگ ۾ رڱجي ويا. ترڪن ۽ مغلن به فارسي زبان کي پنهنجو ڪيو.

اسلام جي تعليم جيتوڻيڪ پيغمبر خدا عرب مان ڏني، ليڪن ان کي ايرانين اهڙي پسنديده انداز ۾ پيش ڪيو.جو ان جو اثر مسلمانن جي گهڻي ڀاڱي تي ڇانئجي ويو. منصور حلاج، مولانا روم، خواجه فريدالديدن عطار،شمس تبريز،حڪيم سنائي وغيره اهڙيءَ اسلامي تشريح کان دنيا کي واقف ڪيو. جا عربن جي قوم پرستيءَ واري تخيل کان گهڻو بلند هئي، هنن عرب شهنشاهن کان بغاوت ڪري، پنهنجون حڪومتون برپا ڪيون، هنن عربن کان وير ونڻ لاءِ، منگولن هٿان بغداد جي خلافت کي ختم ڪرايو اهو ايڏوڏڪ هو.جو پوءِ بغداد ۽ دمشق مان عربن جي طاقت ختم ٿي، وڃي مصر ۾ پناه ورتي، اتي هنن فاطمي نالي سان سلطنت قائم ڪري، ڪجهه وقت راڄ ڪيو، پر ان کان پوءِ خلافت جي واڳ عربن جي هٿن مان نڪري، ترڪن جي هٿن ۾ اچي ويئي ،تان جوآخر ۾ خود عربن ان "پئن اسلامزم" ۽ خلافت کي قوم پرستيءَ جي آڌار تي ختم ڪري، آزادي حاصل ڪئي.

هاڻ ايرانين کي پنهنجي تصرف هيٺ آڻڻ لاءِ وري پئن اسلازم يا خلافت طرف ڇڪڻ وسيلي جاآمريڪا جي ايجنٽ پاڪستاني حڪومت جي معرفت ڪوشش ٿي رهي آهي، تنهن کي ايراني قبولي نه سگهندا.

## (٣) يورپ ۾ اسلام جي تشريح

جنهن وقت اسلام جو آواز عرب مان نڪتو، ان وقت يورپ جي حصي ۽ ايشيا مائنر ۾ ،ويندي شام تائين،رومن سامراج جو آخري دور هو. مسلمانن آيرنڊي کان آسٽريا جي اڌ تائين ملڪ فتح ڪيا. الهندي طرف صرف اسپين تي قبضو ڪيائون. انهيءَ ڪري يونان جي فلسفي ۽ عيسائي مذهب جي تقويٰ اسلام تي اثر ڪيو. جنهن جو بهترين نمونو شيخ الاڪبر محي الدين ابن عربيءَ جي تعليم پيش ڪري ٿي. اهو اسپين ۾ پيدا ٿيو هو ، ان تي افلاطون،حلاج،مولاناروم۽ نوفلاطوني فلسفن ۽ عقيدن جااثر ڏسڻ ۾ اچن ٿا.ان کان پوءِ جيتوڻيڪ سمورو يورپ عيسائي مذهب جوپيروڪار

رهيو. ليڪن عيسائيت اسلام کي گهڻو نزديڪ ڏسڻ ۾ آئي،پراٽسٽنٽ مذهب اسلام جو يورپي ڇاپو هو. ان کان بعد مشترقين مثنوي مولانا روم جو ترجمو ڪيو،حڪيم سنائيءَجو "حديقه"مغربي زبانن ۾ آندو،۽ خواجه فريدالدين عطار وغيره بزرگن جي تعليم دنيا سان روشناس ڪرائڻ جي جا هنن ڪوشش ڪئي ، سا اسلام کي جديد نموني پيش ڪرڻ جي سندن خدمت هئي.

ليڪن عيسائيت بہ مسلمانن تي اثرڪرڻ کان نہ رهي سگهي.

خلافت جو ادارو پوپن جي دستور موافق قائم ڪيو ويو هو. مذهب ۽ سياست جي گڏي هلائڻ کان جڏهن يورپي قومن بيزاري ڏيکاري، تہ ان کي مسلمانن ٻئي هٽ وجهي، ڪري سوگهو ڪيو. هاڻ مسلمان ملڪ، لڪير جا فقير ٿي، ترڪن جي آزمودي بعد، هڪ پيرو ان کي ترڪ ڪرڻ جي باوجود بہ وري آزمائڻ گهرن ٿا. موجوده مسلم ڪانفرنس ان فرسوده نظرئي جي شاخسار آهي. يورپ کان هڪ طرف پوپن جي تتبع تي خلافت جو ادارو مسلمانن قائم ڪيو، تہ ٻئي طرف قوم پرستي بہ انهن کان کين ورثي ۾ ملي. ترڪن مان جان ڇڏائڻ لاءِ عربن قوم پرستيءَ جي بنياد تي حڪومتون قائم ڪيون. خود ترڪن بہ خلافت کان توبہ ڪئي. وري هاڻ اسرائيل کان جان ڇڏائڻ لاءِ مغربي ملڪن جي اڳوڻي شاگرد ۽ هاڻوڪي استاد، آمريڪا جي اثر هيٺ، مهاجر پنجابي مستقل مفاد ساڳين عربن کي گمراه ڪري، قوم پرستيءَ کي ڇڏي، وري مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ ۽ پئن اسلامزم لاءِ مهڙي نام نهاد اسلامي سربراه ڪانفرنس ذريعي ترغيب ڏيئي رهيا آهن.

پر هيءَ ڳالهہ صاف پيئي ڏسجي تہ اهڙن طريقن سان نہ اسلام جي صحيح تعليم کي فروغ ملندو ۽ نہ مسلم حڪومتن کي ان مان فائدو حاصل ٿيندو.

## (۴) سنڌ ۾ اسلام جي تشريح

عربن بني اميہ سامراج جي دور ۾ سنڌ کي فتح ڪري پنهنجو سامراج قائم ڪيو. سنڌ جي عام ماڻهن ڪجهہ جزيي جي خوف کان، ڪجهہ حڪومت جي ڪارندن وٽ پسند پوڻ لاءِ ۽ ڪجهہ درويشن جي اثر ڪري اسلام قبول ڪيو. ابتدا ۾ تہ هو دبيا پيا هئا، پر آهستي ٿي، هنن کي پتو پوڻ لڳو تہ اسلام جدا ڳالهہ هئي ۽ عرب سامراج جدا هو. نيٺ هنن عربي سامراج کي ختم ڪري، پنهنجيون حڪومتون قائم ڪيون. سنڌ ۾ اڳي جين مت، ٻڌ درم، ۽ پارسي مذهب جا آثار رهيل هئا. درويشن طرفان کين ٻڌايل هو تہ قران جي تعليم مطابق صحيح مسلمان بنجڻ لاءِ اڳين دينن جي پيغمبرن ۽ ڪتابن کي مڃڻ لازمي هو. انهن دينن جي پيغمبرن جي تعليم ۽ ڪتابن کي مڃڻ لاءِ انهن جي ڄاڻ ضروري هئي. انڪري سنڌ جي مسلمان درويشن مٿي ذڪر ڪيل ڇئني مذهبن جي تعليم مان واقفيت حاصل ڪئي، ۽ انهن مذهبن جي ڄاڻن سان ملي، معلومات ورتي. انهيءَ ڪري هنن اسلام جي نئين تعبير ڪئي. جنهن ۾ نہ صرف مٿي ذڪر ڪيل مذهبن جو نچوڙ شامل هو. پر ايران ۽ يورپ ۾ ڪيل تعبيرن جو علم بہ ان ۾

سندن مددگار ٿيو. ايران جي بزرگن، مولانا روم، عطار، منصور، شمس تبريز جن اسلام جي بوٽي کي قديم ايراني مذهبن جي پاڻيءَ سان نپايو هو، تن کان سنڌين هڪ طرف فيض ورتو ته ٻئي طرف يورپ جي تعليم شيخ الاڪبر جي فلسفي وحدت الوجود ذريعي هنن وٽ پهتي. جين ڌرم کان هنن عدم تشدد جو سبق ورتو ۽ اندر اُجارڻ جي تعليم حاصل ڪئي. ٻڌ ڌرم کان هن نفيءَ جي اسرارن کان واقفيت حاصل ڪئي.

هنن ٻنهي مذهبن کين هنسا، لالچ، خودمطلبيءَ، ظاهر پرستيءَ کان ٻاهر ڪڍي، اندر اُجارڻ طرف راغب ڪري، پاڻ وڃائڻ جي تعليم ڏني. هندو ڌرم جي اثر هنن کي توحيد ۽ وحدت الوجود ۽ ويدانيت کي هڪ ٿي ڳالهه سمجهڻ ۾ مدد ڏني.

تنهنڪري، جي غور ڪري ڏسبو، ته سنڌ جي اسلامي تعبير جو سُلو ستن مذهبن جي پاڻيءَ سان وڌائي، ٻار آور ڪيل آهي، جنهن ۾ يهودي مذهب، ڪرستان مذهب، زردشت جي مذهب، هندو مت، جين مت ۽ ٻڌ مت جي تعليمن جا آثار پَسي سگهبا. اهو سرزمين سنڌ کي فخر حاصل آهي ته دنيا کي مختلف مذهبن جي ميلاپ مان معجون مرڪب جو نسخو پيش ڪري سگهي.

اهڙيءَ طرح نهيل مجرب نسخي مان هيٺيان فائدا حاصل ٿي سگهن ٿا:

١- اسلام جملي مذهبن جي ڪثرت پويان بنيادي وحدت جو سُراغ رسان ٿي آيو هو. ان ڪري هندو ڌرم، ٻڌ ڌرم، جين مت، ڪرستان مذهب، پارسي ۽ يهودي مذهب سڀ اسلام جي تشريح مُطابق دين فطرت جا جزاهئا . تنهنڪري جملي مذهبن جي تقابلي تعليم حاصل ڪرڻ، انهن جي ڪتابن پڙهڻ، انهن جي روحاني تجربن مان فائدي وٺڻ کان سواءِ ڪوبه ماڻهو صحيح مسلمان ٿي نه ٿي سگهيو.

٢- صحيح مسلمان لاءِ، ويدانيت ۽ وحدت‌الوجود جي فلسفن ۾ اعتماد رکڻ سبب، نفرت دور ڪري، محبت وسيلي اتحاد آڻڻ لازمي آهي.

٣- صحيح مسلمان کي تشدد جي راهه کي ترڪ ڪري اهنسا کي اختيار ڪرڻو هو.

۴- اتحاد انسانيءَ لاءِ محبت جي پيغام جو پوئلڳ ٿيڻ ضروري هو.

محبت اسلام جو جوهر هو، محبت مان اتحاد پيدا ٿيڻ وارو هو. اتحاد سگهن ٿا. امن جو پيش خيمو ٿئي ٿو. امن جي اچڻ بعد ماڻهو تعمير ۽ ترقيءَ طرف وک وڌائي.

٥- مذهب کي سياست کان علحده رکڻ دور حاضره جي تقاضا هئي، پر ان جي معنيٰ اها نه هئي ته سياست کي اخلاقي قدرن کان علحده رکيو وڃي. ليڪن اُن جي دست اندازيءَ ۽ مسلڪي مفادي پيرن ۽ حاڪمن جي پوئلڳيءَ کان پاسي رهڻو هو.

٦. بقائي اصلح جو زمانو ختم ٿيڻ کي ويجهو هو. ان ڪري ماڻهن کي بقائي باهميءَ جي اُصولن مطابق هر مسئلي ۾ رواداري اختيار ڪري، باهمي تعاون سان ڪم ڪرڻو هو.

٧- ظاهر ۽ باطن، ماده ۽ روح ٻيئي هڪ وجود جا ٻه طرف هئا. مغرب ۽ مشرق جون تهذيبون ظاهر طور جدا هيون، پر اڳتي هلي انهن ۾ اشتراڪ ۽ اتحاد ڪرائڻ لاءِ سنڌين کي خلص فرض ادا ڪرڻو هو.

مهاجر پنجابي مستقل مفاد طرفان اسلام جي ڪيل تعبير سنڌي روايات ۽ سنڌي اسلامي تعبير جي خلاف هئي.پاڪستان نفرت جي پيداوار هو، جنهن مان نفاق پيدا ٿئي ٿو، ۽ اهو انسانذات کي هندو مسلمانن وغيره ۾ ورهائڻ لاءِ جوابدار هو، ۽ تنهنڪري روح اسلام جي ورڌ هو. ان جا هيٺيان طريقي ڪار اسلام جي سنڌي تعبيرجي خلاف هئا:

١- نظريو پاڪستان، يعني مسلمانن جو مذهب جي آڌار تي جدا قوم جو نظريو، جيڪو مذهبن جي اعتقادي ۽ عملي يڪ و جوديءَ جي قطعاً ناممڪن هئڻ سبب غلط غير اسلامي نظريو هو.

٢- اسلامي آئين ۽ نظام اسلاميءَ جون ڳالهيون ناقابل عمل، جديد دور جي حالتن جي خلاف ۽ ڏوڪو ڏيندڙ هيون، ان ڪري غلط هيون.

٣- انساني اتحاد جي نقطي نگاهه کي ترڪ ڪري، مسلمانن جي اتحاد جي ڳالهه ڪرڻ روح اسلام خلاف هئي.

٤- اسلام جي جُداگانه مذهب ۽ نظام جو تخيل به سنڌي تشريح اسلام جي خلاف آهي، جنهن موجب هر صالح ماڻهو مسلمان هو ۽ هر غير صالح ماڻهو غير مُسلم هو. بَرا ڪم ڪري صرف ڏاڙهي رکائي ختنو ڪرائي ۽ نالو مسلمانڪو رکائڻ سان ماڻهو مسلمان بنجي نٿو سگهي. مرزا قليچ بيگ ان جي ترجماني ڪندي، چوي ٿو ته:

"من نه مُسلمان ٿيو، ڪلمو پڙهيو ته ڇا ٿيو"

٥- سنڌي تعبير اسلام اِها هُئي ته اسلام دين امن ۽ سلامتي هو، ان ۾ زور زبردستيءَ کي دخل نه هو. هنسا جهنگل جو قانون هو ان ڪري جتي تشدد کي دخل آهي اتي صحيح اسلام رائج ٿي نه سگهندو.

٦- اسلام جي سنڌ ۾ تعبير مطابق اهو دين محبت جو مخزن هو، اُن ۾ نفرت کي دخل نه هو، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي تعبير مطابق اسلام ۽ نفرت لازم ملزوم ٿي ويا هئا.

خود مذهب جي دائري ۾ ايتريءَ حد تائين مختلف تشريحن ۽ عملن وارن مسلمان ملڪن جو قومي طرح اتحاد ٿي نٿو سگهي. قرآن ۾ صاف ظاهر ڪيل آهي ته:

(ايستوي ) اصحاب النار و اصحاب الجنة، اصحاب الجنة هم الفائزون

" دوزخي ۽ جنتي ماڻهو برابر نه هئا، جنتي دوزخين کان بهتر هئا." سنڌي درويشن جي تعليم مطابق صرف جنتي ماڻهو متحد ٿي سگهيا ٿي. ان تشريح مطابق نالي ۾ جيڪي مسلمان شمار ڪيا ويا ٿي سي سڀ صحيح مسلمان ئي نه هئا. آخر صالحن ۽ غير صالحن جو ڪهڙي طرح اتحاد ٿي سگهيو ٿي، جي اعتقاد ۽ عمل ۾ متضاد هئا.

# اقتصادي مسئلن لاءِ مسلمانن جو اتحاد

رواجي طرح، سواءِ اصولن جي، اقتصاديات جو مذهب سان ڪو واسطو نٿو رهي. غريب هندو به ٿين ٿا ۽ مسلمان به آهن. واپاري هندو به آهن ته مسلمان به آهن. نوڪرين ۾ لياقت آهر بيئي ڌريون داخل ٿي سگهن ٿيون. ڪارخانا به اهڙيءَ طرح مختلف مذهبن جي ماڻهن جي هٿن ۾ رهي سگهن ٿا. عربن ۽ ايرانين جو تيل هندوستان، يورپ وغيره ملڪ وٺن ٿا، جن ڪي غير مسلم ملڪن جي دائري ۾ داخل ڪري، مسلم ملڪن جي ڪانفرنس ۾ سڏايو نه ويو هو. اهڙيءَ طرح مسلمان ملڪ سندن ترقيءَ لاءِ غير مسلم ملڪن کان قرض کڻي، هنر ۽ علم ۾ مدد وٺي سگهن ٿا. هن وقت غير مسلم ملڪن کان جديد قسم جو نهيل سامان ۽ هٿيار مسلمان ملڪ خريد ڪري رهيا آهن. مسلمان ملڪن جي اقتصادي اتحاد جو مقصد صرف اهو ٿيندو ته هو پاڻ ۾ ڏي وٺ ڪن. اُن طرح عرب ملڪ پنهنجو تيل ڪيڏانهن ڪندا؟ صرف مسلمان ته اهو تيل وٺي نه سگهندا. بيو جديد سامان ۽ هٿيار وغيره ته مسلمان ملڪ ٺاهي ڪونه رهيا آهن. انهن جو مدار يورپ ۽ آمريڪا جهڙن ترقي يافته ملڪن تي آهي. پوءِ سوال اُٿندو ته باوجود ان حالات جي، هي جو مسلمان ملڪن جي اقتصادي اتحاد جي گفتگو ڪئي وڃي ٿي، ان جو مطلب ڪهڙو آهي!

اُن جو جواب پڌرو پيو آهي. هن وقت تيل وارن مسلمان ملڪن وٽ پيسو گهڻو آهي. پاڪستان جي مستقل مفاد پنهجين فضول خرچين سان ملڪ کي ڏيوالي جي حالت تي پهچائي ڇڏيو آهي.

جيڪي بين ملڪن کان قرض ڪنيا اٿن، تن جون قسطون وقت تي پهچائي نٿا سگهن، انڪري انهن ملڪن مان ساک وڃين گهٽبي، تنهنڪري نون بئنڪرس کان قرضن کڻ لاءِ اسلام جو نالو آڻي، ڌوڪيبازي ڪرڻ گهرن ٿا. هن وقت تائين جنگي عهدناما ڪري سامراجي ملڪن کان پئي هٿيار ۽ پيسا ورتا اٿن. هٿيارن کي سنڌي، بلوچي ۽ پختون قومن مٿان مهاجر پنجابي سامراج قائم ڪرڻ لاءِ پئي ڪتب آندو اٿن. پيسن جو گهڻو پاڱو مهاجر پنجابي مستقل مفاد پنهنجي سامراجي فائدي لاءِ ڪتب پئي آندو آهي.

جڏهن مٿي ذڪر ڪيل قومن طرفان سندن استحصال کان بچڻ لاءِ جدوجهد شروع ٿي آهي، ته ان حالت ۾ مذهب جي نالي ۾ مسلمان ملڪن کي ڪَٺو ڪري، مذهب جي نالي جو فائدو وٺي، پيسن هٿ ڪرڻ لاءِ بهانو بنائين ٿا. جهڙيءَ طرح سان هنن سنڌي، بنگالي، بلوچ ۽ پختون قومن جي مسلمانن کي مذهب جي نالي ۾ ڪَٺو ڪري، پاڪستان قائم ڪري، سندن سامراج برپا ڪري، انهن قومن جو استحصال پئي ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح هاڻ هر هڪ طرف ماڻهن جو توجهه حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ ۽ بئي طرف مسلمانن ملڪن جو پيسو ۽ همدردي حاصل ڪري، سندن سامراج مضبوط ڪرڻ ۽ مسلم ملڪن جي اتحاد جو نالو وٺي انهن جو استحصال ڪرڻ گهرن ٿا.

سگهوئي عرب ۽ بين مسلمان ملڪن کي پتو پوندو ته ڪهڙيءَ طرح هي سندن

استحصال ڪرڻ گهرن ٿا. غور سان ڏسبو ته مسلمان ملڪن جي اتحاد مان اقتصادي طرح نه هتي جي مسلم عوام کي فائدو حاصل ٿيندو ۽ نه ٻين مسلم ملڪن جي عوام کي فائدو رسڻ وارو آهي. هي سنڌين، بلوچن، ۽ پٺاڻن جي قومن تي مٿي ذڪر ڪيل مستقل مفاد جي سامراج قائم ڪرڻ لاءِ ناٽڪ رچايل آهي. انهيءَ اسلام جي ڍوڪي هيٺ هنن سنڌي، بلوچن، ۽ پختونن کي تباهه ڪيو آهي. هاڻ پيٽ نه ڀرجڻ ڪري ۽ ٻين مسلم ملڪن کي مغربي ملڪن سان اقتصادي تصادم ۾ آڻي، پاڻ ان جو فائدو حاصل ڪرڻ گهرن ٿا.

مون کي يقين آهي ته اڳتي هلي، تجربي بعد، عرب ملڪن کي پتو پوندو ته پاڪستان جا مهاجر پنجابي مستقل مفاد يهودين کان به بد تر هئا. پر حال ممڪن آهي ته هي ڪين مذهب جي نالي ۾ بيوقوف بنائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن جهڙيءَ طرح پاڪستان جي ننڍين قومن کي بي وقوف بنايو اٿن.

# ڪلچرل ڳالهين ذريعي اتحاد

ڪلچر وسيع معنيٰ رکندڙ لفظ آهي. اهي مختلف ملڪن، آب هوائن، تاريخي پس منظرن، نسلن ۽ ضروريات زندگيءَ جي بنياد تي زمين جي محفوظ خطن ۾ جدا جدا صورت اختيار ڪن ٿا.

ان ۾ زبان، رهڻ ڪرڻ جو ن رسمون، لباس، فن تعمير، فن لطيف، مذهبي رايا، ادب، فلسفو ۽ طبعي رجحان وغيره اچي وڃن ٿا.

ان ڪري ائين چوڻ ته سڀني مسلمان ملڪن ۾ ڪچرل اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ هي ڪانفرنسون ڪم ڏيئي سگهنديون، سا ڳالهه ڪلچر جي ماهيت کان معلومات جي بي خبري ٿيندو. مذهب به ڪلچر تي ڪجهه اثرانداز ٿئي ٿو. پر ائين چوڻ ته هندو ۽ مسلمان ڪلچر جدا ٿين ٿا، سا جهالت جي نشاني آهي. مثال خاطر سنڌي ڪلچر تي نظر ڊوڙائبي ته ان مان پتو پوندو ته سنڌي هندو سنڌي مسلمان کي يو پي، پنجاب، عرب وغيره جي مسلمانن کان وڌيڪ نزديڪ ۽ هم ڪلچر ٿي سگهن ٿا. جهڙوڪ سنڌي مسلمان ۽ هندوءَ جي زبان ساڳي هئي. ٻنهي جو لباس ڪجهه قدر هڪجهڙو هو. رسم رواج ۾ گهڻي قدر يڪسانيت هئي. هي نسل ۾ اڪثري هڪ ٻئي کي ويجها هئا. مسلمان سولنگي هئا ته هندو به سولنگي هئا. مسلمان چوهاڻ هئا ته هندو به چوهاڻ هئا. اهڙيءَ طرح واڍا، موچي، لهار وغيره مذهب پٺاندڙ ورهايل نه هئا. بلڪ ٻنهي مذهبن جا ماڻهو اهو ڏنڌو ڪندڙ هئا. تصوف جا سنڌي هندو ۽ مسلمان ٻئي قائل هئا. نفرت ۽ نفاق کان دور رهڻ جي ٻنهي ڌرين کي تعليم مليل هئي. ٻنهي ڌرين کي ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت جو سبق سيکاريل هو.

هاڻ اچو ته انهن جي پهرين پيٽ پاڪستان جي رهاڪو مسلمانن سان ڪريون، پٺاڻن، مهاجرن ، پنجابين ۽ بلوچن جون زبانون سنڌين کان علحده هيون. سنڌن

لباس علحده هئا. هڪڙا سوڙهيون سٿڻيون ته ٻيا وڏيون سٿڻون پائيندڙ هئا. ته ٽيا گوڏيون ٻڌندڙ هئا. هڪڙا پان کائي، وات ڳاڙها ڪري هليا ٿي، ته ٻين وٽ ان کي عيب سمجهيو ٿي ويو. هڪڙا جنگجو ذهنيت رکندڙ هئا ته ٻيا مانيٽا ۽ ٻاجهاري طبيعت رکندڙ هئا. مهاجر پنجابي نفرت جا پندار هئا. ته سنڌي پريم جا پوڄاري هئا. مهاجر پنجابي مستقل مفاد استحصالي هئا. سنڌي مظلوم هئا. انهن کي هڪ پاڪستاني ڪلچر جو حامل سڏڻ جهل جي نمائش ڪرڻي هئي. خود پاڪستان نه هڪ ملڪ هو، نه اتي جا رهاڪو هڪ قوم جا افراد هئا. ڪلچر ٢٦ سالن ۾ نه نهندا آهن. انهن جي ٺهڻ لاءِ صديون لڳن ٿيون. سنڌين، پنجابين، بلوچن ۽ پختونن جون جُدا جُدا قومون هيون، جن جا جُدا جُدا تاريخي پس منظر هئا. اڪثري انهن جا هڪٻين سان اختلاف پئي رهيا آهن. سنڌين ۾ نوان آيل مهاجر هنجن ۾ڪنگ پئي معلوم ٿيا. انهن جي ڪلچر جو اتحاد اهڙو ٿيندو، جهڙوڪ ڪانگ ۽ چتونءَ جو ميلاپ ٿي سگهي ٿو.

اُها حالت خود پاڪستان جي رهاڪن جي آهي. هاڻ اُهي مستقل مفاد ، عوام جو توجهه ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ، اسلامي ڪلچر جون ڳالهيون ڪن، ته ان ۾ سندن بي ايمانيءَ ڪانسواءِ ٻي ڳالهه ٿي نٿي سگهي.

پلا تُرڪ، عرب، پٺاڻ، ايراني، مليشائي، انڊونيشي، سنڌي، بنگالي وغيره ڪهڙي حساب سان هڪ ڪلچر جا افراد سڏجي سگهجن ٿا! تنهنڪري جيڪي ماڻهو اسلامي ڪلچر جو ذڪر ڪن ٿا، ڏوڪيباز يا جاهل آهن. ڪلچر وطن مطابق هزارن سالن جي باهمي ميلاپ بعد ٺهن ٿا. انهن ۾ زبان ۽ تاريخي روايات مُکيه جزا ٿين ٿا. انهن کي عقيدن ۽ نظرين مطابق هڪ ڪرڻ جي هرڪا ڪوشش ناڪامياب ٿي آهي. مسلمان ملڪن جون زبانون علحده آهن. انهن جا رسم رواج جدا آهن. لباس، کاڌو خوراڪ مختلف اٿن. خود سندن هڪ ئي مذهب جا عقيدا ۽ تشريحون جدا آهن. اُهي هڪٻين کان پري هٽڻ ڪري واپار، ميل ميلاپ، رهڻي ڪرڻيءَ ۾ هڪٻين تي اثر انداز ٿي نٿا سگهن. انهن جو اتحاد سندن زبان هڪ ڪرڻ سان ٿي سگهي ٿو. آيا ڪوبه ملڪ ۽ ڪابه قوم پنهنجي زبان ڦٽي ڪري، مذهب خاطر ٻئي جي زبان اختيار ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندي! يا ڪروڙن ماڻهن کي، سندن اباجدي زبانون ختم ڪرائي، مذهب خاطر هڪ زبان اختيار ڪرائڻ ممڪن ٿي سگهندو!

مهاجر پنجابي سامراجين جا ايجنٽ يا دلال ڇا به دليل ڏين، پر تاريخ ثابت ڪيو آهي ته طويل مُدت عربي سامراج جي هيٺ رهڻ جي باوجود سنڌين پنهنجي زبان قرآن ۽ حديث جي زبان تان قربان نه ڪئي، سي ڪهڙيءَ طرح مهاجرن جي اردو زبان قبولي، ان کي قومي زبان تسليم ڪندا؟ ۽ شاهه لطيف، سچل ۽ ساميءَ کي ڇڏي اقبال، حالي ۽ ذوق کي قبوليندا. ايرانين سندن زبان عربي زبان خاطر قربان نه ڪئي. بنگالي ان ڪري مرڳو هن سامراج کان جدا ٿي ويا. هاڻ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو شوبناءِ ڪهڙيءَ طرح سان سنڌين کي ان لاءِ رضامند ڪري سگهندو! ڪهڙيءَ طرح ڪو سنڌي قوم کي سندن هزارن سالن جي ورثن کان محروم ڪري، هڪ خود ساخته پاڪستاني قوم ۾ مدغم ڪري، ان کي اردو زبان اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهندو؟ خدا جي مار پوي اهڙن غدار ماڻهن تي، جيڪي اهڙيون ڳالهيون ڪن ٿا. اسان

# ٣ - امير فيصل (مرحوم)

هي صاحب سعودي عرب جو بادشاهه هو. هي انهيءَ اسلام جي فرقي جو نمائندو هو، جنهن اسلام کي گهڻين بدعتن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ قدم کنيا هئا.هي صاحب خوش قسمت هو، جو ان کي حرمين جي محافظ ۽ خادم جي واڳ سپرد ٿيل هئي. اهي ٻيئي حرم دنيائي اسلام جا مرڪز هئا.

هي صاحب دنيا ۾ شاهوڪار ۾ شاهوڪار ملڪ جو وارث هو.هي صاحب سندس قبيلي جي ٻين افراد کان وڌيڪ سنجيدو، عيش آرام کان پري ۽ لائق حڪمران هو. هن باوجود آمريڪا جي اثر هيٺ هئڻ جي، عربن جي اتحاد ۽ سربلنديءَ لاءِ جيڪي قدم کنيا سي وسرڻ جهڙا نه آهن .

ليڪن سندس سلسلي ۾ هيٺين ڳالهين کان انڪار ٿي نٿو سگهي ته:

(١) هن جي ملڪ يعني سعودي عرب جو گهڻو حصو بيابان ۽ جابلو آهي. اُن ۾ زراعت گهٽ، ماڻهن جو گهڻو تعداد بدويانه زندگي گذاريندڙ ۽ قبيلن ۾ ورهايل ۽ پوئتي پيل آهي.

(٢) هن جو ملڪ، سائنس ۽ هنريءَ ترقيءَ ۾ ٻين ڪيترن مسلمان مُلڪن کان پوئتي پيل آهي. سندس ماڻهن ۾ سياسي شعور ڪونه آهي. حڪومت جو ڪاروبار زياده تر سندس قبيلي جي افراد تي مشتمل آهي. اهڙي قسم جي حڪومتن کي گهڻي وقت تائين جٽاءَ جو امڪان ڪونه آهي. اُن ۾ هميشه سازشن جو امڪان رهي ٿو . انهيءَ ڪري سندس پاليسيءَ جي پائداريءَ جو امڪان هن جي سر سان وابسته هو. شخص تي مدار رکندڙ تحريڪون دائميت کان دور رهن ٿيون.

(٣) هن جي ملڪ جو سمورو مدار هن وقت تيل، ٻاهرئين واپار ۽ حجاج جي زرمبادله جي آمدنيءَ تي آهي. هيءَ ملڪ ترقي يافته ته نه، پر ترقي پذير ملڪن جي درجي تي به پهچي نه سگهيو آهي.

(٤) هيءُ عرب ملڪن جي ليڊرشپ جو اهل هيٺين ٻن نقطي نگاهن کان ٿي سگهي ٿو :- پهريون هيءُ ته حرمين شريفن جو مُحافظ ۽ خادم هو، ۽ ٻيو ته هن جو ملڪ شاهوڪار ملڪ هو.

ليڪن چتائي ڏسبو ته رڳو اُهي لياقتون ليڊر شپ لاءِ ڪارآمد ٿي نه ٿي سگهيون. خود عرب ملڪن مان به ڪيترا ملڪ گهڻين ڳالهين ۾ هن جي ملڪ کان گهڻو اڳتي وڌيل هئا. جهڙن ته علم، زراعت، هنر ۽ آدمشماري وغيره ۾ مصر، تونيسا، الجيريا، شام هن کان وڌيڪ آهن. انهيءَ ڪري انهن ملڪن ۾ سياسي پائداري، بنسبت هن جي زياده ٿي سگهي ٿي. سندس ملڪ جي حڪومت جو مدار هڪ خاندان تي آهي، جنهن ۾ ڪنهن به وقت ذاتي يا قبيلائي رنجش جو شڪار ٿي، حڪومت جو تختو اُٿلي سگهي ٿو. هي ته ڇڏيو، پر هندستان جي طاقتور حڪومتن ۾ به اهي ڳالهيون سرزد ٿينديون آيون. خود هو پاڻ به اُنهيءَ طريقي سان طاقت ۾ آيو هو.

هن ڪتاب لکڻ وقت مرحوم شاهه فيصل جي ٢٥ مارچ ١٩٧٥ع تي شهادت واقع ٿي.

هي جيڪڏهن زنده هجي ها، ته هن جي جملي مسلمان ملڪن جي ليڊر ٿيڻ جي راهه ۾ هيٺيون ڳالهيون مانع ٿي سگهن ها:

(۱) هن جي هٿ ۾ مسلم ليڊر شپ وڃڻ ڪري ٻين غير عرب ملڪن ۾ وري عربي ۽ عجمي اختلاف پيدا ٿين ها، ۽ مسلمانن جي اتفاق ۽ شيرازو ٽٽي پوڻ جو امڪان رهي ها. اڳي اُنهيءَ اختلاف ڪري شيعا سني اختلاف پيدا ٿيا هئا. هاڻ پتو نه آهي ڪهڙا وڌيڪ خطرناڪ اختلاف پيدا ٿين ها.

(۲) سعودي عرب پنهنجي پيل هٿڻ ڪري، ۽ ورلڊ مسلم جماعت جي مرڪز اُتي رهڻ ڪري، هيءُ ملڪ پاڪستان، مصر ۽ ٻين ترقي پذير ملڪن جي استحصال جو باعث بنجي پوي ها، هن وقت به ڪافي تعداد ۾ پاڪستاني ماڻهو اُن جو استحصال ڪري رهيا آهن.

(۳) مسلم ملڪن کي مذهب جي نالي ۾ گڏڪرڻ جي ردعمل ۾ اُنهن جي خلاف صيهونيت، ڪميونزم، مسيحيت جي پوئلڳن جي رقابتن پيدا ٿيڻ جو امڪان هو، جا ڳالهه اسلام جي فروغ ۾ حائل ٿئي ها، ۽ مسلمان ملڪن لاءِ اُنهن رقابتن ڪري نقصان جو باعث بنجي ها.

اِنهن مڙني ڳالهين کي مدنظر رکندي، اسلام جي نالي ۾ مسلم ملڪن جي اتحاد جي ڪوشش ڪرڻ مان هيٺين نقصانن پهچڻ جو امڪان آهي:-

(۱) مسلم ملڪن ۾ عربي ۽ عجمي رقابتن پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي.

(۲) قدامت پسند ۽ جدت پسند مذهبي نظرين جي اختلافن پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي.

(۳) مسلمان ملڪن جي جمهوري حڪومتن ۽ آمرانه حڪومت جي وچ ۾ نظرياتي اختلافن پيدا ٿيڻ ڪري، اهو اتحاد ديرپا رهي نه سگهندو.

(۴) دهريت ۽ دقيانوسي مذهبن جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيندو ۽ اُهو اختلاف مذهب جي لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندو.

(۵) غيرجانبدار حڪومتن جي جماعت، جا هن وقت نهايت مفيد ڪم ڪري رهي آهي، ان جي طاقت ڪمزور ٿيندي، ۽ غيرمسلم ملڪن جي وري آمريڪا ۽ روس جي گروهن ۾ ورهائجي وڃڻ جو امڪان آهي.

(٦) اسرائيل کي سامراجي طاقتن، سندن مفاد خاطر، عربن جي وچ ۾ مسلط ڪري ڇڏيو آهي. عربن کي هن وقت روس، ڀارت ۽ چين ۽ ٻين ترقي پسند ملڪن جي حمايت حاصل آهي. اُها هن رجعت پسند پاليسيءَ جي اختيار ڪرڻ سبب ممڪن آهي ته گهٽجي وڃي، ۽ مٿن اسرائيل هميشه لاءِ ڪک جو ڪنڊو بنجي رهجي وڃي.

(۷) جيئن ته مسلم ملڪن جي اڪثريت فسطائي سياست جي حامل آهي، انهيءَ ڪري اهڙي اتحاد مان ننڍين قومن ۽ جمهوريت جي طاقتن کي نقصان پهچڻ جو امڪان آهي. سنڌي، بلوچ، پختون، قبرص، ڪرد، اريٽريا، فلپائن وغيره قومن جا مسلمان، جي هن وقت سندن حق خوداريءَ لاءِ ڪوشان آهن، سي اُنهيءَ اتحاد کان خوفزده ٿي، مخالفت ڪندا، جو ڪين تجربو آهي ته بنگله ديش جي قتل عام ۽ تباهيءَ جي ڪارنامي وقت عرب ملڪن جي اڪثريت ۽ ڪيترن ٻين مسلم ملڪن کي ظالم مهاجر پنجابي مستقل

مفاد سامراج جي قائم رکڻ لاءِ همدردي ڏيکاري هئي.
(٨) اُنهيءَ اتحاد مان قبائلي ۽ بين استحصالي مستقل مفاد طاقتن کي هٿي اچڻ جو امڪان هو، جمهوريت، سوشلزم ۽ سيڪيولرزم جي اُصولن کي نقصان پهچڻ جو امڪان هو.

سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جون قومون هن وقت مهاجر پنجابي سامراج کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيون آهن، تن کي اهڙي اتحاد مان هميشہ خطري جو انديشو رهندو. اِنهن سيني ڳالهين کي مدنظر رکندي مسلمان ملڪن جو غلط بنيادن تي اتحاد ننڍين قومن ۽ مسلم عوام لاءِ فائدي جي عيوض نقصان جو باعث بنبو. اِنهي ڪري آءٌ سمجهدار ماڻهن جو توجه هِن مسئلي جي نقصان طرف ڇڪائڻ کان رهي نٿو سگهان.

●

# فصل ٻيو
# مسلم ملڪن جو بلاڪ ٺاهڻ

جيڪي ماڻهو مسلم ملڪن جي بلاڪ قائم ڪرڻ جي گفتگو ڪن ٿا، سي يا تہ جاهل آهن، جن کي اها خبر نہ آهي تہ اهڙي قسم جي بلاڪ ٺاهڻ مان مسلمانن کي ڪهڙو فائدو حاصل ٿيندو، ۽ اهو قائم رهي بہ رهي سگهندو يا نہ؟ - يا ٻه ڪيباز آهن، جي پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجي طبقاتي مقاصد جي حصول ۽ پنهنجي مستقل مفاد جي سياسي ۽ اقتصادي اقتدار قائم رکڻ ۽ پوئتي پيل مسلم ملڪن ۾ پنهنجي قومي (سامراجي) اقتصادي ۽ سياسي استحصال جي امڪانن جي پيدا ڪرڻ ۽ روشن رکڻ لاءِ اهو آواز اٿارين ٿا. خاص طرح، هو پنهنجن ملڪن ۾ اندروني طور پيدا ٿيل خلفشار ۽ مشڪلاتن جي حل ڪرڻ جي عيوض مڪاني ماڻهن جو توجهہ ملڪ جي حقيقي مسئلن کان هٽائي سندن اقتدار قائم رکڻ لاءِ اهڙا نعرا هڻن ٿا.

ٻهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان اڳ دنيا چند طاقتور ۽ ترقي يافتہ حڪومتن جي سامراج هيٺ ورهايل هئي. پر ٻن مهاڀاري لڙاين کان پوءِ اهي جدا جدا سامراج ختم ٿي، انهن جي جاءِ تي ٻہ نظرياتي گروهن جا بلاڪ ٺهيا آهن:-

(۱) هي بلاڪ مغربي سرمائيدار ملڪن جو، آمريڪا جي اڳوائيءَ هيٺ ڪم ڪري رهيو آهي.

(۲) ٻيو بلاڪ ڪميونسٽ ملڪن جو، سوويت يونين جي مهنداري هيٺ قائم آهي.

هن وقت تائين اقوام متحده ۾ هنن ٻنهي بلاڪن جي وچ ۾ دنيا جي پوئتي پيل ملڪن تي سياسي، معاشي، ڪلچرل ۽ نظرياتي اقتدار ۽ تسلط لاءِ رقابت هلي رهي آهي. جيتوڻيڪ انهن ٻنهي گروهن ۾ باهمي اختلافات جي علاوه هر هڪ گروهہ جي اندر بہ اختلافات موجود آهن، جهڙيءَ طرح مغربي سرمائيدار ملڪن جي آمريڪي ليڊر شپ خلاف فرانس يا يورپي بلاڪ ڪجهہ رجحان ڏيکاري رهيو آهي. پر اهي رجحان ڪا خاص اهميت نٿا رکن، ڇاڪاڻ تہ نظرياتي طور اهي سڀ ملڪ هڪ ئي نقطي نگاهہ موجب، سندن اڳوڻي سامراجي اثر وارن ملڪن جي اقتصادي استحصال جاري رکڻ لاءِ انهن ملڪن ۾ پنهنجي اجتماعي دائري اثر پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مشغول آهن. قومي خودداري يا ليڊر شپ جي لحاظ کان انهن ۾ فروعي اختلاف ضرور پيدا ٿين ٿا. پر اڪثري اهي عارضي قسم جا آهن، ۽ موقعي تي هو پاڻ ۾وري گڏجي، هڪ ٿي وڃن ٿا.

ٻئي طرف ڪميونسٽ گروهہ جي ليڊرشپ سوويت يونين جي اڳوائيءَ هيٺ ٻئي

رکڻ چاهيو ٿي.
(۳) غيرجانبدار ملڪن ۾ اڪثريت مسلمان ملڪن جي هئي، انهن جي طاقت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ عربن جي وچ ۾ اسرائيل کي ويهاري، ان کي مدد ڏيئي، مصر ۽ شام جي طاقت کي ڪمزور ڪيو ويو ٿي.
(۴) پاڪستان کي مدد ڏيئي، ڀارت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ سازش سٽي ويئي ٿي .
(۵) مسلمان ملڪن جي بلاڪ جي نالي ۾ مسلمان ملڪن کي ڪٺو ڪري، غيرجانبدار ملڪن جي اهميت کي گهٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي ٿي.
جيئن ته پاڪستان جي مملڪت سامراجي طاقتن ڪري وجود ۾ آئي هئي، ان تي ابتدا کان وٺي ڪم ظرف حاڪمن جو تسلط پئي رهيو آهي،تنهنڪري سرمائيدار ملڪن اُنهيءَ ڪم لاءِ پاڪستان کي ڪتب آڻڻ لاءِ منتخب ڪيو آهي. ۽ جيئن ته پاڪستان، ايران، ترڪي ٽيئي ملڪ سينٽو عهدنامي هيٺ آمريڪا سان ٻَڌل هئا، اُنڪري انهن جي ذريعي مسلم بلاڪ ٺاهڻ جي ڪوشش ٿي، جنهن جو خاص مقصد غيرجانبدار بلاڪ جي اهميت گهٽائڻ هو. اِن ڳالهه ۾ هيٺيون حالتون انهن کي مدد ڏيڻ لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيون:
(۱) پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي مستقل مفاد سندن سامراج قائم ڪيو هو، جنهن کي قائم رکڻ لاءِ . ڀارت جو خوف ڏياري، سنڌ، بلوچستان، بنگال ۽ پختونستان جي عوام جو توجهه سندن آزاديءَ جي تحريڪ کان هٽائڻ ضروري هو.
(۲) عرب ملڪن جي وچ ۾ اسرائيل کي ويهاريو ويو هو، جنهن آهستي ڪري عرب ملڪن کي هضم ڪرڻ جي روش اختيار ڪئي هئي، جنهن کي روڪڻ لاءِ مسلم بلاڪ جي نالي ۾ آمريڪا کان مدد وٺڻ جو راڳ رچائڻ ضروري هو.
(۳) سامراجي ملڪ انڊونيشيا ۽ ملائيشيا ۾ پنهنجا حڪمران پيدا ڪري انهن کي مسلم ملڪن جي شرڪت لاءِ آماده ڪري چڪا هئا.
هن بين الاقوامي سامراجي سازشن کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ، مٿي ذڪر ڪيل احوالن مطابق هنن ٽن صاحبن کي ڪتب آندو ويو هو.
هنن ٽنهي صاحبن کي پنهنجون مجبوريون هيون- مثلاً- ڀٽو صاحب يتيم ٻار وانگر، ڪنهن به قوم جي عيوضي نه هئڻ ڪري سمورو مدار آمريڪي مدد تي رکي ٿو، تنهنڪري هُن کي طوعًاو ڪرهًا ان ڏس ۾ ڪم ڪرڻو هو. ازانسواءِ هن کي جماعت اسلاميءَ کان جا آمريڪي ايجنٽ طور پاڪستان ۾ ڪم ڪري رهي آهي، خوف ڏياري، مسلم ملڪن جي اتحاد جي مسئلي طرف راغب ڪيو ويو آهي. امير فيصل مرحوم به آمريڪا سان وابسته هو. ليڪن جڏهن هن ذرا خود ارادي ڏيکاري، ته هُن کي شهيد ڪرايو ويو. ڪرنل قذافي مذهبي ڪٽرپڻي جي پيداوار آهي. هن جي گاديءَ تي سلامت رهڻ جو مدار به اُنهيءَ پاليسيءَ مطابق ٿي سگهي ٿو. تنهنڪري هن پاليسيءَ ۽ اندروني انتشار کان بچڻ لاءِ اهو طريقو اختيار ڪرڻ ضروري چاتو آهي.
منهن جي نظر ۾ سامراجي ملڪن جا اِهي ڪارڻ آهن، جن خاطر مسلم بلاڪ کي وجود ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.
دنيا ۾ ڪيترا ملڪ آهن، جن پنهنجي مخصوص مطلبن جي پوري ڪرڻ لاءِ

# فصل ٹيون

# مسلم ملڪن جي حفاظت ۽ ترقي

هن مسئلي کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد طرفان اهڙيءَ طرح پيش ڪيو ويجي ٿو.
ڄڻ ته:
(١) ڪي مسلمان هئا ۽ ڪي غير مسلم هئا.
(٢) جيڪي مُلڪ هنن جي نظر ۾ مسلمان هئا، انهن ۾ اسلامي حڪومتون قائم ٿيل هيون.
(٣) انهن مُلڪن جا رهاڪو، جيڪي مسلمان سڏيا ويا ٿي، اهي قول ۽ فعل موجب اسلامي اُصولن جا پابند هئا.
(۴) اُهي ملڪ، جن کي هنن مسلمان مُلڪ ٿي سڏيو، سي درالسلام هئا. انهن جي سلامتيءَ تي اسلام جي سلامتي مدار رکندڙ هئي. انهن ملڪن کي خطري پهچڻ ڪري اسلام دنيا مان غائب ٿي ويندو.
(۵) دنيا جا ڪي ماڻهو ۽ مُلڪ اسلام جي ختم ڪرڻ واسطي گهاٽ گهڙي ۽ اُنهن مسلم ملڪن خلاف سازشون سِٽي رهيا هئا. اسلام ۽ انهن مسلم ملڪن جو وجود هم معنيٰ هو
(٦) پاڪستان ۾ اسلام جي نشاط ثانيہ لاءِ ڪوشش هلندڙ هئي، پر ڪي مُلڪ ۽ گروهہ ان جي راهہ ۾ رڪاوٽ بنيا بيٺا هئا.
هاڻ اچو ته مٿي ذڪر ڪيل هر هڪ مسئلي جي تشريح ڪري ڏسون ته واقعي اِهي نقطي نگاهہ صحيح هئا، مٿي ذڪر ڪيل مُشڪلاتون درپيش هيون يانہ ؟

## (١) مُلڪن جي مُسلم ۽ غير مُسلم ورهاست

مهاجر پنجابي مستقل مفاد طرفان ڪن مُلڪن کي مسلم ۽ ڪن کي غير مُسلم ٺهرائڻ غلط ۽ بي بنياد آهي. مُلڪ نہ مسلمان ٿيندا آهن ۽ نہ هندو ۽ نہ ڪرستان ٿين ٿا. زمين ساري خدا جي آهي، جنهن ۾ خدا جي مخلوق رهي ٿي. مُلڪن ۾ مختلف عقيدن ۽ عملن جا ماڻهو رهن ٿا. خدا پنج آڱريون بہ هڪجهڙيون نہ خلقيون آهن. هڪ گهر جا ڀاتي بہ مُختلف خيالن ۽ عملن جا ٿين ٿا. ڪنهن بہ ملڪ ۾ هڪ خيال ۽ عمل جا ماڻهو رهڻ ناممڪن آهي. تنهنڪري ڪنهن ملڪ کي مُسلم ۽ ڪنهن کي غير مسلم سڏڻ

# (٢) مُسلمان مُلڪن ۾ اسلامي حڪومتون قائم هُيون جا؟

اها ڳالهه بہ حقيقت آهي تہ مسلمان اڪثريت وارن ملڪن ۾ حڪومتون اسلامي طرز جون نہ هيون، بلڪ اُن جي حڪمران طبقي ڪي اهو بہ پتو ڪونہ هو تہ اسلامي حڪومت ڪهڙي قسم جي هئڻ گهرجي. اسلام ڇا هو، اُن بابت بہ ٽي سئو پنجاهہ فرقا پيدا ٿي پيا هئا. جن مان هر هڪ پاڻ کي حق تي ڄاڻي ٻين کي گمراهہ ۽ ناحق تي ڄاڻو ٿي. اسلامي حڪومت جو ڪو واضح تخيل هڪ طرف، پر خود اسلام بابت ڪنهن هڪ تصور تي اُن جي پوئلڳن جو اتحاد ٿي نہ سگهيو هو.

آءٌ مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ مسلمانن جي بدبختي ان ڏينهن کان شروع ٿي، جڏهن کان سياست ۽ مذهب کي گڏي هلائڻ جي ڪوشش ٿي. جديد طرز حڪومت لاءِ آئين جو نہ هئڻ نهايت ضروري امر آهي . اُن بابت پهرين سوال اٿندو تہ اهو آئين ڪير بنائي! عوام الناس جا عيوضي يا مذهب جا ڄاڻو مُلا ؟

جيئن تہ مذهب جي ڄاڻ لاءِ مُلا پاڻ کي تنهنا ٺيڪيدار ڄاڻن ٿا، اُن ڪري جواب ملندو تہ آئين بنائڻ جو حق ضرور مُلن کي ئي ڏنو ويندو. پوءِ سوال اٿندو تہ ڪهڙي فرقي جا مُلا آئين بنائين؟ يا سيئي گڏجي بنائين! جي انهن ۾ اختلاف ٿي پوي، تہ انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪير ڪندو؟

آئين جديد ضروريات جي مدنظر بنائڻو آهي يا قرآن ۽ حديث جي نقطي نگاهہ کان؟ جديد طرز حڪومت ۾ آئين جا مکيہ صيغا هيٺيان ٿين ٿا:

(١) حڪومت جمهوري طرز جي هجي يا آمرانہ ؟

(٢) حڪومت جي ڪاروبار هلائڻ لاءِ اختيار مُلن کي ڏجي يا عام جي چونڊيل نمائندن کي؟

( ٣) مسلمان ملڪن ۾ هن وقت، جي حڪمران خاندان، بادشاهہ يا قبيلي جا سردار آهن. انهن جي حيثيت آئين ۾ ڪهڙي رهندي؟

(۴) جيڪڏهن موجوده حڪمران اهڙي عوامي مفاد جي آئين جي مخالفت ڪن، تہ مُلا ۽ عوام ڪهڙيءَ طرح انهن کان مُلڪ جون واڳون وٺي سگهندا؟

(۵) جيڪڏهن قرآن ۽ حديث جي بنياد تي آئين بنائڻو آهي، تہ دور جديد جي تقاضا موجب، مرڪزي حڪومت جا اختيار، صوبائي حڪومتن جا اختيار، عدالت ۽ انتظاميا جا اختيار، ٽيڪسن وجهڻ جا اختيار، عوام جي بنيادي حقن جو فيصلو، **حڪومت جمهوري هجي يا آمرانہ** انهن سوالن جو نبيرو ڪيئن ٿئي؟ ان مسئلي بابت قرآن ۽ حديث مان ڪهڙي هدايت ملي سگهندي؟ هڪ تہ هن دور جديد جي آئين جي رهبري انهن مان ملڻ جو آسرو ڪونہ آهي،پر جي مُلا چوندا تہ ان لاءِ رهبري ڳولي لهندا. تہ سوال اٿندو تہ ان بابت تشريح ڪير ڪندو ۽ ان بابت اختلاف جي حالت ۾ فيصلو ڪير ڪندو؟

(٦) نظام حڪومت لاءِ قانون ٺاهڻ جو ڪم مُلن جي حوالي ۾ رهندو، يا حاڪم وقت جي حوالي ۾ ڏنو ويندو، يا عوام جي چونڊيل نمائندن جي هٿ ۾ رهندو؟

## (۳) مسلمان مُلڪن جا رهاڪو مسلمان، قول ۽ فعل ۾ اسلام جا پوئلڳ هئا يا نه؟

ٿي ڳالهه جا مسلم ملڪن جي اتحاد مان مهاجر پنجابي مستقل مفاد طبقي جا پوئلڳ ظاهر ڪرڻ گهرن ٿا. سا اها هئي ته مسلم اڪثريت وارن ملڪن جا رهاڪو مسلمان صحيح مسلمان هئا. تنهنڪري مسلم ملڪن جي اتحاد ۾ صرف انهن کي شامل ٿيڻ جي اجازت هوندي! ورنه چين، ڀارت، روس، انگلنڊ ۽ ٻين ملڪن ۾ به مسلمان رهن ٿا. انهن کي ڇو نه مسلمان سمجهي، هن مسلم اتحاد واريءَ جماعت ۾ شريڪ ٿيڻ جي اجازت ڏني وڃي ها؟ ان مان صاف ظاهر پيو ڏسڻ ۾ اچي ته يا ته هو انهن مُلڪن جي رهندڙ مسلمانن کي صحيح مسلمان ٿا سمجهن، يا ان مان سندس مقصد اسلام جي پوئلڳن جي اتحاد جو نه هو، بلڪ سياسي ۽ اقتصادي مفاد لاءِ چند ملڪن کي اسلام جي نالي ۾ ڪٺو ڪري، دنيا کي ڌوڪو ڏيڻو هو.

هاڻ اچو ته پهرين هن سوال کي فيصل ڪريون ته مسلمان اڪثريت وارن مُلڪن ۾ جيڪي ماڻهو مسلمان نالي سان رهيا ٿي، سي واقعي قول ۽ فعل ۾ به اسلامي اُصولن جا پابند هئا؟

ٻين ملڪن کي ڇڏي آءُ صرف هن ملڪ پاڪستان نالي جي رهاڪو مسلمان نالي وارن ماڻهن جو ذڪر ڪندس.

قرآن، حديث، اهل طريقت، صوفيائي ڪرام جي تشريح مُطابق صحيح مسلمان جون صِفتون هيٺيون ٿي سگهن ٿيون:

## (۱) صحيح مُسلمان جُملي انسانذات کي رب العالمين جو خلقيل سمجهي، انهن کي محبت جي نگاهه سان ڏسي ٿو

اچو ته پاڪستان جي مهاجر پنجابي مستقل مفاد ۽ اُن جي پوئلڳن کي ڇتائي ڏسون، جي اڄ تائين ملڪ جا حاڪم بڻي رهيا آهن، ته اُهي محبت جا پوڄاري هئا يا نفرت جا پندار آهن.؟

جيتريقدر مون تجربي بعد محسوس ڪيو آهي ته ان طبقي جا ماڻهو نفرت جا پندار آهن، استحصالي آهن، ظالم آهن، تشدد جا حامي آهن، تعصب سندس سرشت ۾ سمايل آهي. اِنهيءَ ڪري هو صحيح مسلمانن جي دائري ۾ شمار ٿي نه ٿا سگهن . هندن ۽ ٻين مذهبن وارن کي هڪ طرف ڇڏي، ليڪن اُهي سنڌين، بلوچن، پختونن ۽ ٻين انهن ماڻهن کي، جي سندن ڪفر نما دين اسلام جي تشريح کي نٿا مڃين، نفرت جي نگاهه سان ڏسي، هنن سان طرح طرح جون اڳرايون ڪن ٿا. انهيءَ ڪري انهن ماڻهن کي اسلام جا پوئلڳ سڏڻ وڏي غلطي ٿيندي، حقيقت ۾ اُهي ڪافرن کان به بدتر

پاڪستاني حڪمران طبقو، جو آمريڪين سان جنگي عهدنامن ۾ ڦاٿل آهي ۽ آمريڪي امداد تي ساهہ تڳائي رهيو آهي، سو ڪهڙيءَ طرح آمريڪي ايجنٽ اسرائيل خلاف ڪين مدد ڪري سگهندو!

عربن کي هي بہ پتو نٿو پوي تہ ايران وارا عربن جا ڦن ڪيل ظلم ۽ وچ ۾ پيدا ٿيل مذهبي اختلاف وساري، وري مسلم ملڪن جي اتحاد جي نالي ۾ عرب ليڊر شپ هيٺ وڃي، ان سڌيءَ طرح سندن خلافت کي ڪيئن قبول ڪندا. ترڪ هن وقت آمريڪي مدد جي آسري تي هن نئينءَ تحريڪ ۾ شامل ٿيا آهن، پر اڳتي هلي هنن کي پتو پوندو تہ اهو اتحاد ڪيتريقدر سندن لاءِ مفيد هو.

## باهمي تعاون جو جذبو

باهمي تعاون اسلامي اصولن جو مکيہ جزو آهي. شيخ سعدي عليہ رحمة فرمائي ٿو تہ:

بني آدم اعضائي يڪديگر اند،
ڪ در آفرينش زيڪ جوهر اند،
چويڪ عضوه بدرد آورد روزگار،
همہ عضوهارا رانماند قرار.

معنيٰ - ”انسان هڪٻئي جا عضوا آهن ڇاڪاڻ تہ اصل ۾ اهي هڪ جنس مان نهيل آهن جڏهن بدن جي هڪ عضوي ۾ درد ٿئي ٿو تہ سيئي عضوا بي قرار ٿيو پون ٿا“.
ٻئي هنڌ، نيڪ انسان کي مخاطب ٿي چيل آهي تہ:

توبرائي وصل ڪردن آمدي
نئي برائي فصل ڪردن آمدي.

معنيٰ - تون دنيا ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيو آهين، نہ نفاق ڦهلائڻ لاءِ.

پر اتحاد ۽ تعاون ڪرڻ کان اڳ ڀهرين فيصلو ڪرڻو پوندو تہ هن وقت اتحاد جو نالو جو پاڪستان جو حڪمران طبقو وني ٿو، اهو ڪهڙن مقصدن لاءِ ڪيو وڃي ٿو. پر جيڪڏهن غور ڪري ڏسبو تہ انهن جا مقصد هينيان آهن-

(۱) سنڌين، بلوچن ۽ پختونن تي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو سامراج قائم رکڻ .
(۲) انهيءَ سامراج وسيلي مٿي ذڪر ڪيل ملڪن جي عوام جو استحصال ڪرڻ .
(۳) ماڻهن جو توجهہ مذهب جي نالي ۾ حقيقي مسئلن کان هٽائي، هنن جا دماغ مسخ ڪري، کين پنهنجي تابع رکڻ .
(۴) سندن فسطائي عقيدن کي اسلامي چادر ڍڪائي، زير تسلط آيل ملڪن تي قابض رهڻ.

۽ سڏائي ويٺي آهي. انهي موقعي تي، بقول چند اخبارن جي، لاهور ۾ جنرل ضياءَ شراسخيدي ... زد تي. ان مان پتو پئجي سگهندو تہ انهن طريقن سان ڪهڙيءَ طرح اسلامي تبليغ ۽ اشاعت ٿي سگهندي!

•پاڪستان ۾ اسلام جا ٽي بزرگ علامہ مشرقي، علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ علامہ مودودي شمار ڪري سگهجن ٿا. انهن مان ٻن جي آواز ڪي هتي ڪنهن بہ نہ ٻڌو ۽ ٻيئي انتقال ڪري ويا آهن. ٽئي جو آواز نقار خاني ۾ طوطي جي آواز وانگر ٻڌڻ ۾ پيو اچي. ازانسواءِ ان صاحب جو، سياست ۽ مذهب کي گڏي هلائڻ جي عقيدي ڪري، ملڪ تي گهڻو اثر ٿي نہ سگهيو آهي. اهڙيءَ حالت هيٺ هنڙن تماشن ڪرڻ سان اسلام جي نشاط ثانيہ جي اميد رکڻ اجائي آهي.

هن وقت دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ اسلام جو هڪ مستقل طور قبول ٿيل تخيل موجود نہ آهي، جنهن هيٺ جملي مسلمان متفق ٿي، ڪو ڪم ڪري سگهن.

اهڙيءَ حالت هيٺ پيٽي صاحب ۽ ان جي حوارين ذريعي اسلام جي فروغ جي اميد رکڻ بي وقوفيءَ ۽ جهالت کان سواءِ ٻي ڳالهہ ڪانہ آهي.

مون کي ڊپ آهي تہ انهن سڀني ڪري، اسلام جي نالي کي سياسي ڳالهين سان ملوث ڪري هلائڻ سان، ان جو هتي اهو حشر ٿيندو، جهڙوڪ روس ۾ مسيحيت جو ٿيو آهي.

# فصل چوٿون

## اسلامي اصولن جي تبليغ ۽ فروغ

هي دليل تہ مسلم ملڪن جي ڪانفرنس اسلامي اُصولن جي تبليغ يا فروغ لاءِ سڏائي ويئي هئي ۽ اُن جي ذريعي مُسلم مُلڪن کي منظم ڪري، فروغ اسلام جو ڪم سرانجام ٿيندو. ان سوال تي بحث ڪرڻ کان اڳ، اچو تہ چتائي ڏسون تہ هن مسئلي ۾ اڳوائي ڪندڙ ملڪ، پاڪستان اندر اسلامي اُصولن جي ڪهڙي تبليغ يا فروغ ٿيو آهي.

اِن مسئلي بابت گفتگو ڪرڻ لاءِ هيٺين اسلامي مقاصد تي بحث ڪرڻ لازمي ٿو ڄاڻان:

**(١) اسلام دنيا لاءِ محبت ۽ اتحاد جو پيغام آندو هو.**
**(٢) اسلام جي جُملي مذاهب پويان بنيادي وحدت جو راز سڃاتو هو.**
**(٣) اسلام دنيا ۾ امن ۽ سلامتي پيدا ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آندو ويو هو.**
**(۴) اسلامي ماڻهوءَ کي اخلاق حميده جي مُجسمي بڻائڻ جي ترغيب ڏني ٿي.**
**(٥) اسلام حڪمت ۽ نصيحت ذريعي ماڻهن کي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ جو حامي هو نہ تشدد ذريعي.**

هاڻ اچو تہ ڏسون تہ اسلام، جو مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي حصول لاءِ وجود ۾ آيو هو، اُن جو هتي پاڪستان ۾ ڪهڙو حشر بڻايو ويو آهي!

### (١) اسلام جي محبت ۽ اتحاد جي مشن جو پاڪستان ۾ حشر

اسلام انسانذات کي محبت جو پيغام ڏنو، جنهن مان اتحاد پيدا ٿيڻو هو، جو دنيا جي امن جو ضامن بڻجي ماڻهن جي ترقيءَ لاءِ راهہ هموار ڪرڻ وارو هو. ليڪن بدقسمتيءَ سان رسول اڪرم صلعم جي وفاتيءَ بعد سندس پوئلڳن جي اڪثريت، ذاتي ۽ قبيلائي اقتدار حاصل ڪرڻ خاطر، مذهب کي سياست جو هٿيو ڪري هلايو. جنهنڪري رسول مقبول جي دور ۾ عربن ۾ پيدا ٿيل اتحاد ٽٽي، وري منجهن اڳيان قبيلائي اختلاف پيدا ٿي، نفرت ۽ نفاق جو باعث بڻجي، خون خرابيءَ جو ڪارڻ بڻيا.

رسول جا ٻـي جانشين يا خليفا شهيد ٿـي ويا. هزارين مسلمانن جو رت هاريو ويو. نبي آخر زمان جي ڏهٽي امام حسين عليہ السلام کي مسلمانن شهيد ڪري ان جو سرنيزي تي گهمايو ۽ ڌڙ تي گهوڙا ڊوڙايا. اهلبيت جي بيبين جي بـي عزتي ڪئي. امام عالي مقام جي سون ورهين تائين مزار ناهڻ نہ ڏني وئي. ورهين جا ورهيہ مسجدن جي منبرن تان اهلبيت رسول تي شب وستم ( ملامت ) ڪري، کين بـدنام ڪيو ويو. مختلف ملڪن ۾ اسلام جي نالي ۾ فتوحات ڪري، اتي جي ماڻهن کي قربو ويو ۽ انهن جي مرد ۽ عورتن کي غلام بـنائي، عربن ۾ وهاريو ويو . اهو سڀ ان امن ۽ سلامتيءَ جي مذهب نالي ۾ سرزد ٿيو. اهڙيءَ غلطءِ شرمناڪ ڪاروائي کي نہ صرف جائز سمجهيو ويو، پر اهڙي ظلم ۽ ستم ذريعي ملڪن تي بنا سبب حملا ڪري، انهن جي آزادي کسي، عرب سامراج هيٺ آڻڻ جي اسلام جو عظيہ ڪارنامو سمجهي، اڄا تائين اُن جا يادگار ملهايا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح جي ڪم کي جهاد سمجهي، ان کي اسلام جو مکيہ رُڪن ڄاڻايو ويو. مسلم عوام کي بـي وقوف بـنائڻ لاءِ ظاهر ڪيو ويو تہ عرب سامراج لاءِ جنگ ڪندي، جو ماڻهو مرندو، اهو شهيد جي حيثيت ۾ سڌو بهشت ۾ داخل ٿـيندو.

**لا ڪراه في الدين:** جو سبق وساري، ماڻهن تي زوريءَ پنهنجيءَ راءِ عقيدو مسلط ڪرڻ نہ صرف صحيح سمجهيو ويو، پر ان کي اسلام جو بـنيادي اصول ڄاڻايو ويو.

اهي سڀ ڪم مذهب ۽ سياست کي گڏڻ ڪري سرزد ٿيا. ڪجهہ وقت لاءِ ابتدا ۾ اهي طريقا ڪن مخصوص قبيلن، طبقن ۽ خاندانن لاءِ فائديمند ثابت ٿيا، پر نتيجو اهو نڪتو . جو صحيح اسلام، جنهن کي محبت، امن ۽ ترقي انساني لاءِ ڪم ڪرڻو هو، سو وڃي چند گوشہ نشين حضرات وٽ بچيو. پر اُهي بہ اڪثري حاڪم ۽ مُلا جي ڪفر ساز دست درازين کان سلامت رهي نہ سگهيا. دنيا ترقي ڪري، وڃي چند تائين پهتي آهي. عقل ۽ انصاف جا آواز چؤطرف کان ٻڌجي رهيا آهن. پر مسلمانن جي ڪيترن گروهن ۾، لڪير جي فقير وانگر ، مذهب ۽ سياست جي گڏي هلائڻ جو دستور اڄا تائين هلندو اچي .

اوليائي ڪرام ۽ درويشن خاموشيءَ سان محبتي مامَ وسيلي صحيح اسلام جي پکيڙڻ لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي، پر جنهن صورت ۾ حاڪم ۽ مُلا مستقل مفاد حاصل ڪري ويا هئا، ان ڪري ڪثرت ۽ تعداد ماڻهن تائين هنن جو آواز پهچي نہ سگهيو.

پري ڇو وڃجي. جيڪڏهن چتائي ڏسندا تہ هن وبهين صديءَ ۾، جڏهن انسانن کي عقل ۽ محبت جي سمجهہ اچڻ لڳي آهي، هتي پاڪستان ۾ مهاجر پنجابـي مستقل مفاد جيتري قدر اسلام جي نالي ۾نفرت ، نفاق ،بـداخلاقيءَ ،ظلم، تشدد ۽ استحصال ڪيو آهي، اهڙو مثال دنيا ۾ عام طرح ۽ مسلم ملڪن ۾ خاص طرح، ملي نہ سگهندو. هيءَ ڪانفرنس جا مسلمان ملڪن جي نالي ۾ سڏائي وئي هئي، ان جي پويان بہ مذهب جو نالو شامل آهي، يعني مذهب کي سياسي مقصدن لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو. جي اسلامي اُصولن جي تبليغ ۽ فروغ لاءِ اهڙي ڪانفرنس سڏايل هجي ها، تہ مسلم ملڪن جي حاڪمن کي ان ۾ نہ گهرايو وڃي ها، پر عالم، فاضل ،درويشن کي گهرائي اڄڪلهہ جي نالي ۾ مسلمانن کي فڪر ۽ عمل جي وحدت طرف ڇڪڻ لاءِ ڪي تجويزون رٿـي، ڪم ڪيو وڃي ها. پر ائين نہ ڪيو ويو . هن ڪانفرنس سڏائڻ جو ڪم ذليل ترين

سيلٽ ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ سندن دماغ مسخ ڪيا ويا هئا.

## پختونن تي هُنن هيٺيان ظلم رَوا رکيا آهن:

(۱) هنن جي هزارن سالن جي جُداگانه قوم کان انڪار ڪري کين خود ساخته نظريي پاڪستان هيٺ محڪوم ۽ مظلوم رکيو ويو آهي.
(۲) سندن زبان کي ختم ڪري، ٺٺن زوريءَ اردو زبان کي مسلط ڪيو ويو آهي. پختونن کي مهاجر پنجابي ڪلچر ۾ مدغم ڪرڻ لاءِ مُهم هلي رهي آهي. خان عبدالقيوم خان جهڙي بي غيرت ويڪو گهوڙي جهڙن ماڻهن هٿان هنن کي پاڻ ۾ ويڙهائي رهيا آهن.
(۳) نظريي پاڪستان جي نالي هيٺ کين پاڪستاني حڪومت ۾ اقليت جو درجو ڏنو ويو آهي.
(۴) پهرين هنن کي ون يونٽ ۾ داخل ڪري محروم رکيو ويو. هاڻ مضبوط مرڪز جي نالي ۾ سندن حقن سان هٿ چراند ڪئي وڃي ٿي.
(۵) هنن جي خانن ۽ مَلڪن کي رشوتون ڏيئي، بي ضمير بنائيءَ، قومي آزاديءَ جي تحريڪ کان ٻاهر رکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي.
(۷) هنن کي پنجابي عملدارن جي ماتحت رکي، ٺٺن حڪومت ڪئي وڃي ٿي.
(۸) هنن جي وزارت کي مجبور ڪري، ڪڍي، اُن جي جاءِ تي پنهنجي هٿ ٺوڪي وزارت آڻي، سندن ليڊرن کي جيل ۾ وجهي، پارٽيءَ کي غير قانوني لهرائي کين محڪوم رکيو ويو آهي.
(۹) هنن جا ڪاليج ۽ يونيورسٽيون بند ڪرائي، کين تعليم کان محروم ڪيو ويو آهي.
(۱۰) هتي جي غدارن کي لالچون ڏيئي، پختون ليڊرن خلاف بيان ڏياريا وڃن ٿا.

## (۴) اسلام قول ۽ فعل جي يڪساني جي تعليم ڏني ٿو

خدا سائينءَ قرآن ۾ فرمايو آهي ته «**اها ڳالهه نه ڪريو، جا ڪري نه سگهو!**» ليڪن هتي پاڪستان ۾ سراسر ان جي ابتڙ پيو عمل ڪيو وڃي. هتي جي حڪمران طبقي ۽ ان جي حواري ملڪن سڀ کان وڏو جو اسلام سان ظلم ڪيو آهي سو اسلام جي غلط تشريح ڪري ماڻهن جا ذهن مسخ ڪرڻ جو آهي.

**چي:** مذهب جي نالي ۾ ماڻهن کي مارڻ جائز آهي.

**چي** : سندن نقطي نگاه واري اسلام کان سواءِ ٻي ڪابه ان جي تشريح صحيح نه آهي ۽ ان جي مخالفت عين اسلام جي مخالفت هئي.

**چي:** مسلمان، عقيدي ۽ عمل جي يڪسانيءَ جي نه هوندي به دنيا جي بهترين قوم بنجي، انسانذات جي رهبري ڪرڻ جا لائق هئا.

**چي:** پاڪستان ۾ اسلامي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي، هاڻ هتان سيني مسلمان ملڪن

جي اڳواڻي ڪري، انهن جي رهبري ڪرڻي هئي.
ڇي- مسلمانن جي رهبري ڪرڻ واريءَ قوم جي زبان اردو هئي.
ڇي: ملڪ ۾ جوا،رشوت خوري، استحصال، زنا، شراب خوريءَ جي مروج هوندي به حڪومت اسلام هئي.
ڇي: ملڪ ۾ رشوتون، ناجائز پرمٽون، بليڪ مارڪيٽي، سمگلنگ وغيره جي اجازت ڏيئي، ماڻهن کي بداخلاق ڪرڻ بعد به حڪومت کي اسلامي حڪومت سڏي سگهجي ٿو.
ڇي: مڪاني ماڻهن مان غدار پيدا ڪري ، قومي عصبيت کي ختم ڪرڻ به اسلامي حڪومت جي فرائض مان هڪ هو.
ڇي: قانون ۽ آئين مغربي طرز جو هوندي به ، صرف اُن جو صدر يا وزيراعظم نالي ۾ مسلمان هو، ته اهو ملڪ اسلامي سڏي سگهجي ٿو پوءِ ڀلي اُنهيءَ صدر جو اخلاق ڪيڏو به ڪريل ڇونه هجي. هن جي شراب پيئندڙ، زاني، ڪوڙ ڳالهائيندڙ، ڌوڪي باز، ظالم، اسلامي صفتن کان يڪسر عاري هوندي به، اُهو ملڪ اسلامي سڏجڻ جو حقدار هو.
ڇي: ملڪ ۾ ڊڪٽيٽري قائم ڪري، عوام جي جماعت سازي، تحرير، تقرير تي پابندي وجهي، مخالفن کي ڪيسن هلائڻ کان سواءِ ڪثير مدت تائين جيلن، يا نظربندين ۾ رکڻ جي باوجود، ان کي جمهوري حڪومت سڏي سگهجي ٿو.
ڇي: حڪمران طبقي طرفان ٿيندڙ هرقسم جي استحصال جي موجودگيءَ ۾ ان کي اسلامي سوشلزم هيٺ هلندڙ حڪومت سڏڻ عيب نه هو.
ڇي: بلوچن،سنڌين ۽ پختونن کي مهاجر پنجابي سامراج جي ماتحت رکڻ جي باوجود به ظاهر ڪرڻ ته صوبن کي اندروني آزادي هئي، ڌوڪو نه هو.
ڇي: ملڪ ۾ امن جي حالت ۾ ان کي بدامنيءَ جي بهاني تي ڊفينس آف پاڪستان جي قانون هيٺ ماڻهن جي شخصي ۽ قومي آزادي ختم ڪرڻ غلط نه هو.
ڇي:ڪنهن صوبائيءَ اسيمبليءَ گهڻي ڪثرت راءِ سان ڪو بل پاس ڪيو هجي، پر اهو حڪمران طبقي جي راءِ خلاف هئڻ جي ڪري، ان کي مٿان مرڪزي حڪومت مان دست اندازي ڪرائي رد ڪرائڻ جي باوجود، به ان کي صوبائي آزاديءَ جي عملي صورت سڏڻ غلط نه هو.
ڇي:هڪ قوم مٿان ٻيءَ قوم کي مُسلط ڪري، ٻاهران ماڻهو گهرائي، ان قوم جي ملڪ کي ڪالونائيز ڪرائي، ان جي زرعي زمين ،ڪارخانن، نوڪرين ، واپار ، بئنڪن تي ڌارين کي قابض ڪرائڻ بعد به اهو چوڻ ته اسلام ان کي جائز ٺهرائي ٿو، ٺيڪ هو .
ڇي: مخالفن کي پوليس عملدارن هٿان مارائي، عوام کي ڌوڪي ڏيڻ لاءِ اشتهار ڏيئي انعام آڇڻ ته اهو ماڻهو ڀڄي ويو آهي. هنن جي اسلام موجب اهو عمل به جائز هو.

جڏهن ڪيترا اهڙا ڪم ڪندي به هي ماڻهو پاڻ کي اسلام جا علمبردار سڏائين ۽ ملڪ کي اسلامي ملڪ سڏائيندي شرم نه ڌارين، ته پوءِ بُلا شاهه جو هي چوڻ اڇيو سامهون بيهي:

آپ سڏائيندا فقير اور لڪ لڪ پيندي ڪير
تيڪون لڄ نهين آوندي !

ان وانگر حڪمران طبقو ۽ ان جا ايجنٽ ڪم ڪن ڪفر جا ۽ ڳالهيون ڪن اسلام جون ۽ پاڻ کي مسلمان سڏائين. انهن ڳالهين کي مدنظر رکي، اسان پڙهندڙن تي ڇڏيون ٿا ته فيصلو ڪن ته اهڙن ماڻهن کي مسلمان سڏڻ ڪيتري قدر جائز آهي، ۽ اهڙيءَ حڪومت کي اسلامي حڪومت ڪهڙي طرح سڏي سگهجي ٿو؟

تعجب اهو آهي ته جنهن ملڪ جو سربراهه بداخلاقيءَ جو مخزن هجي ڪوڙ، ڏوڪيبازي، زنا، شراب خوري، ظلم ۽ استحصال جا سڀ ڪم ڪندڙ هجي، ان ملڪ کي اسلامي ملڪ سڏي ۽ اُن سربراهه کي مسلمان قوم جو ليڊر سڏي، دنيا کي ڏوکو ڏنو وڃي ٿو.

جماعت اسلاميءَ وارا به اهڙيءَ قوم کي مسلمان سڏين ۽ اهڙي ملڪ کي مسلمان ملڪ سڏين، ته ڪعبي جو رکوال امير فيصل مرحوم ( هاڻ امير خالد ) به اُن کي اسلامي ملڪ ۽ حاڪم سمجهي. اها واقعي فڪر ڪرڻ ۽ خوف ڪرڻ جهڙي ڳالهه آهي.

## (٥) اسلام حڪمت ۽ نصيحت ذريعي ماڻهن کي راه راست تي آڻڻ جو پيغام بر هو

اچو ته ڏسون ته هن نئين آيل مهاجر پنجابي مستقل مفاد مڪاني مسلمانن سان ڪهڙو سلوڪ اختيار ڪيو آهي:

(١) هنن مڪاني ماڻهن کي جمهوريت جو ڏوکو ڏيئي، مٿن آمرانه ۽ فسطائي طريقن سان حڪومت ڪرڻ شروع ڪئي آهي.

(٢) هنن مڪاني ماڻهن کي سوشلزم جو دلاسو ڏيئي، زوريءَ ننڍين قومن جا حق غصب ڪري، سندن استحصال جاري رکيو آهي.

(٣) هنن مڪاني ماڻهن کي اسلامي نظام حڪومت جو ڏوکو ڏيئي، غير اسلامي طريقا اختيار ڪيا آهن.

(٤) هنن خود ساخته نظريي پاڪستان کي عين اسلام قرار ڏيئي، هزارن ورهين جي قومن جي وجود کان انڪار ڪري، زوريءَ انهن کي پنهنجي سامراج هيٺ رکيو آهي.

(٥) ماڻهن کي غلبي اسلام جو ڏوکو ڏيئي، چند مستقل مفاد کي آمريڪي سامراج جي ايجنٽ طور مستحڪم رکيو وڃي ٿو.

هيٺ ذرا تفصيل سان مٿي ذڪر ڪيل سوالن تي نظر ڪندس.

### (١) جمهوريت جو ڏوکو:

جيئن پڙهندڙن کي معلوم آهي ته مهاجر پنجابي مستقل مفاد پنهنجي استحصال لاءِ پاڪستان کي وجود ۾ آڻي، ان ۾ پنهنجو سامراج قائم ڪيو آهي. ان لاءِ بيروني دنيا، خصوصاً مغربي ملڪن جي عوام کي ڏوکو ڏيڻ لاءِ ظاهر ڪيو وڃي ٿو ته پاڪستان ۾ جمهوري حڪومت هلائي وڃي ٿي، ليڪن تاريخ جي

ڄاڻن ڪي پتو آهي ته جناح صاحب جي دور کان وٺي، جو جيتوڻيڪ دنيا کي جمهوريت جي نالي حڪومت ڪرڻ جو دلبو ڏيندو رهيو ليڪن بدترين ڊڪٽيٽر طور حڪومت هلايائين. ان کان پوءِ جملي حاڪمن اڄ تائين مرڪز جي ماتحت صوبائي اسيمبلين کي ٽوڙيو، وزارتن کي بدلايو، ملڪن جي جاگرافيائي حيثيت کي ختم ڪيو يا ورهايو پئي آهي. مڪاني وزارتون سندن ايجنٽ طور ڪم ڪنديون رهيون ٿي، پر جي انهن ذرا بہ سندن حڪم جي انحرافي ٿي ڪئي، تہ يڪدم انهن کي بدلي ٿي ڇڏيائون. اهڙي حالت بنگال، سنڌ، بلوچستان ۽ پختون ايراضين سان لاڳو رهي. پر خود پنجاب جا عوام بہ سندن مستقل مفاد جي انهن دست درازين کان محفوظ نہ رهياهئا.

صحيح جمهوريت ۾ ميٽنگ ڪرڻ، راءِ جي اظهار، تحرير ۽ تقرير ۽ پارٽي ناهڻ جي اجازت هوندي آهي، ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي ڪورٽ ۾ ڪيس هلائڻ کانسواءِ جيل ۾ يا نظر بنديءَ هيٺ نہ رکيو ويندو آهي. ليڪن هتي پاڪستان ۾ منڍ کان وٺي حڪمران طبقي جي راءِ خلاف ڪو بہ ڪم ڪرڻ نہ پئي ڏنو ويو آهي. مخالفن جي ميٽنگن تي ۱۴۴ قلم لڳائي روڪ وڌي ويئي ٿي، يا پنهنجا گونڊا موڪلي مخالفن جي ميٽنگن کي ڦٽايو ويو ٿي. اهڙي ساري ڪاروبار لاءِ مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي ڪارندن اسلام جي نالي کي ڪتب آندو ٿي. مخالف جماعت جي ليڊرن کي ڪيس هلائڻ کان سواءِ نظربند رکيو ٿي ويو يا جيل موڪليو ٿي ويو. انهيءَ سامراج جي خود ساختہ نظريي پاڪستان، مضبوط مرڪز، اسلامي حڪومت، مسلم ليگ يا هاڻ پيپلز پارٽيءَ جي مخالفت ۾ آواز ڪڍڻ کي پاڪستان دشمني، اسلام جي برخلافي، ڌارين جي ايجنٽي، انتشار پسندي، علائقائي ذهنيت جا الزام لڳائي سزائون ڏنيون ويون ٿي. ان ساري ڪم ۾ اسلام جي نالي ولنديڙ مهاجر، مولويءَ، اردودان حضرات ۽ پنجابي مستقل مفاد جو خاص هٿ هو.

پاڪستان جي نالي هيٺ وجود ۾ آندل ملڪ ۽ هزارن ورهين جي تاريخ وارا جدا ملڪ ۽ قومون رهنديون هيون. هنن ماڻهن جمهوريت جي دعويٰ ڪندي بہ انهن جي وجود کان انڪار ٿي ڪيو، ۽ جمهوريت جي بنيادي اصول قومي خود ارادي جي اظهار کي ڏوهہ ٺهرايو ٿي. هنن مخالفن جي اخبارن، رسالن، ڪتابن تي بندش وڌي ٿي. هن وقت پيپلس پارٽيءَ جي دور ۾ گذشتہ دور کان بہ وڌيڪ جمهوريت دستورن جي خلاف ورزي هوندي بہ ان کي جمهوري حڪومت سڏي، دنيا ۽ هتي جي عوام کي ڌوڪو ڏنو وڃي ٿو. انهيءَ جمهوريت جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ بنگالين کي اڪثريت جي باوجود حڪومت جي واڳ نہ ڏيڻ ڪري، کين پاڪستان کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. مغربي پاڪستان ۾ مضبوط مرڪز قائم ڪري بلوچستان ۽ پختونستان جي قائم ٿيل جمهوري حڪومتن کي مجبور ڪري، ٻاهر ڪيدي، انهن جي جاين تي هٿ ٺوڪيون وزارتون قائم ڪيون ويون آهن. نيشنل عوامي پارٽيءَ کي ممنوع ٺهرايو ويو آهي. ڇڻ قومن جي گفتگوءَ کي ڏوهہ ٺهرايو ويو آهي. مخالف راءِ رکندڙن کي ورهين جا ورهيہ بنا ڪيس هلائڻ جي نظربنديءَ يا جيلن ۾ رکيو ويو آهي. مخالفن کي مارايو ويو آهي ساڻن جيلن ۾ طرح طرح جون حياسوز جنيون ڪرايون ويون آهن. پيشاب پيارڻ، ڏنپ ڏيارڻ، بد فعلي ڪرائڻ ان جا چند مثال

آهن. ججن کي ضامن ڪڻ يا آزاد فتويٰ ڏيڻ تي يا جيل ۾ موڪليو ويو آهي، يا نوڪريءَ کان خارج ڪيو ويو آهي. مخالف ڪارڪنن جي پڇي وڃڻ يا هٽ نہ اچڻ تي، سندن مائٽن کي جيلن ۾ وڌو ويو آهي، يا مارون ڏياريون ويون آهن. مخالفن جي اناج يا ڪپهہ جا ڪرا سازيا ويا آهن يا لٽايا ويا آهن. سندن ملڪيتون ضبط ڪيون ويون آهن. مخالفن جي ڳوٺن تي بم باري ڪئي ويئي آهي يا ڌاڙا هڻايا ويا آهن.

اهڙا سوين مثال آهن، جن جو تفصيل هن ڪتاب جي ڊگهي ٿيڻ جي خوف کان پيش نٿو ڪجي.

باوجود اهڙين ڪاروائين جي اهو حڪمران طبقو اهڙو بي شرم آهي، جو اهڙن ڪمن جي ڪندي بہ پاڻ کي عوامي جمهوريت جو علمبردار سڏائي ٿو!

جمهوريت جي مٽي جهڙي هتي پاڪستان ۾ پليد ڪئي ويئي آهي اهڙي مشڪل سان ڪٿي ٿي هوندي.

عام ماڻهن کي پتو نٿو پوي تہ جمهوريت بَلا ڪهڙي ٿيندي آهي.

جي جمهوريت اها آهي، جنهن جو تجربو هتي پاڪستان ۾ ٿي رهيو آهي، تہ اهڙيءَ جمهوريت کان ڊڪٽيٽرشپ هزار دفعا بهتر آهي. تعجب ان ڳالهہ تي ٿئي ٿو تہ مغربي ملڪن مان آمريڪا، انگليند، ڪئناڊا ۽ فرانس جهڙا ملڪ بہ ان ڏوڪي هيٺ هن ملڪ کي جمهوري ملڪ سمجهي، هر طرح جي مدد ڪري رهيا آهن. هتي جون مستقل مفاد حڪومتون سندن مدد جي آڌار تي پنهنجو سامراج قائم رکيو وينيون آهن.

## (٢) سوشلزم جو ڏوڪو

دنيا جي رهاڪن جي اڪثريت غريب، جاهل ۽ بي روزگار پئي رهي آهي. انهن جو استحصال ڪن مستقل مفاد طبقن يا سامراجي قومن پئي ڪيو آهي.

ڪجهہ وقت کان روس ۽ چين ۾ سوشلزم جي نظرين مطابق هلندڙ حڪومتن دنيا جي غريب عوام ۾ اهو احساس پيدا ڪرايو هو تہ عوام مان غربت، جهل ۽ استحصال ختم نہ ٿيندو، جيستائين سوشلزم جي بنياد تي جملي ملڪيت کي قومي بنائي، عوام جي نمائنده حڪومت جي قبضي هيٺ آڻي، ان کي اڪثريت جي مفادن لاءِ ڪتب نہ آندو ويو آهي. پر ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هتي جي ڏوڪيباز حڪمران طبقي جهڙيءَ طرح جمهوريت جي نالي هيٺ ڪم آمرانہ پئي ڪيا هئا، اهڙيءَ طرح هنن سوشلزم جي عام پسند نالي کي بہ ڪتب آڻي، عوام کي بيوقوف بنائڻ شروع ڪيو آهي.

چي: پاڪستان ۾ اسلامي سوشلزم جي بنياد تي حڪومت هلائي وڃي ٿي. جي ڪو هنن کان سوال پڇي ٿو تہ جي هتي سوشلزم جي اُصولن مطابق حڪومت هلائي وڃي ٿي، تہ پوءِ ملڪ ۾ هيءَ غربت، بي روزگاري، غريبن ۽ ننڍين قومن جو استحصال ڇو قائم رهندو اچي؟ تہ جواب ملي ٿو تہ اجا اسان جي شروعات آهي، ترسو وقت گذرڻ بعد ملڪ ۾ ماکيءَ ۽ کير جون نديون وهڻ لڳنديون. ساري ملڪ ۾ خلفاءِ راشدين جي حڪومت جهڙو انصاف قائم ڪيو ويندو يا مُرڳو حڪومت الاهي برپا ڪئي ويندي.

پاڪستان ۾ پهرين اهو ڏوڪو مسٽر جناح ڏنو تہ هو هن ملڪ ۾ اسلامي سوشلزم آڻيندو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هو ڏوڪيباز، بي اصول، فاشسٽ ۽ سرمائيدارانہ ذهنيت رکندڙ حاڪم هو. هن اسلام، جمهوريت ۽ سوشلزم جا نالا ورتا ٿي، ليڪن يا تہ ڪيس پتو ڪونہ هو تہ انهن لفظن جي معنيٰ ڪهڙي هئي يا تہ ڄاڻي واڻي ماڻهن کي بي وقوف بنائڻ لاءِ ائين ڪيائين ٿي. هاڻ معلوم ائين ٿئي ٿو تہ اقتدار ۾ رهڻ جي شوق ڪانئس مهاجر پنجابي مستقل مفاد کي راضي رکڻ لاءِ اهي ڪم ڪرايا ٿي. اسان مان جن کي مرحوم چيتمل پرسرام، سجاد ظهير، ڊاڪٽر اشرف جي محبت ۾ رهڻ ۽ سوشلزم جي ڪتابن پڙهڻ بعد ڪجھ ان جي ڄاڻ هئي ۽ جناح صاحب سان گڏجي ڪم ڪرڻ بعد سندس قول ۽ فعل مان بہ واقفيت هئي، تن کي تعجب ٿيندو هو تہ ڪيڏانهن جناح ۽ ڪيڏانهن مٿي ذڪر ڪيل اصول! پر عوام اهڙو برغلائجي ويو، جو اسان جي ڳالھ ڪنهن نہ ٻڌي جناح صاحب اسلام، جمهوريت ۽ سوشلزم جو علمبردار بنجي ويو ۽ اسان پوئتي رهجي وياسون.

هڪ دفعي **خانبهادر ڪهڙي** مون کي چيو تہ "زميندار ۽ پير.گھر جو فرد ٿي ڪري، تون ڇو پنهنجي طبقي جي مخالفت ٿو ڪرين؟" ان کي ڪهڙي خبر تہ ڪي ماڻهو اهڙا بہ هئا، جي شخصي مفادن کان قومي مفاد کي ترجيح ڏيئي سگهن ٿا. ان تي مون کيس جواب ڏنو تہ "جناح صاحب ۽ ميان افتخارالدين ساڳيءَ طرح سوشلزم جي ڳالهڪن ٿا، تون انهن خلاف ڪونہ ٿو ڪڇين باقي مون تي ڪاوڙجيو وڃين!" اُن تي هن مون کي جواب ڏنو تہ ڪيس خبر هئي تہ "هنن ماڻهن کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪيون ٿي پر جيڪڏهن سوشلزم ۾ واقعي جناح صاحب ۽ ميان افتخارالدين جي زندگي گذارڻ جي اجازت هوندي تہ ڪيس اهو سوشلزم قبول هو." پر تنهنجي ڳالھ ٻي آهي! تنهنجو واقف آهيان. تون قول ۽ فعل ۾ ساڳي ڳالھ جو حامي آهين، تنهنڪري تنهنجي سوشلزم مان مون کي خوف پيدا ٿئي ٿو".

هاڻ جڏهن اليڪشن جو ڪم شروع ٿيو، ڀٽي صاحب سوشلزم جا ماڻهن کي دلاسا ڏنا ۽ ظاهر ڪيو تہ هر هڪ هاريءَ کي ١٦ ايڪڙ زمين ڏيندو ۽ ان کي گهر بہ ٺهرائي ڏيندو، ڪارخانا سڀ سرڪاري ملڪيت ۾ آڻي انهن کي عوامي مفاد لاءِ ڪتب آڻيندو؛ تڏهين اسان مان جن کي سندس قول ۽ فعل مان واقفيت هئي تن ماڻهن کي ٻڌايو تہ هي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو ايجنٽ ٿي ڪري، اهڙا ڪم ڪهڙيءَ طرح ڪري سگهندو؟ اسان گهڻو سمجهايو تہ جنهنجي پارٽيءَ جا مکيہ ڪارڪن مخدوم صاحب هالا، مير اعجاز علي خان، ڄام صادق علي خان، مير صاحبان، پٿو ۽ ٻيا زميندار ۽ سردار هئا. تن مان اهڙي اميد ڪيئن رکو ٿا! پر ماڻهن ڪٿي ڳنڌ ٻڌي تہ هي ضرور پنهنجو قول پاڙيندو"

ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ عام ماڻهوسياسي شعور جي عدم موجودگيءَ ۾ ننڍن ٻارن وانگر هر چلڪندڙ شيءِ کي سون سمجهي، سهوليت سان گمراھ ٿيو وڃن ٿا. جهڙيءَ طرح سان هنن جناح صاحب کي اسلام جو علمبردار سمجهي، مولانا ابوالڪلام آزاد جهڙي ماڻهوءَ جي ڳالھ نہ ٻڌي هئي، اهڙيءَ طرح سان هنن ڀٽي صاحب کي اسلام، جمهوريت ۽ سوشلزم جو علمبردار سمجهي، اسان جي ڳالھ کي اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو.

هن کي حڪومت هٿ ۾ آئي، ٽي سال گذري چڪا آهن، ملڪ جي حالت اِها آهي

تہ عوام جي غربت روز بروز وڌندڙ آهي؛ اناج ۽ ٻين ساماڻ جا اگھ چوٽ چڙهي ويا آهن؛ رشوت، چور بازاري، سمگلنگ، بدامني، بک، بيروزگاري عروج تي آهن. البت مهاجر پنجابي مستقل مفاد لاءِ هي ملڪ چراگاھ ٿي پيو آهي. نہ مزدورن جي حالت درست ٿي آهي، نہ هارين کي زمين ملي آهي. نہ بيروزگارن کي روزگار سان لڳايو ويو آهي.

هن غدار سنڌ سندس گادي سلامت رکڻ خاطر سنڌ کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد وٽ وڪڻي ڇڏيو آهي. سنڌ جي عوام کي ڪو فائدو نہ پهتو آهي. عوام جي شاعر منٺي ابراهيم جي چوائيءَ:

"گهر گهر گهور انڌيرو، راڄ مٿان راڪاس ڦري ويو، پٽڪو ناھ پليرو".

جي حالت قائم آهي.

مطلب تہ جهڙيءَ طرح جمهوريت ۽ اسلام جي هتي پاڪستان ۾ پت ڪوڪلي ٿي آهي، اهڙيءَ طرح سوشلزم جو نالو بہ بدنام ٿيو آهي. مزدور، هاري، خانہ‌بدوش، ميربحر، مالدار ماڻهو ساڳيءَ طرح روھ رلا ۽ مٽي ڪلا واريءَ حالت ۾ آهن.

سنڌ ۾ بهاري، پنجابي ۽ پٺاڻن کي آڻي وسايو پيو وڃي. اسان جهڙن سنڌ جي نالي وٺڻ وارن ۽ ان جي حقن جي گفتگو ڪرڻ وارن کي نظربند يا جيلن ۾ رکيو وڃي ٿو. مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد موجن ۾ آهن. اسان جي موجوده وزير اعظم مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي اهڙي رڳ سهي ڪئي آهي، جو هو جنهن وقت ناراضپو ڏيکارين ٿا، تہ بعضي ڪشمير جو نالو، بعضي اسلامي نظام حڪومت جو ڏوڪو، بعضي ڀارت کان خطري جو آڌار، بعضي افغان دشمني، بعضي علائقہ پرستيءَ جي روپ، ۽ بعضي پاڪستان جي يڪجهتيءَ جي نالي ۾ هنن جي خوشامد ڪري ٿو. يا مائٽيءَ جو ننگ وجهي، خوش ڪري ڇڏي ٿو. پر سنڌين جي حالت هيءَ جو سنڌي وزير اعظم جي هوندي بہ ڪسمپرسيءَ واري آهي. سچ تہ- "پنهنجي ڪئي جو نہ ويج نہ طبيب ٿيندو آهي."

## (٣) اسلامي نظام حڪومت جو ڏوڪو

مسلمانن کي الله ۽ رسول جي نالي جو اول کان وٺي اهڙو نشو پياريل آهي، جو ڪو بہ ننگ اهي نالا وٺي، کين بيوقوف بڻائي، ڦري سگهي ٿو. نشي پيٺ ڪري دماغ سالم نٿو رهي، جو ٻري ڀلي جي تميز ڪري سگهجي. انهيءَ مذهب جي نالي ۾ ٽي اول خليفا قتل ڪيائون. امام حسين عليہ السلام کي شهيد ڪيائون، درويشن ۽ ولين کي قتل ڪيو ويو، تہ بہ مسلمانن کي سمجھ نٿي اچي. اڄ تائين هر ملا، پير انهن جي اڪثريت هر حاڪم اڳيان وڪامڻ لاءِ پئي تيار رهي آهي.مولوي شبير احمد عثماني مرحوم، مولوي احتشام الحق ۽ مولوي عبدالحامد بدايوني جنلم صاحب جي نعل بندي ڪري، ماڻهن کي گمراھ ڪرڻ جا ڪارڻ بڻيا.

ملڪ جي پيرن ۽ درويشن جا سجاده نشين، جن ماڻهن کي صحيح اخلاق ۽ محبت

هنن کي تاريخ مان سبق پرائڻ گهرجي. پر جيڪڏهن هو بہ اسان وانگر بي وقوف بنجڻ لاءِ تيار ٿيندا، تہ پوءِ خدا واهي اٿن.

## (۴) نظريي پاڪستان جو ڌوڪو:

پاڪستان جي مسلمانن کي جو چوٿون ڌوڪو، ڏيئي بي وقوف بنائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، سا اها هئي تہ هندستان جا رهاڪو مسلمان، مذهب اسلام کي مڃڻ ڪري عقيدي ۽ عمل جي بنياد تي هندستان جي ٻين ماڻهن کان علحده قوم ٿي پيا هئا، انهن کي جدا وطن کپي، جنهن ۾ هو پنهنجي نقطي نگاهہ موجب حڪومت هلائي زندگي بسر ڪن.

اها ڳالهہ ڪنهن بہ مسلم ملڪ ۾ پايہ تڪميل تي پهچي نہ سگهي آهي. اڻ سڌيءَ طرح سان اُن تجويز جي پويان پئن اسلامزم جو فرسوده نظريو ڪم ڪري رهيو آهي، جو تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي کوٽو سکو ثابت ٿي چڪو آهي. پر پوئتي پيل ماڻهن ۽ ملڪن جو دستور ٿيندو آهي تہ ڪم مايگيءَ ڪري هو نيلامي ڪپڙا وٺي استعمال ڪندا آهن، جي ٻين ملڪن جي ماڻهن ڇوڙي، پراڻا ڪري، ۽ زماني جي فيشن کان نڪتل سمجهي، ڦٽا ڪري ڇڏيا هجن.

اهڙيءَ طرح اهي ماڻهو مختلف نظرين ۽ علمي مسئلن ۾ بہ ترقي يافتہ ملڪن ۾ ڪتب آئي ڦٽا ڪيل نظريا حاصل ڪري انهن کي نوان ظاهر ڪري پنهنجي ملڪن ۾ ڪتب آڻي آزمائيندا آهن. ان جو مثال اهڙو ٿيندو آهي جهڙيءَ طرح هڪ چور شاعر ٻين شاعرن جي خيالن ۽ نظمن مان چوري ڪري، ان ۾ ڪجهہ پنهنجون مصراعون ڳنڍي، ڪجهہ قدر انهن کي نئون ڪري، ماڻهن اڳيان پنهنجو شعر ڪري پيش ڪندا آهن. مڪاني ماڻهو ٻاهرين شاعرن جي خيالن ۽ شعرن کان اڻ واقف هوندي، ان کي نئون سمجهڻ لڳندا آهن.

برصغير هند ۾ جڏهن مهاجر پنجابي مستقل مفاد مسلمانن پنهنجي مفادن کي خطرو ڏٺو، تہ اُن جي بچائڻ لاءِ اُنهن نوان حيلا هلايا، جن لاءِ هنن ٻن ماڻهن کي ڪتب آندو. هڪ علامہ اقبال ۽ ٻيو محمدعلي جناح. ڀرئين نطشي ۽ زردشت جي نظرين کي اسلامي لباس ڀرائي، ان مطابق هندستان جي مسلمانن کي مذهبي عقيدن ۽ عمل جي آڌار تي، هندستان جي رهاڪن کان علحده قرار ڏيئي، جدا وطن جي گهر ڪرائي. ٻئي ماڻهوءَ اقتدار جي لالچ ۾ اچي، ان جي حصول لاءِ سياسي طرح انگريز سامراج جي مدد سان ان کي حاصل ڪري، ملڪ ورهائي پنهنجي سلطنت قائم ڪئي.

عام ماڻهو تہ اڻ ڄاڻ هئا، تن کي پتو نہ پيو تہ اهڙيءَ طرح قومن جا تجربا دنيا ۾ آزمائش بعد ناڪامياب ٿيا هئا، تنهڪري انهن کي ٻيهر آزمائڻ غلط هو. پر اسانکي جن کي ڪجهہ تاريخ جو علم هو، تن بہ جذبي ۽ رد عملي جي ماتحت، مذهبي پروپيگنڊا سبب، ڌوڪي ۾ اچي، انهن جي پوئلڳي ڪئي. نتيجو اکين آڳيان آهي. ڪروڙها ماڻهو وطن کان بي وطن ٿيا، اربن روپين جي ملڪيت تباهہ ٿي، لکين عورتن جي بي

هن وقت مسلمان ملڪن مان ڪي طبقاتي مفادڪري اڳي ئي آمريڪا جي اشاري تي روس ۽ ڪميونسٽ ملڪن سان ڦٽايو ويٺا آهن.

باوجود ان جي آمريڪي سامراج مٿن اعتبار نہ ڪري، اسرائيل جو تسلط مٿن مڙهي ڇڏيو آهي. هاڻ اهي ماڻهو عربن خلاف آمريڪا کي تيل ۽ اڏا ڏئي، هٿيار وٺي، پاڻ کي مضبوط ڪري، پنهنجي ننڍين قومن مٿان پنهنجي سامراج کي مضبوط ڪرڻ گهرن ٿا. خبر نہ آهي پارت جهڙي طاقتور ۽ وڏي ملڪ سان دشمني ڪرڻ مان هنن کي ڪهڙي فائدو حاصل ٿيندو! هي پاڪستان جا سامراجي ڪشمير وغيره جو صرف عوام کي ڏوڪو ڏيئي رهيا آهن. هنن جو اصل مقصد هن باقي بچيل پاڪستان ۾ سنڌين، بلوچن، ۽ پختونن جي آزاديءَ جي تحريڪن کي دٻائڻ لاءِ آمريڪا ۽ ٻين ملڪن کان مختلف بهانن تي هٿيار وٺڻ آهي. تنهنڪري ملسمان ملڪن کي هنن جي مذهب جي نالي ۾ گڏ ٿيڻ جي تحريڪ کان پاسو ڪرڻ گهرجي، نہ تہ هي پاڻ تہ تباهہ ٿيڻ کي ويجها اچي بيٺا آهن. پر ڪين بہ تباهہ ڪرائيندا.

عربن کي هن وقت يهودين جي ڪارگذارين ڪري شدت سان غصو آهي. تنهنڪري هو هنن ڏوڪيبازن جي ڪوڙيءَ همدرديءَ کي سچائي نٿا سگهن. ليڪن اڳتي هلي، تجربي بعد پاڻهي کين پتو پوندو تہ هي يهودين کان بہ زياده خطرناڪ هئا.

## (٥) غلبہ اسلام جو ڏوڪو.

اهي الفاظ بہ نهايت فريبڪن آهن. اسلام ۽ موجوده مسلمانن کي هم معنيٰ بنائڻ نهايت غلط ٿيندو. موجوده دور جي ڪثير تعداد مسلمانن کي صحيح مسلمان تصور ڪري، انهن جي اتحاد کي غلبي اسلام جو نالو ڏيڻ نهايت بي معنيٰ ۽ غلط ڳالهہ ٿيندي.

مسلمان ملڪن جا رهاڪو مغربي قومن جي مقابلي ۾ هر ڳالهہ ۾ پوئتي پيل آهن.

مسلمان نالي هيٺ آيل ملڪن کي اسلام جو علمبردار سڏڻ اهڙو آهي جهڙو هڪ بداخلاق ماڻهوءَ کي صرف نالي ۾ مسلمان هئڻ ڪري اسلامي قوم جو نمائندو سڏڻ، يا پيُنءِ صاحب کي مسلمان جي گهر ۾ پيدا ٿيڻ ڪري اسلامي اصولن جو نمائندو سمجهي، هن جي هٿان اسلامي اصولن جي سربلند ٿيڻ جي اميد رکڻ.

اسلام چند عالمگير فطري اصولن جو مخزن آهي، جنهن جا بنيادي مقصد انسانذات ۾ محبت ذريعي اتحاد پيدا ڪري، بدامني دور ڪري، امن قائم ڪرائي، مادي، ذهني ۽ روحاني قدرن جي ترقيءَ لاءِ راهہ هموار ڪرڻ آهي.

انهيءَ نقطي نگاهہ کي مڃڻ وارا مشرق خواه مغرب ۾ ٿورا ماڻهو ليندا. پر جيڪي بہ آهن، سي سڀ اسلام جا پيروڪار سمجهڻ گهرجن. دنيا باوجود ڪيترين مشڪلاتن جي مٿي ذڪر ڪيل اسلامي اصولن طرف وڃي رهي آهي. قومن جو "اقوام متحده" جي

نالي ۾ باهمي سمجهوتو ۽ امن ۽ ترقيءَ لاءِ لهڻ، بقائي باهمي اصول ۾ اعتماد رکڻ، باهمي تعاون سان گڏجي انساني ارتقا لاءِ ڪم ڪرڻ آهي سڀ اسلامي اصولن طرف وڌڻ جا عملي ثبوت ۽ نشان آهن.

تنهنڪري اسلام جي دلدادن کي هيءَ ڳالهه ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته موجوده مسلمان ۽ اسلام هڪ ڳالهه نه، پر ٻه جدا حقيقتون هئا. اسلامي اصولن جو غلبو جدا ڳالهه آهي ۽ نالي ۾ مسلمان اڪثريت وارن مسلمان ملڪن جو اتحاد ۽ غلبو جدا ڳالهه آهي. اسلام جي صحيح اصولن جي دنيا ۾ شروعات ٿي چڪي آهي، جنهن جا حامي مسلمانن کان وڌيڪ غير مسلم ماڻهو هئا. مسلمان ملڪن ذريعي اسلامي اصولن جي فروغ ۽ واڌاري جو خيال رکڻ بي معنيٰ ۽ ناممڪن آهي. خلافت اسلام- پئن اسلامزم- نظام اسلامي- جهاد في سبل الله جا سڀ نظريا تاريخ جي تجربي ۾ فرسوده ۽ غلط ثابت ٿيا آهن. هاڻي دنيا جي موجوده حقيقتن مطابق اسلام جي محبت کي ان جي نئين سر تعبير ڪري، نون بنيادن تي ان جي تعمير ڪرڻي آهي، جن جا مکيه طريقاهيئيان ٿي سگهن ٿا:

(١) مذهب ۽ سياست کي علحده ڪري هلائڻ گهرجي، ٻنهي جي گڏڻ سان نقصان هو.

(٢) مسلمان جي شناخت سندس عقيدن ۽ عملن جي صلاحيت مطابق ڪرڻ گهرجي، يعني هر خدا کي مڃيندڙ صالح، انسانذات جي روشن مستقبل لاءِ ڪم ڪندڙ ماڻهوءَ کي مسلمان سمجهڻ گهرجي. پوءِ ظاهري طور هو ڪنهن به مذهب سان واسطو رکندڙ هجي ۽ نالو ڪهڙو به هجيس.

(٣) پاڪستان ۾ پنجابي مهاجر مستقل مفاد سامراج جي تسلط هيٺ آيل قومن، جهڙوڪ سنڌي، بلوچي، پختون ۽ پنجابي قومن کي موجوده مستقل مفاد جي استحصال کان آزاد ڪرائڻو آهي.

(٤) مغربي سامراجي قومن جي سياسي ۽ اقتصادي استحصال مان آزاد ٿيڻ لاءِ ايشيا، آفريقا، ڏکڻ آمريڪا جي مظلوم ماڻهن ۾ اتحاد آڻي، دنيا جي تعمير نو لاءِ ڪم ڪرڻو آهي.

(٥) مغربي تهذيب جي نشاط ثانيه جو مرڪز روس کي، مغربي ملڪن جي شموليت سان، سمجهڻو آهي؛ ۽ مشرقي تهذيب جي نشاط ثانيه جو مرڪز ڀارت کي ڄاڻي، سنڌ، ايران ۽ عرب ملڪن جي شموليت سان شمار ڪرڻو آهي.

انهن ٻنهي تهذيبن جي امتزاج سان دنيا جي پوئتي پيل ملڪن جي ترقيءَ ۽ تعميرنو نو لاءِ قدم کڻڻا پوندا.

غلام مرتضي [1]
١٩٧٥ - ٤- ٢٢

# سائين جي-ايم-سيد جون تحريرون
(پاڳو پهريون)

⑤

# پاڪستان...

- پيش لفظ
- پاڪستان غلط بنيادن تي برپا ڪيل هو.
- تواريخي حقيقتن جي خلاف آهي.
- ان جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ پهتل نقصان.
- سامراجي سازشن جو اڏو ٿي ڪم اچي ٿو.
- مذهب کي نقصان پهچي رهيو آهي.

[۱۹۸۴ع]

# پيش لفظ

پاڪستان کي ٺهڻي ٣٧ سال ٿيا آهن. ان جي ٺاهڻ ۾ مون به هڪ حد تائين حصو ورتو . پر جهڙن آسرن ۽ اُميدن تي اُهو برپا ٿيل هو، سي سڀ تجربي جي بنياد تي غلط ثابت ٿي چڪيون آهن.

هاڻ آئون اُن نتيجي تي پهتو آهيان ته اهو تجربو ناڪامياب ٿيو آهي. جيڪڏهن اُن کي گهڻي وقت تائين هلايو ويندو ته مُلڪي رهاڪن جي تباهيءَ جو ڪارڻ بنبو. انڪري ڪلي طرح ظاهر ڪرڻ گهرجي ته، ان کي ڏاهي پارٽ سان ڪنهن بنياد تي شامل ڪرايو وڃي. پر جنهن صورت ۾ اها ڳالهه اهل پنجاب جي مفاد جي خلاف ٿيندي، تنهنڪري اهي ڪنهن به صورت ۾ ان کي ڏاهڻ ۾ رڪاوٽ وجهندا.

بنگال ان پنجوڙ مان جان ڇڏائي چڪو آهي. بلوچستان ۽ پختونستان وارن به ان جي ڏاهڻ لاءِ ڪوششون پئي ڪيون آهن. هاڻ رهيو آهي سنڌ جو حصو، جنهن کي ڪالونائيز ڪري استعمال ڪرڻ لاءِ هر طرح جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. ان ڪري مون مناسب سمجهيو ته سنڌ جي رهاڪن اڳيان ان مسئلي تي روشني وجهي، ڪين عرض ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هو سنڌ جي گڏريل پنج هزار ورهين جي تاريخي ملڪ، قوم، تهذيب تمدن، اقتصادي ۽ سياسي مفاد کي بچائڻ گهرن ٿا ته هو ان مسئلي تي پوريءَ طرح غور ڪري ان مصيبت مان پاڻ کي آزاد ڪرائين، انڪري هي ڪتاب لکي رهيو آهيان.

هيءُ ڪتاب پنجن بابن تي مشتمل آهي، جنهن جو مفصل ذڪر هر هڪ باب ۾ ڏنو ويندو پر هتي هي ظاهر ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته پاڪستان جو قيام سامراجي طاقتن جي ايجاد ڪيل نظرين مطابق وجود ۾ آيو آهي. ان لاءِ اوائلي بنياد رسول اڪرم جي وفاتيءَ بعد حضرت عمر عرب سامراج قائم ڪرڻ لاءِ وڏو جنهن مذهب ۽ سياست کي گڏي، اسلام ۾ چار بدعتون داخل ڪيون.

پهرين بدعت خلافت جو ادارو هو، جنهن جو نه قرآن ۾ ذڪر ڪيل آهي ۽ نه رسول مقبول ان لاءِ ڪا صريح وصيحت ڇڏي هئي. مسلمانن ۾ اوائلي اختلاف خلافت جي نالي ۾ پيو. اهي ٻن فرقن ۾ ورهائجي ويا، هڪ سني ٻيا شيعا. مون پنهنجي ڪتاب " سنڌوءَ جي ساڃاهه " ۾ اڳيئي ڄاڻائي ڇڏيو آهي ته مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ غلط هو. ڪامياب سياست مذهب جي اصولن ۾ ڪمپرومائيز آڻڻ سان عمل ۾ ايندي آهي.

## مذهب جا بنيادي متا:

محبت انساني، امن عالم ۽ ترقي بني نوع انسان تين تا. سياست جو مقصد، حڪومت قائم ڪري ملڪ جو نظم نسق هلائڻ ٿئي ٿو . محبت ۾ زور زبردستي ڪتب نہ آڻبي آهي.

قرآن جو صريح حڪم (لاڪراه في الدين). دين ۾ زور زبردستي نہ هوندي آهي. ان ڳالھ جي شهادت ڏئي ٿي تہ مذهب ۾ زور زبردستي نہ هلائبي آهي.

ملڪي حڪومت سواءِ زور زبردستيءَ جي هلي نہ سگهندي، تنهنڪري ٻئي ڳالهيون هڪ ٻئي جي متضاد آهن.

زور زبردستيءَ جي عدم موجودگي سواءِ اهنسا جي وجود ۾ اچي نہ سگهندي.

عربن جو معاشرو بدويانہ هو. ان ۾ ماڻهو جانورن وانگر زور زبردستيءَ سان درست ٿي سگهيا ٿي. ان ڪري حضرت عمر ڪي عرب سامراج قائم ڪرڻ لاءِ مذهب ۽ سياست کي گڏڻ ڪري زور زبردستي استعمال ڪرڻ جي بدعت داخل ڪرڻي پئي. جنهن جي نتيجي ۾ خلافت جو ادارو قائم ڪيائين.

ان ڪري جهاد ( زور زبردستي ) استعمال ڪرڻ جو جواز مذهب ۾ داخل ڪرڻو پيو. جو قرآن جي حڪم جي صريحاً خلاف هو .

ٻي ڳالهہ جا ايجاد ڪئي وئي سا دين فطرت کي مڪمل دين ڪري ظاهر ڪرڻو پيو. اسلام دين فطرت هو. فطرت قانون ارتقا کي سڏبو آهي، جنهن مطابق ڪابہ ڳالھ يا شيءِ مڪمل نہ ٿئي ٿي. وهندڙ دريا وانگر اها روان ۽ دوان هوندي آهي. ان کي ڪن حدن ۾ محدود ڪرڻ قانون فطرت جي خلاف ٿئي ٿو.

انڪري ڪنهن قانون کي مڪمل ۽ دائمي سڏي، ان کي هر دور ۽ زماني لاءِ مروج ڪرڻ جو نظريو غلط هو. ان کي مڃڻ ڪري ان قانون کي زور سان رائج ڪرڻ جو دستور پوي ٿو. تاريخ ان لاءِ شاهد آهي تہ ڪنهن شريعت يا قانون کي مڪمل سڏڻ ڪري ان کي رائج ڪرڻ لاءِ زور زبردستي ڪتب آڻڻي پوي ٿي .

مذهب بنيادي طرح محبت تي مدار رکڻ ڪري زور زبرستيءَ جي مخالفت ڪري ٿو. سنڌ جي بزرگن ان ڳالھ کي پوري طرح سڃاڻي چئي ڏنو تہ:

" عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ"
(مصري شاھ)

پر عربن جو معاشرو ان ڳالھ جو حامل نہ هو. انڪري انهن مذهب ۽ سياست کي گڏي سندن مفاد لاءِ وقت جي تقاضا مطابق ڪتب آندو.

ٽي ڳالھ جا مذهب ڏسي ٿو، سا اها هئي تہ هر ماڻهو ۽ قوم فطري طور آزاد رهڻا

آزاد ٿيڻ بعد ان جا هڏا ڪڏي سمنڊ ۾ اڇلايا وڃن.

جي غور سان نظر ڪبي تہ هو اسلام جي علمبرداريءَ جي لقب جو حقدار نہ آهي پر اسلام جيڪڏهن ڪن اعليٰ اصولن جو حامل آهي تہ انهيءَ ڪسوٽيءَ جي آڌار تي هن کي ڪافر مطلق سڏڻ زياده موزون ٿيندو.

سنڌي هاڻ پاڪستان مان تنگ اچي چڪا آهن. بقول سردار عطاءالله خان مينگل جي "پاڪستان گريٽر" پنجاب جو نالو آهي ۽ ان جي زياده عرصي تائين قائم رهڻ ڪري بلوچ ۽ سنڌي ريڊ انڊين بنجي پوندا.

هاڻ غور ڪرڻو پوندو تہ ان آزار مان ڪيئن جان آزاد ڪرائجي. پنجابي ٢٠ لک لشڪر واري جديد اسلح جا حامل آهن. جن کي مغربي طاقتن پنهنجي تيل ۽ واپار جي مفاد خاطر مسلح ڪيو آهي. جن ڪان سنڌي ۽ بلوچ پنهنجي گهٽ تعداد. اسلح جي عدم موجودگيءَ جي ڪري وڏهي آزادي وني نہ سگهندا. تنهنڪري جيڪڏهن عدم تشدد جي اصولن تي هلندي پاڪستان جي ختم ڪرڻ لاءِ ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪن تہ امڪان آهي تہ اهي پاڪستان جي پنجوڙ مان آزاد ٿي سگهن. پر اها ڳالهہ صاف ذهن ۾ وهارڻ جي لائق آهي تہ هن وقت دنيا ۾ ٻہ مخالف طاقتون نبرد آزما آهن.

هڪ طرف مغربي سرمائيدار ملڪ آمريڪا جي سربراهيءَ هيٺ آهن ٻئي طرف ڪميونسٽ ملڪ روس جي اڳواڻيءَ هيٺ مظلوم ملڪن جي مدد سان برسر پيڪار ٿيڻ وارا آهن.

چوڻي آهي تہ:

"وڙهن ڇور، پلو ٿئي پاڳين جو"

ڀارت جو ملڪ تواريخي حقيقتن جي پيداوار آهي. ان جي اتحاد لاءِ هڪ طرف اشوڪا. وڪرما جيت. اڪبر اعظم ۽ برٽش سرڪار متحد ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون.

ٻئي طرف ڪرشن مهراج مهاتما ٻڌ. مهاوير. خواجہ معين‌الدين اجميري. گرونانڪ. راجا رام موهن راءِ. ڪبير ڀڳت. شاهہ عنايت. شاهہ لطيف. سچل سرمست. سامي وغيره ڪوششون ڪيون. جي تاريخ جو جزو بنجي چڪيون آهن. انڪري هاڻ اسان کي شاهہ لطيف جي چوڻ مطابق:

پورب مارياس. ڪنهن در ڏيان دانهڙي؛
متيون ڏيندي لوڪ کي؛ چري آءٌ ٿياس.
جنين نہ جيهاس. مون لنو لڳي تن سان.
(شاهہ)

ڀارت سان الحاق ڪرڻ لازمي آهي. ڀارت هن وقت مرڪزيت کي زور ولائڻ ڪري تڪليفن ۾ مبتلا آهي. اڳتي هلي هن کي ڪنفيڊريشن جي بنياد تي مختلف زبانن ۽ تهذيبن جي ماڻهن کي ڪم وبيش برٽش ڪئبينيٽ مشن جي بنياد تي گڏي هلائڻو

پوندو ۽ بلوچن ۽ سنڌين کي آزادي حاصل ڪرڻي پوندي.

اهل بنگال ڀارت سان ٻچاءُ جو سمجهوتو ڪري ڪانسواءِ جا آزادي ورتي سا ديرپا ٿي نہ سگهي. هاڻ اسان کي وري ڀارت جي مدد سان آزادي حاصل ڪرڻي پوندي، ايرندي بنگال بہ آزادي ڀارت ۽ روس جي مدد سان ورتي، امريڪا ۽ ان جا مددگار ملڪ پنهنجي اقتصادي، تجارتي ۽ تيل جي مفاد خاطر ڀارت کي ڪمزور ڪري پنهنجي تابع ڪرڻ گهرن ٿا، جنهن ڪري انهن سکن، جنتا پارٽي ۽ مسلمانن جي هڪ گروهہ جي مدد سان اندروني مخالفت شروع ڪرائي آهي.

اسان کي ذهن صاف رکڻا آهن. هن جديد دور ۾ مذهب کي سياست جو جزو ڪري هلائڻ ناموزون آهي.

مونکي نهايت افسوس سان ظاهر ڪرڻو پوي ٿو تہ ڪميونزم، جو قومن جي حق خودارادي جو قائل آهي، ان جي ڪن ڪارڪنن کي سنڌ ۾ اهل پنجاب لالچ ۽ مدد ڏئي، سنڌ جي آزاديءَ جي راهہ ۾ اختلاف پيدا ڪري ڇڏيا آهن. ون يونٽ پيري اهل پنجاب جي سوشلسٽ ڪارڪنن کي راضي ڪرڻ لاءِ روس وارن ون يونٽ جي حمايت ڪئي.هاڻ اهل پنجاب جي لشڪري طاقت ۽ تعداد جي گهڻائيءَ کي مدنظر رکي پنهنجي اصولن موجب ننڍين قومن جي حق خوداراديءَ جي حمايت نٿا ڪن.

ٻئي طرف هندوستان هڪ طرف صنعتي ملڪ هئڻ ۽ اندروني اختلافن ڪان ٻڌجي پر وارن ملڪن سنڌ ۽ بلوچستان جي حق خوداراديءُ لاءِ مدد ڪرڻ تي رضامند نٿو ٿئي. ان ڪري اسان جي حالت نازڪ آهي.

اهل پنجاب کي سنڌن ملٽري سول سروس ۽ تعداد جي آڌار تي، جو گهمنڊ آهي، انڪري کين عقل اچڻ جو امڪان گهٽ آهي. اسان سنڌ واسين ۽ بلوچن لاءِ بہ رستا رهيل آهن، يا تہ مات ڪري پنجاب سامراج جي ڪالونائيزيشن جي زد ۾ اچي ريدانديں بنجي وڃون يا عوام کي سنڌن مستقبل جي خطرن ڪان آگاهہ ڪري، پنجابين جي پنجوڙ مان آزاد ڪرڻ لاءِ راهہ هموار ڪريون.

هي ڳالهيون ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي تہ تشدد جي پاليسي اسان لاءِ خودڪشيءَ جي برابر ٿيندي، هڪ تعداد ۾ گهٽ، پاڻ ۾ قومي شعور جي گهٽتائي، عوام ۽ خاص خود مطلبيءَ جي مرض ۾ مبتلا هئڻ ڪري ملڪ ۽ قوم جي گڏيل آزادي لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي راز ڪان واقف نہ ٿيا آهن.اسان کي اسلام جي غلط تشريح يا سوشلزم جي ٽراٽسڪيءَ واري پاليسي ڪان پاسو ڪرڻ گهرجي.

دنيا ۾ هن وقت ٻن وڏين طاقتن جي وچ ۾ اقتدار لاءِ جنگ هلندڙ آهي، جن ۾ نظرياتي ۽ اقتصادي مفادن ڪري ترت سمجهوتو ٿيڻ جو امڪان نظر نٿو اچي، ان ڪري جنهن صورت ۾ سرمائيدار سامراج جي مفاد ۽ اشتراڪي طاقت جي اختلافن جي وچ ۾ سمجهوتي ٿيڻ جو امڪان گهٽ آهي. ظاهر ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ ڀارت ۽ روس هڪ طرف ۽ سرمائيدار ملڪ ٻئي طرف تصادم ۾ اچڻ وارا آهن، اسان کي موقعي جو انتظار ڪرڻ گهرجي پوءِ روس ۽ ڀارت جي مدد سان پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻي پوندي.

هيءَ ڳالهه صاف سمجهي ڇڏڻ گهرجي ته عام نوجوان جو ڪميونسٽ ملڪن جي لٽريچر کي پڙهندي گوريلا جنگ ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن، سا ڳالهه خودڪشيءَ جي مترادف ٿيندي اسان تعداد ۾ ٿورا آهيون، اجا پر وارا ملڪ پارٽ ۽ روس پنهنجي سياسي مفاد خاطر اسان جي مدد لاءِ تيار ڪونه ٿيا آهن، بلڪ پنهنجي مشڪلاتن ۾ ڦاٿا پيا آهن.

تنهنڪري حال قومي سياسي شعور پيدا ڪرڻ ۽ شخصي مفاد تي قومي مفاد کي ترجيح ڏيڻ ۽ پاڪستان کي زهر قاتل سمجهڻ لاءِ پرچار ڪرڻ طرف توجهه ڏيڻ گهرجي. آزادي حاصل ڪرڻ کان اڳ اسلام ۽ سوشلزم جي ڏوڪن کان خبردار رهڻ گهرجي.

سن، سنڌ
۱۹۸۴ع

غلام مرتضيٰ

## باب اول

# پاڪستان جو وجود غلط بنيادن تي برپا ڪيل هو

جي چٽائي ڏسبو ت پاڪستان قائم ڪرڻ لاءِ جي اُصول ۽ دليل پيش ڪيا ويا سي ڪم و بيش هينيان هئا.

١- پاڪستان جا مسلمان جُدا قوم هئا ۽ اتي جا رهاڪو هڪ قوم هئا.

٢- اسلام دين مڪمل هو ۽ ٻين دينن کان علحده ۽ برتر هو.

٣- مسلمان ملڪن جي اتحاد لاءِ پاڪستان جو وجود ڪارگر آلهڪار هو.

٤- پاڪستان جي حڪومت دنيا جي جديد ترقي پسند سياسي نظرين جي خلاف اسلامي نظريہ حڪومت موجب هلائڻ گهرجي.

٥- جمهوريت جي خلاف آمرانہ حڪومت زياده ڪارگر ثابت ٿي آهي.

مون پنهنجي مختلف ڪتابن ذريعي اڳيئي ظاهر پي ڪيو آهي ت اُهي پنجئي نظريا غلط هئا. جي اهل پنجاب ۽ مهاجر طبقي پنهنجي طبقاتي ۽ سياسي مفاد لاءِ ايجاد ڪري ننڍين قومن جهڙوڪ سنڌين، بلوچن ۽ پختونن کي پنهنجي تسلط ۽ استحصال لاءِ ايجاد ڪيا هئا.

جنهن صورت ۾ پڙهندڙن لاءِ منهنجي سيني ڪتابن جن ۾ انهن ڳالهين جو تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي، پر حڪومت جي پاليسيءَ ڪري گهڻن ڪتابن جي ضبط ٿيڻ يا ناياب ٿيڻ ڪري پڙهڻ مشڪل آهي. ان ڪري ناظرينن جي سهوليت خاطر مختصر طورتي ذڪر ڪيل اصولن تي دليل ڏئي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ت ڪهڙي طرح اهي ذڪر ڪيل بنيادي اصول غلط بنيادن تي تعمير ٿيل هئا.

## ١ - پاڪستان جا مسلمان هڪ قوم نہ هئا.

قوم جو جديد ترين تخيل پنجن اصولن تي ٻڌو وجي ٿو. جنهن کي اقوام متحده بہ قبول ڪيو آهي.

قوم لاءِ هڪ جاگرافيائي ملڪ، هڪ زبان، ساڳيا تاريخي روايات، هڪ ڪلچر، ساڳيا سياسي ۽ اقتصادي مفاد ٿين ٿا.

پاڪستان جا مسلمان انهيءَ نقطہ نگاهہ کان هڪ قوم نہ هئا. موجوده چئن صوبن وارو پاڪستان جاگرافيائي طور ڪڏهن بہ هڪ ملڪ ٿي نہ رهيو آهي، بيو ان ۾ سنڌ، پختون ايريا، پنجاب، بهاولپور، بلوچستان جدا جدا جاگرافيائي ملڪ پي رهيا آهن. انهن ۾ زبانون بہ علحده ڳالهايون وڃن ٿيون. انهن جا تاريخي روايات علحده رهيا آهن.

**سنڌ** گذريل پنجن هزارن سالن کان جاگرافيائي حدن جي حوادث زماني ڪري گهٽ وڌ ٿيڻ جي باوجود پنهنجو علحده وجود قائم رکيو پئي آئي آهي. جنهن جي زبان، روايات، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جدا پي رهيا آهن.

اهڙيءَ طرح پختون ايراضي پڻ جاگرافيائي حدن جي گهٽ وڌ ٿيڻ جي باوجود زبان، روايات، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جدا پي رکيا آهن. جنهن ايراضي کي پنجاب سڏيو وڃي ٿو، اهو مغلن ۽ سکن جي ڏينهن ۾ موجوده ايراضيءَ تي مشتمل هو. ليڪن ان ۾ جدا زبانون پنجابي، پوٺواري، هندڪو ۽ سرائڪي رائج پي رهيون آهن. هنن انهن کي ڇڏي مهاجرن جي زبان اردو کي قومي زبان بنايو آهي. جا عام ماڻهن جي زبان نہ پي رهي آهي. بهاولپور کي هن وقت پنجاب جو حصو بنايو ويو آهي ليڪن اهو ملڪ دائود پوٽا بهالپور رياست تي مشتمل هو. ان جي زبان سرائڪي هئي، ان جا عام ماڻهو ان کي گهڻي وقت کان جدا سرائڪي صوبو بنائڻ جي فائدي ۾ پي رهيا آهن پر پاڪستان تي پنجابي تسلط قائم ٿيڻ ڪري اهل پنجاب انهن جي مٿين طبقي کي هيسائي ۽ ڀڄاري پنجاب جو حصو شمار ڪرڻ جو آواز ڪڍائي رهيا آهن.

**بلوچستان** ۾ ٽي زبانون رائج آهن. بلوچي، پختون، سنڌي. پرزوريءَ انهن تي اردو زبان مڙهي ويئي آهي. انهن جا ڪلچر، تاريخي روايات ، سياسي ۽ اقتصادي مفاد علحده پي رهيا آهن. هنن سندن آزاديءَ لاءِ ڪيترا دفعا جدوجهد ڪئي آهي اجا تائين هو پنهنجي جداگانہ حيثيت جي قيام لاءِ ڪوشان آهن.

**پختون قوم** سان ظلم اهو ڪيو ويو آهي تہ انهن کي صوبہ سرحد، پنجاب، بلوچستان، افغانستان ۽ آزاد علائقي ۾ ورهائي ڇڏيو ويو آهي، هو جدا زبان، روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جا مالڪ آهن. هنن منهنجي آزاديءَ لاءِ ڪيئي دفعا ڪوششون ڪيون آهن. تنهنڪري انهن کي مسلم قوم جو حصو سڏي پاڪستان ۾ پنجاب جي غلبي هيٺ رکڻ غلط آهي.

جيڪڏهن مسلمان هڪ قوم آهن تہ ساري دنيا جا مسلمان هڪ سمجهڻ گهرجن. پر تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ اهي هڪ قوم رهيا آهن. انهن پاڻ ۾ جنگيون ڪيون آهن، هڪ ٻين جا خون وهايا آهن. هن وقت بہ پنجابي، سنڌين، بلوچين ۽ پٺاڻن کي غلام رکيو ويٺا آهن. ايران ۽ عراق جنگ ۾ مشغول آهن. پاڪستان ۽ افغانستان هڪ ٻين جي خلاف آهن. انهن کي هڪ قوم سڏڻ تواريخي حقيقتن جي خلاف ٿيندو.

## ٢ - اسلام دين مڪمل هو ۽ اهو ٻين دينن کان علحده ۽ برتر هو.

اها ڳالھ اسلام جي بنيادي اصولن جي خلاف هئي. اسلام دين فطرت هئڻ جي حالت ۾ هميشہ ارتقاءَ ۾ رهڻو هو. هن ۾ روز نوان نياپا اچڻا هئا.

اسلام جي نالي سان جيڪو دين سڏيو وڃي ٿو ان ۾ هن وقت اٽڪل ٣٥ فرقا پيدا ٿي چڪا آهن جن ۾ هڪ ناجي ٻيا سڀ ناري سڏ جڻا هوا.

هڪ حديث مطابق اسلام ۾ ٧٦ فرقا پيدا ٿيڻ وارا هئا جن ۾ هڪ ناجي هوندو ۽ ٻيا ناري هوندا.

اسلام بابت مون پنهنجي ڪتاب "سنڌوءَ جي ساڃاه" ۾ ڄاڻايو آهي تہ اسلام دنيا جي جملي دينن جي ڪثرت پويان وحدت جو پيغام کڻي آيو هو. انکي جدا دين ڪري مڃڻ دين فطرت جي بنيادي اصول جي خلاف هو. مسلمانن کي سڀني دينن کي حق تي مڃڻو هو. انهن جي تعليم ۽ پيغامبرن ۾ تفاوت نہ ڪرڻو هو. جهڙيءَ طرح ٻين دينن جون شريعتون ۽ قانون معاشري جي تبديليءَ ڪري منسوخ ٿي وڃن ٿيون، اهڙي طرح اسلام جي اوائلي قانونن ۽ شريعت کي رد سمجهي حالات مطابق بنائڻ لازمي هو. ان جي شريعت هميشہ لاءِ مڪمل سمجهڻ غلط هو. شريعت اسلام جا مُکيہ قانون معاشري جي تبديليءَ ڪري رد ٿي چڪا آهن. اسلام ٦٠ سيڪڙو يهوديت جي دين کان استفاده ڪيو آهي. ان ۾ ٻين دينن جهڙوڪ ڪرسچنٽي، عربن جا قديم دستور، زراشٽرزم، ٻڌازم، هندو وغيره مذهبن جا جزا سمايل هئا.

مُکيہ اُصولن کان سواءِ جيڪي گهڻو ڪري سڀني مذهبن جا ساڳيا ٿين ٿا. شريعتي ۽ فروعي ڳالهيون زماني جي تبديليءَ ڪري بدلجڻ واريون هيون.

اسلام نہ جدا دين هو ۽ نہ ان جو جدا دين سڏجڻ جو مقصد هو . عرب سامراج طرفان ان جي بنيادي اُصولن کي رد ڪري هڪ جدا ۽ مڪمل بنايو ويو هو.

دنيا ۾ ڪابہ شيءِ جدا رهي نٿي سگهي سڀ دين هڪ ٻين کان ڪي ڳالهيون مستعارڪن ٿا ڪنهن دين کي مڪمل سڏڻ جي معنيٰ غلط آهي هر ڳالھ ۾ تبديلي ايندي رهندي، نئين سر نيون ڳالهيون داخل ٿينديون رهنديون.

تنهنڪري ڪنهن دين يا نظريي کي مڪمل يا آخري سڏڻ قانونِ فطرت جي خلاف هو.

مون "سنڌوءَ جي ساڃاه" ڪتاب واري مذهبي باب ۾ ڄاڻايو آهي تہ ڪهڙي طرح مذهبن جي شروعات ٿي ۽ پوءِ انهن جي ترقي ٿيندي آئي. معاشري ۽ زماني جي تبديليءَ ڪري انهن جي شريعتن ۾ تبديلي اچڻ لازمي ڳالھ هئي.

خود اسلام جون بہ جدا حالات موجب عربي، ايراني، يورپي، هندي تشريحون ٿيل آهن. اسلام جيڪا شڪل ۽ صورت سنڌ ۾ اختيار ڪئي هئي اها ستن مختلف مذهبن جو نچوڙ هئي. جهڙوڪ: ١- هندو، ٢- ٻڌ، ٣- جين، ٤- زراشٽرزم، ٥- يهوديت، ٦- عيسائيت، ٧- عرب اسلام. ان ڏس ۾ سنڌي ۽ هندي بزرگن طرفان ڪوششون بہ ٿيل

آهن. سر زمين سنڌ، پنجاب ۽ ٻين هندوستاني ملڪن جي بزرگن ڪثرت مذاهب پويان وحدت جو پيغام پيش ڪيو هو. علامہ اقبال جي اسلامي تشريح فسطائي قسم جي هئي. اسلام جي صحيح تشريح گرونانڪ، خواجہ غلام فريد، بلاشاہ ۽ شاہ باهوءَ جهڙن بزرگن ڪئي هئي.

اقبال نطشي جي تعليم جو پوئلڳ هو. هن جو قول ۽ فعل جدا هئا. هو چڪلائي، زاني، انگريزي سلطنت جو نمڪ خوار ۽ انگريزي تجويز موجب هندستان کي ورهائڻ جو حامي صوفيائي ڪرام جي تعليم کان بي بهره هو. ان ڪري ان جو پيش ڪيل ٻن قومن جو نظريو ۽ مسلمانن جي دنيا جي قومن جي امامت ڪرڻ جي ٻناڪ واهيات ۽ بڪواس هئي. ان جي تشريح کي شهريت صرف ان ڪري ڏني وڃي ٿي جو پنجابي ۽ مهاجر مستقل مفاد جي فائدي وٽان هئي.

# ٣ - مسلمان ملڪن جي اتحاد لاءِ پاڪستان جو وجود ضروري هو.

جيڪڏهن تاريخ تي نظر ڪبي تہ پاڪستان کي انگريزن وجود ۾ انهيءَ ڪري آندو جو هنن کي پارت جي گڏيل طاقت کي ڪمزور ڪري هن خطہ زمين ۾ پنجابي لشڪر جي وفاداريءَ جي پروسي تي هڪ اهڙو ملڪ پيدا ڪرڻو هو جو آئنده هلي سرمائيدار ملڪن جو آلہ ڪار ٿي ڪم اچڻو هو.

مون کي ياد آهي تہ سنہ ١٩٤١ع جي آخر ڏاري جڏهن اتحادين ۽ جرمن جي وچم ٻي مهاپاري جنگ هلي رهي هئي ۽ هندوستان کي انگريزن جو لشڪر ۽ ٻي سامان جو مکيہ اڏو سمجهي هٽلر سويز واھ تي قبضي ڪرڻ جي ارادي سان جنرل رومل هيٺ مصر کي فتح ڪرڻ ۽ فوجون موڪلي لبيا جي طرف کان ڪاھ شروع ڪئي هئي. ان وقت مصر ۾ هندوستاني فوج انگريزن طرفان لڙي رهي هئي، جن ۾ سک ۽ پنجابي مسلمان گهڻي تعداد ۾ هئا. انگريزن هندوستاني لشڪر جو موريل وڌائڻ لاءِ سڪندر حيات خان کي لشڪر جي همت افزائيءَ لاءِ مصر ڏگهرايو هو. مصر وڃڻ کان اڳ هو ڪراچيءَ ۾ صدر اسٽيشن جي پر ۾ ڪارلٽن هوٽل ۾ اچي لٿو هو. اسان کي جڏهن پتو پيو تہ دوستيءَ ۽ واقفيت جي بنياد تي شيخ عبدالمجيد، خانبهادر کهڙو، خانبهادر الھ بخش سومرو ۽ آءٌ کيس ملڻ وياسون. ان وقت مون وزارت تان استيعفا ڏئي جملي مسلمان ميمبرن کي گڏي آل پارٽيز سرڪار ناهي خانبهادر الھ بخش کي وزير مقرر ڪرايو هو.

سردار صاحب کي اها ڳالھ معلوم هئي، ان مون کي چيو تہ "الھ‌بخش کي وزارت ۾ آڻي مسلم ميمبرن جي اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ جيڪو تو ڪم ڪيو آهي سو نهايت عمدو آهي. هاڻ اوهان حسب منشا قانون پلس ڪرائي سگهندا. ائين چئي الھ بخش ڏي مخاطب ٿي چيائين تہ "هاڻ مون وانگر تون بہ مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿي آل انڊيا مسئلن بابت گڏيل ڪم ڪر"

فلسطين جي مسئلي جي نالي ۾ ڪڏهن ڪشمير حاصل ڪرڻ جو آواز اُٿارڻ سان ، ڪڏهين هندوستان جو .خوف ڏيارڻ، ڪڏهن روس جي لادينيت جو خطرو سامهون آڻي حڪومت جي پاليسي هلائيندي آئي. پر آخري ڪوشش هن وقت جنرل ضياءالحق جي دور حڪومت ۾ ڪئي وڃي ٿي. جنهن ۾ اسلامي نظام حڪومت هڪ طرف ، مسلمان ملڪن جو اتحاد ٻئي طرف، آمريڪن بلاڪ سامراج جي اشاري تي افغانستان جي ماڻهن کي مذهب جي نالي روس جي خلاف ڪرڻ ، نماز پڙهائڻ ، دقيانوسي اسلامي قانون ملڪ سان رائج ڪرڻ، هنري دور ۾ وياج کان سواءِ بئنڪون هلائڻ قاضي عدالتون جاري ڪري ماڻهن کي وحشيانه سزائون ڏيارڻ وغيره دستور انهيءَ رائج ڪرايا آهن.

سامراج جو آلہ ڪار ٿي هندستان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪشمير جو سوال، سکن جو سوال، مسلمانن کي هندن خلاف ڪرڻ ۽ جنتا پارٽيءَ جي ذريعي هندستان جهڙي غريب ملڪ ۾ سرمائيداري نظام حڪومت هلائڻ جون سازشون سٽي، حڪومت هلائي ٿو. ان مان دانشورن کي قوي گمان پيدا ٿي رهيو آهي ته هي پاليسي اسلام جي بيخ ڪني ڪري، دهريت طرف ماڻهن کي ڌِڪي پاڪستان کي ختم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندي.

اسان کي پڪ آهي پاڪستان جون حڪومتون آمريڪن سرمائيدارانه بلاڪ جي زير تسلط رهيون آهن، جنهن جو ارادو ڪيپ پارٽ ۽ روس سان تصادم ۾ آڻڻ جو آهي. عرب ۽ ايران ملڪن ۾ اختلاف دور ڪرڻ ان بلاڪ جي مفاد وٽان نه آهي جو ان ڪري سندن ايجنٽ ملڪ اسرائيل ڪمزور ٿيندو ان ڪري نه اسلامي ملڪ ڪنا ٿيڻ وارا هئا ۽ نه اهل پنجاب پنهنجي سامراجي مفاد خاطر سند،بلوچستان ۽ پختونستان سان ظلم گهٽ ڪرڻ وارو هو ۽ نه آمريڪن ان کي هندوستان ۽ روس سان نهڻ ڏيندا تنهنڪري مسلمان ملڪن جي متحد ٿيڻ جو مقصد حاصل ٿيڻ وارو نه هو. امڪان قوي آهي ته، انهن جي اشاري تي هو روس ۽ هندوستان سان تصادم ۾ اچي پاڻ کي به زبون ڪن ۽ ننڍن صوبن جي همدردي به حاصل ڪري نه سگهن. جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان تباهه ٿي ويندو.

## (٥) جمهوريت هن ملڪ لاءِ ڪارگر ثابت نه ٿي آهي تنهنڪري آمرانہ حڪومت هلائڻ گهرجي.

حڪمران طبقو اول ۾ دنيا ۽ هتي جي رهندڙ ماڻهن کي جمهوريت جي نالي جو ڌوڪو ڏئي پرچائيندا آيا پر وقت بوقت ملڪ سان مارشل لا لاڳوڪري آمرانہ حڪومت پئي هلائي آهي.

پهرين بدعت جناح وڌي جنهن هڪ ئي وقت ۾ گورنر جنرل جو عهدو سنڀاليو

خرابي آئي، ملڪ کي جدا ڪرايو.

ليڪن جنهن صورت ۾ باهمي ڪوششون ڳنڍريل پنج هزار سالن جي تواريخ جي فطري ۽ نظرياتي رجحانن جي خلاف هيون، تنهنڪري انهن مان فائدي بدران اڪيچار نقصان ٿيا ۽ امڪان آهي، جهڙي طرح دنيا جون سرمائيدار طاقتون پنهنجي مستقل مفاد لاءِ اهل پنجاب ۽ ان جي ايجنٽن کي ڪتب آڻي، ان لاءِ جي حربا استعمال ڪري رهيون آهن، انڪري ملڪ ۾ هيٺين خرابين وڌڻ جو امڪان آهي.

١. مذهب جي مخالفت پيدا ٿي، دهريت پيدا ٿيندي.

٢. پنجابين طرفان ننڍين قومن جي استحصال لاءِ ڪوشش ڪري علائقائي اختلاف پيدا ٿين.

٣. ملڪ ۾ بدامني وڌي .

٤. ملڪ اتحاد ۽ ترقيءَ طرف وڌڻ جي عيوض انتشار ۽ غربت ۾ مُبتلا ٿئي.

بهتر آهي تہ مٿي ذڪر ڪيل خرابين جو مختصر ذڪر ڪري اُنجي پيدا ٿيڻ لاءِ دليل ڏيان

## ١. مذهب جي مخالفت ڪري دهريت زور ورتي

دنيا هن وقت ٻن رجحانن طرف لڙي رهي آهي، هڪ طرف روحانيت کي مچي، حال کان مستقبل طرف ماڻهن جو توجهہ ڇڪائي ٿو.

ٻيو طرف دهريت طرف ڇڪي روحانيت جو منڪر ڪرائي ٿو.

هتي پاڪستان ۾، ابتدا کان وٺي اسلام جو نالو وٺي، ماڻهن کي ڏوکو پي ڏنو ويو آهي، هتي اسلام جا علمبردار منڍ ۾ هڪ مسٽر جناح هو، ٻيو ڊاڪٽر اقبال، ٻنهي جو قول ۽ فعل هڪجهڙو نہ هو . مسٽر جناح سوئر کائيندو هو، شراب پيئندو هو ، زناڪندو هو، اسلام جي تعليم مان واقفيت نہ هيس، انگريزن جو دلال هو، سامراجي ذهنيت جو ماڻهو هو، نفرت جو پيدار هو، هندوستان کي تواريخي حقيقتن جي برخلاف انگريزن جي اشاري تي ورهاست ڪرايائين. سنڌ جو چائل هئڻ جي باوجود ڪراچي سنڌ کان کسيائين، سنڌ جي کهڙي وزارت کي ڊسمس ڪري هڪ سنڌ دشمن پير الاهي بخش کي وزير اعليٰ ڪيائين جو اڳتي هلي ٽربيونل جي فتويٰ ڪري وزارت تان ڊسمس ٿي ويو . سنڌ ۾ هندن خلاف فساد ڪرائي هندن جون ملڪيتون ڦرائي انهن کي لڏڻ تي مجبور ڪيائين. سنڌي زبان کي سرڪاري زبان بنائڻ کان انڪار ڪيائين، هندن جون ڇڏيل ملڪيتون سنڌين کي ڏيارڻ جي عيوض سندس مربي مهاجرن کي ڏياريائين ۽ پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو وٺي، ٿوري قيمت تي سرڪاري زمين هٿ ڪيائين، جمهوريت جي ڳالهہ ڪري ڊڪٽيٽرن وانگر هلڻ لڳو، مخالف سياستدانن کي بنا ڪيس هلائڻ جي جيل ۾ وڌائين. آئون، خان عبدالغفارخان، عبدالصمد خان وغيره انهن مان چند هئاسون. هو جواري ۽ فرعون صفت هو.

ڌهريت ڏانهن مائل ٿيندا.

## ٢ - علائقائي اختلاف پيدا ٿين:

هي اسلام جي ڏوڪي هيٺ هزارين ورهين جي قومن جهڙوڪ سنڌي، پنجابي، بلوچ ۽ پختونن کي ختم ڪري مسلم يا پاڪستاني قوم جو راڳ آلاپين ٿا سا ڳالهه سراسر ڏوڪو آهي. سنڌ جو مثال وٺو ان تي مون ڪيترا ڪتاب لکي سنڌ سان ٿيل ظلمن جو ذڪر ڪيو آهي. مختصر طور ان جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

١- سنڌ جو پنج هزار ساله تاريخي ملڪ جي وجود کان انڪار ڪري، خود ساخت پاڪستان نالي واري ملڪ ۾ مدغم ڪرڻ.

٢- سنڌ جي ٥ هزار ورهين جي قومي زبان کي ختم ڪري ان جي تهذيب ۽ ڪلچر کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

٣- سنڌ جي قديم يادگارن کي مٽائي دشمن ملڪ ۽ قوم جا نالا رکي سنڌي تهذيب ۽ تمدن کي مٽائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي.

٤- سنڌ جي آبادي کي نوان ماڻهو آڻي تبديل ڪيو وڃي ٿو. اڳي غير سنڌي ٥ سيڪڙو هئا، هاڻ ٤٨ سيڪڙو ٿي ويا آهن. جي اها حالت رهي ته ٿوري عرصي اندر هو اقليت ۾ ٿي ويندا.

٥- سنڌ جي مقرر ڪيل پاڻيءَ کان سنڌ کي محروم ڪري، انجي آباديءَ کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

٦- سنڌ جي زرعي زمين کي پاڪستان بنجڻ کان پوءِ سٺ لک، ايڪڙ زمين کي غير سنڌين جي حوالي ڪيو ويو آهي .

٧- سنڌ جي ٻن هزار ڪارخانن مان سنڌين کي پنجاهه ننڍا ڪارخانا مس ڏنا ويا آهن.

٨- سنڌ جي ڪارخانن ۾ ٢٠ لک مزدور ڪم ڪن ٿا. تن مان پنجاهه هزار مزدور مس سنڌي رکيا ويا آهن.

٩- سنڌي ٻولي سان ماٽيجي ماءُ وار ٻرتاءُ اختيار ڪيو ويو آهي.

١٠- سنڌ مان وصول ڪيل ٨٥ سيڪڙو ٽيڪسن کي مرڪزي سرڪار جي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن مان ٥ سيڪڙو بہ سنڌ تي خرچ نٿو ڪيو وڃي.

١١- مرڪزي سرڪار ۾ نوڪريون هڪ هزار تي هڪ نوڪري بہ سنڌين کي نٿي ڏني وڃي.

١٢- سنڌ مان نڪتل ڪاٿين کي مرڪزي حڪومت هيٺ رکي ان جي پيداوار مرڪز جي حوالي ڪئي وڃي ٿي، جنهن جي فائدي کان سنڌ کي محروم ڪيو وڃي ٿو.

١٣- سمنڊ جي مڇيءَ جي پيداوار جو ٨٠ سيڪڙو غير سنڌين جي حوالي ڪيو وڃي ٿو.

ڏاڙيل چون ٿا، اوهان کي ڪم ڪرڻ نہ ڏينداسون، جيسين تائين اسان کي پٽي نہ ڏيندا.

ننڍن ڳوٺن ۽ رستن تي تہ امن نہ رهيو آهي، پر حيدرآباد، نوابشاهہ، دادو جهڙن ضلع هيڊڪوارٽرن ۽ سيشن ڪورٽن ۽ جيلن مان بہ زوريءَ ماڻهو اغوا ڪريو وڃن. ماڻهن ۾ اتحاد آڻڻ لاءِ الله، رسول، قرآن، اسلام جي نالن ۾ متحد رهڻ جي تلقين ڪئي وڃي ٿي. ليڪن جڏهن سنڌ جا رهاڪو ڏسن ٿا تہ اهي ساڳيا اسلام جي نالي ۾ ڪين هدايت ڪندڙ سندن ٽيڪس، نوڪريون، زمينون، واپار، ڪارخانا هضم ڪري سندن آباديءَ کي غير متوازن بنائي رهيا آهن تہ ڪهڙي طرح انهن جي ڳالهہ تي اعتبار ڪندا. قرآن ۾ آهي "اهو نہ چئو جو نہ ڪري نہ سگهو."

هي چون هڪڙي ڳالهہ ڪن ٻي ڳالهہ. عدليہ ڪورٽون بيڪار آهن. آئين معطل ٿيو پيو آهي. امن قائم رکڻ وارا خودبداميءَ جا باعث بنجي رهيا رهيا آهن.

سنڌ جي حقن لاءِ لکندڙ اخبارن ۽ ڪتابن تي بندش آهي، ليڪن دهريت ۽ ڪميونزم جي ڪتابن جو عام جام وڪرو ٿي رهيو آهي.

.................

# باب ٽيون

# پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد پهتل نقصان

پاڪستان بنجڻ کان اڳ اسان کي گهڻيون اميدون هيون:
(۱) سنڌ سرسبز ٿي ويندي،(۲) غريب هارين کي زمينون ملنديون،( ۳) قرض معاف ٿي ويندا، ترقيءَ لاءِ پيسا ملندا، (۴) تعليم عام ٿيندي، (۵) روزگار جا ذريعا ڪشادا ٿي ويندا، (٦) ڪاڌي جون شيون جام ۽ سستيون ٿينديون (۷) ڳوٺن ۾ صاف پاڻي پيئڻ جو انتظام ٿي ويندو،(۸) ڪامورن جا ظلم ۽ رشوتون ختم ٿي وينديون،(۹) اعليٰ تعليم لاءِ ادارا کُلندا ،ماڻهن جي سمجهه ۾ واڌارو ايندو، (۱۰) ملڪ ۾ صوفين جي تعليم مطابق محبت ۽ ميلاپ پيدا ٿي ويندو، (۱۱) رستا عام جام ۽ سنا نهي آمد رفت جا ذريعا سهوليت وارا ٿي ويندا، (۱۲) ملڪ ۾ آباديءَ لاءِ پاڻي جام ٿي ويندو، جنهن تي طرح طرح جا فصل پيدا ٿي اناج ۽ ٻين قسمن جون پوکون پيدا ٿينديون ملڪ سرسبز ٿي پوندو،(۱۳) ڪارخانا جام نڪري پوندا، جنهن ڪري ملڪ شاهوڪار ٿي پوندو،(۱۴) روزگار جا ذريعا وڏي ويندا، (۱۵) سنڌ جو ڪلچر تهذيب ۽ تمدن زور ونندي ،(١٦) ڏارين جي استحصال کان عوام آزاد ٿيندا. (۱۷) مويشين جي پيدائش ۾ واڌارو ٿيندو، (۸۱) ٻاچين ۽ باغات جي پيداوار زياده ٿيندي،(۱۹) ڳوٺن جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ڪوشش ٿيندي، (۲۰) ڏارين جي آمدورفت تي بندش پوندي، (۲۱) سنڌين کي اندرون ملڪ مڪمل آزادي هوندي، (۲۲) مرڪزي نوڪرين ۾ ٽيڪس آهر نوڪريون سنڌين کي ڏنيون وينديون.

مٿي ذڪر ڪيل اميدن جو ڇا حشر ٿيو ان جو ذڪر مختصر هيٺ طور ڏيان ٿو:

## ۱ – سنڌ سرسبز ٿيندي:

سبزي پاڻي جي فراوانيءَ ڪري پيدا ٿيندي آهي، خدا جو شان جو هڪ طرف سنڌ ۾ بارش گهٽ پوڻ لڳي، ٻي طرف پاڻي پنجاب مٿي روڪي ڇڏيو، جيڪي، بيراج سنڌ پنهنجي خرچ تي ناهيا هئا، ان تي نڪتل زمينون پنجاب جي آبادگارن کي ڏياريون ويون، ٻيون ملٽريءَ وارن کي ڏنيون ويون، هندن جون ڇڏيل زمينون جي

۽ چوٿين درجي جي وارياسي هئي.

ازانسواءِ سموري زمين لاءِ پاڻي ميسر ٿي نٿي سگهيو. جيڪو پاڻي سنڌ ۽ پنجاب ۾ عهدنامي موجب ملڻو هو، ان کي ون يونٽ بنائي ختم ڪيو ويو. سنڌ کي ملڻ واري پاڻيءَ جو ٽيون حصو پاڻي بہ سنڌ کي نٿو ڏنو وڃي. بارش تي آباد ٿيندڙ زمين کي آباد ڪرائڻ لاءِ سنڌ سرڪار طرفان جي پراجيڪٽ رٿيا ويا هئا، جي سنڌ سرڪار پنهنجي خرچ تي نهرائڻ واري هئي، اهي پيسا بہ پنجاب ون يونٽ بنائي کٽي ويو ۽ پراجيڪٽ ختم ڪيا ويا. سمنڊ جي طرف زمين وڌائڻ، ٿرن جي زمين سڌارڻ لاءِ جي تجويزون هيون، تن کي خاڪ ۾ ملايو ويو.

ترقي يافتہ ملڪن آباديءَ جو ٣٠ ڪن سيڪڙو زراعت تي رکيو آهي. باقي ماڻهن ڪارخانن، ڪاٽين، واپار، خانگي ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ سيڙائيا آهن، پر هتي اها حالت ٿي آهي تہ ڪارخانن ۾ ٩٧ سيڪڙو ماڻهو ٻاهريان آندا ويا آهن، ڪاٽين ۾ بہ ساڳي حالت آهي.

ٻاهرين يا ٻڌي واپار کي جملي غير سنڌين جي حوالي ۾ ڏنو ويو آهي، واپار وغيره جا مرڪز وڏا شهر آهن، تن ۾ خانگي نوڪريون ڏارين شاهوڪار ٻاهرين کي ڏين ٿا، مرڪزي سرڪار کي جيتوڻيڪ ٨٥ سيڪڙو ڪان مٿي ٽيڪس سنڌ مان وصول ٿا ٿين، ليڪن مرڪزي سرڪار ۾ هڪ هزار تي هڪ ماڻهو سنڌ جو نوڪريءَ ۾ نٿو رکيو وڃي.سنڌ جي صوبائي نوڪرين ۾ ٤٠ سيڪڙو نوڪريون غير سنڌين جي حوالي آهن، شهري آباديءَ جي رهاڪن جو ساليانہ في ڪس آمدني هڪ هزار هئي تہ ڳوٺا! ڻهن جي في ڪس آمدني ٥٠ روپيہ هئي.

هاڻي پڙهندڙ اندازو ڪري ڏسن تہ شهري ماڻهن کي تعليم، تندرستي، پاڻي، حفاظت، معاشي زندگي جون سهولتون ميسر هيون، ٻاهران آيل ماڻهن جي اڪثريت شهرن ۾ رهي ٿي، اصل سنڌي ڳوٺن ۾ رهن ٿا. انجو مطلب اهو ٿئي ٿو تہ سنڌ جو ماڻهو ڏينهون ڏينهن غريب ٿيندو وڃي، ٻاهران آيل ماڻهو سکيا ستابا ٿي رهيا آهن. ٻاهران آيل ماڻهن کي گهر اڏي آباد ڪيو وڃي ٿو. ڳوٺاڻن مان اڄان ٣٠ سيڪڙو خانہ بدوش زندگي گذاري رهيا آهن.

## ٣ - غريبن تان قرض معاف ٿي ويندا ۽ ترقيءَ جي ڪم لاءِ پيسا ملندا

سنڌ اسيمبلي ۾ مون قرض گهٽائڻ جو بل پيش ڪيو هو، سو پاس ٿي نہ سگهيو. پر هندن جي وڃڻ ڪري انهن جا قرض ازخود ختم ٿي ويا. سنڌ براجن جا قرض اڳ ئي لاهي ڇڏيا هئا. بلڪ کي پيسا بچيل هئا، جن مان ڪوٽڙي بيراج نهرايو ويو ۽ جبلن تي بارش جي پاڻيءَ کي بند ڪري، آباديءَ لاءِ پراجيڪٽ نهرائڻ لاءِ اسڪيمون ناهيون ويون هيون، تن کي ون يونٽ ناهي ٣٣ ڪروڙ روپيا پنجاب جي مرڪزي حڪومت کي ڏنا ويا.

بي تجويز سمنڊ طرف زمين وڌائڻ، تہ بہ زمين هموار ڪري آبادي لائق بنائڻ جي هئي ۽ لاڙ ۾ ڪلر واري زمين کي سڌارڻ جي هئي، پر جناح صاحب پاڪستان جو آئين اهڙو رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جو اهو کاتو مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ رهيو، جنهن ڪري ان طرف توجه نہ ڏنو ويو، بلڪ وڏيڪ گهربل پيسا پنجاب ۾ بندن ۽ بيراجن ٻڌڻ لاءِ صرف ڪرڻا پيا، ڪارخانا کولڻ لاءِ اجازت ڏيڻ بہ مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ هئي، جنهن سموري اجازت ٻاهريان آيل واپارين ۽ ڪارخانيدارن کي ڏيڻ شروع ڪئي. بئنڪن ۽ سرڪاري قرضن کي معاف ڪرڻ بدران زوريءَ آبادگارن کان وصول ڪرايا ويا.

بئنڪون مرڪزي حڪومت جي ماتحت هيون، جاين نهرائڻ، واپار ڪرڻ، ڪارخانا کولڻ، مڇي مارڻ لاءِ ٽريلر خريد ڪرڻ وغيره لاءِ پيسا بہ ٻاهران آيل ماڻهن کي ڏنا ويا. سنڌين چڻ تہ ڏوهہ ڪيو هو جو پاڪستان نهرائڻ لاءِ نهراءُ پلس ڪرايو هئائون. انهن کي بئنڪن کان پيسا ڪونہ مليا.سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ بعد زوريءَ مفت تعليم، اسپتالون، ڪاليج، يونيورسٽيون وغيره کولڻ لاءِ سنڌ وارن سال بسال ان طرف خرچ ڪرڻ شروع ڪيو. پر ون يونٽ بنائي انهن سيني اسڪيمن تي پاڻي ڦيرايو ويو. ٻاهرين واپار لاءِ پرمٽون ۽ پيسا ورتا چاڪاڻ تہ اهو کاتو مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ هو ۽ مرڪزي سرڪارمهاجر ۽ پنجابي آفيسرن سان ڀري پيئي هئي، انهن پنهي ڪي ورسائڻ تي خرچ ڪرڻ شروع ڪيو.

رستا نهرائڻ لاءِ تجويزون رد ڪري، صرف انگريزن جي جنگ واري زماني ۾ پنجاب ۽ سنڌ کي ڳنڍڻ ۽ ڪراچيءَ جي ڪلبي طرف کي رستا نهرايا ويا. باقي اسڪيمون ردي ٽوڪري ۾ اڇلايون ويون.شاهہ بندر طرف ريلوي جو ڪم بند ڪيو ويو. ڳوٺن ۾ پاڻي پيئڻ ۽ ڳوٺن کي بڌائڻ، خانہ بدوشيءَ کي ختم ڪرڻ وغيره واريون تجويزون رد ڪيون ويون.سنڌ جي نالي وٺڻ کي علائقائي ذهنيت ۽ اسلام جي خلاف سڏي ممنوع بڻايو ويو. هندن کي تنگ ڪري لڏائي انهن جي ملڪيت مهاجرن کي ڏياري وئي.

# ۴ - تعليم کي عام ڪيو ويندو

سنڌ ۾ خواندگيءَ جي شرح تمام گهٽ هئي، ان جا ڪيئي ڪارڻ هئا. هڪ تہ سنڌ بمبئيءَ سان ڳنڍڻ ڪري تعليم طرف توجه ڪونہ تي ڏنو ويو، ٻيو تہ سنڌ جي آبادي ۵۰ سيڪڙو ڇڙوڇڙ گهرن ۽ خانہ بدوش ماڻهن تي مشتمل هئي، شهري آبادي گهٽ هئي. سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ بعد جڏهن سنڌين سنڌن ترقي طرف ڌيان ڏنو. پهرين هنن زوريءَ مفت تعليم طرف توجہ ڪيو، ثانوي تعليم لاءِ هر سال هر هڪ ضلع ۽، هر تعلقي ۾ هڪ هاءِ اسڪول، هر هڪ ضلع ۾ ڪاليج ۽ سنڌ ۾ يونيورسٽي برپا ڪرڻ جي تجويز تيار ڪئي. پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ هندن جا سنڌن خانگي خرچ تي تيار ڪيل تعليمي ادارا ۽ انهن جون عمارتون مهاجرن کي سنڌن ايجنٽن جناح ۽ لياقت علي

ڪارخانن جي ڪمائي ۽ مزدورن جو روزگار ٻـ سنڌين کي نصيب نـٿو ٿئي پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ رحمت جي بدران زحمت ثابت ٿيندو پيو وڃي. ڪاٺيون، تيل، سوئي گيس ۽ ڪوئلي جون صنعتون ٻـ رڳو غير سنڌين سان سٿيون پيون آهن. سوئي ۽ سيري گيس جو فائدو سواءِ چند وڏن شهرن جي پنجاب کي ڏنو وڃي ٿو.

هاڻ تيل سنڌ مان نڪتو آهي ان جي ڪمائي، نفعو ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو اڪثر غير سنڌي آهن. اهي جايون ڪالونين وانگر ڪم اچي رهيون آهن. سيمنٽ، لوهه، ڪنڊ ۽ ڪاٺ جا ڪيئي ڪارخانا کلي سگهن ٿا پر اهو ڪاتو مرڪزي حڪومت جي هٿ هيٺ آهي جنهن تي ڪنٽرول پنجابي مهاجر سامراجين جو آهي تنهنڪري ان مان سنڌ کي فائدي پهچڻ جو امڪان نـ آهي.

هاڻ رجحان اهو پيو ڏسجي تـ ڪارخانا سنڌ جي عيوض پنجاب، فرنٽيئر ۽ بلوچستان ۾ کوليا وڃن ٿا اتي ٻـ اڪثر مڪاني ماڻهن کي مزدور ڪري نـٿو رکيو وڃي. ڪارخانا تـ غير مڪاني ماڻهن جا ٿين ٿا.جيڪڏهن اها حالت رهي تـ اهو وقت پري نـ آهي تـ بلوچستان ۽ سنڌ پنجاب جون ڪالونيون بنجي وڃن ۽ سنڌي ٿوري وقت ڪانپوءِ ريڊانڊين جي حالت اختيار ڪري وڃن. ان جو علاج پاڪستان کي ختم ڪري سنڌوديش ڻاهي پارت سان الحق (ڪنفيڊريشن) ڪرڻ ۾ مضمر آهي.

ان راهه ۾ اسلام ۽ مسلمانن جي قوم جو ڏوڪو رڪاوٽ وجهڻ وارو آهي. تنهنڪري اهل سنڌ کي خبردار رهڻ گهرجي تـ پاڪستان کي گريٽر پنجاب ڪري سمجهڻ لڳن ۽ اسلام کي ڪنهن ٻـ صورت ۾ اڳي وانگر ڪتب آڻڻ جي ڏوڪي کان بچڻ جي طرف راغب نـ ٿين. هندوستان سان الحاق ڪرڻ ڪري ڪين مارشل لا جي مصيبتن کان آزادي ملندي ۽ جمهوريت جو صحيح فائدو حاصل ٿي سگهندو.

# ١۴ - روزگار جا ذريعا وڌي ويندا

هڪ وقت سنڌ ۾ روزگار جا ذريعا زراعت، مال چارڻ، مڇي مارڻ ۽ مڪاني مزدوري هئي. پر امڪان هو تـ ملڪ کي انگريز سلطنت جي غلاميءَ کان آزادي ملڻ بعد پيا ٻـ ڪيترا ذريعا روزگار جا کُلي پوندا. بدقسمتيءَ سان پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد سنڌي، مهاجر پنجابي سامراج جي غلاميءَ هيٺ اچي ويا ۽ پنهنجي ملڪ جي اقتصاديات تي سنڌن قبضو نـ رهيو، ان تي حڪمران مهاجر دانشمند طبقو ۽ پنجابي سامراج بنجي ويو.

سنڌين جڏهن ٻـ ان لاءِ گهر ڪئي ٿي تـ سنڌن سياستدانن کي خريد ڪري خوش رکي ماٺ ڪرائي ويئي آهي، هن وقت هزارين تعليم يافتـ ماڻهو روزگار کان سواءِ گذاري رهيا آهن. هارين جي محنت مان پورو فائدو ورتو نـٿو وڃي، جنهنڪري ماڻهن جو ڪيترو حصو نشي، ڪرائيم، خانـبدوشيءَ جي حالت ۾ گذاري رهيو آهي. سمورن ڪارخانن، مقاطعن، ٽرانسپورٽ، سرڪاري نوڪرين، بئنڪن، ۽ خانگي نوڪرين تي قبضو غير سنڌين جو رهي ٿو.

اهو نڪتو ته اسان انهن بدمعاشن جي پوئلڳيءَ ۾ پنهنجي هندو پاڙن کي جي صدين کان اسان سان گڏ رهندا آيا هئا. جن شاهه لطيف. شاهه عنايت. سچل ۽ روحل، بيدل شاهه فقير جي درگاهن جون خدمتون ڪيون تن کي ملڪ ڇڏي ٻاهر وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو. انهن کي موٽائي آڻڻ ڪانسواءِ اسان جو ڪوبه چارو ناهي. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن پاڪستان جهڙي پليت سامراج کي ڊاهي سنڌو ديش ناهڻ لاءِ هندستان سان الحاق نٿا ڪريون.

اسان کي سنڌ جي پائي پڳڙي مل کي وڏيڪ پيارو سمجهڻ گهرجي بنسبت اقبال ۽ جناح جهڙن نفرت جي پندارن جي. ڪلچر جو مکيه جزو زبان آهي. جنهن ۾ شاهه، سامي وغيره محبت جا گيت ڳايا آهن. مونکي ياد آهي ته هڪ دفعي علي محمد شاهه راشديءَ، مولانا مودوديءَ کي پنهنجي جاءِ تي نيرن جي دعوت تي گهرايو هو. پاڪستان اڃان ٺهيو نه هو. راشدي صاحب کيس چيو مولانا ملڪ ته پاڪ ٿيو نه آهي پوءِ انکي پاڪ سڏڻ ڪيتري قدر جائز آهي ته چيائين ته "جيڪڏهن ڪاڪوس تي چڙهي اذان ڏبي ته مسجد ڪونه ٿي پوندو. سوئر کي الله اڪبر ڪري ذبح ڪبو ته حلال ڪونه ٿيندو. جنهن ملڪ جا علمبردار اقبال ۽ جناح جهڙا هوندا ان ۾ ڪهڙي پاڪيزگي ايندي."

ڪرشن مهاراج، مهاتما ٻڌ، جين مذهب جي پرچار ڪئي هتي جي درويشن اهنسا ۽ اتحاد جو پرچار ڪيو. هاڻ هي سامراجي پارٽ جي خلاف نفرت جو پرچار صرف ان ڪري ڪري رهيا آهن ته سنڌ جي استحصال لاءِ کين ڇوٽ ملي.

سنڌين کي جيڪڏهن ريڊ انڊين وانگر ختم ٿيڻ کان بچڻو آهي يا پنهنجي تهذيب ۽ محبت جي نالي کي قائم رکڻو آهي ته هندوستان سان الحاق (ڪنفيڊريشن) طرف رخ ڪرڻو پوندو. اسان کي گهڻو وقت مغرب (عرب) جي طرف راغب ڪيو ويو آهي.

پر لاچار شاهه لطيف جهڙي بزرگ کي چئي ڏيڻو پيو ته :

"پورب مارياس- پورب منهي آهيان
متيون ڏيئي لوڪ کي، چري آئا ٿياس
جنين نه جيهاس- مون لنو لڳي تن سين"

## ١٦ - ڌارين جي استحصال کان سنڌي آزاد ٿيندا

انگريزن جي ڏينهن ۾ انگريزي ۽ پنجابي استحصال کان سنڌي شاڪي هئا. پنجابين کي پوليس ۾ نوڪريون، جمڙائو ۽ منڙائو وغيره واهن تي زمينون ڏنيون ويئون، سنڌي هاري ٻي زمين وينا هئا. خيال هو ته انگريزي سامراج ختم ٿيندو ته زمينون ۽ نوڪريون سنڌين کي ملنديون. بيراج نڪرندا. ڪارخانن ۾ سنڌين کي ڪم ويندو ان ڪري پاڪستان جي قيام مان ڪيترائي خواب خيال جاڳايا ويا پر پاڪستان

قائم ٿيڻ بعد زمينون جي هندن جي هٿن ۾ هيون سي مهاجرن کي ڏنيون ويون ۽ ٻي زمين هاري ائين رهجي ويا.

نوڪريون اڳي رڳو پنجابين کي مليون هاڻ ته مهاجرن ۽ پنجابين پنهنجو ورثو ڪري ورهائڻ شروع ڪيو. چو جو هو مسلمان هئا. هندن ته شاهه لطيف ۽ شاهه عنايت کي پنهنجو رهبر ٿي ڄاتو پر هنن ته "سنڌين کي گڏهه هڪلڻ ۽ انن ڪاهڻ" جي قوم ڄاڻائي انهن کي سڀ ڳالهه کان محروم ڪري ڇڏيو.سنڌي تعليم کي بيڪار ڄاڻي قومي زبان، ٻاهرين اردوزبان کي ڄاتو ويو. جناح جنهنجو ماءُ پيءُ سنڌ ۾ رهڻ ڪري سنڌي ڳالهائيندا هئا تنهن پنهنجي اقتدار جي حصول لاءِ مهاجر ۽ پنجابين کي راضي ڪرڻ واسطي اردو کي قومي زبان ڪري مروج ڪيو.

خان بهادر کهڙي جنهن سنڌي زبان لاءِ زور رکيو تنهن کي جيل ۾ وجهي ابن الوقت پير الاهي بخش کي وزير اعليٰ مقرر ڪيو ويو. هندن جي ڇڏيل جائداد، زمينون مهاجرن ۽ پنجابين کي ڏني ويئي. سنڌ ۾ چوٿون حصو ماڻهو خانه بدوش ۽ ڇڙوڇڙ گهرن ۾ زندگي گذاري رهيا هئا. انهن جي آبادڪاري جو انتظام ڪري ابن الوقت پير الاهي بخش هزارها ايڪڙ ڪراچيءَ ۾ مهاجرن کي الاٽ ڪري قرض ڏياري گهر ٺهرائي ڏنا.

زوريءَ اردو زبان ننڍين ٻارن کي سيکارڻ جو حڪم ڪيو. جناح ۽ لياقت علي اهو دستور وڌو ته سنڌ اسيمبليءَ جا چونڊيل وزير تن کي پروڙا هيٺ خارج ڪري ٻيا پنهنجا هٿ ٺوڪيا وزير رکڻ شروع ڪيا سنڌ جا وڏيرا جيڪي اقتدار جا بکيا هئا سي ان ڳالهه تي چڙهت ڪري اهڙي طرح ڌارين جي غلامي ڪري سنڌ جي مفادن سان غداري ڪرڻ کي پيشو ڪري سمجهڻ لڳا. ان ۾ وڏي حرامزادگي ۽ زور آوري جناح ڪئي.

لياقت علي ته باقاعدي سنڌين ۽ پنجابين وغيره مان هڪ ابن الوقت گروهه پيدا ڪري مهاجر سامراج قائم ڪرڻ جو دستور وجهڻ چاهيو ٿي ليڪن اهل پنجاب، جي جنگي ذهنيت جا هئا تن هن کي قتل ڪري واصل بہ جهنم ڪري ڇڏيو. پوءِ ته جنسي سنڌي سياستدان ڌارين جي غلاميءَ تي اقتدار جي حصول لاءِ هڪ ٻين تي چڙهت ڪرڻ لڳا.

انهيءَ قدم کڻڻ کان پوءِ مهاجر ڪجهه جهڪا ٿيا ۽ واڳ پنجابين جي قبضي ۾ آئي جن ٽي دفعا مارشل لا لڳائي حڪومت هلائي آهي. هاڻ ته اڃي اسلام جي پٺيان پيا آهن. ڪم شيطان جا ڪن، دلالي امريڪا جي، نالو اسلام جو. نتيجو اهو نڪري رهيو آهي جو عوام اسلام جي نالي کي ڌوڪي بازي سمجهڻ لڳو آهي.

## ١٧ - مال جي پيدائش ۾ واڌارو ٿيندو

سنڌ زرعي ملڪ هو ان ۾ ٻيلا هئا ۽ جبلن ۾ چراگاهون هئڻ ڪري مال ماڻهن وٽ جام هو. هو ان جي واڌاري لاءِ ڪوشان هئا. سنڌي باوجود گوشت خور جي

جملي مکيہ ڪاتن کان محروم ڪيو ويو. پوءِ ١٩٧٣ع جي آئين موجب صفا هڪ ٻويزن جي حيثيت ۾ ڪيو ويو. جنهن سنڌ سان وڏي غداريءَ جو ڪم ڪيو. ان کي ڪم ڪڍڻ بعد سردارن ڦاسي ڏئي ڪيفر ڪردار تي پهچايو. باقي ان ساري ٻرامي جي مکيہ ماڻهو تي ڪيئي ڪروڙن جو مقبروبنائي ائين ظاهر ڪيو وڃي ٿو تہ هو بابائي قوم هو انجو يادگار رکڻ لاءِ ائين ڪيو وڃي ٿو. انهي حالت کي محسوس ڪري مرحوم محمد امين کوسي صاف ظاهر چئي ڏنو تہ اهو سيڙهہ جو ڪنڊو سرزمين سنڌ ۾ پوريل آهي جيستائين ان جا هڏا ڪڍي سمنڊ ۾ نہ ڦٽا ڪيا ويندا ان وقت تائين سنڌ سان خير نہ رهندو. تنهنڪري اهل سنڌ کي ان جي قبضي کي سنڌ جي غلاميءَ جو مينار سمجهي انکي ڊاهي مسمار ڪرڻ جو عزم ڪرڻ گهرجي.

سنڌ آزاد نہ ٿيندي، جيسين تائين اهو سلامت آهي. پاڪستان بقول مولانا مودوديءَ جي هڪ پليت نامو آهي. اهو غلط بنيادن تي برپا ڪيل هو. تاريخي حقيقت جي خلاف هو. ان مان اهل سنڌ ۽ هند کي اڪيچار نقصان پهتا آهن.جيستائين اهو سلامت آهي سرمائيدار سامراجين جي سازشن جو اڏو تي ڪم ايندو ۽ اسلام جهڙي اعليٰ مذهب کي غلط تشريح ڏيڻ، نفرت ۽ ڏاڍ جو مرڪز بنائڻ سان اسلامي مذهب جي پاڙ پٽجي ويندي.

## ٢٢ - مرڪز ۾ ٽيڪسن موجب نوڪريون ۽ گرانٽون ملنديون

مرڪزي سرڪار کي سنڌ مان ٨٥ سيڪڙو ٽيڪس ملن ٿا ليڪن ان تي خرچ ٢ سيڪڙو بہ نٿو ڪيو وڃي. گرانٽون بہ سنڌ کي پنجاب ۽ ٻين صوبن جي مقابلي ۾ گهٽ ڏنيون وڃن ٿيون. مرڪزي نوڪرين ۾ هڪ هزار تي هڪ سيڪڙو مس سنڌين کي نوڪريون ڏجن ٿيون. صوبي ۾ چاليهہ سيڪڙو ماڻهو غير سنڌي رکيا ويا آهن.

مکيہ کاتا، ملٽري، خارجہ کاتو، فنانس، واپڊا، (P.I.D.C) ۽ ٻين مرڪزي نوڪرين ۾ سنڌي نہ هئڻ جي برابر آهن. انگن اکرن ڏيڻ جي ضرورت نٿو ڄاڻان، سنڌي ڪامورن طرفان ڏنل انگن اکرن مان اهو احوال پڌرو ٿي پوي ٿو. مون پنهنجي ڪتاب "سنڌوءَ جي ساڃاهہ" ۾ اهي انگ اکر ڏنا آهن.

.................

# باب چوٿون

## پاڪستان سامراجي سازشن جو اڏو ٿي ڪم اچي ٿو

مٿي آئون ذڪر ڪري آيو آهيان ته ڪيئن ٻهرين انگريزن جمال‌الدين افغانيءَ جي وسيلي هنن اسلام ازم جو نعرو لڳارايو. ڇاڪاڻ ته نيپولين جي وڌندڙ طاقت کي روڪڻ لاءِ اسلام جي نالي ۾ هنن کي ترڪي حڪومت کي مضبوط ڪري انهن جي مدد جي ضرورت هئي. ترڪن ٽيپو سلطان جي خلاف انگريزن کي مدد ڏني هئي.

پهرين جنگ عظيم ۾ جڏهن ترڪن جرمن حڪومت جو ساٿ ڏنو ته انگريزن جرمن ۾ قومپرستيءَ جو جذبو پيدا ڪري ترڪن کي شڪست ڏني. هاڻ جڏهن عربن ۾ اسرائيل جي ڪري مخالفت پيدا ٿي آهي ته انکي روڪڻ لاءِ وري اسلامي اتحاد جو راڳ اچاري پاڪستان کي اڏو ڪري ڪتب آندو وڃي ٿو.

ڀارت آزاد ملڪ آهي، آمريڪا جي اشاري تي ڪم نٿو ڪري ته ان جي طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ سکن، مسلمانن، جنتا پارٽيءَ جي معرفت ڀارت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ هڪ طرف پاڪستان کي ڪتب آندو وڃي ٿو ته ٻي طرف افغانستان ۾ گڙٻڙ پيدا ڪري روس کي ڌمڪايو وڃي ٿو.

هرمز جو ڳچي سمنڊ پرشن گلف جي تيل لاءِ ڪنجي طورڪتب آندو وڃي ٿو. سامراجي سرمائيدار هڙني ملڪن کي دٻ آهي ته متان افغانستان يا ايران جي مدد سان تيل تي روس وارا روڪ وجهن. انڪري اربها روپين جا هٿيار پاڪستان کي ڏئي جنگي طرح مضبوط ڪيو پيو وڃي. انڪري هڪ طرف ڀارت وارا ٻڌي رهيا آهن ته ٻئي

طرف روس ڦاٿو پيو آهي. هٿيارن جي آڌار تي ملڪ ۾ مارشلا لڳائي سنڌ کي غلام رکي، ان جي زمين، ڪارخانن ۽ نوڪرين تي پنجابي قبضو ڪري رهيا آهن. داد فرياد ٻڌڻ وارو ڪونہ آهي.مغربي ملڪن جي غريبن جا همدرد پاڻ کي سڏائي جمهوريت جو آواز ڪڍن ٿا سي پنهنجي سامراجي لالچ ڪري پنجابين کي خريد ڪري سنڌ ۽ بلوچستان کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

عرب ملڪ ڪمزور آهن پر پيسن جي ڪوٽ ڪانہ اٿن. انهن جو تيل ۽ ڪاٺيون مغربي ملڪن جي معرفت هلن ٿيون. اتي اندروني طرح بدامني ۽ بغاوت جو خطرو رهي ٿو. تن کي وقت سر مدد ڪرڻ لاءِ پاڪستان ۾ ٦٠ لک لشڪر پيسا ڏئي تيار رکيو وڃي ٿو جيئن هنن جي حاڪمن کي وقت سر مدد ڏئي بچايو وڃي. ٻئي طرف سنڌ ۽ بلوچستان کي غلام رکڻ لاءِ پنجاب سامراجي ملڪن کان مدد وٺي رهيو آهي.

جڏهن مصر ۾ سرونسٽن چرچل سر سڪندر حيات سان گفتگو ڪئي هئي تہ ظاهر ڪيو هئائين اسان پاڪستان جي مسلمانن تي آئينده ڀروسو رکي سگهون ٿا ان ڪري هندوستان ورهائي هڪ حصو مسلمانن حوالي ڪرڻ ۽ هڪ حصو هندن کي ڏيڻ جو ارادو رکون ٿا. آخر چو نہ رکن جڏهين پهرين جنگ عظيم ۾ اهي پنجابي مسلمان هئا جن انگريزن جا سپاهي ٿي ڪعبي تي گوليون ڇوڙيون هيون. هن وقت بہ عربن جي مڪاني بغاوت کي روڪڻ لاءِ سعودي عربيا جي حڪم تي خود ڪعبي کي ڍاهي خون خرابي ڪرڻ جو ڪڌو ڪم انهن پاڪستاني فوجين ادا ڪيو هو.

انگريز سلطنت جي ڏينهن ۾ پنجاب جي سڪن ۽ مسلمانن ساري زندگي انگريزي سامراج جي خدمت ۾ صرف ڪئي، ان ڪري سامراجي طاقتن کي پاڪستان جي مسلمانن جي پيسن تي سر جي بازي لڳائڻ جو تجربو آهي.

پاڪستان جي حڪمران طبقي جي اسلامي تعمير بہ اها آهي تہ ٻين ملڪن جي آزادي کسڻ، زالون ڪٽي ٻانهيون، بنائڻ، ماڻهو مارڻ ۽ غلام ڪري رکڻ هو ثواب جو ڪم ڪري سمجهن ٿا. انهن جا رهبر زاني، شرابي، پيسن تي وڪرو ٿيڻ وارا رهيا آهن. آخر جناح ڪهڙو عمدو ڪم ڪيو هو جنهن جي قبي تي ڪروڙها روپيا خرچي قائداعظم سڏيو وڃي ٿو. هن بنسبت مشهور هو تہ سندس اڳين زال ان ڪري ڪيس ڇڏي ويئي جو هن کي سندس پيءُ سان ناجائز تعلقات بابت شڪ وبهي ويو هو. حاجي محمد هاشم گزدر جو گهڻو وقت بمبئي ۾ نوڪريءَ خاطر رهيو هو. ان جي زباني مون اها ڳالهہ ٻڌي هئي. جو منهنجو ساٿي ۽ دوست هو.

ڊاڪٽر اقبال بابت مون اڳي پنهنجي ڪتاب ”جديد سياست جا نورتن“ ۾ گهڻو ڪجھ لکي ڇڏيو آهي تہ هن ترڪن خلاف انگريزن جي جنگ تي ڪين ڪاميابي تي مبارڪ باد ڏني هئي. هڪ جناح سائمن ڪميشن جي بائيڪاٽ جي فائدي ۾ هو تہ ڪيئن نہ اقبال کي ڪتب آڻي مسلم ليگ کي انگريزن ٻن گروهن ۾ ورهائڻ لاءِ ڪم آندو هو.

پنجابي حڪمران طبقي جو هن وقت رول اهو آهي تہ امريڪن بلاڪ جي اشاري تي هڪ طرف ڀارت سان دشمني رکيو اچن ٻي طرف افغانستان جي اندروني معاملن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ پناهن کان بغاوت ڪرائي رهيا آهن جنهن ڪري هنن کي اربعا

روپيا ملن ٿا.

چين جا پاڪستان سان ڪهڙا تعلقات هئا جو اڄڪلهه هو يار غار ٿي ڪم ڪري رهيا آهن. ان جو ڪارڻ صاف اهو آهي ته چين اڄ ڪلهه پنهنجي پيل ملڪ جي حالت ۾ امريڪا کان مدد وٺي روس جي خلاف سازش ۾ شريڪ ٿي رهيو آهي. پاڪستان جا حاڪم ته اڳيئي امريڪي بلاڪ جا زرخريد غلام ٿي ڪم ڪري رهيا آهن.

●

# باب پنجون
# مذهب کي نقصان پهچڻ جو شديد خطرو

مذهب بنيادي طرح ماڻهن جي فطرت ۾ سمايل آهي، انهيءَ جو اصل مقصد اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم پي رهيا آهن پر ڪيترن ماڻهن پنهنجي جبلتن جي ڪمزورين ڪري ان جي اعليٰ ترين مقصدن جي عيوض انڪي غلط ڪمن لاءِ ڪتب پي آندو آهي.

مولانا ابوالڪلام آزاد سرمد شهيد جي زندگيءَ جي ديباچي ۾ لکيو آهي ته اڪثري سپهه سالار جي تلوار ۽ عالم جي فتوي گڏجي ڪم پي ڪيو آهي. نه صرف مسلمانن جي تاريخ اهڙي سياه ڪارنامن سان ڀري پيئي آهي پر هندو، عيسائي، ٻڌ ڌرمن جي تاريخ پڙهڻ مان بہ پتو پئجي سگهي ٿو.

هندن وڪرما جيت جي ڏينهن ۾ مذهب ۽ سياست کي گڏي ڪتب آندو، آخر تجربي بعد انکي ڇڏي ڏنو ٻڌ وارن اشوڪا جي ابتدائي دور ۾ ٻڌڌرم کي وڌائڻ لاءِ ٻنهي کي گڏي ڪتب آندو پر تجربي بعد ان راهه کي ڇڏيو پين.

عيسائين پاپائيزم جي ماتحت ٻنهي کي گڏي ڪتب آندو ۽ صليبي جنگين ۾ يا مذهب جي نالي ۾ پادرين جي ڪيل ڪارنامن ڪري نيٺ انهن تنگ اچي مذهب کي سياست کان علحده ڪري پراٽسٽنٽ مذهب جي رهبري قبولي يا رشين وانگر رڳو بس ڪري ڇڏي. پر دنيا ۾ رڳو مسلمان هئا جي مذهب کي گڏي هلائڻ جا طرفدار هئا ڇاڪاڻ ته حاڪمن ۽ ملن جو عوام تي قبضو هو. انهيءَ دوکي هيٺ هو عوام کي تابع رکندا پي آيا. نيٺ گهڻي تجربي بعد ترڪن خلافت کي خيرباد چئي ٻنهي کي جدا ڪري ڇڏيو. چوڻي آهي ته:

"جتي لوڀي هجن اتي ٺوڳي بک نه مرن."

هاڻ پاڪستان ۾ ملٽريءَ وارن ملڪ تي پنهنجو تسلط قائم ڪرڻ لاءِ مذهب جو نالو استعمال شروع ڪيو آهي. ٽي ويءَ تي اقبال جهڙي ماڻهوءَ کي مفڪر اسلام ڪري ڏيکاريو وڃي ٿو. جنهن جي زندگي شراب پيڻ، زنا ڪرڻ، مذهب جي نالي ۾ پنجاب جي صوفين جي پيدا ڪيل محبت واري پيغام کي ڇڏي نفرت ڪرڻ ۾ گذاري. انگريزن جي خوشامد ڪرڻ، راويءَ تي لاهور جي رنڊين سان وڃي رنگ رليون ڪرڻ هن جو خاص پيشو هو. هن جناح جهڙي ذليل ماڻهو کي قائداعظم سڏي ان جي نالي ۾

# جي- ايم- سيد- اڪيڊمي

سائين جي- ايم- سيد اڪيڊمي سن جي طرفان هڪ جامع رٿا تيار ڪئي وئي آهي، جنهن موجب سائين جي ايم سيد جي سمورين لکڻين کي هڪ هنڌ آڻي سگهبو. ان جي ضرورت ان ڪري بہ آهي جو سائين جي- ايم- سيد پنهنجي لکڻين ۾ موجوده سنڌ جي سڄي سياسي تاريخ رقم ڪئي آهي. ۽ پهريون پيرو سنڌين ۾ سنڌيت جو احساس پيدا ڪيو آهي. هن پهرئين حصي ۾ سائين جي- ايم- سيد جا پنج ڪتاب ڏنا ويا آهن. جن مان چار مختلف وقتن تي شايع ٿيا آهن، باقي هڪڙو اڻ ڇپيل آهي. اڪيڊمي ڪوشش ڪندي تہ سائينءَ جي سمورين لکڻين کي يڪجا ڪيو وڃي جيئن اسان جا سياسي ڪارڪن ان مان استفادو حاصل ڪري سگهن. سائينءَ سٺ کان وڌيڪ ڪتاب لکيا آهن. نہ رڳو انهن سمورن ڪتابن کي يڪجا ڪرڻو آهي پر سيد سائينءَ جي سمورن خطن، انٽرويوز، تقريرن مضمونن ۽ بيانن کي بہ گڏ ڪرڻو آهي. اُن سلسلي ۾ اسان سيد سائينءَ جي پيروڪارن کي گذارش ٿا ڪريون تہ هو اسان سان ان مواد جي گڏ ڪرڻ جي سلسلي ۾ سهڪار ڪن جيئن ترت سمورن ڪتابن کي آڻي سگهجي. ان سلسلي ۾ ڪين جيڪو بہ مواد هٿ اچي اسان کي ان جي فوٽو ڪاپي موڪلي ڏين.

**منصور ۽ سرمد**

جي ايم سيد اڪيڊمي

سن، ضلعو، دادو سنڌ

